
مون سي ڏٺا ماءِ
[سائين لائق سنڌي: شخصيت ۽ خدمتون]
سهيڙيندڙ
پروفيسر محمد اسماعيل ٽيهو
محمد بخش ٽيهو
سنجها
پبليڪيشن حيدرآباد

# مُون سي ڏٺا ماءِ

[سائين لائق سنڌي: شخصيت ۽ خدمتون]

سهيڙيندڙ:

پروفيسر محمد اسماعيل ٽيپو

محمد بخش ٽيپو

سنجها پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌ

2019ع

ڊجيٽل ايڊيشن:

2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سنجها پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر_11


ڪتاب جو نالو: مون سي ڏٺا ماءِ

مرتب: پروفيسر محمد اسماعيل ٿيٻو
محمد بخش ٿيٻو

موضوع: لائق سنڌي: شخصيت ۽ فن

ڇاپو: پهريون

تعداد: 1000

سال: 2019ع

ڪمپوزنگ: محمد بخش ٿيٻو/فهدالرحمان لغاري

ٽائيٽل: عرفان ميمڻ

ڇپائيندڙ: سنجها پبليڪيشن حيدرآباد

قيمت: /300 رُپيا

**Moon se Ditha Mau**

**By: Prf. M.Ismail Thebo/ M.bux Thebo**
**First Edition: 2019**
**Quantity: 1000 Copies**
**Lay out: Irfan Memon**
**Composing: M.Bux Thebo**
**Published by: Sanjha Publication Hyderabad, Sindh**

# ارپنا

ڏاڏا سائين حاجي محمد اسماعيل ٽيٻي ۽

ڏاڏيءَ سائڻ خديجه خاتون جي نانءُ،

جن بابا سائين (لائق سنڌي) جهڙي پُٽ کي جنم ڏنو.

**پُورَبِيا پُوري ويا، آسڻ اَڄُ صُبُوح،**

**خَستُورَيءَ خوشبوءِ، آهي آديسي گيا .**

[شاهه پورب]

## سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”مون سين ڏنا ماءِ“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب سنڌ جي سجاڻ ۽ سنڌ دوست شخصيت سائين لائق سنڌي جي شخصيت ۽ خدمتن بابت سهيڙيل آهي. ڪتاب جا مرتب ڪندڙ پروفيسر محمد اسماعيل ٽيبو ۽ محمد بخش ٽيبو آهن.

سائين لائق سنڌي سنڌ جي اهڙن ماڻهن مان هڪ هو جنهن تي جيترو فخر ڪجي اوترو گهٽ آهي. ڏٺو وڃي ته هو گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ هو. تعليم کاتي سان به واڳيل رهيو ته صحافت جهڙي گورک ڌنڌي سان به توڙ تائين نڀاياڻين. انهن سڀني وابسطگين جي پٺيان جيڪو سندس مقصد هو، سو هو ”سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال“ ماءُ ٻوليءَ سان کيس عشق هو چاڪاڻ جو هُن اسڪولن ۾ ٻارن جي ٻوليءَ تي به ڌيان ڏيڻ ضروري ٿي سمجهيو ته صحافتي دنيا ۾ به سنڌي ٻوليءَ جي بگاڙ کي روڪڻ سندس مقصد هو.

هي ڪتاب سنجها پبليڪيشن، حيدرآباد پاران 2019ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون محمد بخش ٽيبي جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ☐ ادارو | علي نواز آريسر | |
| ☐ پنهنجي پاران | پروفيسر محمد اسماعيل ٽيٻو<br>محمد بخش ٽيٻو | |

❶ انٽرويو

| | | |
|---|---|---|
| 1. سائين لائق سنڌيءَ جو يادگار انٽرويو: | شبير نظاماڻي | |
| ❷ اخباري مضمون | | |
| 1. سامي سفر هليا! | محمد بخش ٽيٻو | |
| 2. سائين لائق: | احمد خان شيخ | |
| 3. جيءَ ۾ جادو جاڳائڻ وارو شخص: | حسن مجتبيٰ | |
| 4. سنڌيون ڪاهوڙين خبرون: | اسحاق مگريو | |
| 5. محبتن جو نانءُ سائين لائق سنڌي: | فدا فاروقي | |
| 6. سائين لائق ٽيٻو، لائق استاد، لائق دوست: | منل جسڪاڻي | |
| 7. وڙائتو وينجهر سائين لائق: | وفا رضا | |
| 8. لائق سنڌي، چنڊ لهي ويو: | مير اعظم ٽالپر | |
| 9. جن پروڙيو پاڻ ۾: | ذوالفقار هاليپوٽو | |
| 10. ويا سي وينجهار: | واحد پارس هيسباڻي | |
| 11. هڪڙو هو سائين لائق سنڌي: | نور سنڌي | |
| 12. هڪ هو لائق سنڌي: | حيدر ملاح | |
| 13. سنڌي صحافت ۾ 'گوگل' جهڙي حيثيت... | محمد بخش ٻيهر | |

| | |
|---|---|
| 14. سپاجهڙي انسان سائين لائق سنڌي جو وڇوڙو: گل حسن لغاري | |
| 15. سائين لائق ٽيٻي جو وڇوڙو: اسلم انجم سومرو | |
| 16. سائين لائق ٻڙ جيان هو: ڪوثر ٻرڙو | |
| 17. سائين لائق منهنجي لاءِ ڇپر ڇانوَ هو: صوفي ڊاڪٽر ڪرشن | |
| 18. امن پسند شخص: پروفيسر عبدالعزيز عمراڻي | |
| 19. صحافتي ٻوليءَ جو سينگاريندڙ سائين لائق: خطائي ٽيٻو | |
| 20. سائين لائق جي ياد ۾: ظهير الدين ٽالپر | |
| 21. عُمر سڀ عشق سين! مسڪين سمون | |
| 22. سائين ڪي جيئن مون ڏٺو: شهروز اشرف ٽيٻو | |
| **❸ تاثرات** | |
| • صحافتي پيڙا: | |
| • ادبي پيڙا: | |
| • استادن پاران پيڙا: | |
| • سياسي پيڙا: | |
| • دوستن احبابن ۽ ڳوٺ واسين پاران پيڙا: | |
| • پريس ڪلب حيدرآباد ۾ ٿيل تعزيتي ميڙاڪي جي رپورٽ | |
| **❹ سائين لائق جي پهرين ورسيءَ تي ڪيل تقريرون** | |
| • لالا رحمان سمون، اقبال ملاح، جئہ پرڪاش، فاروق سومرو، علي حسن، الطاف ڪوٽي، تاج جويو، مهيش ڪمار، امين ٽيٻو، علي مراد مشوري، سيد روشن علي شاهہ، اسرار لغاري، حسين بخش ساند | |
| **❺ پهرين ورسيءَ تي اخبارن ۾ ڇپيل مضمون** | |
| 1. وڇڙيو آ پر وسريو ناهي: علي ڏنو جروار | |
| 2. يار زندهہ صحبت باقي: شبير نظاماڻي | |
| 3. هڪڙو ماڻهو هو: وفا رضا | |
| 4. سنڌ جي لائق فرزند جي ورسي: گل حسن لغاري | |
| 5. اخبارن جو عاشق: سائين لائق سنڌي: محمد بخش ٻبر<br>6. سانگين سان گڏ سالگرهہ مان....: احسان راهوجو | |

| | |
|---|---|
| 7. سنڌي صحافت ۽ ٻوليءَ جو امين سائين لائق: راشد لغاري | |
| ❻ **اخبارن ۾ ڇپيل ايڊيٽوريل** | |
| 1. سائين لائق سنڌيءَ جو وڇوڙو: روزاني سنڌ | |
| 2. سائين لائق جو وڇوڙو: روزاني ڪوشش | |
| 3. سائين لائق جي پساهہ جي پڄاڻيءَ جو ٻل: روزاني سنڌ ايڪسپريس | |
| 4. وڃَ واري ماٺوءَ جي موڪلاڻي: روزاني عبرت | |
| 5. ڪي. ٽي. اين نيوز پاران نشر ڪيل رپورٽ: ناز سهتو | |
| 6. سائين لائق سنڌي جي وفات تي ڇپيل اخبارن جي خبرن جو عڪس | |

## ناشر پاران

تاريخ ۾ اُهي ماڻهو ياد رهجي ويندا آهن، جيڪي پنهنجي ڪردار ۾ وڏا ماڻهو هوندا آهن. اهڙن ماڻهن تي قومون فخر ڪنديون آهن. سائين لائق سنڌي به سنڌ جي اهڙن ماڻهن مان هڪ هو جنهن تي جيترو فخر ڪجي اوترو گهٽ آهي. ڏٺو وڃي ته هو گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ هو. تعليم کاتي سان به واڳيل رهيو ته صحافت جهڙي گورک ڌنڌي سان به توڙ تائين نڀايائين. انهن سڀني وابسطگين جي پٺيان جيڪو سنڌس مقصد هو، سو هو "سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال" ماءُ ٻوليءَ سان ڪيس عشق هو. ڇاڪاڻ جو هُن اسڪولن ۾ ٻارن جي ٻوليءَ تي به ڌيان ڏيڻ ضرري ٿي سمجهيو ته صحافتي دنيا ۾ به سنڌي ٻوليءَ جي بگاڙ کي روڪڻ سندس مقصد هو.

سائين لائق صحافتي دنيا ۾ اڻڳڻيا دوست ناهيا ۽ اڻڳڻيا شاگرد به پيدا ڪيا. ان سان گڏ پاڻ ادبي ۽ سياسي دوستن سان به لاڳاپيل رهيو. سڄي سنڌ ڪيس پيائيندي هُئي ۽ پاڻ هو به محبتن لائق.

سندس لائق فرزندن پروفيسر محمد اسماعيل ٿيٻي ۽ محمد بخش ٿيٻي پنهنجي عظيم والد صاحب کي ڪتابي صورت ۾ محفوظ ڪري سچ ته پنهنجو فرض پورو ڪرڻ سان گڏ، سنڌ جي نسل جي سامهون هڪ اهڙي ماڻهو جي تاريخ رکي آهي، جيڪو پنهنجي جوهر ۾ انتهائي مانائتو ۽ وڙائتو مڙس هو. اسان سنجها پبليڪيشن پاران هيءُ ڪتاب "مُون سي ڏٺا ماءِ" جهڙو شاهڪار ڪتاب ڇپرائي، پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچائي رهيا آهيون. مون کي يقين آهي ته هيءُ ڪتاب سائين لائق جي چاهيندڙن کي بيحد پسند ايندو.

**علي نواز آريسر**

حيدرآباد

0334_1851018

# پنهنجي پاران

نڪي ڪٺن پاڻ سين، نڪي ساٿن پاڻ،
اهڙا جن اهڃاڻ، آئون نہ جيئندي ان ري. شاهہ

16جنوري 2014 ع خميس جي ڏينهن اسان ڪان سڀ ڪجهہ کسجي ويو. گهر، جون رونقون، ڪتاب، گهر جا پاتي، ٻار ٻچا سڀ يتيم ٿي ويا. ماڻهوءَ جو جيئڻ ۽ مري وڃڻ اِهو روز جو معمول آهي پر ڪن ماڻهن کي اجان جيئڻ گُهرجي ها، خاص طور اهي ماڻهو جيڪي جيئندا ئي ٻين لاءِ آهن. انهن کي اجا وڏي ڄمار ملي ها. اهي قومن ۽ ڌرتيءَ جا سهارا هوندا آهن. اهڙن ئي ماڻهن مان اسان جو بابا سائين لائق سنڌي بہ هڪ هو جيڪو سفيد ڪپڙن ۽ سنڌي ٽوپيءَ ۾ سدائين سادگيءَ سان زندگي گذاريندڙ اندر ۾ انيڪ گڻ ۽ خوبيون رکندڙ انسان هو. شايد لطيف سائين بہ اهڙن ماڻهن لاءِ چيو آهي تہ:

اندر مُلهہ املهہ، ٻاهر ڪوجها ڪاپڙي

هو گهٽ ڳالهائڻ ۽ خاموشي پسند هو. سندس چهري تي سدائين هلڪي مرڪ هوندي هئي. سندس سوچ، ويچار، ادراڪ، شعور، ڏڪن، سُکن ۾ انيڪ ڪهاڻيون ۽ راز سمايل هوندا هئا. هو زندگيءَ جي مقصد کي پوريءَ طرح پروڙي ۽ پرکي چڪو هو. وٽس ماڻهپي ۽ انسانيت جا سمورا گڻ موجود هئا. هو سيني کي پانئڻ چاهڻ وارو هو. محبتون ۽ قرب ڏيڻ ڪو ڪانئس سِکي، ننڍن ٻارن توڙي نوجوانن تي ساهہ ڏيندو هو. زندگيءَ جي ڪنهن بہ موڙ تي ساڻس جيڪو بہ مليو سو سندس قرب جي ڪارچوپ ۾ اُٽجي ويو .

پاڻ شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ کان ڏاڍو متاثر هو. سائين صوفي نيپراج سان گڏ ڪيترائي ڀيرا ڀيرين پنڌ ڳوٺ موري منگر کان ڀٽ شاھ تائين ڀيرين پنڌ چوڏهينءَ جي رات حاضري ڀرڻ لاءِ ويندو هو. ڀٽائي سان عقيدت جي ڪري ئي هُن انا کي شڪست ڏئي ڇڏي هئي. سندس هٿ ۾ ڪتاب، اخبارون، خط، ٻارن لاءِ ريجي (سِڪن) کان سواءِ ڪجھ بہ نہ هو. ڪيس جيڪي ڪجھ ڀگهر جي پگهار مان ملندو هو، اهو گڏ نہ ڪندو هو. ناڻي کي نينهن ٽوڙ سمجهندو هو. هميشہ کيسا خالي، غربت هوندي بہ طبيعت ۾ سخي هوندو هو. سندس سڄي زندگيءَ جو سرمايو دوست يار، احباب ئي هئا .

بابا جو تعلق بنيادي طور غريب گهراڻي سان هو. سندس والده پورهيو ڪري کيس سنڌي فائنل تائين پڙهايو ۽ پوءِ کيس تعليم کاتي طرفان 1961ع ۾ استاد مقرر ڪيو ويو. جڏهن ٽيچرس ٽريننگ لاءِ کيس حيدرآباد واري ٽريننگ ڪاليج موڪليو ويو تہ اتي سندس ملاقات سنڌ جي سخن شناس استاد سائين حيدر علي لغاري سان ٿي هئي، جنهن کيس شاھ لطيف جي فڪر ۽ فلسفي تي مڪمل دسترس ڏني، بابا جي زندگيءَ تي سائينءَ جو گهرو اثر هو. بابا زندگيءَ جو تمام وڏو حصو سائينءَ سان گڏ گذاريو. جنهن کيس رچائي راس ڪري ڇڏيو. ان دوران اُتي بابا جي ملاقات سائين غلام محمد گرامي صاحب سان بہ ٿيندي رهندي هُئي، جيڪو پڻ وڏو عالم هو .اخباري لڏي ۾ بابا، شيخ علي محمد جي قرب جو ڪُٺل هو. آفتاب اخبار بابا جي سڃاڻپ رهي، اتي تمام وڏن اديبن توڙي نالي وارن سياسي اڳواڻن ۽ ورڪرن سان سندس ملاقاتون رهيون. سندس دوستن جو حلقو تمام وسيع آهي. ادبي، سياسي، صحافتي توڙي تعليمي شخصيتين ۾ ايترا نالا آهن جو انهن جو ذڪر ڪجي تہ ڪيترائي صفحا ڀرجي ويندا. جن سڄڻن جا هن ڪتاب ۾ مضمون، تاثرات ۽ سنڌي اخبارن ايڊيٽوريل لکي بابا سائينءَ کي سهڻن لفظن ۾ ڀيٽا ڏني، انهن سيني جا وڏا قرب ۽ ٿورا. هي

ڪتاب بابا سائينءَ جي پهرين ورسي تي اچڻ گهرجي ها، پر اسان آڻي نہ سگهياسين، جنهن جي لاءِ دوستن کان معذرت. آخر ۾ اسين نهايت گهڻا مشڪور آهيون، انهن دوستن جا، جن هن ڪتاب جي تياريءَ جي مختلف مرحلن جي تڪميل ۾ رهنمائي ڪئي ۽ ساٿ ڏنو جن ۾ آسي زميني، وفا مولا بخش قمبراڻي، علي نواز آريسر، فهد الرحمان لغاري، راز لغاري ۽ ناصر قاضي جن جا وڏا وڙ مهرباني .

**پروفيسر اسماعيل ٽيپو**
**محمد بخش ٽيپو**

# سائين لائق سنڌيءَ جو يادگار انٽرويو

سنڌ جو خدائي خدمتگار سائين لائق...

**شبير نظاماڻي**

جيڪڏهن توهان کي اوچتو ڪٿي ڪو ماڻهو گڏجي ۽ توهان کي گمان ٿئي تہ ”هي استاد بخاري تہ ناهي“ تہ توهان يقينن سائين لائق سان ملي رهيا آهيو. قد جو پورو پنو. مٿي تي سدائين ڳاڙهي ٽوپي، سنهو جسم، اڇا ڪپڙا پهريل. هڪڙي هٿ ۾ پلاسٽڪ جي ٿيلهي، ان ٿيلهي ۾ اخبارون، پنا ۽ خبر ناهي ڇا ڇا پيل، ٻئي هٿ ۾ سگريٽ.

پر هي ان شخص جو مڪمل تعارف ناهي، هو پنهنجو مڪمل تعارف ڪرائي بہ نٿو. ڪڏهن بہ هن کان هن جو تعارف پڇيو وڃي ٿو تہ هو جيڪو ڪجهہ ٻڌائي ٿو ان ڪانپوءِ بہ ڪافي تشنگي باقي رهي ٿي. لڳي ٿو تہ اڃان گهڻو ڪجهہ آهي، جنهن جي پرده داري ڪئي پيئي وڃي. هن پروفائيل لاءِ جڏهن سائين لائق سان بہ ٽي ويهڪون ڪيون ويون تہ انهن ۾ بہ هو مڪمل کلي نہ سگهيو.

اسڪول جي رجسٽر موجب هي شخص 19 ڊسمبر 1943ع ۾ موري منگر ۾ ڄائو هو. اهو موري منگر جيڪو سنڌ جي هڪڙي وڏي نالي شيخ علي محمد جو بہ گهر آهي، حاجي اسماعيل ٽيبي کي پوٽيني جو پٽ ڄائو تہ هن ان جو نالو ڏنو لائق رکيو. جيڪو اڳتي هلي هن جو لائق پٽ ثابت ٿيو. هن جو ننڍو ڀاءُ محمد قاسم آهي، ڀينرون بہ حال حياتي آهن. وڏي ڪٽنب سان لاڳاپيل محمد لائق ڳوٺ ۾ ئي داسن ۽ پٽين سان نهيل پرائمري اسڪول ۾ داخلا ورتي، سيد الهڏنو شاهہ هيڊ ماستر هوندو هو. پهريون سبق سائين ابراهيم شاهہ ڏنو. ان ڪانپوءِ يار محمد شيدي ۽ عبدالرحمن ٽيبو پرائمري اسڪول ۾ هن جا استاد ٿيا.

سائين لائق جڏهن بہ پنهنجي استادن جو نالو کنيو ٿي تہ اج بہ احترام وچان هن جون اکيون جهڪي ويون ٿي، تڏهن جنوري کان ڊسمبر تائين تعليمي سال هوندو هو. ڊسمبر 1957ع ۾ هن ڳوٺ ۾ ٺئي ست درجا پاس ڪيا. هن 1958ع ۾ سنڌي فائنل امتحان بہ پاس ڪيو ان امتحان جو داستان هو وڏي دلچسپيءَ سان ٻڌائي ٿو، هو ٻڌائي ٿو ڳوٺ جا ٿي ڄڻا سنڌي ورنيڪيولر فائنل جو امتحان ڏيڻ لاءِ حيدرآباد پهتاسين. هڪڙو آئون هئس ٻيو ڏاتر ڏنو شيخ ۽ ٽيون عيدن خاصخيلي، امتحان جي لاءِ اسان کي سائين عبدالرحمن ٽيٻو حيدرآباد وٺي آيو جتي اسان اوقاف جي جاءِ ۾ رهندا هئاسين. هڪڙي جاءِ ۾ شيخ علي محمد رهندو هو ۽ ٻيءَ ۾ اسان رهياسين. مون سائين صوفي نيپراج وٽ بہ امتحان جي تياري ڪئي، عبدالرحمن ٽيٻي منهنجي لاءِ چيو تہ هي پاس نہ ٿيندو. باقي هي ٻئي ڄڻا پاس ٿيندا. اسان رياضيءَ جو پيپر ڏيئي آيا هئاسين. سائين نيپراج اسان ٽنهي کان پڇيو تہ پيپر ڪيئن ٿيو. ٽنهي حسابن جا جواب ٻڌايا، چيائين تہ هي هڪڙو پاس ٿيندو. باقي ٻئي ناپاس ٿيندا ۽ ٿيو بہ ائين.

سائين لائق ورنيڪيولر امتحان پاس ڪيو تہ ان وقت هن جي ڄمار 18 سال بہ نہ هئي ڪيس پرائمري ٽيچر جي نوڪري ملي. ان وقت سندس ڄمار 17 سال 4 مهينا هئي، ان وقت 18 سالن جي ڄمار کان گهٽ واري ماڻهو کي ماستري نہ ملندي هئي، سائين لائق ٻڌائي ٿو تہ تڏهن ايس ڊي او رفيع عالم صديقي هو الهہ بخش ٽالپر سپروائيزر ڪيس نوڪري وٺي ڏني. رفيع عالم چيو تہ هن جا 18 سال پورا ناهن تہ الهہ بخش ٽالپر چيو تہ باقي 8 مهينا سروس ۾ پورا ڪندو. نوڪري وارو آرڊر الهہ بخش ٽالپر پاڻ لکيو. اهو الهہ بخش ٽالپر جنهن جا حسابن کان علاوه ”اُداسيءَ جون آهون“ ۽ ”پرديسيءَ جو پيار“ جهڙا ڪتاب لکيل آهن.

سائين ٻڌائي ٿو تہ اصل ڪهاڻيون وڏيري شاهنواز جوڻيجي جون هيون. هي سانگهڙ وارو وڏيرو نہ پر حيدرآباد تعلقي جي راهوڪيءَ جو آهي.

سائين ان وقت جي پرائمري ڪورس بابت ٻڌائي ٿو تہ ان ۾ شاهہ لطيف، سچل سرمست، مخدوم نوح، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ۽ شاهہ عنايت ۽ اهڙن ٻين سنڌ جي عظيم شخصيتن تي سبق هوندا هئا. ڳالهہ ڪي وري ٿورڙو پوئتي وٺي وڃون ٿا. پنهنجي خاندان بابت هو ٻڌائي ٿو تہ اسان جو وڏو ڏاڏو لائق فقير هر سهائي سومار تي موري منگر ڳوٺ مان پنڌ هالا ويندو هو ۽ ٻئي ڏينهن علي الصبح واپس ڳوٺ موٽي ايندو هو. سائين کي ياد ناهي تہ تڏهن هالن جي گاديءَ تي ڪير ويٺل هو پر هو چوي ٿو تہ شايد مخدوم ظيهر الدين عرف پکن ڏٽي هو هو هڪڙي انتهائي دلچسپ ڪٿا اها ٻڌائي ٿو تہ اسان جي وڏي ڏاڏي تي مخدومن جي خاص مهرباني هئي ۽ هو ذاتي طور تي هن کي سڃاڻندا هئا. هڪ ڀيري گادي نشين چيو تہ جيڪو گهرڻو هجئي تہ گهر ڏاڏي چيو تہ بس سائين دعائون ڪپن. گادي نشين چيو تہ دعائون تہ آهن ئي آهن ٻي ڪا ڳالهہ ڪر. گهڻي زوربار تي ڏاڏي چيو تہ جيڪڏهن مهرباني ڪريو ٿا تہ اها ڏيو ڏاڏي جو اشارو رليءَ ڏانهن هو. جنهن تي گادي نشين ويهندو هو. ان تي هن چيو تہ زماني جي ڳالهہ ڪر. ڏاڏي چيو تہ جي ڏيٺي اٿو تہ اها ڏيو. ان تي گادي نشين اها رلي ڏاڏي جي حوالي ڪئي، جيڪا اڄا تائين اسان جي گهر ۾ موجود آهي، هو ٻڌائي ٿو تہ اڄا بہ پوڙهيون پڪيون ايندڀون آهن ۽ چونديون آهن تہ بيمار آهيون، پلاند پسائي ڏيو. سائين لائق اهو انڪشاف ڪندي چيو تہ "اهو ڪم آئون ڪندو آهيان" هو ٻڌائي ٿو تہ اسان جا وڏا اصل موري منگر جا ئي هئا. اهو ڳوٺ تہ حيدرآباد تعلقي جي ٽنڊي قيصر پرسان آهي، هو ٻڌائي ٿو تہ گذر لاءِ ٻنيءَ ٻارو هو. ويهارو کن ايڪڙ پنهنجا هوندا هئا. تڏهن ڦليلي ڦاٽ مان سنڌ واهہ وهندو هو. اهو ڳوٺ وچان نڪرندو هو ڳوٺ جو وڏو حصو ديهہ ڏماچاٽي ۽ ننڍو حصو ديهہ موري ۾ هوندو هو. اهو موري منگر سائين لائق جو بہ ڳوٺ آهي تہ شيخ علي محمد جو بہ گهر آهي، هو ٻڌائي ٿو تہ بابا جي ظاهري تعليم نہ

هئي، فقراه رنگ وارو هو. زماني جي ڪنهن ضرورت سبب ان زمين مان 12 ايڪڙ تڏهن 15 هزارن ۾ وڪڻي ڇڏيا. هو اهو به ٻڌائي ٿو ته بابا هڪ ڀيري اجمير شريف خواجه معين الدين چشتي رحه جي درگاهه تي به ويا هئا. اها اجمير شريف جتي بئريسٽر جان محمد جوڻيجو به دفن ٿيل آهي، هو ٻڌائي ٿو ته زمين وڪڻڻ ڪانپوءِ بابا هارپو ڪيو زميندار هوندو هو وڏيرو شير محمد ٿيٻو. هو زميندار جي ساراهه ڪندي چوي ٿو ته اهو پنج ڏيئي 15 لکڻ وارو نه هو. هو ٻڌائي ٿو ته اهو اهو دؤر هو جڏهن ڪير وڪڻڻ کي گناهه سمجهيو ويندو هو.

سائين لائق سنڌي ورنيڪيولر فائنل جو امتحان پاس ڪرڻ ڪانپوءِ ڳوٺ ۾ ئي انگريزي اسڪول کليو ته ان ۾ ٽي سال پڙهيو هن کي اجا تائين سائين محمد بخش انصاري خيرپور رياست وارو غلام محمد ابڙو نصرپور وارو، احمد ٿيٻو موري شاخ وارو ۽ محمد الياس بڪيرو بڪيرا شريف وارو چڱي ريت ياد آهن، هو چوي ٿو ته اج آئون جيڪو ڪجهه آهيان اهو انهن استادن جي ئي ڪري آهيان، نوجوان لائق ڏني ٿيٻي جي پهرين پوسٽنگ توڪل علي ميرجت اسڪول ۾ ٿي جيڪو حيدرآباد- ٽنڊي محمد خان روڊ تي ڪٽڙ ويجهو هو. ڳوٺ کان پنڌ وڃڻو پوندو هو يا وري حيدرآباد کان ريل رستي هوسڙي ريلوي اسٽيشن تي لهي 3 ميل پنڌ ڪري اسڪول پهچڻو پوندو هو. وڏو پنڌ هجڻ ڪري هو اتي رهي پيو ۽ هفتي هفتي ڳوٺ ايندو هو ۽ پهرين درجي ۾ 36 ٻار داخل ٿيا هئا، جن مان 18 پاس ٿيا هئا. ڪيس پهريون پگهار 71 رپيا مليو جنهن مان 40 رپيا پڪو پگهار هو 25 رپيا هڪڙو الائونس ۽ 6 روپيا پيو الائونس هو. هو ٻڌائي ٿو ته ان اسڪول ۾ هڪ شاگرد بيمار ٿي پيو ته آئون پڇڻ ويس، مير جت ٻروچ ماڻهو هئا، ڌارين کي گهر نه اچڻ ڏيندا هئا، پر مون تي مهربان هئا، هو ٻڌائي ٿو ته ان شاگرد جي ڏاڏي کي گندي جا 20 رپيا ڏنا ته ڳوٺ ۾ ڳالهه مشهور ٿي ويئي ته استاد راجائتو ماڻهو آهي ان اسڪول کانپوءِ 1962ع ۾ نوجوان لائق موري منگر پرائمري

اسڪول ۾ آيو ماستري دوران ئي هن اديب سنڌي، اديب عالم ۽ اديب جا ڪورس ڪيا. 1963ع ۾ ٽيچرس ٽريننگ لاءِ حيدرآباد ۾ داخلا ورتي، هو ٻڌائي ٿو تہ اسان جو ڪلاس ٽيچر حيدر علي لغاري تاجپور وارو هوندو هو هن جو پڙهائڻ جو انداز ايڏو تہ سهڻو هو جو استادن پيرڊ ڇڏي ان پيرڊ ۾ وچي ويهندو هئس. ان کان پوءِ سائين حيدر علي لغاري سان نياز مندي جو رستو هلندو اچي، هن کي پنهنجا اهي ڏينهن بہ انتهائي سهڻا لڳن ٿا. جڏهن سائين حيدر علي لغاري ٽنڊي ڄام هاءِ اسڪول ۾ هيڊ ماستر ٿي آيو اتي ئي سائين لائق استاد طور مقرر ٿيو. ان کان پوءِ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد واري اسڪول ۾ ڊيپوٽيشن تي ٽيچر ٿيو سائين لائق سنڌي 25 سال پورا ڪري ڊسمبر 1986ع ۾ رٽائر ٿيو تڏهن هن جي ڄمار 43 سال مس هئي، هو ٻڌائي ٿو تہ مون پاڻ رٽائرمينٽ ورتي، جيڪا وڏي غلطي هئي.

نوجوان محمد لائق جي 1966ع ۾ شادي ٿي، جنهن مان ڪيس 8 ٻار ٿيا. جن مان 4 مالڪ پاڻ وٽ گهرائي ورتا. وڏو محمد اسماعيل پرائمري ٽيچر آهي (جيڪو هن وقت ليڪچرار آهي) ننڍو محمد بخش (جيڪو هن وقت ايم.اي سنڌي ادب"فرسٽ ڪلاس"آهي) وڏي ڇوڪريءَ جي شادي هن پنهنجي ڀاڻيجي محمد موسيٰ سان ڪرائي آهي، جيڪو فوج ۾ آهي، هو ٻڌائي ٿو تہ سس سندس سڀ سئوٽ آهي.

لائق ڏني مان هو لائق سنڌي ڪڏهن ٿيو؟ ان ڳالهہ تي هو ٻڌائي ٿو تہ مولانا عبيد الله سنڌيءَ ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کان متاثر ٿي پاڻ کي سنڌي سڏايو. هو ٻڌائي ٿو تہ جڏهن رشيد ڀٽي سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري هو. تڏهن موري منگر شاخ جو پهريون سيڪريٽري صوفي نيپراج ٿيو جنهن سائين لائق جي زندگيءَ تي وڏا اثر ڇڏيا. ان جي صحبت جي اثر ۾ هو شاهہ لطيف سان ويجهو ٿيو. ان شاخ جو ٻيو سيڪريٽري امين ٽيبو هو ۽ ٽيون لائق

سنڌي ٿيو. هو ٻڌائي ٿو ته مرڪزي سيڪريٽري رشيد ڀٽي سان پوسٽ ڪارڊ ذريعي لکپڙهه ٿيندي هئي، جيڪا آئون ڪندو هوس. تڏهن سنڌ جي انگريزي اسپيلنگ Sind هوندي هئي. هو ٻڌائي ٿو ته آئون "D" ڪانپوءِ "H" جو اضافو ڪري ان کي Sindh لکي ڇڏيندو هئيس. هو ٻڌائي ٿو ته سنڌي ادبي سنگت جي رڪارڊ ۾ اڄ به اها لکت موجود آهي. جنهن ڳالهه شاهدي تاج جويو صاحب به ڏيئي سگهي ٿو. هو اهو به ٻڌائي ٿو ته هن 1988ع ۾ بينظير کي ذاتي خط لکيو. جنهن ۾ ڪيس اها گذارش ڪئي ته سرڪاري لکت ۾ سنڌ جي اسپيلنگ صحيح نٿي لکي وڃي ان کي Sind بدران Sindh ڪري لکيو وڃي.

سائين لائق جي صحافت ۾ داخلا تڏهن ٿي جڏهن هو ماڊل اسڪول ۾ هوندو هو. هن شيخ علي محمد جي ادارت ۾ نڪرندڙ آفتاب اخبار جوائن ڪئي، هو شروع ۾ اندرين صفحن ۾ هيڊنگس لاءِ ڪتابت ڪندو هو. ان ڪانپوءِ هن نوجوانن جو صحفو سنڀاليو. ان صفحي جو نالو "سرجڻهار" رکيو ويو. جنهن جو هو انچارج ٿيو ان سان گڏ سائين لائق ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ ماهوار اخبار تعليم جو پهرين سب ايڊيٽر ۽ پوءِ اسسٽنٽ ايڊيٽر ٿيو. ٽنڊي ڄام مان "هاڪڙو" پبليڪيشن نڪرندي هئي جنهن جو هو نگران هو. آفتاب اخبار بابت هو ٻڌائي ٿو ته هن جو سنڌ پرستيءَ ڏانهن لاڙو وڌيڪ هو. هو ٻڌائي ٿو ته جن جو به بيان ٻي اخبار ۾ نه ڇپبو هو ته آفتاب ۾ ڇپبو هو.

ڀُٽي جي دؤر بابت ڳالهائيندي هو چوي ٿو ته تڏهن نظير عباسي ۽ ڄام ساقيءَ جي بيانن تي سختي هئي، پر شيخ صاحب اهي شايع ڪندو هو. تڏهن ڪميونسٽ پارٽيءَ تي پابندي هئي. نظير عباسي ۽ ڄام ساقي تي گهڻي سختي هوندي هئي. تڏهن به اهي شيخ صاحب سان ملڻ لاءِ روبرو آفيس ۾ ايندا هئا. هو ٻڌائي ٿو ته جڏهن ڄام ساقي ۽ سهيل سانگي وارا گرفتار هئا. ملٽري ڪورٽ ۾ ڪيس

هلي رهيو هو تہ شيخ صاحب سندن آزادي لاءِ شاهدي ڏني ۽ ضمانت بہ ڏنائين. هو ٻڌائي ٿو تہ جنرل جهانداد شيخ صاحب کي چيو تہ سهيل سانگي پارت پڇي ويندو جنهن تي شيخ صاحب چيو تہ هن جي روزگار جو بندوبست بہ آئون ئي ڪريان ٿو. ان بعد هن سهيل سانگي کي آفتاب ۾ نوڪري ڏني. هو ٻڌائي ٿو تہ جڏهن پٿي دؤر ۾ سائين جي ايم سيد کي نظر بند ڪيو ويو تہ سندس آزاديءَ لاءِ اخبار ۾ ايڊيٽوريل بہ لکيائين. هو اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ جڏهن ضياءَ جي دؤر ۾ شيخ علي محمد مجلس شوريٰ جو ميمبر ٿيو تہ هن اتي سائين جي ايم سيد جي آزاديءَ جو مطالبو ڪيو. تڏهن ان تقرير جا منتس شيخ صاحب وٽ پهتا. جنهن ۾ لکيل هو تہ شيخ صاحب "ايلڊر پوليٽيشن آف سنڌ" جي آزاديءَ جو مطالبو ڪيو آهي تہ شيخ صاحب ان ۾ درستي ڪري چيو تہ مون سائين جي ايم سيد جو نالو ڪنيو آهي. هو ٻڌائي ٿو تہ آفتاب ۾ تڏهن اندرئين پيج جو انچارج هوندو هو. محمد بخش جوهر ۽ شام جو عبدالرحمن جوڻيجو انچارج هو جيڪو اداڪارا مونا جوڻيجي جو چاچو هو. هن جي ميٽرڪ ممبئي يونيورسٽي مان ٿيل هئي.

سائين لائق تڏهن جي هڪڙي خبر بابت ٻڌائي ٿو تہ ساموندي جيوت بابت اسٽوري آيل هئي. جنهن تي عبدالرحمن جوڻيجي چيو تہ سياڻي ٻين اخبارن ۾ بہ هيءَ اسٽوري ڏسجان. فقط آفتاب ۾ سيني مڇين ۽ ٻين ساموندي جانورن جا نالا سنڌيءَ ۾ هوندا ۽ ٻين سنڌي اخبارن ۾ ڪجهہ نالا تہ ترجمو ٿيل هوندا. باقي اڪثر نالا انگريزيءَ ۾ ئي هوندا. سائين ٻڌائي ٿو تہ واقعي ائين هو هو ٻڌائي ٿو تہ شيخ صاحب چوي ٿو تہ خبر ڪيتري بہ سخت هجي پر سچي هجي. خبر جي ترديد نہ ڪبي. هن کي ياد آهي تہ شيخ صاحب وٽ مولوي خير محمد نظاماڻي، مولانا عبدالغفور سيتائي، مولانا غلام محمد گرامي، محمد عثمان ڏيپلائي ۽ سيد سردار علي شاهہ ايندا هئا. ان سان گڏ نياز همايوني ۽ شيخ اياز بہ پيرو نہ پڇندا هئا. هو ٻڌائي ٿو تہ شيخ اياز جو

سرنهن ۾ نڪتل فوٽو موري منگر جو آهي، هو ٻڌائي ٿو ته مولانا عبدالحق ربانيءَ جو شيخ صاحب تمام گهڻو لحاظ ڪندو هو. هو ٻڌائي ٿو ته تڏهن سنڌ جا اهي سهڻا فرد پنهنجي ديس جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي ڪچهريون ڪندا هئا ۽ انهن کي پنهنجي ديس جو تمام گهڻو اونو هوندو هو. انهن وٽ سنڌ جي تصوير هڪ خوشحال ديس جي هوندي هئي، انهن وٽ سنڌ جي سڃاڻپ وطن ۽ ديس واري هوندي هئي، اهي سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاريءَ کي سنڌ لاءِ سڀ کان وڏو نقصان سمجهندا هئا. هو ٻڌائي ٿو ته آفتاب ۾ سائين محمد ابراهيم جويو به لکندو هو. تڏهن ڊيلي نيوز ۾ جي ايم مهڪري (غلام محي الدين مهڪري) انگريزي ۾ لکندو هو. جنهن جا ترجما محمد ابراهيم جويو ڪندو هو. ٻين اخبارن اهي لکتون ڇپڻ کان جواب ڏنو پر شيخ صاحب ڇپيندو هو. پروف جويو صاحب پاڻ پڙهندو هو. پر جڏهن جويو صاحب نه ايندو هو ته ان جا پروف هي گناهگار (پاڻ ڏانهن اشارو ڪندي) ڏسندو هو. هو ٻڌائي ٿو ته جڏهن مولانا گرامي صاحب لاڏاڻو ڪري ويو. ’آفتاب‘ اخبار موڪل ڪئي هئي، هن کي اهو به ياد آهي جڏهن ضياءِ مارشل لا هنئي ۽ ڀٽي کي قيد ڪيو ته ملڪ تي فوج جي قبضي خلاف شيخ صاحب ايڊيٽوريل لکيو هو. جنهن ۾ هن لکيو هو ته هڪڙي مارشل لا ملڪ ٽوڙيو آهي، ٻي مارشل لا به چڱائي نه ڪندي.

سائين لائق جو پهريون مضمون پڪي قلعي مان شايع ٿيندڙ هلال پاڪستان ۾ ڇپيو. جيڪو ڀٽي تي سانگهڙ ۾ حملي خلاف هو. ان مضمون جو عنوان هو ”ذوالفقار علي ڀٽو ڪنهن جو آواز آهي؟“ هو ٻڌائي ٿو ته ان ۾ سندس نالو نه ڏنو ويو هو. شيخ صاحب ان مضمون جي هيٺان نالي بدران ”ازعوام“ لکي ڇڏيو هو. ٻڌائي ٿو ته هلال پاڪستان ۾ هن جو پهريون شعر نالي سان ڇپيو. اهو هو.

سياست سنڌ جي سڌري جو جناب ذوالفقار آيو
خزان جو دؤر ويو گذري وري واپس بهار آيو.

هو پيٽي صاحب ۽ حيدرآباد جي مير برادران بابت هڪڙو قصو به ٻڌائي ٿو جيڪو شايد گهڻن کي معلوم ناهي، هو ٻڌائي ٿو ته، جڏهن پيٽو صاحب قيد هو ته پيٽي صاحب بيگم نصرت پيٽو کي چيو ته تون شيخ اياز وٽ وڃ، ڪيس چئو ته هو شيخ علي محمد سان ملي، جيڪو مير برادران کي نياپو ڪري ته اوهان ٻاهر نڪرو ته ماڻهو به ٻاهر نڪرندا، تڏهن مير علي محمد ۽ مير رسول بخش پيپلز پارٽي ۾ نه هئا، ٻنهي کي پيٽي پارٽي مان ڪڍي ڇڏيو هو، هي ٻڌائي ٿو ته شيخ اياز اسان جي سامهون وي سي واري گاڏيءَ ۾ چڙهي آيو، هن شيخ صاحب کي نياپو پهچايو، جيڪو ميرن تائين پهتو، مير رسول بخش ٻاهر نڪرڻ تي آماده ٿيو پر چيائين ته وڏو پاءُ وينو آهي، ان ڪان پڇو، مير علي احمد چيو ته پيٽي کي ڦاسي اچڻي آهي، آمريڪا طئہ ڪري ڇڏيو آهي، ان ڪري ڪوشش اجائي آهي ۽ جلوس به اهي ڪڍن، جيڪي هن سان گڏ وينا آهن، پاڻ کي ته پارٽيءَ مان ڪڍي ڇڏيائين، سائين لائق ٻڌائي ٿو ته پيٽي جي نياپي باوجود ميرن جلوس نه ڪڍيو.

هو ٻڌائي ٿو ته جڏهن شيخ علي محمد صاحب آفتاب اخبار ڪڍي تڏهن ڪنهن اچي ڪانئس پڇيو ته آفتاب ڪنهن جي آهي، جنهن تي هن ٻڌايو ته اسان اخبارون ڪڍندا وياسين اخبارو اسان کي ڪڍنديون ويون هيءُ اخبار اهڙي ڪڍي اٿئون جو اسان کي نه ڪڍندي، هو ٻڌائي ٿو ته شيخ صاحب جي وفات ڪانپوءِ سندس پٽن اخبار سنڀالي پر اهي اخباري مزاج جا نه هئا جنهن ڪري اها اخبار بند ٿي ويئي.

هو اخباري دنيا جي حوالي سان پنهنجو هڪڙو تجربو شيئر ڪندي ٻڌائي ٿو ته مون کي پنهنجا ڪي دوست يار استاد بخاري ڪري

چوندا آهن هو ٻڌائي ٿو تہ استاد بخاري آفتاب اخبار ۾ بہ ايندو هو. هڪ دفعي ڪاوش اخبار جي دفتر ۾ گهمڻ ويو هئس. خادم وطن ۾ ناز سهتي وٽ وينو هئس تہ ڪاوش جي آفيس مان علي قاضي صاحب، سهيل سانگي صاحب ۽ فقير محمد لاشاري صاحب ايڊيٽر جاڳو اخبار نڪري آيا پئي وڏي انهن سان ملياسين مون فقير کين مخاطب ٿيندي چيو تہ استاد بخاري اوهان کي ملهہ ماري ويو. تہ هو حيرانگيءَ ۾ پئجي ويو تيستائين سهيل سانگي هن سان منهنجو تعارف ڪرايو ۽ چيو تہ توهان جي اخبار "جاڳو" ۾ استاد جي وفات جي خبر نہ ڇپي آهي ان بابت چئي رهيو آهي (اها خبر فقط ڪاوش ۽ عوامي آواز ۾ ڇپي هئي) فقير چند گهڙين لاءِ گم سم ٿي ويو ۽ پوءِ اظهار ڪيائين تہ آئون هتي حيدرآباد ۾ هئس ڪراچي ۾ نہ هئس تڏهن خبر رهجي ويئي آهي. هو ٻڌائي ٿو تہ پروف ڏسڻ وارو ڪم مون لاءِ عيب ناهي، ٻين لاءِ جيڪو عيب آهي مون اهو ڪم ڪيو. روزگار عيب نہ هوندو آهي. هو ٻڌائي ٿو تہ اخبار خريد ڪري وٺڻ جو شوق 1970ع کان شروع ٿيو. شروع ۾ عبرت، هلال پاڪستان يا وري جنگ اخبار وٺندو هئس. اخبارون سنڀالي رکي ڇڏيندو هئس. منهنجو هڪڙو ڪمرو هو. جيڪو پرجي ويو.

هن سياست ڪڏهن بہ نہ ڪئي. هن کي سائين جي ايم سيد تمام گهڻو وڻندو آهي. پڙهو بہ وڻندو اٿس. اها ڳالهہ گهڻن ماڻهن لاءِ عجيب هوندي تہ بہ متضاد شخصيتون هن کي ڪيئن وڻن ٿيون. هن کي اڃا تائين سائين جي ايم سيد سان اها پهرين ملاقات ياد آهي. جڏهن هڪڙي سياري ۾ اعجاز قريشي، شوڪت سنڌي ۽ ڪاڪي علڻ ٽيبي سان گڏجي هو سن ويو. هو ٻڌائي ٿو تہ رات بنگلي تي ترسياسين. صبح جو ناشتو سائين سان گڏجي ڪيو.

سائين لائق هڪڙو انڪشاف اهو بہ ڪيو تہ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت هئي تڏهن هڪڙو همراهہ سائين جي ايم سيد ۽ شيخ اياز کي ڪافر سمجهي ٻنهي کي مارڻ لاءِ نڪتو اهو پهرين

ڄامشوري پهتو، جتي شيخ اياز وي سي هو اتي پوليس گهڙي هئي، ان ڪري هو اتان ٿي سن ويو جتي جهلجي پيو. سائين سان اصل ڳالهه ڪيائين جنهن تي سائين وري ڪيس ڇڏي ڏنو. ڪاڪي علڻ ٽيبي شيخ علي محمد کي آفتاب اخبار ۾ فون ڪئي، تڏهن دادو جو رپورٽر احمد خان کُهرو وينو هو، جنهن کي شيخ صاحب فوٽوگرافر مبشر سان گڏجي سن موڪليو.جتي هن ان همراهه جا فوٽو ڪڍيا. اخبارن ۾ خبر ڇپي ته سائين جي ايم سيد تي قاتلاڻو حملو ٿيو آهي، پڇي حڪومت وضاحت ڪئي ته اهو ڪوڙ آهي، ڪوبه قاتلاڻو حملو نه ٿيو آهي، جنهن ڏينهن حڪومت جي وضاحت واري خبر آئي، ان ڏينهن شيخ صاحب فوٽو ڇپي ڇڏيو ۽ ان هي هيٺان ڪئپشن ۾ لکيائين ته حملي آور پوليس تحويل ۾.

مون جڏهن سائين لائق کان پڇيو ته توهان کي سائين جي ايم سيد ۽ پڪو يقين هئي وڃن ٿا. جيڪڏهن انهن مان ڪنهن هڪڙي جي چونڊ ڪرڻ لاءِ چيو وڃي ته ڪنهن جي چونڊ ڪندا؟

ته هن اهو ئي جواب ڏنو جيڪو هڪڙو معصوم ٻار ڏيندو آهي، جڏهن کائنس پڇيو ويندو آهي ته توکي تنهنجو پيءُ ٿو وڻي يا ماءُ، هن جو جواب هو ته ٻئي منهنجا سائين آهن. پر هن کي اهو ڏک ضرور آهي ته سائين جي ايم سيد سيد ضياءَ الحق سان ملاقات ڇو ڪئي؟

هن وٽ ضياءُ الحق جو ڪردار هڪ ولين جو ڪردار آهي، هو چوي ٿو ته سائين جي ايم سيد کي ضياءُ الحق سان ملڻ نه کپندو هو. هو چوي ٿو ته پڪو ڪيئن به هو ضياءُ الحق سان گڏ نه رهيو ان لاءِ نرم گوشو نه هئس. پر سائين جي ايم سيد کي ضياءُ لاءِ نرم گوشو هو ۽ ان سان ويجهو هو. هو ٻڌائي ٿو ته جڏهن سڄي سنڌ هڪڙي پاسي هئي، اها ضياءُ کي پنهنجو دشمن سمجهندي هئي تڏهن سيد ضياءُ سان ملاقات ڪئي ڪيس ائين نه ڪرڻ کپندو هو. هو ان موقعي تي جذباتي

ٿي اهو چوي ٿو تہ آئون پاڻ وڏو قومپرست آهيان. سنڌ جو خاموش خدمتگار آهيان. ببانگ دهل نہ پر خاموش خدمتگار. ائين جيئن خان غفار خان وارا خدائي خدمتگار هئا. تيئن اسين سنڌ جا خدائي خدمتگار آهيون. هو ٻڌائي ٿو تہ جنهن پينڊي مدرسي ۾ آريسر پوءِ پڙهيو ان مدرسي ۾ آئون اڳي پڙهيس. هو ٻڌائي ٿو تہ کيس ذاتي طور تي آريسر اڳ بہ وڻندو هو ۽ اڄ بہ وڻندو آهي. هن جي نظر ۾ پيٽو ۽ جي ايم سيد ٻئي سنڌ جا سپوت آهن. سنڌي ٻوليءَ جي بل کي هو پيٽي دؤر جي وڏي حاصلات سمجهي ٿو. ساڳئي وقت هو اهو بہ چوي ٿو تہ پيٽي کي قومپرستن تي سختي نہ ڪرڻ کپندي هئي. هو ٻڌائي ٿو تہ جي ايم سيد پيٽي کي پائٽيو چوندو هو. پيٽو وري سائين کي چاچو ڪري سڏيندو هو. 1973ع جي آئين تي نعپ جي اڳواڻن کي صحيح ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ وارين سائين جي ايم سيد جي ڪوشش بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ هو چوي ٿو تہ سنڌ روايتن جي امين رهي آهي. ان سدائين روايتن جي پاسداري ڪئي آهي. سائين جي ايم سيد بہ ان روايتن جو امين هو. ذاتي طور پيٽي صاحب فون تي سائين جي ايم سيد کي گذارش ڪئي هوندي. سائين ان ڪري انڪار نہ ڪري سگهيو هوندو.

قومپرستن جي پارليامني سياست کان دوري تي ڳالهائيندي هو چوي ٿو تہ شايد ائين هي ٻڌائيندا هوندا تہ اسان هن نظام کي قبول نٿا ڪريون. هو اهو چوي ٿو تہ سائين قومپرستن کي پارلياماني سياست کان نہ جهليو هوندو. ڇاڪاڻ تہ سائين جي ايم سيد جا بہ پٽ هئا. امير حيدر شاهہ ۽ امداد محمد شاهہ ايم پي اي ٿيا. انهن پاڪستان جي خلاف حلف تہ نہ کنيو هوندو. ٻيا پاڪستان جو حلف کڻن ٿا تہ انهن تي سائين جي ايم سيد جي پارٽيءَ وارن کي ناراض نہ ٿيڻ گهرجي. هو ٻڌائي ٿو تہ سائين جي ايم سيد جو پوٽو جلال محمود شاهہ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو ۽ ڊپٽي اسپيڪر بہ رهيو. هو ٻڌائي ٿو تہ سائين جي ايم سيد جي ورسي هئي يا سالگرهہ جو موقعو هو. جنهن ۾

سنڌو ديش جو ترانو چيو ويندو آهي، جنهن ۾ اسان صحافين واري پاسي وينا هئاسين، اتي اقبال ملاح به ويٺو هو مون اقبال کي چيو ته جيستائين ترانو ختم نه ٿيندو تيستائين جلال محمود شاهه پنڊال ۾ نه هوندو ترانو وڄڻ کان اڳ جلال محمود شاهه ٻاهر نڪري ويو اقبال ملاح ان تي حيرت ۾ چيو ته توکي ڪيئن خبر پئي؟

سائين لائق کي رسول بخش پليجي جي سياست ۾ به سنڌ جي مفادن جي حق ۾ لڳي ٿي هو ٻڌائي ٿو ته اها منظم پارٽي آهي، غير منظم ناهن، اتي سياسي عمل کي پختو ڪرڻ لاءِ ليڪچر ٿين ٿا، وڏو هوم ورڪ ٿئي ٿو ان جي پاليسيون سنڌ دوستيءَ واريون آهن، هو وفاقي سياست ڪونه ٿو ڪري.

ان سان گڏ هو جيئي سنڌ ۾ عبدالواحد آريسر جي پذيرائي گهٽجڻ تي ڏکارو آهي، آريسر کي هو پنهنجو مهربان دوست سمجهي ٿو هو چوي ٿو ته جيئي سنڌ جي ٿنڪ ٽينڪ آريسر ئي آهي، سائين لائق وٽ سنڌ جو تصور ”سنڌ جيئي ۽ سنڌ وارا جيئن“ وارو آهي، سنڌ هن جو محبوب ديس آهي، هو ٻڌائي ٿو ته اسان جو سنڌ وطن آزاد به رهيو آهي ۽ وفاق ۾ به شامل رهيو آهي، سنڌ ۽ سنڌ جي ڪافي ڪردارن کي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ رح پنهنجي شاعريءَ ۾ سموعي اَمر ڪري ڇڏيو آهي، ان حساب سنڌ ۽ سنڌين لاءِ ڪو رهبر يا رهنما چئجي ته اهو شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح آهي، جنهن سنڌ جي سماجي قصن ۽ ڪهاڻين کي شاعريءَ جو روپ ڏيئي اَمر ڪري ڇڏيو آهي، سندس شاعريءَ ۾عشق، محبت، نياز، نوڙت، جرئت، همت، جاکوڙ ۽ جدوجهد جو سبق سمايل آهي.

ايستائين جو هو چوي ٿو ته دشمن سان يا مخالف سان جنگ ڪري:

**”هڻ ڀالا، وڙهه ڀاڪرين، آڏي ڍال ۾ ڍار“**

هن جو وڏي ۾ وڏو سبق آهي آئون ان کي ڪائناتي شاعر سمجهان ٿو ۽ درياهه کي ڪوزي ۾ بند نه ڪبو آهي، سنڌ جا باقي شاعر اديب، ليکڪ، پنهنجي جرئت، بهادري ۽ بردباريءَ سان شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي شاعريءَ جي ڀال ۾ سموعي پنهنجي همت جو اظهار ڪن ٿا، هن جو چوڻ آهي ته سنڌ وطن کي هرڪو سنڌي آزاد ڏسڻ چاهي ٿو.

هو پنهنجي آتم ڪٿا نه پيو لکي ۽ نه ئي لکڻ جو ارادو اٿس، هن جو چوڻ آهي ته آئون هڪڙو ادنيٰ انسان آهيان، مون سان ڀلائي اها ٿي جو آئون سنڌ جو سنڌي آهيان، آئون روحاني، اخلاقي ۽ سماجي طور تي پاڻ کي ڀاڳوان سمجهان ٿو جو سنڌ ڌرتيءَ تي هلان ڦران پيو ۽ مري به هي خاڪي جسم ان جي خاڪ ۾ پناهه وٺندس.

ذاتي حوالي سان هو صوفي نيپراج، سائين حيدر علي خان لغاري، شيخ علي محمد، مولانا غلام محمد گرامي، کان تمام گهڻو متاثر آهي، حاجي حقير ابن مڱڻ، سائين احمد علي نظاماڻي سان سائين لائق جي ذاتي وابستگي رهي ۽ هو انهن جي شفقت ملڻ تي پاڻ کي فخر مند سمجهي ٿو.

هو ٻڌائي ٿو ته مولوي خير محمد نظاماڻي، سردار علي شاهه، مولانا عبدالغفور سيتائي، شيخ علي محمد، محمد عثمان ڏيپلائي، صحافت جي شعبي ذريعي سنڌ جي وڏي خدمت ڪئي، هن کي اهو ڏک آهي ته اڄ ڪلهه جا نوجوان صحافي انهن کي نظر انداز ۽ درگذر ڪن ٿا، هو چوي ٿو ته انهن بزرگن جون پنهنجي ايام ڪاريءَ ۾ صحافت لاءِ وڏيون خدمتون هيون، هنن ڪڏهن به ڪا خبر ڪنهنجي چوڻ ته نه روڪي، ڪير روڪڻ لاءِ چوندو هئن ته چوندا هئا، خبر خبر آهي، هنن جي برجستگي قائم ۽ دائم رهندي آئي، انهن جي پورهئي کي اسان جي نوجوان صحافين کي نظر انداز نه ڪرڻ گهرجي.

جڏهن آئون سائين سان ڪچهري ڪري رهيو هئس تڏهن مون کي هر موقعي تي اهو محسوس ٿيو ته سائين وٽ وڏا داستان آهن، جن کي هو ظاهر نه ڪري رهيو هو. جيتوڻيڪ هن جو آتم ڪٿا لکڻ جو ارادو ناهي پر هن لکڻيءَ ذريعي کيس گذارش ڪجي ٿي ته هو پنهنجو ارادو تبديل ڪري ۽ اهو سڀ ڪجهه لکي وجي جيڪو پويان ايندڙ جي راهه آسان ڪري، هو آخر ۾ پنهنجي هٿن سان لکيل هڪڙي چٺ منهنجي حوالي ڪري ٿو جنهن تي لکيل آهي ته "پاڻ کان وڏن جي عزت، پاڻ جيڏن سان محبت پاڻ کان ننڍن سان شفقت، زندگيءَ جا اهي رويا مون ڀرپور نموني سان روا رکيا آهن ۽ موٽ ۾ مون سان به اجا وڌيڪ گهرائي سان اهي رويا روان رکيا ويا آهن، اهڙن قدرن جو مون ڀرپور نموني سان ڀرم رکيو آهي.

ها هن اهو به لکي ڏنو هو ته سنڌي اخبارن ۾ خاص ڪري صادق ابڙي جو محاورو "ڪاٽڪو ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته" منهنجو ايجاد ڪيل آهي.

جڏهن مون هي اڌورو پروفائيل اجا نه لکيو هو ته سائين چيو ته ان جي آخر ۾ لکجانءِ يار زنده صحبت باقي، سو موڪلاڻي ناهي، يار زنده صحبت باقي!!!

[نوٽ: هيءَ ڳالهه ٻولهه **'روزاني ڪوشش'** 2006ع جي سالگرهه واري ايڊيشن ۾ شايع ٿيل]

# اخباري مضمون

# ساهي سفر هليا ....!!!

**محمد بخش ٽيٻو**
(لائق سنڌيءَ جو فرزند)

ڪي ماڻهو پنهنجي شخصيت ۾ سادگيءَ، اعليٰ عمل ۽ ڪردار ائين ڪٽي هلندا آهن، جو اُهي پنهنجي وجود ۾ هڪ اداري جي حيثيت رکندا آهن، سندن ڪردار گفتار توڙي طرز زندگي ڪنهن مشعل راهه کان گهٽ نه هوندو آهي اهڙا انسان پنهنجي سادگي ۽ عاجزيءَ مان ئي پڌرا هوندا آهن، جن جي صحبت ۾ گهڻو ڪجهه پرائي سگهبو آهي.

منهنجي خوش قسمتي ۽ خوش بختي اها چئبي جو مون پنهنجي ولادت وقت اک ئي هڪ اهڙي انسان جي ٻاجهاري جهوليءَ ۾ کولي، جنهن وٽ اخلاق جي اعليٰ زيور کان وٺي انسانيت وارا سمورا گڻ سندس سادگيءَ ۾ پيوست هئا. بيشڪ منهنجو اهو لائق فائق بابو سائين لائق سنڌي مون سميت منهنجي وڏي ادا محمد اسماعيل ٽيٻي، اسان جي ڀڻ ادين توڙي پوري گهر ۽ تر وارن لاءِ ڪنهن اداري کان گهٽ ڪين هو.

19 ڊسمبر 1943ع تي حاجي محمد اسماعيل ٽيٻي جي گهر ۾ جنم وٺندڙ سنڌ ڌرتيءَ جو خدمتگار، استاد، صحافي، اديب، سنڌي ٻوليءَ جو پارکو ۽ ڪيترين ئي خوبين سان مالا مال سائين لائق سنڌي سچ پچ ته پنهنجي نالي جيئان لائق انسان هو، جنهن تمام گهڻي سادگيءَ سان پنهنجي زندگي گذاري.

16 جنوري 2014ع نه صرف اسان گهر وارن لاءِ پر پوري سنڌي صحافت جي دنيا لاءِ اهو اياڳو ڏينهن هو جنهن ڏينهن اسان جي مٿي تان اُهو آڌت ۽ ٻاجهه ڀريو هٿ کڄي ويو ۽ منهنجي من جو سائين پيلارو بابا اسان کان هميشه جي لاءِ جدا ٿي ويو، هر اک آلي هُئي ۽ هر دل ۾ تڏو وڇايل هو.

مرڪڻو مهڪڻو ڳنڀير مزاج.مرڪ سان مٺين ڪي موچَ ڪنڌڙ هيءُ شخص پنهنجي دور جي سادگي جو اعليٰ مثال ئي ته هو. ٻڙ جي ڇانوَ ۾ ٻاروتڻ جا ٻاتا ٻول ڪيئن ٻوليندي هن سخن ور جي جهول ۾ گذاري زندگي جي جواني جا پيرا پيشاني تي ڪٽي هيءُ جو هيترو سفر گهلي اچ هتي پهتا آهيون.! تنهن جي ته خبر ئي نه پئي پر هينئر جڏهن فطري حقيقت ان سايي ڪي مٿي جي ياڪر ۾ ڏيئي مٿي ڪري چڏيو آهي ته ان ڳالهه جي سُڌِ پلي پت پيئي آهي ته زندگي ڪيئن نه هن شخص جي سادگي جو طواف ڪيو ٿي ۽ هن ان ئي زندگي جي لهس ڪي اتر جي اوت جي تاثير ۾ ڪيئن نه بدلائي اسان تائين انهن ڪوسن جهولن نٿي اچڻ ڏنو. هيءَ ته ڪلا جو اوتار ٿي زندگي ڪي سادگي جون ڇيرون پارائي رقص سيڪارينڌڙ ڪلا ڏٺي هو. جنهن وٽان ڪيترن پياسن زندگي ڪي جيئڻ سکيو. اوڪ ڏيئي ڏرتي پاران دان ڏنل ماٽهن جي حياتي اسونهن لاءِ واٽ ٿيندي آهي.

**لمحن جون سرگذشتون، پنهنجون ڪُرنَشُون ڪري اندر ۾**
**ڪرَ موڙين ٿيون.اڄ هُو ياد اچي ٿو!**

جهڙو اتر جي اوت جي پالوٺ هميشه ڏرتي ۾ مدفن ٿي ويئي هجي!. پر ائين ٿو لڳي ان جلترنگ جو پرتوو ميرانجِهڙي، ڊِپائَين مٿي ٻڪ مان نڪري آڪاس جو قد ماپيندي هجي

ساٽس گڏ گذاريل منهنجي زندگيءَ جا 31 سال، جنهن سان ننڍپڻ ۽ جوانيءَ جون ڪوڙ ساريون املهه يادون سلهاڙيل آهن، جيڪي وسرڻ جهڙيون ناهن ۽ اهي ئي يادون منهنجي لاءِ زندگيءَ جو اهم سرمايو آهن. هُن وٽ ڏيڻ لاءِ ڪو ڌن يا ڪا دولت ته نه، پر انسانيت جا سمورا گڻ هئا، سندن اٿڻي ويهڻي، زندگي گذارڻ جا طور طريقا هڪ قسم جو سبق پڙ هئا. مون انسانيت جي بنيادي الف — ب پنهنجي گهر ۾، پنهنجي بابي وٽان ئي سکي ورتي هئي، جيڪا منهنجي لاءِ فخر جهڙي ڳالهه آهي.

بابا سائين پيشي جي لحاظ کان پهريان پرائمري استاد هئا، پوءِ

ڊيپوٽيشن تي سائين حيدر علي لغاريءَ، حنان ميمڻ، فيض محمد نظاماڻي، پير بخش مررڙاڻي، ساجن مگڻهار سان گڏ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽنڊي ڄام ۾ مستقبل جي معمارن ۾ علم ۽ ڏاهپ جي شمع روشن ڪيائين، جنهن بعد ٽريننگ ڪاليج فار مين ۾ بہ رهيا ۽ اتان نڪرندڙ رسالي 'اخبار تعليم' ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر طور فرائض سرانجام ڏنائون. بابا سائين جن 1986ع ۾ سرڪاري ملازمت تان وقت کان اڳ رٽائرمينٽ ورتي ۽ پوءَ حيدرآباد مان نڪرندڙ روزاني اخبار 'آفتاب' جي نوجوانن واري صفحي 'سرجڻهار' جي سرواڻ طور صحافتي دنيا ۾ قدم رکندي، پنهنجو پاڻ کي هميشہ لاءِ صحافت ڏانهن منسوب ڪري ڇڏيو. هن اخبار جو ايڊيٽر پڻ بابا سائين جن جو ڳوٺائي ۽ دل گهريو مهربان شيخ علي محمد هو، جنهن جي مفيد مشورن سان بابا سائين جي صحافتي ميدان ۾ رهنمائي پڻ ٿيندي رهي. بدقسمتيءَ سان ڪن سببن جي ڪري 'آفتاب' اخبار جي بند ٿيڻ بعد بابا سائين صحافت کي جاري رکيو ڇاڪاڻ جو صحافتي زندگي سان جڙڻ تہ بابا سائين کي پريم ٿي ويو، ان حوالي سان سنڌ مان جاري ٿيندڙ مختلف سگهارين اخبارن 'عبرت'، 'ڪاوش'، 'ڪوشش'، 'سنڌ' ۽ ٻين ڪيترين ئي اخبارن ۾ بابا سائين صحافتي پيشي سان پلي پت نڀايو نہ صرف ايترو پر صحافت ۾ نور جي نچوڙ سان گڏ پريت جو پورهيو پڻ شامل ڪيو، اهوئي سبب آهي جو بابا سائين جو نالو صحافتي حلقي ۾ جُڳن تائين زنده رهندو.

بابا سائين هميشہ صحافت جهڙي مقدس پيشي سان پيار ۽ محبت ڪندي، سچائيءَ سان عوام جي خدمت ڪئي، ڇاڪاڻ جنهن بہ اخبار سان وابستہ رهيو ان اخبار جي ٻوليءَ جو خاص خيال رکندو هو. سنڌي ٻوليءَ تي حد کان وڌيڪ عبور حاصل هئس، هو جيئن منهنجي لاءِ ڇپر ۽ ڇانوَ هو اهڙي نموني سنڌ ڌرتيءَ جي ڪيترن ئي نوجوان صحافين لاءِ درس توڙي دعائن جي در جي حيثيت رکندو هو. بابا سائين

لاءِ ائين چوڻ غلط نہ هوندو تہ هُو ٻڙ جي وڻ جي مثال هو جيڪو پاڻ اُس کي بہ برداشت ڪري پر ٻين لاءِ ڇانو جو ذريعو بڻيو. باباسائين سادي ۽ درويش طبيعت جو مالڪ هو. جيڪڏهن ڪو بہ نوجوان صحافي وٽس ڪنهن رهنمائيءَ لاءِ ايندو هو تہ پاڻ صدقِ دل ۽ جان سان سندس رهنمائي ڪندو هو ۽ ان نوجوان جي همت افزائي پڻ ڪندو هو. سندس هر دوست دشمن امير غريب لاءِ گهر جو ۽ دل جو دسترخوان هميشہ کُليل رهندو هو. سندن قول ۽ فعل ۾ ڪڏهن بہ ڪو تر جيترو تفاوت ڪونہ نظر آيو.

بابا جو سڀ ڪنهن سان ميل جول ۽ گفتار ۾ اهڙو تہ جادو سمايل هوندو هو. جو ڪو بہ بابا سان جيڪڏهن هڪ ڀيرو ملندو هو تہ سندس ڪردار ۽ گفتار تي موهت ٿيندي، سندس دوست بڻجي ويندو هو ۽ انهيءَ ڪري بابا جا دوست ۽ چاهيندڙ تمام گهڻا آهن. ان ڳالهہ جي خبر تہ اسان کي اول ئي هئي، پر اسان عملي طور تي محسوس تڏهن ڪيوسين، جڏهن بابا جي جنازي نماز توڙي تدفين تي اسان جي ڏ ڪ جو ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ لاءِ هزارن جي تعداد ۾ پرين پيارا اسان وٽ ايندا رهيا. جن مان ڪيترائي ماڻهو اهڙا بہ هئا. جن بابا سان پوري زندگيءَ ۾ صرف ڪي گهڙيون گذاريون هيون.

بابا پنهنجي آخري ٽائيم ۾ جنهن اخبار ۾ پنهنجيون صحافتي خدمتون سرانجام ڏنيون، اها ڪوشش اخبار هئي، انهيءَ دؤران بابا سائين جي طبيعت خراب رهڻ لڳي. جنهنڪري اسين بابا کي ڳوٺ وٺي آياسين. جنهن تي بابا سائين ٿورو ناراض بہ ٿيو. پر پوءِ اسان جي گهڻي اسرار ڪرڻ ۽ آرام ڪرڻ لاءِ چوڻ تي بابا سائين اسان جي انهيءَ عرض کي مان ڏنو ۽ صحافتي زندگيءَ کي خيرباد ڪري مستقل طور تي ڳوٺ اچي رهيو. پر بابا سائين جو صحافت سان ايترو تہ عشق هو. جو صحافت ڇڏڻ بعد بہ هر هفتي يا پندرهين ڏينهن بعد پريس ڪلب حيدرآباد ڏانهن چڪر ضرور هڻندو هو ۽ سيني

صحافي دوستن سان روح رهاڻ ڪندو هو. اڄ جڏهن به پريس ڪلب واري رستي کان گذرڻ ٿيندو آهي يا ڪنهن به ڪم سانگي پريس ڪلب جي بلڊنگ جي اندر وڃڻ ٿيندو آهي، تڏهن بابا جي تمام گهڻي ياد ايندي آهي ۽ اکين ۾ پاڻي پيرجي ايندو آهي. مون کي اڄ به پريس ڪلب مان بابا جي خوشبوءِ محسوس ٿيندي آهي ۽ ائين لڳندو آهي ته ڄڻ بابا اتي موجود هجي. جڏهن پريس ڪلب جي ان ننڍڙي باغيچي ۾ پيل ڪرسين تي منهنجي نظر پوندي آهي، تڏهن ائين محسوس ٿيندو آهي ته ڄڻ اڄ به اتي بابا پنهنجي صحافي دوستن سان ويٺو آهي ۽ منهنجي اچڻ جو انتظار ڪندو هجي.

بابا سائين عمر جي آخري حصي تائين روزاني جي بنيادن تي سموريون سنڌي اخبارون خريد ڪري پڙهندو هو. سنڌ جا سمورا صحافي بابا سائين جو تمام گهڻو احترام ڪندا هئا ۽ بابا به ڪين تمام گهڻو قرب ڏيندو هو. بابا پنهنجي زندگيءَ ۾ سائين جي. ايم سيد، سائين صوفي نيپراج، سائين حيدر علي لغاري، غلام محمد گرامي، مومن مليرائي،حاجي حقير ابن مگڻ ،عبدالسبحان ميمڻ، شيخ علي محمد، عبدالواحد آريسر، ڪاڪي علڻ ٽيٻي سميت ٻين شخصيتن کان بيحد متاثر هو.

اڄ بابا کي اسان کان جدا ٿيندي پنج سال گذري چڪا آهن، پر پوءِ به الائي ڇو دل مڃڻ لاءِ تيار ناهي ته منهنجو دلبر بابا هميشه لاءِ اسان کان جدا ٿي ويو آهي. اسان پوري گهر جا ڀاتي اڄ به اهو ئي سمجهون ٿا ته پاڻ اسان کان فقط جسماني طور تي جدا ٿيو آهي، پر روحاني طور تي هميشه اسان سان گڏ آهي ۽ سندن ٻاجهه ڀريو هٿ اسان جي مٿان هميشه رهندو. (آمين)

[روزاني `ڪوشش‘ ۾ ڇپيل]

# سائين لائق

## احمد خان شيخ

ثابت لنگهيا سير، لهرن لوڙهيا ڪينڪي،
وڃي پهتا پار ڪي، نرتئون منجهان نير،
ماءُ پهتا مير، پار لنگهيائون ٻاجهہ سين.
(شاهہ)

سنڌڙي سونهاريءَ سدائين اَملهہ ماڻڪ پيدا پئي ڪيا آهن، جن پنهنجي خداداد صلاحيتن سان هن پلاري پوڙهي جي ماڻهن جي دل ۾ جان، پيار ۽ محبت سان خدمت ڪئي آهي ۽ انهيءَ ڪري اهي پنهنجا نالا تاريخ جي سُنهري اکرن ۾ لکرائي ويا آهن. انهن سدا سڀاجهڙن ماڻهن ۾ ڳوٺ موري منگر جو لائق ڏنو (سائين لائق) پٽ حاجي محمد اسماعيل ٽيپو بہ هڪ هو جيڪو پوءِ هلي 'لائق سنڌي' يا 'سائين لائق' جي نالي سان سڃاڻجڻ لڳو. ڪيترائي ماڻهو کيس 'محمد لائق' بہ سڏيندا هئا.

جيئن تہ سندس وڏا مخدوم سرور نوح جا مريد هئا، جن ڪي پنهنجي مرشد جي خدمت ڪندي فقيريءَ جي وٿ ملي ۽ پوءِ هي 'درس فقير' سڏجڻ لڳا. انهيءَ فقيريءَ جو اثر سائين لائق تي بہ پيو ۽ هن پنهنجي سڄي ڄمار ماڻهن سان پيار، محبت، نياز ۽ نوڙت سان گذاري ۽ هن محبتي ماڻهوءَ سان ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي هڪ دفعو ملاقات ٿيندي هئي تہ هو هميشہ لاءِ سائينءَ جو دوست بڻجي ويندو هو.

سائين لائق، منهنجو دوست هئڻ سان گڏوگڏ استاد پڻ هو، تنهنڪري آئون تہ کيس هر وقت سائين چئي مخاطب ٿيندو هوس، پر ٻيا دوست بہ سائين لائق کي سندس محبت ۽ بلند اخلاق سبب سائين لائق ئي چوندا هئا ۽ ڪنهن بہ تقريب يا دعوت ۾ سائين لائق ايندو هو

تہ هر ڪو ڪيس اٿي نهايت ادب ۽ عزت سان سلام ڪندو هو ۽ پنهنجي جڳهہ ڇڏي ڪيس ويهڻ لاءِ عرض ڪندو هو.

جيئن تہ سائين لائق بنيادي طور پرائمري استاد هو جنهنڪري بزرگ استادن، خاص طور تي سائين حيدر علي خان لغاري ۽ سائين صوفي نيپراج سوٿهڙ جي صحبت ۾ اهڙو تہ رڱجي ويو جو سنڌ جا ڏاها ۽ دانشور بہ ڪانئس سنڌي ٻوليءَ جي ڏکين لفظن جي معنيٰ ۽ شاهہ جي ڪلام جي ڪنهن بہ سٽ جي نہ ايندڙ معنيٰ ۽ سمجهاڻي پُڇندا هئا.

سائين لائق سنڌي ٻوليءَ جو وڏو ڄاڻو ۽ شاهہ صاحب جي ڪلام جو تہ پارکو هو. مگر خاموش طبيعت ۽ سادگيءَ سبب سائينءَ کي اها پذيرائي نہ ملي، جنهن جو سائين حقدار هو. اهڙي پذيرائي سائين جي شاگردن کي ضرور ملي. سائين لائق وٽ علم ۽ ادب جو جيڪو ذخيرو هو. جيڪڏهن هو چاهي ها تہ ڪيترائي ڪتاب لکي ڇڏي ها، مگر سائينءَ اهو نہ ڪيو. هن کي جيڪو علم هو اهو هن نوجوانن ۽ پنهنجي شاگردن ۾ ورهائي ڇڏيو جيڪي اڄ وڏا اديب، دانشور ۽ تعليمي ماهر سڏجن ٿا. مون جهڙي ڏڏ ماڻهوءَ کي بہ هن سڄاڻ ماڻهن جي صف ۾ آڻي ويهاريو.

جيئن تہ 1971ع کان آئون سائينءَ جي صحبت ۾ رهيس، جڏهن تہ عمر جي لحاظ کان سائين مون کان وڏو هو ۽ هن جا ان وقت ٻيا همعمر دوست بہ هئا، جن ۾ سائين پير بخش مرزاڻي، سائين فيض محمد نظاماڻي ۽ ٻيا شامل آهن. انهن دوستن سان بہ سائينءَ جا گهرا تعلقات رهيا، مگر مون کي تمام ويجهو رهيو. ڪا راز نياز جي ڳالهہ هوندي هئي تہ سڀ کان پهريائين مون سان اوريندو هو. ڪيڏانهن گهمڻ ڦرڻ لاءِ بہ اڪثر گڏ ٿي ويندا هئاسين. 23 مارچ 1974ع تي جناب شيخ علي محمد صاحب جڏهن آفتاب اخبار ڪوڪر محلي حيدرآباد مان ڪڍي تہ آئون ۽ سائين لائق رات جي شفٽ ۾ ڪم ڪرڻ لڳاسين. ڇاڪاڻ تہ سائين لائق ڏينهن جو ماستري ڪندو هو. اتان

جڏهن ڊيوٽي ڪري ايندو هو تہ پوءِ گڏجي آفتاب اخبار جي دفتر ويندا هئاسين. جيئن تہ سائين منهنجو سنڌي پرائمريءَ ۾ ڪجھ وقت استاد بہ رهيو هو انڪري ان هتي بہ منهنجي تمام گهڻي رهنمائي ڪئي، جنهنڪري ٿوري وقت ڪانپوءِ مون کي ’آفتاب‘ اخبار جي ٻاراڻي صفحي جو انچارج بڻايو ويو.

بهرحال آفتاب اخبار هجي، پريس ڪلب هجي يا سکر سانگهڙ جو دؤرو هجي، هميشہ سائين ۽ آئون گڏ رهياسين، جنهنڪري اسان کي ماڻهو بہ دوست نہ پر بہ ڀائر سمجهندا هئا ۽ اڪثر ائين چوندا هئا تہ ’جوڙي سلامت هجي.‘ جيئن تہ سائين لائق نہ رڳو هڪ سٺو استاد، صحافي ۽ اديب هو، پر هو هڪ سٺو شاعر بہ هو. هو جڏهن سنڌي ادبي سنگت موري منگر شاخ جو سيڪريٽري هو تہ هو اتي پنهنجي شاعري بہ ٻڌائيندو هو. سائين لائق بنيادي طور تي قومپرست هو، جنهنڪري هن 1986ع ۾ وقت کان اڳ ماستريءَ تان اهو چئي استعيفيٰ ڏني تہ: ”هڪ سنڌي نوجوان لاءِ جاءِ خالي ڪيان ٿو.“ سائين لائق جيئن تہ سگريٽ ۽ چانھ پيئڻ جو وڏو شوقين هو، سائين لائق ۾ ايتريون تہ صلاحيتون هيون، جو ماستريءَ واري دؤر ۾ اڪثر ڪري ڪيس ڏاها استاد پنهنجي سيڪنڊري اسڪولن ۾ وٺي ويندا هئا. حيدرآباد ۾ ماسترن واري ٽريننگ ڪاليج ۾ بہ سائين حيدر علي لغاريءَ وٽ نوڪري ڪيائين ۽ اتي هو استادن لاءِ نڪرندڙ ’اخبار تعليم‘ جو اسسٽنٽ ايڊيٽر بہ رهيو. جناب شيخ علي محمد جڏهن ’سينيٽر‘ چونڊيو ويو تہ ان وقت بہ سائين لائق سماجي ڪمن بابت تمام سٺا مشورا ڏنا. سائين لائق جي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان محبت ايتري هئي، جو وٽس بہ پئسا هوندا هئا تہ سنڌي ڪتاب يا رسالن خريد ڪرڻ ۾ دير نہ ڪندو هو. هوئن بہ هو اخبارن ۽ ڪتابن پڙهڻ جو شوقين هو. جنهنڪري روزانو ٿيلهو اخبارن جو وٺندو هو. حيدرآباد ۾ هوندا هئاسين تہ چانھ پيئڻ کان اڳ اخبارن جي اسٽال تي وڃي سڀ

اخبارون وٺي ايندو هو. سائين لائق فڪري حوالي سان سائين جي. ايم سيد جو پوئلڳ هو جنهنڪري هن سائين جي. ايم سيد جي جلسن يا گڏجاڻين ۾ هميشه شرڪت ڪئي. هو هونئن ته هر انسان سان محبت ڪندڙ هو پر شهيد ذوالفقار علي ڀٽي، شيخ علي محمد ۽ ڪاڪي علڻ خان ٽيٻي سان ڪيس تمام گهڻي محبت ۽ عقيدت هوندي هئي. سائين لائق جا صحافي برادريءَ ۾ لالا رحمان سمون، رشيد راڄڙ، اقبال ملاح، علي حسن، محمد حسين، نياز پنهور، جئي پرڪاش، جعفر ميمڻ، خالد ڪوڪر، سهيل سانگي ۽ مدد علي سنڌي دوست هئا، جن سان سائين جون سدائين ڪچهريون ۽ بحث مباحثا رهيا. ڪڏهن به ڪنهن سان ناراض نه ٿيا، هميشه باغ بهار رهيا.

سنڌ صوفين ۽ درويشن جي ڌرتي آهي. سائينءَ تي به پنهنجن استادن جو اثر پيو ۽ هن جو به صوفي ازم ڏانهن لاڙو هو جنهنڪري هو اڪثر اوليائين ۽ صوفي بزرگن جي مزارن تي ويندو هو ۽ انهن بزرگن ۽ درويشن جو ڪلام دلجوئيءَ سان نه صرف ٻڌندو هو پر هن ان پيغام تي عمل به ڪيو. منجهس نڍي وڏائي توڙي رنگ ۽ نسل جو ڪوبه فرق نه هوندو هو. سائين لائق هڪ مڃيل استاد هو جنهنڪري معاشري ۾ اڄ به ڪيس تمام وڏي عزت جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. سائين لائق جا ڪيترا شاگرد اڄ به وڏن سرڪاري عهدن تي ڪم ڪري رهيا آهن، جن ۾: عبدالسبحان ميمڻ، ڊاڪٽر بيڪارام ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن. سائين لائق سخي انسان به هو. هن وٽ به پئسا هوندا هئا ته ضرورتمندن تي خرچ ڪرڻ ۾ دير نه ڪندو هو. پوءِ ڪٽي ڪيس گهر کان آفيس تائين پنڌ ئي ڇونه وڃڻو پوي، منهنجو ۽ سائين لائق جو سڄي زندگيءَ ڪو حساب نه رهيو پوءِ خبر ناهي ته ڪير قرضي هو پر هاڻي آئون سندس قرضي آهيان ۽ سندس اهو ڏنل قرض سندس ياد تازي ڪندي لاهيندو رهندس. آئون سائين لائق جي ٿورن جي کهڙي ڳالهه ڪريان. پريس ڪلب جي چونڊن ۾ اميدوار طور بيهان يا ڳوٺ جي مڪاني ادارن جي

چونڊن ۾ بيهان، سائين لائق جي ننڍ ڦٽي ويندي هئي، جيسين آئون اليڪشن ۾ ڪٽي نہ اچان ۽ سائين هار نہ پارائي. جڏهن ڪا واندڪائي ملندي هئي تہ سائين لائق چوندو هو تہ احمد خان! هل تہ ٽنڊي قيصر سائين روشن شاهہ ۽ سائين فيض نظاماڻيءَ سان ڪچهري ڪري اچون. پوءِ اتي سائين عبدالحسين نظاماڻيءَ سان بہ ملي وٺندا هئاسين. ڪو شهر يا ٻاهر جو ماڻهو حيدرآباد گول بلڊنگ وٽ اچي ۽ شيخ علي محمد صاحب ۽ اسان ٻن سان نہ ملي تہ هو چڻ حيدرآباد آيو ئي ڪونہ هو. سائين لائق ڳوٺ ۾ سائين نيپراج ڪانپوءِ ناني بقادار ٽيٻي، ڊاڪٽر عبدالعزيز عمراڻي، فقير محمد علي اوٺي، محمد امين ٽيٻي سان بہ ڪچهري ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن چوندو هو. سائين لائق شام جي وقت ڳوٺ ۾ والي بال راند بہ کيڏندو هو.

سائين لائق ۽ آئون ڪيترا ڀيرا شهيد پٽي جي مزار تي حاضري ڏيڻ وياسين. جيئن تہ زندگيءَ ۾ ڪيئي سرديون ۽ گرميون اچن ٽيون. اسان جي ڳوٺ موري منگر ۾ بہ جڏهن اليڪشن جا ڏينهن ايندا هئا تہ پوءِ اسين شيخ علي محمد سان گڏ هئڻ سبب مختلف تڪليفن ۾ بہ آياسين، پر شيخ صاحب جو ساٿ نہ ڇڏيوسين. سائين لائق تمام شريف، خدا ترس ۽ ايماندار انسان هو. ڪڏهن بہ ڪنهن سان ڏاڍو يا تکو نہ ڳالهايائين. جنهنڪري هر ماڻهو سندس وڏي عزت ڪندو هو.

سائين لائق جتي وڏن سان محبت ڪندو هو اتي ٻارن سان بہ ڪيس تمام گهڻي محبت هئي ۽ اسان جي اوطاق تي اسماعيل ۽ جانيءَ جا ٻار ايندا هئا تہ هو نہ صرف انهن کي خرچي ڏيندو هو بلڪ مون کي چوندو هو تہ انهن کي دڙڪا نہ ڏيو ۽ پاڻ ڪرسيءَ تان اٿي انهن کي ڪٽندو هو ۽ پرچائيندو هو.

بهرحال سائين لائق الله لوڪ ماڻهو هو. اسان کان جلد سندس جدا ٿي وڃڻ سبب خاص ڪري منهنجو وڏو نقصان ٿيو آهي. مون کي

زندگيءَ ۾ هڪ وڏو واقعو اسماعيل جي اغوا ٿيڻ جو پيش آيو ان ۾ بہ سائين لائق مون سان هر گهڙي گڏ رهيو ايتريقدر جو پنهنجي پريس جي نوڪريءَ تان هٿ کڻي مون سان گڏ سُور سليندو هو.

ان کانپوءِ هڪ ٻيو واقعو مون کي پيش آيو جنهن ۾ نوجوان اشتياق کي شهيد ڪيو ويو ان ڏُکي گهڙيءَ ۾ بہ سائين لائق مون کي اڪيلو نہ ڇڏيو. آئون سمجهان ٿو تہ سندس جدا ٿي وڃڻ سان جتي سندس فرزندن جو وڏو نقصان ٿيو آهي، اتي منهنجون بہ ٻئي ٻانهون ڄڻ ڀڄي پيون آهن ۽ پنهنجو پاڻ کي هاڻي هڪ اڌورو انسان سمجهان ٿو جيسين جيئرو هوندس. سندس يادون ستائينديون رهنديون. الله پاڪ کيس پنهنجن پيارن جو پاڙو نصيب ڪري ۽ مون کي ۽ سندس محبت ڪندڙن کي صبر جي توفيق سان گڏ سندس ٻاريل شمع کي قائم ۽ دائم رکڻ جي همت ۽ طاقت ڏي. آمين.

# جيءَ ۾ جادو جاڳائڻ وارو شخص!

**حسن مجتبيٰ**

هُو شهر ۾ سڀني کان پهرين پهچڻ وارو شخص هوندو هو. اخبار وارن کان به پهرين، باک سمي کير کڻي ايندڙ گهوڙي گاڏين کان به پهريان.... هو صبح جي پهرين جهونڪي جيان هو ائين لڳندو هو ته هو رات جي پڇاڙي ڪري صبح جو سوجهرو ڪرڻ وارو شخص هو.

لائق ٽيبو يا لائق سنڌي، سنڌي اخباري دنيا ۾ سائين لائق جي نالي سان سڃاڻڻ وارو هيءَ عجيب انسان سنڌي صحافت جو هلندڙ ڦرندڙ اسڪول، ۽ سنڌي زبان ۽ تاريخ جو جيئرو جاڳندو انسائيڪلوپيڊيا هو. هو واقعي به هڪ قصه گو شخص هو. ڪهاڻي در ڪهاڻي ۽ ڳجهيون ڪهاڻيون ڄاڻڻ وارو شخص.

منهنجي صحافت جي ابتدائي ڏهاڙن ۾ مون کي منهنجي دوست سُهيل سانگي نصحيت ڪئي هُئي، جڏهن توکي شهر ۾ ڪٿي به خبر نه ملي ته تون سائين لائق وٽ هليو وڃجان جڏهن به ڪٿي به خبر نه ملي ته سائين لائق وٽ تنهنجي لاءِ ايڪسڪلوسيو خبر هوندي، هڪ اسڪوپ هوندو هو ۽ اڪثر ڪري ائين ئي ٿيندو هو. ائين به ناهي ته سائين لائق منهنجي خبرن جو ذريعو هوندو هو.

خبرون ته بس بهانو هونديون هيون شروع شروع ۾ سائين لائق سان گڏ ويهڻ سان ياري باشي خاطر.

هُو سنڌ جو عاشق هو. بلا جي جمالياتي حسن جو ڏٺي.

اها به عجيب ڳالهه هُئي ته اڪثر عاشق ماڻهو حُسن جا متوالا هوندا آهن. پر ڪيترائي حسين ماڻهو سائين لائق جا چاهڻ وارا ۽ متولا هوندا هُئا. هُو بقول ڪلاسيڪي سنڌي ڳائڻ جي جيءُ ۾ جادو جڳائڻ“ وارو ماڻهو هو. مان اهڙن حسينن کي سنڌ جا ”قومي سهڻا“

سڏيندو هوس، جن جا نسل وري سائين لائق جي چاهڻ وارن ۾ شمار ٿيندا هُئا.

مٿي تي سنڌي ٽوپي، هٿ ۾ پلاسٽڪ شاپر، جنهن ۾ سنڌي، اردو، انگريزي اخبارون ۽ رسالن جا ٿها پيل هوندا هُئا ۽ گولڊ ليف سگريٽ ”ڏيئي مان ڏيئي“ ٻارڻ جيان ڏکائيندو هو جيئن پروين ٻوبي دکائيندي هُئي يا جيئن بقول سنڌي شاعري جي.

سگريٽ سان ئي ڏينهن ٻري،
سگريٽ سان ئي رات،
تيلي دکائڻ جو مشغلو،
جيئن ڪو ڏيئو ٻري،
يا جيئن ڪوئي منهنجي اندر،
آهستي آهستي ٻرندو رهيو آ.

مان سائين لائق سان پوڳ ڪندي چوندو هوس تہ گولڊ ليف جي پاڪيٽ تي ڇپيل مارڪ واري شخص جي جاءِ تي تنهنجي تصوير هُجڻ گهربي هُئي، مان هُن سان اهو بہ مذاق ڪندو هوس تہ گولڊ ليف جي پاڪيٽ تي جيڪو سُنهري مس سان دستخط ٿيل هو، اهو ڏٽيءَ جو دستخط لڳندو هو، چين سموڪر سائين لائق گلي جي ڪينسر ۾ مري ويو، هُن جي گلي ۾ کھڙيون کھڙيون ڪهاڻيون، گيتن وانگر آبشارن جي صورت ۾ نڪرنديون هيون، ائين لڳندو هو جڻ سائين لائق جي رڳن ۾ خون نہ پر قلم جي سياهي گردش ڪري رهي آهي، ڪهاڻي در ڪهاڻي، اندروني ڪهاڻين جون بہ ڪهاڻيون.

ائين لڳندو هو، هُو اخبارن جي لاءِ خبرو گڏ نہ ڪندو هو پر سنڌ جي تاريخ جي سينڌ ستارن سان پريندو هو. سائين لائق ٽنڊي ٻهاول ۽ شاهہ بندر ۾ ماريا ويندڙ نوجوانن جي قتل عام جي خود تحقيق ڪئي هُئي، مان اُن سان گڏ ٻنهي واقعن جي شڪار ماڻهن جي وارثن سان ملڻ ويو هُئس، سائين لائق سنڌي اخبارن ۾ پروف ريڊر بہ هو ۽

سنڌي پرنٽ ميڊيا ۾ ٻوليءَ جي نوڪ پلڪ سنوارڻ جو بيڙو بہ هُن پنهنجي ڪُلهن تي کڻي ورتو هو. سنڌي ٻوليءَ جي هڪ بہ غلط حرف يا چُڪ تي هُن جو ڪوبہ سمجهوتو نہ هوندو هو.

ائين لڳندو هو تہ هو اخبارن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جو مسيحا هُجي ٻي جان لفظ هُن جي سامهون ڳالهائڻ لڳندا هئا، روشن ٿي ويندا هُئا.

هُو ٻڌائيندو هو تہ ڪيئن نہ بينظير ڀٽو جي پهرين دؤر اقتدار ۾ لفظ سنڌ جي انگريزي ۾ هِجي Sind هوندي هُئي، جيڪا هُن جي وزير اعظم کي خط لکڻ کان پوءِ سرڪاري طور درست هِجي ڪري Sindh لکجڻ لڳي هُو بہ لاهور جي بابا نظام وانگر سنڌي ۽ مُلڪي صحافت ۾ حالتن جو رڪارڊ ڪيپر هو. ڪيترن ئي انقلابين جي دائي.

هُو ٽنڊو ڄام هاءِ اسڪول ۾ استاد رهيو ۽ پوءِ صحافت ۾ آيو، نوجوان نسل هُن جا چاهيندڙ هُئا. هُو ون يونٽ تحريڪ ۽ سنڌي ٻولي قومي ٻولي تحريڪ جو حصو پڻ رهيو هو. هُن جو تعلق هڪ اهڙي ڳوٺ سان هو، جنهن مان هر وقت گلابن جي خوشبو ايندي هئي. اهيو هڪ الميو آهي تہ هاڻي اهڙي ڳوٺ جي گلابن جي خوشبوءِ ۾ خون ناحق جي بدبو بہ شامل ٿي چُڪي آهي. اِهو الميو شايد سڄي سنڌ جو آهي. پوري ملڪ جو آهي.

[نوٽ: هيءَ تحرير **’بي بي سي اردو سروس‘** لاءِ حسن مجتبيٰ لکي، جنهن تان ترجمو ڪري **’روزاني عبرت‘** ۾ ڇپي وئي.]

’روزاني عبرت، حيدرآباد‘ 15 فيبروري 2014ع

# سنڌيون ڪاهوڙين خبرون ...
# سائين لائق سنڌي

**اسحاق مگريو**

هو پهرين فقير هو، پر هو پڙهيو لکيو هجڻ ڪري فقيريءَ مان استاد ٿيو ۽ پوءِ وري جڏهن صحافت ۾ آيو ته به هو استاد ئي رهيو. هن ڪيترن ئي صحافين کي آڱر مان جهلي صحافت سيکاري، اهو ئي سبب هو جو هن کي سنڌ جي صحافين جو وڏو انگ 'سائين لائق' چئي سڏيندو هو. هن وقت کان اڳ ۾ نوڪريءَ تان استعيفيٰ فقط ان ڪري ڏني، ته جيئن هن جي جاءِ تي ڪو بيروزگار نوجوان نوڪريءَ ۾ ڪچي سگهي. هن جي مزاج ۾ جيڪا نياز مندي هئي، ممڪن آهي ته ان جو سبب هن جي گهراڻي کي مخدوم نوح سرور وٽان مليل گودڙيءَ واري اها امانت هجي، جنهن جي حوالي سان پيرائتي جيڪا ڳالهه موري منگر جا رهواسي ٻڌائين ٿا، تنهن ۾ هو چون ٿا ته سائين لائق تي پنهنجي ڏاڏي فقير لائق ڏني جو نالو رکيل هو. فقير لائق ڏنو مخدوم نوح سرور جو فقير هو. هو روزانو پنهنجي ڳوٺ موري منگر مان مخدوم نوح سرور لاءِ هالا تائين پنهنجي مينهن جو کير کڻي ويندو هو. روايت آهي ته هڪڙي دفعي مخدوم نوح سرور لائق ڏني فقير کي چيو ته توکي ڇا گهرجي؟ فقير چيو ته جنهن گودڙيءَ 'پراڻي رلي' تي توهين ويٺا آهيو، بس! اها ئي ڏيو. اها گودڙي سائين لائق سنڌيءَ جي گهر ۾ تبرڪ طور محفوظ ٿي رکيل آهي.

صحافتي ڪم، ڪيترن ئي وزيرن ۽ ڪامورن سان دوستي ۽ تعلق جو سبب بڻبو آهي. انڪري سائين لائق جي پڻ ڪيترن ئي اهڙن ماڻهن سان واسطيداري هئي، پر سائين ڪڏهن به ڪو ذاتي فائدو حاصل ڪرڻ وارن مان نه هو. هو هميشه فقيري انداز ۾ رهندڙ هو. هو پنهنجي پگهار اخبارون وٺڻ ۽ سگريٽن تي خرچ ڪندو هو. هو روزاني سموريون اخبارون خريد ڪندو هو پوءِ اهي ڪيترن ئي ڏينهن جون اخبارون پلاسٽڪ جي ٿيلهيءَ ۾ وجهي پيو هلندو هو. جڏهن ٿيلهي

ڪٿان ٽٽي پوندي هئي تہ هو ان مٿان ٻي چاڙهي چڙيندو هو. اهڙيءَ ريت سائين لائق جي هٿ ۾ ڪنيل اخبارن جو ٿهو ڪيترين ئي پلاسٽڪ جي ٿيلهين ۾ ويڙهيل هوندو هو.

سائين لائق جنهن بہ اخبار ۾ رهيو، ان اخبار جي سنڌيءَ جي درستگيءَ جو ڪم بہ ڄڻ سائين لائق جي ذمي هوندو هو. نوجوان سب ايڊيٽر ٻوليءَ جي معاملي کي گهٽ اهميت ڏيندا رهيا آهن، پر سائين پنهنجي ڪم ڪانسواءِ اهڙيون درستگيون بہ ڪندڙ هو. هڪ دفعي مونکي پيان سعيد آباد لکڻ لاءِ چوندي، سمجهاياائين تہ ان شهر ۾ سيد ۽ پيان رهندڙ آهن، ان ڪري متفق طور تي ان شهر جو نالو پيان سيد آباد رکيو ويو.

ساڳئي ريت وڏيڪ مثال ڏيندي چيو هئائين تہ قنبر علي خان بہ ائين ئي آهي، هڪ پاسي قنبر آهي ۽ ٻي پاسي علي خان آهي، جنهن کي گڏائي قنبر علي خان سڏيو ويو. هو جيترو سنڌي ٻوليءَ جو ماهر هو، اوترا وري هن جا اکر بہ سٺا هوندا، هو سنڌ جي ڄڻ انسائيڪلوپيڊيا هوندو هو. ان ڪري شهرن، ذاتين، قبيلن، راڳين ۽ درگاهن بابت درست نالا ۽ ٻي معلومات ڏيندو رهندو هو. هو ماڻهن جي ايڙهين پيڙهين جي ڄاڻ رکندڙ هو، هو رڳو فقيري مزاج نہ پر صوفي مزاج وارو بہ هوندو هو. سنڌ جي رواداري ڪو هن کان سکي.

هن ڪڏهن بہ پنهنجي ڪنهن واقفڪار جو ڪو مرٽو يا پرٽو نہ ڇڏيو. پروفيسر حيدر علي لغاريءَ جو شاگرد ۽ دوست هوندو هو. ان ڪري هن ڪڏهن بہ پنهنجي علم جي معتبري ظاهر نہ ڪئي ۽ انتهائي سادگيءَ سان رهندڙ هو. هو عاشق بہ وڏو هو. عشق عبادت سمجهي ڪندو هو. تنهنڪري انهيءَ عشق واري لغار لڱل هئڻ سبب هو ماڻهن سان ڏاڍو پيار ڪندو هو.

اسين هير آباد ۾ ڪجهہ دوست گڏجي هڪڙي گهر ۾ رهندا هئاسون، اسان جي گهر ۾ فقط هڪڙو ئي وهاڻو هوندو هو. پوءِ روزاني

آيل مهمان مان جيڪو وڏيڪ معتبر لڳندو ته اهو تاريخي وهاڻو ان مهمان جي حوالي ٿيندو هو. هڪ دفعي سائين اسان جو مهمان ٿيو.

عزيز جان بلوچ انهيءَ رات اهو عظيم وهاڻو سائين لائق جي حوالي ڪيو. سائينءَ چيو بابا! وهاڻو مون کي ڪونه ٿو کپي. باقي رڳو بتي وسايو پوءِ ڏسو ته ٻانهون ڪيئن نه وهاڻا ٿي وڃن ٿيون. عام سنڌي ماڻهوءَ وانگر سائينءَ کي به سنڌ جي چورن ۽ چورن جي مشهور وارداتن سان تمام وڏي دلچسپي هوندي هئي ۽ اهڙن چورن ۽ انهن جي وڏين ڪارروائين جا قصا اهڙي ته انداز ۾ سائين ٻڌائيندو هو. جو نوجوان صحافي وات ڦاڙي سائينءَ جون ڳالهيون ٻڌندا هئا.

سائينءَ وٽ سنڌ جي سمورن سياستدانن جا ڪيئي قصا ۽ کهاڻيون ٻڌائڻ لاءِ هوندا هئا. چانهه مٿان چانهه، سگريٽ مٿان سگريٽ ۽ سائينءَ جون ڳالهيون. سائين وٽ پيل ماچيس ۾ اڪثر ريجو پيل هوندو هو. جنهن زماني ۾ چار آنا ۽ اٺ آنا به اهم سڪا هوندا هئا، ته سائينءَ جي ماچيس واري دٻيءَ ۾ ان خزاني جي ڪا به کوٽ نه هوندي هئي. سائين جي رهائش جي حوالي سان به هڪ ڳالهه تمام خاص هوندي هئي، جو ان جي ائڊريس هر ڪنهن کي نه ڏيندو هو سواءِ ان جي جيڪي سائينءَ جا پنهنجا هئا. هونءَ ته سائين سڀني کي پنهنجو سمجهندو هو پر پرائيوسيءَ وارو حق هو پاڻ وٽ سدائين محفوظ رکندو هو. سائين کان آفيس ۾ مفت سگريٽ پيئڻ وارا سيڪڙات موالي به وڏو فائدو وٺندا هئا ۽ سائينءَ جي سگريٽ جي ونڊ ائين پئي هلندي هئي. اڄ جڏهن سائين اسان سڀني کان هميشه جي لاءِ موڪلائي ٻي پار هليو ويو آهي، ته سچ به اسين سڀ هڪ اهڙي استاد کان محروم ٿي ويا آهيون. جنهن سان هر ملاقات هڪ تربيت هوندي هئي، سائينءَ جهڙا ماڻهو ڪڏهن به دلين تان نه ٿا ميسارجي سگهجن ۽ سائين به اسان جي روح ۾ سدائين رهندو.

’روزاني سنڌ ايڪسپريس، حيدرآباد‘ 19 جنوري 2014ع

# محبتن جو نانءُ سائين لائق سنڌي

**فدا فاروقي**

سائين لائق سنڌي حياتي جو نانءُ آهي، وچوڙو سنڌ ۾ سينيئر صحافي تہ کوڙ آهن، پر لائق سنڌي نہ رڳو سينيئر صحافي هو پر هو سنڌ جي ان مٽيءَ مان نهيل هو جنهن جو وجود ۾ صرف سنڌ سمايل هئي، هو موهن جي دڙي جي اها تاريخ هو جنهن ۾ ڌرتي جي سچاٽپ، محبت ۽ ان سان گڏو گڏ هو سادگيءَ جو اهڙو حسين مجسمو هو جنهن کي دنيا جي تاريخ ۾ ڳولڻ ڏاڍو مشڪل هوندو آهي، اڄ ڀاڻ هن فاني دنيا ۾ ناهي رهيو پر سندس يادگيريون ۽ ساروڻيون اسان کان ڪيڏانهن بہ ناهن ويون، سندس سنڌ پرست عاشقانہ روح هميشہ سڄي سنڌ جي وجود کي سنڌي ٻولي جي صحيح صورتخطي سمجهائڻ ۾ مصروف عمل هو، آئون سمجهان ٿو تہ سائين لائق سنڌيءَ پنهنجي سڄي ڄمار ۾ سڀ کان وڏو ڪم اهو ڪيو تہ سنڌي ٻولي برقرار رکڻ ۽ سنڌي نوجوانن کي سنڌي ٿي رهڻ جو تدريسي عمل ڏيڻ جي ۽ هن پنهنجي سموري حياتي جيڪا نيازمندي ۽ مهمان نوازي ڪري اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ هن شخص جو وجود هڪڙي ماڻهوءَ جو نہ پر سڄي سنڌ جي تاريخ سندس وجود جي آئيني ۾ نظر ايندي هئي، هن شفيق شخص رڳو پنهنجي اولاد تي ڏيان نہ ڏني، پر هن هر سنڌي نوجوان کي پنهنجي اولاد مثل ڀانيو ۽ باقاعده جيڪڏهن حقيقت کي بيان ڪجي تہ سائين لائق سنڌي باباءِ سنڌ هو هو سنڌ جي نوجوانن جو روحاني پيءُ هو هو هڪ پرائمري ٽيچر نہ پر مادر علميءَ جي حوالي

سان يونيورسٽيءَ جو درجو رکندڙ شخص هو. سندس ڇپر ڇانوَ هيٺ جيڪو رهيو، ان شخص سندس چند لمحن جي عيوض ايترو پرايو هوندو جو هو، پاڻ کي علم جي بلند اخلاق جي فضيلت جي دائري ۾ ضرور محسوس ڪرڻ لڳو هوندو.پر هن شخص جي صحبت سنڌ جي عوامي شاعرن استاد بخاري ۽ اسحاق راهي جهڙن شاعرن سان هئي ته وري صحافتي حلقي ۾ ڏسجي ته هو ”آفتاب“ جي باني شيخ علي محمد، شيخ اعجاز ۽ قاضي عابد جهڙن پڙهيل لکيل ماڻهن کي به سندس موجودگيءَ جو احساس وٺندو هو. هنن به ڪيس کي ڪڏهن به پاڻ کان پري نه رکيو. باقي هن جي واسطيداري جو ذڪر ڪبو ته پوءِ مون کي هڪ ڪتاب صرف سندس تعلقاتي محب ماڻهن جي نالي جي حوالي سان لکڻ لاءِ سرجڻو پوندو.

سچ اهو آهي ته سائين لائق سنڌي منهنجو نه رڳو استاد هو، پر روحاني والد به هو. هو جڏهن لاڙ اچي مون کي چوندو هو ته ”مونکي لاڙ جي ڇانورن جي مانيءَ سان گڏ لسي گهرجي نه پکي ٽا کپن نه ڪڪڙ، نه وري ڪي شاهي طعام، بس آئون لسي سان ڇانورن جي ماني کائيندس“.

هل! اهي ڏينهن ساوڻ جون تيز برساتون ڳوٺ ۾ بجلي نه هئڻ ڪري، راتيون گُهگهه اونداهي واريون، ڪچي اوطاق”بتي جو برڻ ۽ لالٽين جي هيڊي پيلي روشني ۾ چاڪي چمڙن جي ڦڙ ڦڙ ۽ ڪچهري جا مزا. هڪ ڀيرو سائين مون وٽ ترسيل هو. ڪچي گنمب جي اوطاق ڪمزور هئي، اوچتو رات جو زبردست برسات وسي پئي، اوطاق جي ڪرڻ جو انديشو محسوس ٿيڻ لڳو. مونکي چيائين بابا فدا! مونکي خبر نه هئي ته لاڙ ۾ ايڏيون تيز برساتون ٿيون اچن ۽ آئون هليو آيس،

لسي سان چانورن جي ماني کائڻ، هاڻي ماڳهئين ٿي ماني مهانگي پئي، مون چيو تہ سائين! توهان بہ عجيب مذاق ڪري ونندا آهيو. چيائين بابا هي اوطاق هاڻي هلي ويندي بس مون ۽ ابن ڪلهوڙو دير ئي نہ ڪئي، ڪٿون بسترا فورن طور تي ڪٽي ڳوٺ ۾ موجود پرائمري اسڪول جي پڪي بلڊنگ ۾ وڃي رکياسين ۽ پوءِ ڪجھ شانتي محسوس ٿي ۽ واقعي انهي رات واري برسات ۾ اها اوطاق ڊهي پئي هئي. صبح جو ناشتي ڪرڻ مهل سائين چيو تہ جيڪڏهن مڙسي نہ ڪريون ها تہ اڄ پاڻ شايد نہ هجون ها!! هل زمانا اها ڳالھ اڄ ساڳئي ثابت ٿي تہ سائين لائق اڄ اسان سمورن کان پري هليو ويو آهي.

خدا جي قدرت ۽ پاڻ ۾ ڳنڍيل عشق تہ ڏسو جڏهن هڪ اخبار ۾ بيماري جي خبر پڙهيم تہ چيم تہ بس حيدرآباد وڃان ٿو بس انهي ئي ڏينهن اهڙو بخار بيماري بڻجي آيو جو ذري گهٽ مري بچو آهيان ۽ مسلسل بہ مهينا بسترو نہ ڇڏيم. ان عرصي ۾ سائين لائق سنڌي، وقت جي لمحن سان گڏجي نہ چاڻ اهڙي منزل طرف ويو هليو جو گهٽ ۾ گهٽ زندھ رهي سندس سنڌ جي مٽي جهڙي وجود جي خوشبوءِ کي چمي نٿو سگهجي ۽ اها حسرت ڏاڍي اڻ پوري ٿي رهجي وئي.

❀

# سائين لائق ٽيبو :لائق استاد ۽ لائق دوست

## مٺل جسڪاڻي

سائين لائق ٽيبو (لائق سنڌي) ٿوري دير اڳ سدائين لاءِ خاموشي اختيار ڪري وڃي ابدي ننڊ ستو. سندس آخري ديدار اڄ (خميس 16 جنوري 2014ع) شام 7 وڳي جنازي نماز بعد حيدرآباد لڳ موري منگر ۾ ممڪن آهي.

سائين لائق ڪي آئون 1972-1973ع کان پهرين استاد جي حيثيت ۾، پوءِ دوست جي حيثيت ۾، تنهن کان پوءِ صحافي جي حيثيت ۾ سڃاڻان...

سائين جو ملڻ، پاڪر پائڻ، ڇهنڊڙيون هڻڻ، اڄ به ياد اٿم. سائين وٽان ملندڙ پنهنجائپ ٻين ٿورن استادن مان ملي...

سائين سدائين ڪل مک، مهربان، سونهين جي حيثيت ۾ رهيو. پر زماني جي ڪمن ڪارين سبب ملندي سال به گذرندا رهيا. سائين جيستائين اسڪول ۾ هو گهٽ ملڻ ٿيندو هو ۽ سندس رويو به صرف مهربان استاد وارو ئي هو. سائين جڏهن اسڪول مان بدلي ٿي ويو ته سندس ملڻ جو انداز استاد سان گڏ شفيق مائٽ جو رويو به رهيو. پر اڳتي هلي اهو رشتو دوستي جي بنڌڻن ۾ ٻڌجي ويو. سائين وٽ گهڻو ملڻ روزاني آفتاب حيدرآباد جي پريس ۾ ٿيندو هو. جتي هو سدائين پنهنجي ڪرت ۾ مشغول هوندو هو. شروع ۾ صرف ڪاتب طور ڏسندا هئاسين پوءِ پروف ريڊر طور به ڏٺم. هفتيوار ادبي صفحي ”سرجڻهار“ جو انچارج به سائين رهيو. تنهن دوران به سندس سلامي پربي هئي، شيخ علي محمد ڪانپوءِ ڪجهه عرصو آفتاب اخبار هلي، پر نيٺ بند ٿي وئي، تنهن ڪري سائين سان منهنجو ملاقاتون، ساڻس رستي هلندي يا

وري پريس ڪلب ۾ ٿيون، جڏهن تہ آفتاب اخبار ڪانپور، روزاني سنڌ، عبرت، ڪاوش ۽ ڪوشش ۾ بہ سائين ڪم ڪيو.

سائين لائق جهڙا مهربان، شفيق، ڄاڻ جا ڀنڊار، شاگردن تائين پنهنجي ڄاڻ، پنهنجو علم پهچائڻ وارا استاد تمام گهٽ رهيا آهن، سائين جي دوستي بہ عجيب ۽ غريب بنا لوڀ ۽ لالچ واري. اسان دوست تہ ڪڏهن ذاتي ڪم سان بہ وجي نڪرندا هئاسين، پر مون کي ياد نہ آهي تہ سائين لائق ڪڏهن ذاتي ڪم سانگي آيو هجي؟ جڏهن تہ مختلف سالن ۾ آئون اهڙن هنڌن تي پنهنجا فرائض انجام ڏئي چڪو آهيان، جتي صحافي پاڻ اچي نڪرندا هئا، ڪڏهن ڪنهن اشتهار لاءِ ڪڏهن خبرن لاءِ...

سائين لائق جون گهڻيون ڳالهيون ذهن تي ائين پيون اچن، جو لکندو وڃان،.... سائين لائق صرف منهنجو سائين نہ، تمام گهڻن جو سائين آهي، سائين کي گهڻا اهڙا بہ سائين چوندا آهن، جيڪي پاڻ بہ سائين آهن، سائين سڌبا آهن، سائين لائق وڏي حلقي واري شخصيت جو ڌڻي آهي، سندس واسطو رابطو گهڻ ڀلائي تمام ننڍڙي صحافي کان نالي وارن صحافين، ڪالم نويسين، لکيڪن، دانشورن، اديبن، شاعرن، ساڃاهہ وندن سان رهيو.

سائين لائق جي لائق رويي سبب، جيئن هو پاڻ هر شخص کي مان ڏيندو هو ان کان مان وٺندو بہ رهيو.

سائين لائق جهڙن منڙن ماڻهن جي سدائين لاءِ خاموشي گهڻن جو اکيون آليون ڪندي آهي، اڄ صرف اکيون ئي آليون نہ هونديون، پر ڪي اکيون تہ نيسارا ڪري وهنديون. لائق استاد ۽ لائق دوست سائين لائق سنڌي، (لائق ٿيبو) جي مغفرت ۽ پونئرن جي صبر لاءِ تمام گهڻيون، هيڪانديون دعائون.

’روزاني عبرت، حيدرآباد‘ 17 جنوري 2014ع.

# وڙائتو وينجهر: سائين لائق

**وفا رضا**

سنڌيءَ ٻوليءَ صحافت جو منفرد نانءُ سائين لائق سنڌي ٻه راهه رباني تي ويو سائين لائق سان منهنجي پهرين ملاقات تڏهن ٿي جڏهن هو آفتاب اخبار ۾ هوندو هو ۽ منهنجون اٽپوريون لکڻيون سنواري انهن کي اخبار ”سرجٽهار“ صفحي ۾ ڇپيندو هو ائين هڪ ڏينهن آئون حيدرآباد اچي پهتس، گول بلڊنگ وٽ آفتاب اخبار جي آفيس ۾ سائين سان ملڻ لاءِ جيئن ئي نوڙيس ته سائين ٻانهن کان وٺي پاڻ ڏانهن ڇڪي پاڪر ۾ پريندي‌ءَ چيو سهڻا ڀلي ڪري آئين ۽ پوءِ ڳچ وقت تائين سائين سان ڪچهري ڪيم، منجهند جي ماني سائين ڪارائي، ائين تي پوءِ جڏهن حيدرآباد اچڻ ٿيندو هو ته سائين جي حاضري ضرور ڏبي هئي، سائين لائق جون محبتون ئي مون کي صحافت جي دنيا ۾ وٺي آيون، آئون جڏهن جاڳو اخبار ۾ نوڪري لاءِ ڪراچي پئي ويس ته پهريائين سائين لائق وٽان ٿيندو پوءِ ڪراچي ويس سائين ان ڏينهن مون کي اخباري آفيس جي جهان بابت گهڻيون ئي سمجهاڻيون ڏنيون.

سائين لائق گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو، سائين سان گڏ مون روزاني سنڌ ۽ روزاني عبرت ۾گڏجي ڪم ڪيو، اهي ڏينهن ۽ راتيون ڪيڏيون نه پياريون هونديون هيون، سنڌ اخبار مان ڪاپي ڏيڻ ڪانپوءِ اڪثر اسان جي ڪچهري سائين لائق جي آشياني تي ٿيندي هئي، جتي لالا رحمان سمون، امداد سومرو، اسحاق مڱريو، صادق ابڙو، جئه پرڪاش مورائي ۽ ٻي سنگت رات جي پوئين پهر تائين روح رهاڻ ڪندي هئي ۽ ان رهاڻ ۾ وڏيڪ رنگ تڏهين پرجي ويندو هو جڏهن پيارو ارشاد گلاباڻي ٻه ڪراچي مان ڪهي ايندو هو، بس پوءِ واه واه ٿي ويندي هئي.

پري کان پڌرو سائين لائق جنهن وٽ سدائين اخبارن جو ٿهو پلاسٽڪ جي ٿيلهي ۾ هوندو هو. سائين لائق هجي ۽ سگريٽ ڪٿن، سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي، سائين جي ڄاڻ سڃاڻ توڙي معلومات وڏي هوندي هئي، هو جڏهن بہ ڪچهري ۾ ويهندو هو تہ الائجي ڪٿان ڪان ڪٿي وڃي نڪرندو هو ان جي ياد گيرن بابت ڪوڙ سارا پنا لکجي سگهجن ٿا، صحافين، سياستدانن، اديبن، شاعرن، فنڪارن، استادن، توڙي ٻوليءَ بابت وڏي معلومات رکندو هو. هو وڏو پارکو ماڻهو هو. سنڌس اکر بہ موتي جي داڻن جيان هوندا هئا. سائين لائق آفيس ۾ هوندي ڪڏهن گهر فون تي ڳالهائيندو هو تہ سلپ تي نمبر لکي چوندو هو هي نمبر آهي آپريٽر کان وٺو تہ جئين گهر ڳالهائيان ۽ پوءِ سائين پنهنجي هٿ اکرن سان لکيل نمبر وارو پني جو ٽڪرو کيسي يا وري ماچيس ۾ رکندو هو. پڇا ڪرڻ تي چوندو هو بابا پنهنجي شين کي سنڀالي رکڻ گهرجي، پوءِ اها اخبار هجي، ڪتاب هجي يا وري پنهنجي ئي هٿ سان لکيل ڪو اکر يا انگ.

هو واقعي سنڀال لهڻ وارو سائين هو. هو جڏهن سنگت سان ڪجهہ ڏينهن نہ ملندو هو تہ دوست کيس ساريندا ۽ پڇائون پيا ڪندا هئا. نيٺ کيس ڳولهي وڃي پريس ڪلب ۾ هٿ ڪبو هو جتي هو ڪنگهندي کيڪار ڪندو هو. سنڌ اخبار جي نوڪري وقت جڏهن پرڪاش ۽ آئون جي او آر ڪالوني ۾ رهندا هئاسين، آفتاب قاضي ۽ وزير اوڏ بہ اتي ئي رهندا هئا. جتي پڻ اسان جي اڱڻ تي سائين لائق ايندو هو رات جو دير تائين ڪچهري ڪري وري صبح جو سوير جاڳڻ وارو سائين لائق اشارن ۾ چوندو هو چانهہ جو ڪو بندوبست آهي؟ ۽ پوءِ آئون جهٽ ڪري رڌڻي ۾ وڃي چانهہ جا بہ ڪوپ ٺاهي هڪ سائين کي ڏيندو هئس ۽ موٽ ۾ سائين وري مون کي سگريٽ آڇيندو هو.

سائين لائق ڪم جي حوالي سان ڪوتاهي برداشت نہ ڪندو هو ۽ اسان پارن سيڪڙاٽ ماڻهن کي سدائين سمجهاڻيون ڏيندو هو.

قصو ياد ٿو پئي ته هڪ ڏينهن جيئن ئي سنڌ اخبار ۾ ڊيوٽي تي پهتاسين ته خبر پئي ته لالا رحمان سمون استعيفيٰ ڏيئي ويو آهي، جنهن سڄڻ جي معرفت اخبار ۾ آياسين تنهنجي هليو وڃڻ جو ٻڌي مون به ڪٽي سلپ ڪنئي ۽ استعيفيٰ لکڻ لڳس ته اوچتو ڪنگهڪار ٿي، پٺتي نهاريم ته سائين لائق بيٺل هو. منهنجي اها لکيل اڌپوري استعيفيٰ ڪڻندي چيائين سهڻا ايڏي تڪڙي چڱي ناهي ۽ پوءِ هو مونکي نيوز روم مان سرڪيوليشن واري ڪمري ۾ وٺي ويو. جتي هن سمجهائيندي چيو ته بابا پاڻ هجون يا نه هجون پر ادارا هئڻ گهرجن، لالا صاحب جي وڃڻ جو مون کي به ارمان آهي، پر پاڻ کي اخبار به ته ڪڍڻي آهي ۽ پوءِ هن منهنجا اهي لکيل ڪجهه اکر منهنجي ڪيسي ۾ وجهندي چيو في الحال هي رک اڳتي ڏٺو ويندو.

سائين لائق راڳ جو به وڏو پارکو ماڻهو هو. هڪ ڀيري ضلعي ڪائونسل وٽ پياري دوست محمد علي ڪوسي جي پائرن جي فليٽ تي ڪچهري ٿي جنهن ۾ سائين لائق، لالا رحمان، جئه پرڪاش، محمد علي ڪوسو، آئون ۽ فقير الياس ٻرڙو گڏ هئاسين، جتي الياس فقير جيڪو صوفي راڳي هو. تنهن جڏهن شاهه لطيف، سچل سائين، حمل فقير، پير اعجاز ۽ سائين احمد شاهه لڪياري جا ڪلام ڳايا ته سائين لائق چيو ابا الياس فقير کي ته ريڊيي تي اچڻ کپي ۽ پوءِ هن الياس فقير کي چيو ٻيهر جڏهن به حيدرآباد اچو ته مون کي ٻڌائجو ته گڏجي ريڊيي تي هلي سنگت کي چئبو ته توهان کان به آئٽم ڳارائين، جنهن تي الياس فقير چيو ته سائين اهي ته اوهان جا وڏا وڙ ٿيندا.

سائين لائق کي جڏهن به وجهه ملندو هو ته هو ٽنڊي آدم به ڪهي ايندو هو جتي محمد علي ڪوسي جي اوطاق تي مانڊاڻ مچندي هئي ۽ هو الياس فقير کان راڳ ٻڌندو هو.

ذڪر راڳ جو نڪتو آهي ته مون کي اها رات به ياد آهي ته جڏهن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي سالگره جي موقعي تي هڪ

فنڪشن ٿيو هو اسان عبرت اخبار جي ڪاپي ڏيئي جيئن ئي ريڊيي تي پهتاسين ته سائين لائق اتي اڳ ۾ ئي موجود هو جنهن ملڻ سان گولڊ ليف جو سگريٽ ڏيندي چيو اڄ عابده پروين تو واري دوست جو ڪلام ٻڌائيندي، مون چيو سائين ڪهڙو ڪلام ۽ ڪهڙو دوست؟ جنهن تي سائين مسڪرائيندي چيو ته ايتري تڪڙ چڱي ناهي بس ڪجهه گهڙيون انتظار ڪر، ائين عابده پروين جڏهن اسٽيج تي آئي ته ان جي شانائتي آجيان ڪئي وئي، عابده پهريون ڪلام مس پورو ڪيو ته پنڊال مان هڪ گيت جي فرمائش ٿيڻ لڳي، جنهن ڪانپوءِ عابده پروين ”هِن جنم هُن جنم جو وچن ٿو ڪيان“ ڳائڻ شروع ڪيو ته سڄو پنڊال جهومڻ لڳو ۽ انهن گهڙين ۾ ارشاد گلاباڻي جي جهومر ٻه ڏسڻ وٽان هئي، ڪلام جي پڄاڻي تي سائين کي چيم اسحاق ڪهڙو؟ مڱريو يا سميجو جنهن تي سائين چيو اها شاعري اسحاق تنيي جي اٿئي،

اڄ اهو منڙو سائين لائق سنڌي اسان وٽ موجود ناهي رهيو پر سندس محبتون ڪچهريون ۽ سمجهاڻيون سدائين ياد رهنديون. سائين کي سارينديي جڏهن هي ڪجهه اکر لکڻ ويٺس ته منهنجي نظر سائين پاران سندس هٿ اکر ۾ لکي ڏنل هنن ٻن سٽن تي پئي.

چڱا ڪن چڱايون، مَدايون مَٺن،
جو وَڙَ جَڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪَن!

’روزاني عبرت، حيدرآباد‘ 19 جنوري 2014ع

# لائق سنڌي : چنڊ لهي ويو

**مير اعظم ٽالپر**

هن هفتي مون پنهنجي مضمون جو عنوان ”پرين جي پچار“ رکيو هو پر طبيعت خراب (گردي ۾ تڪليف) سبب لکڻ ۾ دير ٿي وئي ۽ ان وچ ۾ سنڌي ٻولي جو ماهر علم ادب ۽ تعليم وارو سائين لائق سنڌي اسان سڀني کي ڇڏي ملڪ عدم هليو ويو جتان ڪو به واپس نه موٽيو آهي، مون هن سنڌي زبان جي پارکوءَ کي ان وقت ڏٺو هو جڏهن هو ٽنڊو ڄام جي اسڪول ۾ استاد بڻجي آيو. منهنجو اخبار سان واسطو پراڻو هو ۽ آئون ڪرڪيٽ ليکڪ طور سڃاڻپ رکندو هئس. هن مون کي هڪ ڏينهن آفتاب اخبار وٺي هلي، سائين شيخ علي محمد کي چيئي آفتاب اخبار لاءِ هفتيوار اسپورٽس جو صفحو ”راندين جي دنيا“ ڪڍرايو ۽ ائين آئون آفتاب اخبار ۾ اسپورٽس انچارج بڻجي ويس، جتي اڳ واري سنگت امتياز علي اوستو مشتاق مسرور باريجو زاهد سمون سائين احمد خان شيخ ۽ محترم محمد بخش جور موجود هئا.

آئون جنهن به وقت پريس ۾ ويندو هوس ته سائين پنهنجي مخصوص ۽ مسڪراهٽ واري انداز سان سگريٽ مٿ تي رکي چوندو هو ته اچي ويو”مير ڪرڪيٽ“ پر آفتاب اخبار بند ٿيڻ بعد هو مختلف ادارن ۾ رهيو. هو عبرت ۾ هو ته ڪل ٻوڳ ۾ چوندو هو ته اخبار ۾ ڀاري سهاري پيو ڏيان، ڏٽي در دعا آهي ته سائين لائق کي الله جنت ۾ جاءِ عطا ڪندو سائين جي جنازي نماز (آخري سفر) ۾ عبرت جي وڏي سٽ ۽ سائين جئه پرڪاش، امداد سومرو، حميد ابڙو ۽ ٻيا ڪيترائي سندس دوست منل جسڪاڻي، ناز سهتو، سهيل سانگي، اسحاق مگريو، تعلقه حيدرآباد ڀراڙي جو پيپلز پارٽي جو صدر مير شير محمد خان ٽالپر ۽ راقم سميت هزارين آلين اکين سان سوڳوار شريڪ هئا.

آفتاب اخبار ڪانپوءِ تازو عبرت ۾ ڪم ڪندڙ صحافي عبدالستار شيخ به دل جي دوري سبب گذاري ويو. جيڪو پڻ سائين لائق واري ساڳي قبرستان يوسف شاهه (موري منگر) ۾ مٽي ماءُ حوالي آهي هت هڪ دلچسپ ڳالهه ياد اچي ٿي ته عبدالستار شيخ آفتاب اخبار ۾ گلزار ڀائي جو اسسٽنٽ هو ۽ هي اخبار ۾ اڪائونٽ سنڀاليندو. سو هڪ دفعي اتفاق سان (شايد شهر ۾ ڪرفيو هو) مون ڪائنس ڏهه روپيه ڪليا گهريا. جيڪي هن وٽ نه هئا پوءِ ته جڏهن به ملندو هو ته ڏهن روپين جو ذڪر ٿيندو هو ۽ آخري ملاقات عبرت ۾ ڪجهه مهينا اڳ ٿي ته هن کي ڏنو مون ڪيس چتائي ڏنو ته سائين شايد سمجهي ويا هوندا؟ ان تي ڪافي ڳالهين ۾ هن اهو به اظهار ڪيو ته ڪاش شيخ صاحب ڪيس ڪو سرڪاري روزگار ڏياري ها. جيئن هن ٻين تي مهربانيون ڪيون هيون. هت اهو ڏيان ۾ رهي ته منهنجي سائني لائق سان آخري ملاقات سينيئر صحافي احمد خان شيخ جي پٽ جي تعزيت وقت ٿي هئي، ان ڪانسواءِ رسمي ۽ دنياوي طرح سان سڀ ڪو آيو ۽ ڪلهي ڪانڌي ٿي منهن ڏسي آخري ديدار ڪري هليو ويو.

بقول هڪ عقلمند شخص جي ته "جيڪا ڳالهه اڄ آهي سا سڀاڻي نه هوندي ۽ سڀاڻي واري ڳالهه ۾ پرينءَ اها تيزي نه هوند" مطلب ته وقت جي وهڪري ۽ ماضي جي اونداهي ۾ سڀ ڪجهه ڏند ۾ غائب ٿي وڃي ٿو ۽ رهن ٿيون وڃي رڳو ان جون يادون جيڪي پوءِ آهستي آهستي هي يادگيريون ماضي جو حصو بنجي وڃن ٿيون. ليڪن جيستائين لائق سنڌي منهنجي زندگي ۾ ماضيءَ جو حصو بڻجي مون سڀ ڪان ڀهرين سندس هٿن تي ٿيل ڪتابت ۽ پينٽنگ واريون سڀ اهي اخبارون ڪڍيون جن ۾ هن منهنجن مضمونن کي ڪتابت ڪيو هو يا مضمونن کي پيسٽ ڪيو هو ۽ ان ڪان سواءِ منهنجا راندين جا اهي هفتيوار صفحا تلاش ڪيا. جيڪي لائق سنڌي جي فرمائش ته

”راندين جي دنيا“ نالي باقاعده هفتيوار اسپورٽس جي شڪل ۾ پهريون دفعو هڪ سنڌي اخبار ۾ شايع ٿيڻ لڳو هو.

ان کان اڳ مضمون ضرور شايع ٿيندا هئا. هتي هڪ دلچسپ واقعو ياد آيو آهي. هڪ دفعي لائق صاحب جي غير موجودگيءَ ۾ مون پنهنجي ليکي خود پيسٽ ڪندي سنڌس رکيل سامان مان مضمون کي زبردست باڊر ڪڍي ناهي خوبصورت نموني پيسٽ ڪيو ۽ جڏهن سائين لائق اچي ڏٺو ته هڪدم مذاق ۾ چيائين ته مير صاحب هي باڊر هڪ پرائيوٽ ڪمپني جا آهن ۽ ان لاءِ مخصوص آهن. ڪنهن به ليک ۾ نه لڳندا. بهرحال سائين جي هٿ سان پيسٽ ڪيل پراڻيون اخبارون ڪڍي اکيون پوري هڪ لمحي لاءِ اهو خيال ڪيم ته سائين مٽين مٿي هيٺيان آهي. پر ائين ٿو لڳي جڻ منهنجي پاسي ۾ شيشي واري ٽيبل تي پيسٽنگ پيو ڪري ۽ آئون سنڌس پر ۾ ويٺو آهيان“.

’روزاني سڪار، حيدرآباد‘ 20 جنوري 2014ع

# جن پروڙيو پاڻ ۾...

**ذوالفقار هاليپوٽو**

گذريل ڪجهہ ڏينهن جون اخبارون ڪيترن ئي شخصيتن جي ورسين ۽ سالگراهن جون سرخيون ڪٽي نروار ٿيون آهن. سائين جي ايم سيد، فاضل راهو شهيد، استاد بخاري ۽ ڪيترائي ٻيا نالا ۽ ڪردار، ڪن سياست ۾ فقيري رنگ سان پنهنجو اثر ڄمايو تہ ڪن شاعريءَ جهڙي پيغمبري ڪم سان روح گرمايا. ڪن عوامي انداز سان لوڪ کي موهي وڌو تہ ڪن فڪري ۽ تخليقي ڍنگ سان سنڌ کي مالا مال ڪيو. محور سيني جي پورهئي جو سنڌ رهندي آئي. رڳو گذريل ٻن ٽن ڏينهن جو اخبارون ڏسي خيال آيو تہ ڪيئن نہ سنڌو جي ٽج مان سرڪ هٽندا، مٿيءَ جو ماڻ مٿانهون ڪندا ڪيترا نہ با ڪمال ڪردار هن وطن ۽ قوم کي نصيب ٿيا آهن ۽ اڄ ايتري بحرانن ۽ طوفانن جي هوندي، تڪرارن ۽ دشمنن جي لوڌ هوندي بہ سنڌ شايد انهن ڪردارن جي پورهئي، ڪمٽمينٽ ۽ عشق جي ڪري بچي پئي آهي، هو ايندا وڃن ۽ پنهنجو نور نچوئي هلندا وڃن دنيا فاني آهي رهڻو ڪوبہ ناهي، سواءِ پورهئي جي سو هو بنا ڪنهن لالچ، لوڀ، نفعي ۽ نقصان جي سنڌ لاءِ پورهيو ڪندا هلندا وڃن.

متان ٿين ملور، ڪين اڳاهون آهيان،
ڏسڻ ۾ ڪر ڏور حد ٻنهي جي هيڪڙي. (لطيف)

هڪڙا اميدي ۾ تہ ٻيا فقيري ۾، هڪڙا پريءَ ۾ تہ ٻيا پاڪر ۾، پنهنجي پنهنجي حصي ۾ ڪم ڪندا، بس هڪ ٻئي پٺيان هلندا وڃن. سنڌ تان سر گهوريندڙ هڪڙو اهڙو يگانو ڪردار سائين لائق سنڌي سنڌ کي گهڻو ڪجهہ ڏيئي، اسان کان ڌار ٿي ويو. ان نياڳي صبح جي شروعات ۾ ڏينهن وانگر گهرجي اڳڻ ۾ هاڪر پاران اڇلايل

اخبارون پڙهڻ، انٽرنيٽ تي خبرون ڏسڻ، فيس بڪ ۽ اي ميل چيڪ ڪرڻ سان ٿي رهي هئي، پيشوراڻي ڪم جو به گهڻو لاڳاپو لکڻ پڙهڻ سان آهي، تنهنڪري ڄاڻ جي انهن ذريعن تي ئي سڄو ڏينهن اک رهي ٿي، اڃا ڪجهه وقت گذريو ئي هو ته ناز سهتي جي فيس بڪ تي آيل هڪ پوسٽنگ دل جهوري وڌي، پوسٽنگ سائين لائق ٽيٻي جي وڇوڙي بابت هئي، پوسٽنگ ڄڻ ته تعزيتي ۽ مرثئي جي "ڄاڻ" ڏيڻ جو ذريعو بڻجي وئي، ڪجهه گهڙين ڪانپوءِ مرتضيٰ سيال ۽ ڊاڪٽر ظفر عباسي مهينو کن اڳ سائين لائق سان ٿيل ڪچهري ۽ ان ڪچهري جا نڪتل فوٽ اپ لوڊ ڪيا، اڃا انهن تصويرن مان وجهي ماضي جي يادگيرين جا صفحا ڦلوريا ئي نه هئا ته مراد شاهه بکيرائي ۽ پياري وفا رضا جا ليک اڇي اکين اڳيان پهتا، سائين لائق کي ويجهو رهندڙ دوست ٽربيوٽ پيش ڪرڻ شروع ڪيو. سنڌي صحافت جو يگانو ڪردار درويش ۽ پنهنجي جونيئرز سان انتهائي پاٻوهه سان پيار ڪندڙ هڪ استاد هڪ دوست سنڌ امڙ جي هنج ۾ هميشه لاءِ آرامي ٿي ويو.

جن دوستن جو سائين سان استاد، صحافي ۽ اديب جي حيثيت وارو تعلق هو تن چيو ته سائين ٻوليءَ ۽ صحافت جي انسائيڪلوپيڊيا هو، ڪن لکيو ته سائين لائق کي سنڌي ٻوليءَ تي عبور حاصل هو ۽ سنڌ جي پراڻن خاندانن بابت سائين تمام گهڻي ڄاڻ رکندو هو. ڄاڻ جي ان انتهائي تيز اوزار وسيلي ڪلاڪن اندر سائين لائق جي جدائي جي خبر سائين لائق سان شناسائي رکندڙ انهن سيني ماڻهن تائين پهچي وئي، جن جو ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان سائين سان واسطو رهندو آيو هو. سائين جي گهران تدفين لاءِ ڄاڻ آيو ۽ آئون پنهل ساريي، جاويد سوز هالائي، ۽ ستار زنگيجي کي ساڻ ڪري موري منگر پهتس، اتي ڪيترائي دوست اڳ ۾ ئي موجود هئا ۽ سائين لائق جي زندگي جي ڪيترن ئي پاسن تي ڳالهائي رهيا هئا.

منهنجي نظر ۾ سائين هڪ گهڻ رنگي ۽ گهڻ رخي شخصيت هو. سائين هڪڙي هلندڙ ڦرندڙ ڊائريڪٽري هو. هو هڪ اهڙو غير

معمولي ۽ غير رواجي شخص هو. جنهن جا ڪيترن ئي نسلن سان دوستاڻا واسطا هئا، مثال طور منهنجو والد به ڪيس دوست سمجهندو هو. منهنجي والد ڪان پوءِ واري ٽهي ۾ به ڪيس دوستي وارو درجو حاصل هو. ائين هو سنڌ ۾ پنهنجي نماڻي ۽ ٻاجهاري طبيعت جي ڪري هر ماڻهو کي پنهنجو ويجهو دوست تصور ٿيندو هو. ڪيترن ئي دوستن کي ان سائين لائق بابت گهڻي ڄاڻ آهي، جيڪو موري منگر مان بدين اسٽاپ يا فتح چوڪ تي فورسيٽر ۾ چڙهي اچي گول بلڊنگ وٽ روزاني آفتاب اخبار جي دفتر ۾ لهندو هو يا وري حيدر چوڪ تي گهمندي ڦرندي نظر ايندو هو. اهو سائين لائق سنڌي جيڪو هڪ اهڙي حيدرآباد جو رهواسي هو جنهن جي پسگردائي سياسي فهم توڙي سماجي سرگرمين ۾ شاهوڪار هوندي هئي، ان شهر ۾ سائين لائق بابت گهڻا قصا ته انهن ڳوٺن ۽ پسگردائي ۾ رهندڙ ماڻهن وٽ ئي آهن، ٽنڊي نوڙهي جا مرزا ڇا ٿا ڪن، شهر جا قاضي صاحبان ڪهڙا سياسي فيصلا ڪرڻ وارا آهن، ٽنڊي مير محمود جي ميرن برادران جي من ۾ ڇا آهي، پيرڻ شريف جا جيلاني پير ڇا سوچي رهيا آهن، شهر جي اردو ڳالهائيندڙ جا ان دؤر جا اڳواڻ نواب مظهر ۽ مولانا وصي مظهر ندوي پنهنجي ذهنن ۾ ڪهڙي آند ماند رکن ٿا، ڪهڙن ماڻهن جا ڪهڙن نون ماڻهن سان واسطا وڌيا آهن، شهر جا مرڻا پرڻا ڪهڙا آهن، اڄ امامن جا پڙ ڪٿان نڪرندا، اڄ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻي ڪهڙي ڳوٺ ۾ آهي، ڪنهن دؤر ۾ حيدرآباد شهر جي روحاني قائد مولانا نوراني ڪنهن جي گهر ترسندو، شهر جو نئون ڊپٽي ڪمشنر ڪهڙو اچي رهيو آهي، ڪهڙي اهڙي ڄاڻ هئي جيڪا سائين لائق ٽيٻي کي اڳواٽ نه هجي؟! سندس ڄاڻ جو ڪمال پاسو اهو هو ته هو انهيءَ سموري معلومات کي تمام زبردست سائنسي نموني سان شعبن ۾ ورهائي مختلف مزاحن جي صحافين، ڪالم نگارن، ايڊيٽرن ۽ اخباري مالڪن سان ائين ٽڪرن ۾ شيئر ڪندو هو. جو هر ڪو ائين محسوس

ڪندو هو تہ ڪين ڪا ايڪسڪليوزو خبر ملي آهي، ترن ۽ تڪن بابت غضب جي ڄاڻ هوندي هئس، خبر جي پوئين پاسي ڏيان هوندو هئس، سندس تنقيدي اک ايتري ميچوئر جو ڪيترائي دوست خبر ۾ ”اينگل“ سمجهڻ يا ڏيڻ جو ڏانءُ سائين لائق کان سکيا. مون کي ياد آهي تہ جڏهن 2007ع ۾ ڪوثر پٽي صاحب شهيد پٽو جي ٽڪيٽ تان اين اي 122 تي قومي اسيمبلي جي اميدوار طور ميدان ۾ نڪتو تہ مقابلي ۾ پيپلزپارٽي جو سيد نويد قمر ۽ نواز ليگ جو مير حيدر ٽالپر هئا. بظاهر ڪوثر پٽي صاحب جي چونڊ مهم زورن تي هئي ۽ لڳي ائين رهيو هو تہ مقابلو زبردست ٿيندو تہ جا ڪيترائي با اثر وڏيرا پهوڙ، ٽيبا، جتوئي، ڪاتيار، ٽالپر، مگسي، نظاماڻي، جهيجا، شيخ ريحان جا ميان وغيره، ڪوثر صاحب جي ورڪ ۾ رڌل هئا. موري منگر ۾ ٿيل هڪڙي جلسي ۾ مون کي ٻانهن مان جهلي چيائين تہ ”ذوالفقار پيپلز پارٽيءَ جي وڏيرن جو آهي اڄو مٿو پر بابا تعلقو حيدرآباد پيپلز پارٽي جو ويٽنام اٿئي، ڪوثر کي چئو تہ پ پ لاڙڪاڻو هارائي سگهي ٿي، تعلقو حيدرآباد نہ تنهنڪري ٻڌائينس تہ خرچ مڙئي گهٽ ڪري.“

سائين لائق نہ رڳو صحافت ۽ سياست پر گڏو گڏ عوامي سمجهہ ۽ ڏاهپ جي فيض تي آگر رکي هلندڙ بلاجو انٽراپالاجسٽ هو طبيعت ۾ ٽڏائي هجڻ ڪري تر جا وڏيرا بہ سندس دوست تہ مولائي اديب ۽ صحافي بہ سندس ساٿي شهر جي ڪنهن دڪاندار يا سيٺ سان ملو تہ اهو بہ سائين جو واقف، تہ ٻئي پاسي سي آءِ ڊي وارا بہ سائين جا مداح. فقيري طبيعت رکندڙ هڪ اهڙو شخص جنهن گهر جي ٻچن کي بہ بکيو رکي پرديسين ۽ سنگتين کي ويلا ڪارايا. ان وقت حيدرآباد شهر جا ڏهہ ٻارنهن قديمي پاڙا هئا ۽ چند نالي وارا سنڌي گهراڻا هئا، هيڏانهن ٻي ڪنڊ تي شيخ علي محمد پنهنجي ٽڏي طبيعت سان پيو سوچيندو هو تہ پنهنجي سياسي حيثيت کي ڪيئن وڌائجي، اسان جا گهر آفتاب اخبار جي پوئين گهٽين ۾ هئا ۽ ڏسندا هئاسين

تہ سائين لائق ڪڏهن بہ شيخ صاحب کي ڪا غلط يا ابهرائيپ واري صلاح نہ ڏني، ٽيندو ائين آهي جو ملازم گهڻو ڪري مالڪ جي ها ۾ ها ملائي پيو اونڌيون صلاحون ڏيندو آهي پر سائين لائق پنهنجي فقيري طبيعت جي ڪري نہ ڪنهن جي رعب ۾ آيو ۽ نہ ئي ڪنهن کي وٽائڻ لاءِ ڪا اونڌي يا غلط صلاح ڏني، نيچر ۽ سونهن سان پيار ڪندڙ ماڻهو هو. هر وقت مرڪي ملندو هو۽ ڪو نہ ڪو جملو سندس چپن تي تيار پيو هوندو هو.

آئون حسن مجتبيٰ، حفيظ پيپي، آغا قيوم آغا سهيل، آغا سيد ۽ بين دوستن کي ڪنهن مهل حيدر چوڪ تي سائين نثار حسيني جي آڳم واري آفيس تہ ڪنهن مهل سائين نياز همايوني جي دفتر ۾ تہ ڪنهن مهل نصير مرزا جي ريڊيو پاڪستان جي آفيس ڏسي مرڪي چوندو هو تہ سهڻا ڪٺي پيا گهمن، هن وٽ ڇاڻ جو خزانو هو پر هن ڪڏهن بہ پنهنجي طبيعت ۾ تونگري نہ آندي نہ ئي پنهنجي ڄاڻ جو رعب وجهڻ جي ڪوشش ڪئي، هو هر ٿهي جي دوست سان ان جي سطح تي لهي اهڙو تہ تعلق جوڙيندو هو جو بس اهو تعلق ان وقت ئي جڙيو جنهن وقت سائين لائق سنڌي جي ساهہ جي تند ٽٽي پئي، هن ڪڏهن ڪنهن سان تعلق ٽوڙيو هجي، هن بابت ڪنهن ماڻهو ڪا شڪايت ڪئي هجي، اسان مان شايد ئي ڪنهن اهو ٻڌو هجي، اهو روبو خود سندس سياڳي ۽ سڀاجهي طبيعت جو وڏو اهڃاڻ آهي، سائين لائق صحافت جي شروعات روزاني ”آفتاب“ حيدرآباد کان 1970ع واري ڏهاڪي ۾ ڪئي ڪجهہ وقت روزاني عبرت ۾ ڪم ڪيائين ۽ آخري گهڙين ۾ روزاني ڪوشش سان لاڳاپيل رهيو. هو پروف ريڊنگ کان وٺي پيسٽنگ ۽ هيڊنگس جي خوشخطي تائين اخبار جي ڪم ۾ شامل هو. پنهنجي شعبي ۾ ماهر هو غلط ٻولي لهجو ۽ گرامر جهلڻ جي اسڪين مشين هو شل نہ غلط سٽ يا اکر سندس اکين اڳيان لنگهي، هو ان جو اهڙو پوسٽ مارٽم ڪندو هو جو لکندڙ پريشان ٿيڻ بدران سائين مان سکندو ۽ سائين کي استاد مڃڻ لاءِ تيار

ٿي ويندو هو. سائين جي حوالي سان ڪيترائي قصا ذهن ۾ اچي رهيا آهن، جي لکڻ جي استعمال بابت حساس هجڻ جو رڳو هڪڙو واقعو پيش ڪندو هلان ته سائين لائق سنڌي، شهيد راڻي بينظير ڀٽو کي سنڌس 1988ع واري وزارت اعظميٰ جي ڏينهن ۾ هڪ خط لکي درخواست ڪئي ته سرڪاري فائيلن ۾ انگريزي ۾ سنڌ کي sind لکيو ٿو وڃي جڏهن ته ان کي صحيح ڪري sindh لکيو وڃي ان خط ملڻ کانپوءِ شهيد راڻي انگريزي ۾ سنڌ کي درست ڪرايو. سائين جي وسعت نظر ۽ دور انديشي جو اندازو ان ڳالهه ۾ لڳايو جو 2013ع ۾ وفاقي حڪومت کي اهو خيال آيو ته ان لفظ کي آئيني حيثيت ڏني وڃي ۽ 18 هين ترميم ۾ جيڪي ابتدائي تبديليون شامل آهن انهن ۾ لفظ سنڌ صحيح ڪري لکڻ واري ترميم به شامل آهي.

سائين لائق ورثي ۾ نه رڳو پنهنجو پورهيو ۽ دوست يار، مٽ مائٽ ۽ گهڻ گهريا ڇڏي ويو آهي پر سائين هڪ سبق سنڌي سماج لاءِ اهو به ڇڏي ويو آهي ته نوڙت ۽ نيناٽي سان پنهنجي حصي جو ڪم جاري رکجي، ساڙ ۽ حسد ڪرڻ بدران چڱي کي چڱو چئجي ته بري جو غريبان جهلڻ بدران پاسيرو ٿي پنهنجي ڪم کي جاري رکجي، سهپ ۽ رواداري سان ماڻهن سان لاڳاپا وڌائجن نه کي گهٽائجن سماج جي جج بڻجڻ بدران سماجي تبديلي ۾ پنهنجي حصي جي پٽي وجهجي اڄ هو اسان ۾ ناهي پر سندس پورهيو سنڌي سماج جي بنيادي ڳٽن جو حصو رهندو.

سانجهيءَ سج لهي ويو ان کان کهڙي پوءِ!
وڃ نه پرين ووءِ، منهنجو جيءُ جُهري پيو.
(اياز)

’روزاني سنڌ ايڪسپريس، حيدرآباد‘ 18 جنوري 2014ع

# وياسي وينجهار...

## واحد پارس هيسباڻي

ان ڏينهن جڏهن سائين لائق سنڌي کي دفنائي واپس موٽياسين پئي ته منهنجي ذهن ۾ مسلسل بخاري جون اهي سٽون پئي ڦريون ته:

بخاري جي خوشبوءِ بچي شهر ۾،
چمن ويو دفن ٿي هلائي ڇڏيو.

سائين لائق به هڪ چمن هو جيڪو دفنائجي ويو ۽ سندس خوشبوءِ باقي رهجي وئي، چمن رڳو زميني سرحدن جا ٽورئي ٿيندا آهن، چمن ته دلين جا به ٿيندا آهن، چمن ته چاهتن جا به ٿيندا آهن، چمن ته سڪ جا به ٿيندا آهن، چمن ته خلوص جا به ٿيندا آهن، چمن ته پنهنجائپ جا به ٿيندا آهن ۽ سائين انهن سڀني جو گلدستو هو. گل سڪي ويندو آهي پر سندس خوشبوءِ ڪڏهن ختم نه ٿيندي آهي، سائين لائق پنهنجي خلوص جي جيڪا خوشبو ڇڏي ويو آهي اها به ڪڏهن ختم ناهي ٿيڻي، سائين لائق ڇا هو؟ سندس تعارف ڪرائڻ ايترو سولو ڪٿي آهي! هو ڄڻ ته ڪو سمنڊ هو جنهن جو ڪو پيو ڪنارو ڪنهن به نه ڏٺو، هو ڄڻ ته هوا جو ڪو جهونڪو هو جيڪو صرف محسوس ڪري سگهبو آهي، هو ڄڻ ڪا روشني هو، هو جنهن اڻ ڳڻين ماڻهن جي جيون ۾ اجالو ڪيو ان رات موري منگر جي اونداهي قبرستان مٿان چنڊ پنهنجي پوري روشنائي سان چمڪيو پئي، ائين پئي لڳو ڄڻ ته هڪ روشنيءَ ٻي روشني کي ڌرتي جي هنج ۾ سمهندي حيرت منجهان ڏٺو پئي.

سائين لائق سنڌي سينئر صحافي هو. هو بهترين انسان هو.... هي لفظ الائي ڇو سطحي لڳن ٿا، سائين جو قد انهن لفظن کان گهڻو گهڻو مٿانهون هو. هو انهن ماڻهن مان هو جن لاءِ ڪنهن شاعر چيو آهي تہ:

هم فقيرون سي دوستي ڪرلو.
بادشاهي ڪي گُر سکا دينگي.

پنهنجي طبيعت ۾ هي فقير ماڻهو پنهنجي وجود ۾ پوري بادشاهي رکندڙ هو. اها بادشاهي ڪنهن رياست تي حڪمراني ڪرڻ واري نہ پر دلين تي حڪمراني جو منظر ان رات موري منگر ۾ ڏسڻ وٽان هو. جنهن ۾ سندس مٽن مائٽن کان بہ وڌيڪ اهي ماڻهو شريڪ هئا جن سان هن جو خلوص جو رشتو هو. هر ڪلهو سندس ڪٺ جو پائو جهلڻ لاءِ آتو هو. سائين لائق سنڌي هڪ استاد هو. ٻولي جو ماهر هو. لطيف جو پارکو هو. اهي سڃاڻپون پنهنجي جڳهہ تي پر هو وڏو ماڻهو هو. سندس اصل سڃاڻپ اها آهي تہ هو سڀني جي ڏک تي اداس ٿي ويندڙ ماڻهو هو. هو پنهنجي پيٽ جو گرهہ بہ ٻين کي ڏيندڙ ماڻهو هو. هن سڄي زندگي محنت مزدوري ڪئي پر سندس مقصد پئسو ڪمائڻ نہ پر قرب ڪمائڻ هو.

هن پنهنجي 70 سالن جي ڄمار ۾ صرف قرب ئي ڪمايو ۽ خوب ڪمايو. انهن ماڻهن مان نہ هو جيڪي پونئيرن لاءِ بئنڪ بيلنس ڇڏي ويندا آهن. پر هي انهن ماڻهن مان هو جيڪو عزت جو بيلينس ڇڏي ويو. بئنڪ جي بيلنس جو ڪونہ ڪو انگ هوندو آهي، پر سائين جيڪو عزت وارو بيلنس ڇڏي ويو آهي، ان جو ڪوبہ انگ ڪونهي، دنياداري جو ڪوبہ ڪلڪيو ليٽر ان حسان جو جوڙ ڪٺ ۽ ونڊ ضرب نہ ٿو ڪري سگهي، جيئن ڪنهن جو گهر جو وڏو گذاري ويندو آهي، سائين جي جنازي سان هلندي اسان سڀني ائين ئي محسوس ڪيو. هن جي شفقت، هن جي پنهنجائپ، هن جو خلوص گهر جي وڏي جهڙو ئي هو.

سائين لائق سنڌي سان جنهن جو بہ واسطو رهيو پوءِ اهو ڊگهي عرصي وارو هجي يا مختصر عرصي وارو پر شايد ئي ڪو اهڙو ماڻهو هجي جيڪو هن جي پنهنجائپ ڪان متاثر نہ ٿيو هجي، هي پنهنجي طبيعت ۾ بلڪل ئي سڌو ۽ سادو ماڻهو هو ڪنهن کيس خوش ڪيو ۽ ڪنهن کيس رنج ڪيو هن پوري زندگي ان جو ڪو بہ حساب ڪتاب نہ رکيو هن جو ڪو بہ دشمن نہ هو هن هر ڪنهن کي پنهنجو دوست ئي سمجهيو مون پنهنجي زندگي ۾ اهڙا بردبار ماڻهو تمام گهٽ ڏٺا آهن، سائين لائق سان اڻ ڳڻيون ڪچهريون ٿيون، هن سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو پر مون ڪڏهن بہ کيس ڪنهن جي گلا يا شڪايت ڪندي نہ ٻڌو ۽ جيڪڏهن ڪنهن، ڪنهن جي گلا ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي تہ هي ساڻس سُر ۾ سُر ملائڻ بدران ڪمال ڪاريگري سان ان موضوع کي ئي گول مول ڪري ڇڏيندو هو هي نہ گلا ڪرڻ ۾ دلچسپي رکندو هو ۽ نہ ڪنهن جي گلا ٻڌڻ ۾، سائين جهڙو ٻاهر جو اجرو ماڻهو هو جهڙو ٻاهر جو معصوم ماڻهو هو اندر جو بہ بلڪل ئي ائين هو. سندس زندگي ۾ هڪڙو بہ اهڙو مثال نہ ٿو ملي، جنهن ۾ سائين جي زبان يا هٿ مان ڪنهن کي ڪا تڪليف پهتي هجي.

هي نيڪي ڪري وساري ڇڏڻ وارن ماڻهن مان هو ان ڪان وڏيڪ سندس وڏ ماڻهپ جو ٻيو ڪهڙو مثال ٿي سگهي ٿو تہ هن پنهنجي شاگردن جي اڳواٽي ۾ هلڻ ۾ بہ ڪا ارهائي نہ بلڪ سرهائي محسوس ڪئي، مان سائين لائق کي هڪ خاموش خدمتگار چوندس، جيڪو ڪڏهن بہ پنهنجي پذيرائي وارن چڪرن ۾ نہ رهيو جيڪڏهن سندس منهن تي ڪنهن سندس تعريف ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪئي تہ هي آگر چپن تي رکي ان کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندو هو هي اهو ماڻهو هو جنهن ڪان ٻولي جا ماهر بہ ڏکين لفظن جون معنائون پڇندا هئا. پر هن ڪڏهن بہ پاڻ کي ايڪسپرٽ نہ چيو هن جي سيني ۾ سياست ادب ۽

صحافت جي هڪ پوري تاريخ دفن ٿيل هئي، پر هن ڪڏهن به پاڻ کي تاريخدان چورائڻ پسند نه ڪيو هن وٽ اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن جو وڏو رڪارڊ موجود هو ۽ مختلف ادارن ۾ ڪم ڪرڻ ۽ واسطيداري هجڻ باوجود اخبارن ۽ رسالن جون اعزازي ڪاپيون وٺڻ بدران پنهنجي پئسن سان خريد ڪندڙ هو پر هن ڪڏهن به اها هام نه هنئي ته وٽس هيترن سالن جو اخبارن جو رڪارڊ موجود آهي، ۽ ايترا ڪتاب ۽ رسالا وٽس محفوظ ٿيل آهن، هي گهرج وارن جي خاموشي سان گهرج پوري ڪري ڇڏيندو هو مون کي خبر ناهي ته سائين جي گهر ۾ موجود لائبرري ڪيتري وڏي آهي پر اها خبر ضرور اٿم ته هن جي سيني ۾ موجود لائبرري وسيع هئي جنهن ۾ هر قسم جي موضوعن وارا دستاويز موجود هئا، محفلن ۾ خاموشي سان ٻين جون ڳالهيون ٻڌندڙ هن شخص ڪڏهن به اها دعوي نه ڪئي ته هن جي سيني ۾ هيترو سارو علم موجود آهي، هن جتي به جيڪو ڪجهه به ڳالهايو اهو ڪم جو ڳالهايو فضول هي ٻڌي ته ويندو هو پر ڪڏهن به فضول ڳالهائيندو نه هو. سائين لائق پنهنجي وجود ۾ هڪ مڪمل انسائيڪلوپيڊيا هو ڪاش هي پنهنجي يادگيريون لکي ها! اڄ جڏهن سائين اسان جي وچ ۾ نه رهيو آهي ته هڪڙي عجيب قسم جي کوٽ محسوس ٿي رهي آهي، اسين پاڻ کي الائي ڇو اڪيلو اڪيلو محسوس ڪري رهيا آهيون، وڻ جي گهاٽي ڇانو جيان هو جيڪا هاڻي اسان جي سرن مٿي نه رهي آهي، هو ڪو وينجهار هو جيڪو ويو هليو. يتيم صرف محمد اسماعيل، محمد بخش ۽ سنڌس ٻه ڀينرون نه ٿيون آهن، پر اسان سڀ پاڻ کي يتيم محسوس ڪري رهيا آهيون. سائين لائق جهڙا ماڻهو روز روز پيدا نه ٿيندا آهن. پاڻ واري مفاپرست هن سماج ۾ اهڙا ماڻهو هاڻي پيدائي ڪٿي پيا ٿين. سچ سنڌس نه هجڻ وارو احساس دل ۾ ڪنهن ڇيت جيان هميشه چڀندو رهندو. سفيد مفلر ڳچي ۾ ويڙهيل ڳاڙهي ٽوپي پاتل ۽ هٿ ۾ اخبارن سان ڀريل ٿيلهي کڻي هلندڙ سائين

لائق سنڌي کي هاڻي اسان ڪڏهن به نه ڏسي سگهنداسين، اهو تصور ئي نڙي ۾ هڪ سڏڪو اٽڪائي ڇڏي ٿو.

بڇڙا ڪڇ اس ادا سي ڪي رت بدل گئي
اڪ شخص ساري شهر ڪو ويران ڪر گيا.

[’روزاني عبرت، حيدرآباد‘ ”پندرنهن روزه عبرت مئگزين، پهرين فيبروري کان پندرهن فيبروري 2014ع‘]

❀

# هڪڙو هو سائين لائق سنڌي

## نور سنڌي

موت اٽل ۽ برحق آهي، جيڪو ڏينهن پڄاڻي هر ماڻهو تي اچڻو آهي، اسان جي زندگي ۾ ڪيترن ئي ماڻهن جي موت جو ٻڌندا رهون ٿا پر زباني اهي لفظ اچي ويندا آهن تہ بس يار پڇي آيس، سندس حياتي ايتري هئي، ڪي اهڙيون شخصيتون هونديون آهن، جن جي موت جو ٻڌي يقين نہ ايندو آهي، ۽ اکين مان لڙڪ لڙي پوندا آهن، دماغ ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندو آهي، دل ٻڏڻ لڳندي آهي، اهڙن پيارن ۽ هر دلعزيز سدا بهار شخصيتن مان سائين لائق سنڌي بہ هڪ آهي، جنهن 16 جنوري تي سول اسپتال حيدرآباد ۾ بيماري جي بستري تي دم ڏٺي حوالي ڪيو. سندس وڇوڙي جي خبر مختلف سنڌي ٽي وي چئنلن تي هلڻ، دوستن جي فون ميسج ذريعي ۽ اخبارن ذريعي جڏهن سندس دوستن، ڪيس چاهيندڙن تائين پهتي تہ جهڙو انهن مٿان وڄ ڪري پئي، ڪنهن کي يقين نہ اچي، سائين لائق سنڌي سدا بهار شخصيت هو. پاڻ هڪ ٻئي وقت لاتعداد خوبين جو مالڪ هو. علمي، ادبي، صحافي، سماجي شخصيت هو.

لائق ڏنو ٽيبو جيڪو صحافي، ادبي دنيا ۾ لائق سنڌي جي نالي سان مشهور ٿيو. حيدرآباد پرسان ڳوٺ موري منگر ۾ حاجي اسماعيل ٽيبو جي گهر ۾ جنم ورتو. سنڌي فائنل پاس ڪرڻ بعد پرائمري استاد ٿيو. جلد ئي هاءِ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. ننڍي هوندي کان ڪيس ادب سان لڳاءُ هو. سندس اکر موتين جهڙا هوندا هئا. پاڻ روزانہ آفتاب حيدرآباد جي ايڊيٽر شيخ علي محمد جي چوڻ تي اسڪول بعد آفتاب ۾ ڪتابت شروع ڪئي، ڪتابت وارو دؤر ختم ٿيڻ بعد پاڻ پروف ريڊر بعد ۾ سب ايڊيٽر ڪاوش، ڪوشش، عبرت، سنڌ ۾ سينيئر سب ايڊيٽر طور ڪم

ڪيو. ادب سان ايتري دلچسپي جو سنڌ ۾ ڪٿي به ڪو ادبي ثقافتي پروگرام ٿيندو هو ته سائين لائق سنڌي هر حال ۾ اتي پهچڻ جي ڪوشش ڪندو هو. پاڻ اديب ۽ فاضل سنڌيءَ جي سَنَدَ به حاصل ڪئي. شاهه لطيف ڀٽائي جي رسالي جو پارکو ۽ سنڌي ٻولي جو وڏو ماهر هو. مشهور اديب به ڪيترن ئي ٺيٺ سنڌي لفظن جي معنيٰ پڇندا هئي. ايتري قدر جو شاهه لطيف جو پارکو ۽ سنڌي ٻولي جو ماهر سڃاڻجندڙ سيد صالح محمد شاهه عرف ڏاڏو فتح خان به ڪيترن ئي سنڌي ٻولي جي ڏکين لفظن جي معنيٰ سائين لائق سنڌي کان معلوم ڪندو هو. پاڻ بهترين تعليمي ماهر پڻ هو. سندس پڙهايل شاگرد سٺين پوزيشن تي آهن. پاڻ لطيف سائين جو ڪوبه ميلو نه گسايو بيمار هئڻ جي باوجود ڪوشش ڪري ادبي ڪانفرنس ۾ اچي نڪرندو هو. پاڻ شاعر ته نه هو پر شاعري سان بيحد لڳاءُ رکندو هو. سندس پسند جي شاعرن ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه، حضرت سچل سرمست، استاد بخاري، شيخ اياز، ابراهيم منشي، محمد خان مجيدي ۽ ٻيا شاعر هئا. جن جا لاتعداد شعر کين زباني ياد هوندا هئا. شاهه لطيف جي رسالي جو ته پاڻ جهڙو حافظ هو. مون جڏهن 1980ع ڌاري آفتاب ۾ نمائندي طور ڪم ڪيو ته اتي سڀ کان پهرين ملاقات سائين لائق سنڌي سان ٿي هئي، ان جي معرفت ادا احمد خان شيخ ۽ شيخ علي محمد سان ٿي پاڻ مون سميت ٻين رپورٽرن جون خبرون پڙهي سمجهائيندو هو ته اوهان جي خبرن ۾ هي هي کوٽ اچا آهي، حيدرآباد ۾ ڪيترائي صحافي سندس صحافت ۾ شاگرد هئا. کيس سنڌي ميڊيا تي سنڌي ٻولي جي بگاڙ تي افسوس ٿيندو هو ۽ انهن ادارن کي ان حوالي سان خط به لکندو هو. روحاني طور پاڻ حضرت مخدوم سرور نوح رحه جن جو مريد هو. سياسي طور پاڻ سائين جي. ايم. سيد کي پسند ڪندو هو ۽ سائين جي ايم سيد سندس سياسي آئيڊيل هو. ڪو زمانو هو جو اسان پنهنجي ڳوٺ ملدسي ۾ ادبي، سماجي، فني سرگرميون شروع ڪيون ۽ اسان ملدسي ۾ جيجي زرينه بلوچ سان سرهي سانجهه ۽ استاد

بخاري ادبي ڪانفرنس جا پروگرام وڏي ليول تي ڪرايا، پان انهن پروگرامن کي ڪامياب بڻائڻ ۾ وڏو ساٿ ڏنو پاڻ جن شعبن سان وابسته رهيو انهن سان پاڻ ملهايائين، ان ڪري هر ساڄاهہ وند ماڻهو سائين لائق جي عزت ڪندو هو، ڪيترائي وڏا وڏا آفيسر، سماجي شخصيتون صحافي، اديب، شاعر ساڻن جهڪي ملندا هئا، هر ماڻهو ڪيس استاد لائق ۽ سائين لائق سڏيندو هو شروع کان سندن عادت رهي تہ روز تمام اخبارون گهڻو ڪري، سنڌي سڀ اخبارون خريد ڪندو هو ڳوٺ ڪٺي وڃي نوجوانن کي پڙهائيندو هو بعد ۾ فائيل ڪندو هو. پاڻ گهڻو ڪري سنڌي ٽوپي پائيندو هو سندس ڳالهائڻ جو انداز انتهائي منڙو هوندو هو، پاڻ گهٽ ڳالهائيندو هو پر سندس هر لفظ موتي هوندو هو، سندس چهري تي ڪڏهن بہ ڪاوڙ نہ ڏٺي، ڪاوڙ ۾ بہ پاڻ ڪلندو هو سندس مرڪڻ جو انداز بہ نرالو هو، ڪيس ملڪي سياسي تاريخ تي عبور حاصل هو.

تقريبن هڪ سال کان سندس طبيعت صحيح نہ هئي، ڪيس ڳلي ۾ تڪليف هئي ۽ پاڻ ڳالهائي نہ سگهندو هو ان جي باوجود حيدرآباد جي اخبارن جي ادارن ۾ دوستن سان ملڻ ويندو هو. ساڻن آخري ملاقات گذريل سال احمد خان شيخ جي پٽ جي شهادت تي تعزيت ڪرڻ وقت ٿي، پاڻ اسان سان گڏ مرحوم شيخ علي محمد جي مزار تي بہ هليو سائين لائق سان ملندڙ ڪچهري ڪندڙ سندس مداح بڻجي ويندو هو.

وفا رضا بلوچ ۽ مون اهو طئہ ڪيو هو تہ ڪنهن ڏينهن شام جو موري منگر هلي سائين لائق سنڌي وٽ رات رهبي ۽ سائين سان دل کولي ڪچهري ڪبي ۽ سندس مڪمل پروفائيل لکبو پر اسان کي ڪهڙي خبر تہ پاڻ ايترو جلدي اسان کان رسي هليا ويندا، ڪجهہ ڏينهن سندس طبيعت وڏي خراب ٿيڻ ڪري ڪيس سول اسپتال حيدرآباد ۾ داخل ڪيو ويو جتي پاڻ اسان کان هميشہ جي لاءِ وڇڙي ويا.

’روزاني عبرت، حيدرآباد‘ (رپورٽرز پيج) 24 جنوري 2014ع.

# هڪ هو لائق سنڌي

## حيدر ملاح

اسان جي ملاقات ڪو اتفاق نہ هئي نہ ئي سوچيل سمجهيل ۽ رٿابندي تحت ڪيل ملاقات هئي، ائين ئي هڪ ڏينهن ناز سهتو ۽ گل ملاح گول بلڊنگ جي اقبال هوٽل تي چانهہ جون سرڪيون پيئندي ملي ويا. تڏهن ناز سهتو ”آفتاب اخبار“ ۾ ڪم ڪندو هو. جڏهن تہ گل اجا ٽڙيو مس هو. هو غلام قادر مان گل سڏجڻ شروع ٿيو هو. ائين ئي چانهہ جي ڪپ تي اسان سان جيڪو چوٿون ماڻهو اچي ويٺو تنهن کي سڀ ”سائين“ چئي مخاطب ٿي رهيا هئا. هن جي هنج ۾ اخبارن جو ٿهو سندس مٿي جا وار اڌ اڇا ۽ اڌ ڪارا هئا. ڏاڙهي لٽل هئس پر چهري تي ڪا ٿڪاوٽ هئي. جا سندس اکين مان بکي رهي هئي. ائين لڳو پئي جڻ رات جو ننڊ نہ ڪري سگهيو آهي. اها پهرين ملاقات هئي تنهن وقت ۾ بهارنين جي آمد جو سنڌ ڏانهن سلسلو شروع ٿيڻ وارو هو. سنڌ اندر قومپرستن طرفان احتجاج مظاهرا ۽ ڌرڻا لڳي رهيا هئا ۽ ضياءِ جي آمريت جو ڪارو سج اجا نہ لٿو هو. نہ انبن جي پيتين ۾ رکيل بم هوا ۾ ڦاٽو هو. مون هن کي ان دؤر ۾ گچيري ڪان وٺي پياري بند ۾ ٿيندڙ جشن لطيف جي پروگرامن ۾ پويان صفن ۾ بيٺل ڏٺو هو ائين هو جڙئين ڏراڙ هوندو آهي. ڌڙ جي پويان هلندو رهندو آهي ۽ ائين ئي ٻهراڙيءَ جي ٻڪر جيان. ان جي ڌڙ جو مان بہ حصو ٿي ويس. هو صرف اخبارن جي پروف ريڊنگ نہ ڪندو هو هن وٽ تہ ماڻهن جي پروف ريڊنگ ڪرڻ جو ڏانءُ بہ هو. ان ڪري هن جي نگاهہ جنهن تي پئي تنهن پنهنجي ڪپڙن جي اندر جهاتيون پائڻ شروع ڪيون. هن جون اکيون آرسيون هيون پر زمانو تہ پٿر هٿ ۾ کڻي هلي ٿو جنهن سدائين ڪيس پيار جي بدلي ۾ الزامن جا انبار ڏنا. هن کي ڏنپ ڏيڻ وارا پراوانہ

پر پنهنجا هئا. تنهنڪري، ڪيس پيار جي بدلي ۾ الزامن جا انبار ڏنا، هن کي ڏنپ ڏيڻ وارا پراوا نه پر پنهنجا هئا. تنهنڪري سندس مُرڪ ۾ آخري وقت تائين سدائين خاموش احتجاج لڪل رهيو پر شڪوه نه ڪرڻ سندس روح ۾ سمايل هڪ اهڙو احساس هو جنهن کي هن ائين سنڀالي رکيو جيئن موکيءَ متارن لاءِ مٽ کي سنڀالي رکيو هو هن منهنجو پهريون نظم ”آفتاب“ جي ٻاراڻي صفحي ۾ ڇپي پاڻ وٽ موجود اخبارن جي انبارن ۾ محفوظ رکيو. تڏهن اجا سنڌ جي اخبارن کي اشتهارن جي ڪا وڏي لست نه لڳي هئي، نه کي وري ترجيحات تبديل ٿيا هئا. اخبارون تجارت بدران صداقت جي پاسي گهٽيون بيٺل هيون. مقابلو ته هو پر گهٽي پاڳي اجا توجهه طلب جا اشتهار ئي اندرين پيجن ۾ سونهن ۽ رونق جو سبب هئا. پريمي جوڙن جون اجا خبرون اهميت وارلاري نه سگهيون هيون. ان ڪري اخبارن وٽ (Space) جڳهه جو مسئلو نه هو. مختلف اخبارون مختلف صفحا ڇپينديون هيون، جنهن ۾ ٻارن جا صفحا به شامل هئا. جيڪي اڄ جي ڪمپيوٽر دنيا ۾ گهڻو ڪري غائب ٿي ويا آهن.

هُن ڪڏهن به ٻن شين تي نه ڪرفيو لڳايو. نه ئي 144 قلم هڪ چانهه تي، ٻيو چاهه تي توري جو 1987ع ۽ 1988ع ٻئي سال حيدرآباد جي گهٽين ۾ بارود جي بوءِ هئي، گرين پيس هوٽل جيڪا پوءِ دهشتگردي راڄ جي ڪري تلڪ چاڙهي ڪان هينيان يونيورسل جي ويجهو هئي، سا هڪ رهائشي اپارٽمينٽ ۾ تبديل ٿي وئي هئي، تنهن جي اڱڻ ۾ گرم تيل جي ڪڙهائي ۾ ترجندڙ سموسا ۽ بادامن واري چانهن جا سُرڪا ڏيمي روشني ۾ ڪڏهن هو حسن درس سان گڏ ويهي شاعري ٻڌندي پريندو ته ڪڏهن احمد سولنگي جي نگاهن ۾ نگاهون وجهي سندس طويل نظمن جو ستون ٻڌي، تڏا ساهه پريندو هو شيخ اياز انهي گهُٽ ۽ پوسٽ واري ماحول ۾ جڏهن پريس ڪلب جي اڱڻ تي پنهنجي شاعري ٻڌائڻ لاءِ آيو هو ته هن کي ميزبان ٻڻجي در تي

آجيان لاءِ مون بيٺل ڏٺو اسان جڏهن پنهنجي دوستن سان گڏ، سنڌ جي عالم سائين حيدر علي لغاريءَ سان گڏ پريس ڪلب جي اڱڻ ۾ داخل ٿياسين ته ڪيترن ئي نوجوانن کي پَٽَ تي پلٿي ماري ويٺل ڏٺوسين، تڏهن اجا جو پريس ڪلب انهيءَ بلڊنگ ۾ تبديل نه ٿيو هو. ڇپر تي چوڪڙيون لڳنديون هيون ۽ ٽڪل قتل قومي ڪارڪن ٽڪ پيچڻ لاءِ پريس ڪلب ۾ اچي پر پکيڙيندا هئا، ڪينٽين جي ماني حيدرآباد جي سمورن هوٽلن کان سستي ۽ سٺي هوندي هئي، انهيءَ ڪري ڪامريڊ پيا مزا وٺندا هئا، موبائيلن جو دؤر نه هو ان ڪري نياپا، نڙا پريس ڪلب جي ذريعي پيا ونڊبا هئا، اياز جي گونجندڙ آواز ۾ خون کي گرم ڪندڙ نظم سچ وڏو ڏوهاري آهي، مون پريس ڪلب ۾ ٻڌو هو. بحثن ۾ چڙي گاريون ڏيندڙ صحافين ۽ سياسي ڪارڪن جو ديدار ٻه اتي نصيب ٿيو. اهو سڀ ڪجهه ان قلندر طبيعت انسان جي ڪري ممڪن ٿيو هو. جنهن مون کي هڪ ڏينهن تاڪيد ڪندي چيو هو ته جنهن ڏينهن تو اخبار نه پڙهي ۽ جنهن رات تو ڪتاب جا ٻه چار صفحا نه پڙهيا، سمجهه اهو ڏينهن ۽ اها رات تنهنجي جنب جي ڪتاب ۾ خالي صفحي جيان آهي ۽ پوءِ زندگي جي هر ڏينهن ۽ رات کي مون صفحا سمجهي لکڻ ۽ پڙهڻ شروع ڪيو سندس سادگيءَ جو ڇا عالم هو. هن ڪڏهن پنهنجي ذات کي ڏونڪي جي پيرڙ تي نه وڇايو هو نه ادبي بورڊ جي آفيسر جي درجي اڳيان ڪشڪول کڻي بيٺو نه سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري اڳيان جهول جهلي بيٺو ته مون کي ٻه چار ڪتاب ڏيو ته مان اوهان کي پروف ريڊنگ ڪري ڏين، سندس نالي تي توڙي جو ڪيترائي اڻ گهڙيا ڪاٺ جيئندا هئا، ۽ ڪتابن جي پروف ريڊنگ ڪري سرڪار کان چيڪ وصول ڪندا هئا، پر هو آخر تائين رات جو رولاڪ رهيو. سندس ڪم ئي اهڙو هو. شام کان شروع ٿي رات جي پوئين پهر ۾ ختم ٿيڻ وارو هو. اخبارن کي تيل ڦليل، مسي مساڳ ۽ ڪجل پارائڻ جو ڪم ڪندو هو. جنهن کي

جديد دنيا شايد بيوٽي پالر جو نالو ڏئي وجهي، ان ڪري مون سدائين رات جو هن کي ٻين جا در کڙڪائيندي ڏٺو يا صبح جو سوير اخبارن جي ٿهن سان گڏ دوستن سان ٿهڪ ڏيندي ڏٺو.

هن تي الزام هنيو پيو وڃي ته هو فلاڻي خان جو پوئلڳ هو حقيقت ۾ هو پوئلڳي جو سخت مخالف هو مون ڪڏهن به هن کي ڪنهن جي تقليد ڪندي نه ڏٺو نه ئي وري تنقيد ڪندي ٻڌو سندس ڏيمو لهجو نه مارڪسي هو نه شائونسٽ قومپرست هو. نه ترقي پسند هو نه تبديلي پسند ۽ هن وٽ ڪنهن جو وزن تورڻ جي ڪا مشين هئي، نه هو واپاري هو. تنهن ڪري الزام تراشي ڪندڙ سڄڻن کي فقط ايترو سمجهڻ گهرجي ته هو اڳرن جي ناتي ڪاروبار ڪندڙ لوهار نه پر لفظن کي مالهائن ۾ پوئڻ وارو سونارو هو هو گرم سج جهڙو گرم به هو ۽ نما شام جهڙو انتهائي سپاجهو به هو. هو پنهنجي دؤر جي تاريخ هو جنهن وٽ گناهه ڪبيرن جي جڳهه تي ثوابن جي سوچ وڌيڪ حاوي هئي، هن پنهنجي زندگي گولڊ ليف جي دونهين سان رڳو نه گذاري پر سچ ته اهو آهي ته هو سچو سون هو. تنهنڪري مان ڪيس هڪ ئي تعارف سان سڃاڻان ٿو. سنڌ جو لائق پٽ، لائق سنڌي. جنهن پنهنجي زندگي پنهنجي سنڌ جي خدمت ڪندي گذاري مون کي ذاتي طور ڄاڻ آهي ته هو چاهي ها ته سبحان ميمڻ کان وٺي اڪبر لغاري تائين بيوروڪريسي ۾ ويٺل ڪيترائي ساڻس پيار ڪندڙ سندس بيماري جي آخري ڏينهن ۾ علاج لاءِ مدد ڪن ها پر هن جو موت لال بتي جي جنهن بستري تي ٿيو اهو ان ڪري به سندس لاءِ اعزاز آهي جو هو جنم کان عام ماڻهو ٻڌجي ويو هن ڪنهن کان زندگي امداد ۾ نه پني، ڇاڪاڻ ته هو لائق سنڌي هو ڪو عام رواجي ماڻهو نه هو.

’روزاني ڪوشش، حيدرآباد‘ 22 فيبروي 2014ع.

# سنڌي صحافت ۾ ”گوگل“ جهڙي حيثيت رکندڙ سائين لائق جو وڇوڙو

**محمد بخش ٻبر**

پوري سنڌ دولتپور جي ڀارڙن سان نوابشاهه ۾ پيش آيل دردناڪ سانحي تي سوڳوار هئي ته اسان ”ڪوشش“ سٿ جي ساٿين ۽ سنڌ جي سمورن گهڻ گهرن جي دلين تي هڪ خبر سوڳ تاري ڪري ڇڏيو. اسان معمول موجب پنهنجي آفيس ۾ ڪم ۾ مصروف هئاسين ته نيوز ايڊيٽر مون کي ٻڌايو ته سائين لائق جي خبر اٿئي؟ ٿوري دير لاءِ آئون پريشان ٿي ويس ۽ مون هن کان معلوم ڪيو ته ”خير ته آهي؟“ جنهن تي اسان کي پنهنجي نيوز ايڊيٽر ٻڌايو ته سائين لائق سنڌي اسان کان موڪلائي تمام پري هليو ويو آهي ۽ هاڻ هو يادن ۾ رهجي ويو آهي. ان وقت هن جو لهجو ڏکارو هو ۽ اسان سڀني جي اکين ۾ غمگيني پر پکيڙي ڇڏيا. اها خبر ٻڌڻ شرط ذهن ۾ 18 سال پراڻيون سائين لائق جون يادون هلڻ لڳيون. سائين لائق کي مون پهريون دفعو 18 سال اڳ ”سنڌ“ اخبار ۾ ڏٺو هو ان وقت اڃا انٽرنيٽ ۽ موبائيل فون جي دنيا جو اسان وٽ وجود نه هو. اڃا ڪپڙا ۽ مٿي تي سنڌي ٽوپي پائي آفيس ايندڙ سائين لائق سنڌي جي هٿ ۾ هڪ ٿيلهي ضرور هوندي هئي جنهن ۾ هو صبح توڙي شام وارين اخبارن کانسواءِ ڪاغذ پَٽَ ڪٽي هلندو هو. تڏهن سنڌي اخبارون پيج ميڪنگ بدران مينيوئل پيسٽنگ ذريعي ٺهنديون هيون. سائين اخبار کي غلطين کان پاڪ ڪرڻ جو ڪم ڪندو هو. جڏهن رات جو سروهي صاحب خيبر ميل ريل جي ٽائيم سبب اخبار جلدي ۾ ڪيڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته آخري ٽائيم ۾ جيڪي غلطيون هونديون هيون ته سائين پاڻ بليڊ سان

انهن کي ٺيڪ ڪري پوائنٽر سان درست ڪري اخبار کي وقت تي ڇپائڻ جو ڪم سر انجام ڏيڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪندو هو. سائين لائق ”آفتاب“ ۽ ”ڪاوش“ سميت گهٽين ٿي اخبارون ۾ ڪم ڪيو پر هو 15 ورهين کان سينئير سب ايڊيٽر طور روزاني ”ڪوشش“ سان سلهاڙيل هو. سائين لائق بزرگ نوجوان توڙي ٻارڙن سان محبت ۽ اخلاق سان ڳالهائيندو هو. سائين لائق وٽ پاڪستان جي تاريخ کان وٺندي صحافتي تاريخ جي وڏي ڄاڻ هوندي هئي، هو ”آفتاب“ اخبار جي مالڪ ۽ پنهنجي ڳوناٽي صحافي شيخ علي محمد سائين جي. ايم. سيد، شيخ مجيب، ايم آر ڊي ۽ مارشلائن لساني وڳوڙ جمهوري حڪومتن جي خاتمي ٽنڊو بهاول سانحي ڏاڙيلن جي قصن کان وٺندي ڪيترائي داستان اسان کي ٻڌائيندو هو. سائين هڪڙي هٿ ۾ هيڊنگر جو فائيل ڪٽي پڙهندو هو ته ٻئي هٿ ۾ وري گولڊ ليف سگريٽ سندس هر وقت دڪيل هوندو هو. جيڪو گهڻو ڪري سائين جي مصروف هئڻ سبب پاڻ ئي دکي سڙي ويندو هو. جڏهن سائين کي سگريٽ جي ياد ايندي هئي ته هو پنهنجي قميص جي کليل ٻڌن کي مٿي ڪري هڪڙو ڪش هڻندو هو. هو 2 گولڊ ليف جا پاڪيٽ پاڻ وٽ رکندو هو. جيڪي پاڻ به پيئندو هو ته ساڻس ملندڙ صحافي توڙي دوست به هجت ڪري سگريٽ پيئڻ لاءِ وٺندا هئا. سائين لائق صحافت جي دنيا ۾ ايندڙ هر نئين ماڻهو جي رهنمائي سان گڏ مدد پڻ ڪئي، تڏهن ته نيويارڪ ۾ سنڌ ڄائي بي بي سي جي رپورٽر ۽ مشهور صحافي حسن مجتبيٰ پڻ سائين لائق جا مون کان حال احوال پڇندو رهندو. (حسن سائين لائق سان گڏ ڊان ڊاٽ ڪام جي چيف ايڊيٽر دوست سانول مصدق جي به اوچتي لاڏاڻي تي وڏو ڏکارو آهي) هو چوندو هو ته سائين لائق عظيم انسان آهي، هن جا مون تي وڏا ٿورا آهن، جيڪي مان لاهي به نٿو سگهان. انهيءَ ڪانسواءِ علي قاضي، سهيل

سانگي، علي حسن، لالا رحمان، رشيد راڄڙ، ناز سهتو، اقبال ملاح، امداد سومرو، اسحاق مگريو، فاروق سومرو، شبير نظاماڻي، چاچو عزيز سومرو ۽ نعمت کهڙو سميت ڪيترائي صحافي ۽ عام ڪارڪن سائين سان ڏاڍا هجائتا هوندا هوا. اڪثر ڪري سائين ٻہ انهن سان ڪل ڀوڳ ڪري وقت ڀيو وندرائيندو هو. هڪڙي ڀيري مون کي ياد آهي تہ اسان جي ايڊيٽر رشيد راڄڙ جڏهن سڄي آفيس جي ورڪرن جي موڪلن واري لسٽ ٺاهي رهيو هو. سڀني ورڪرن جي موڪلن جا ڏينهن طئي ڪيائين جڏهن تہ سائين جي نالي هيٺان لکي ڇڏيائين تہ يارن سان کهڙا ليڪا. سائين لائق رڳو صحافي نہ هو. هو بهترين استاد سان گڏ لطيف جوبہ وڏو پارکو هو.
جڏهن تہ هو ٻڌائيندو هو تہ سندس خاندان سروري جماعت جو مريد آهي، ان ڪانسواءِ سائين چوندو هو تہ سنڌ کي پهريائين انگريزي ۾ Sind ڪري لکيو ويندو هو. جيڪو مون ملڪ جي ان وقت جي وزير اعظم شهيد بينظير ڀٽو کي خط لکي درست ڪرڻ جو چيو جيڪو پوءِ ئي سنڌ کي Sindh ڪري لکيو ويو. سائين لائق هميشہ سادي، نوڙت ۽ صوفياڻي انداز سان زندگي گذاري، هن ڪڏهن زندگي ۾ نشو نہ ڪيو. نہ ڪڏهن ڪنهن سان جهيڙو ڪيائين. نہ ڪڏهن ڪنهن سان پئسن تي وڙهيو. نہ عهدن تي سائين آخر تائين خبرداري سان زندگي گذاري هن ڪڏهن ڪنهن چونديل نمائيندي يا آفيسر جو در نہ کڙڪايو. نہ ئي هن اخبارن ۾ پنهنجي بيماري جي خبر هلائي سرڪاري مدد وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، اهو بہ عجيب اتفاق آهي تہ استاد بخاري جهڙي صورت رکندڙ سائين لائق جو لاڏاڻو وري استاد بخاري جي سالگرهہ جي ڏينهن ٿيو. اسان جڏهن سائين لائق جي جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سندس ڳوٺ پهتاسين تہ رات جو پورو چنڊ آسمان تي اُپريل هو جڏهن تہ ڳوٺ بجلي وڃڻ سبب اونداهہ ۾ ٻڏل هو. مون کي لڳي رهيو هو تہ تاريخ سنڀالي رکندڙ ۽ ورهين جي اخبارن جو رڪارڊ سانڍيندڙ

سنڌي صحافت جي سرچ انجڻ ”گوگل“ جهڙي حيثيت رکندڙ سائين لائق جي وڇوڙي ڪانپوءِ سنڌي صحافت ۾ اها اونداهه ڇائنجي وئي آهي، شايد ئي سائين لائق جهڙو ڪردار وري جنم وٺي ”ڪوشش“ جو سڄو سٿ سائين لائق جي وڇوڙي تي سندس پُٽ اسماعيل ٽيبي ۽ محمد بخش ٽيبي سميت پونئيرن سان ڏک ۾ گڏ آهي ۽ دعاگو آهي ته سائين لائق کي رب پاڪ جنت ۾ جاءِ ڏي آمين.

’روزاني ڪوشش، حيدرآباد‘ 18 جنوري 2014ع

# سباجھڙي انسان سائين لائق سنڌي جو وڇوڙو

## گل حسن لغاري

انٽر پاس ڪري 6 جنوري 1996ع ۾ ڳوٺ کان حيدرآباد روانگي بعد ايل ايم سي ۾ مختصر ٽي مهينا ڪانٽريڪٽ تي نوڪري ڪرڻ بعد مون اخباري دنيا ڏانهن وک وڌائي اپريل 1996ع ۾ هڪ اخبار ۾ مون کي سرڪيوليشن ڊپارٽمينٽ ۾ اسسٽنٽ مئنيجر طور نوڪري ملي، ان دوران هڪ سباجهي پر خلوص ۽ محبت ڪندڙ شخص سان ان اداري ۾ ملاقات ٿي، جيئن ته آئون ننڍي عمر ۾ ڳوٺان نڪري حيدرآباد جي هوائن جو سواد حاصل نه ڪري سگهيو هئس، ڇو جو شهرن جي ٻوساٽيل ۽ ڳوٺن جي ڪليل ماحول هئڻ سبب مون کي ڪيترائي مونجهارا محسوس ٿي رهيا هئا. پر وڏي پاٻوهه سان مليل ان شخص جي محبت سمجهاڻين ۽ زندگي ڪيئن گذارڻ وارن ڏنل درسن تي آئون پنهنجي ڳوٺاڻي زندگي کي وساري حيدرآباد جي اخباري دنيا جي هڪ خوبصورت شامن ۾ گهلجي ويس، هر روز شام جي وقت اخباري ڊيوٽي تي اچڻ بعد انسانيت سان بي انتها پيار ڪندڙ اهو شخص نيوز ڊيسڪ تان گهڻي منهنجي آفيس ۾ اچي مون سان وڏي چاهه سان ملندو هو ۽ سڄي ڏينهن جا حال احوال پڇي آخر ۾ انهن منهنجي ڏنل حوالن تي مون کي پنهنجي زندگي جي سمورن تجربن کان روشناس ڪري زندگي ڏکن ۽ سکن ۾ گذارڻ جون هدايتون ڪندو هو ائين ئي ان شخص جو مون سان روزاني ان اخباري اداري ۾ ملڻ ٿيندو هو. آخرڪار هن پيار پري انسان سان هڪ سال ڪانپوءِ ان اداري مان ته جدائي ٿي پر سندس ڏنل پيار ۽ محبت جو سلسلو حيدرآباد جي مختلف اخباري ادارن ۾ ملاقاتن دوران جاري رهيو. مون کي صحافتي دنيا جي سمورين صنفن کان واقفڪار ڪرائيندڙ اهو شخص ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد 1997ع تي متعارف ڪرائيندڙ

سائين لائق سنڌي خالق حقيقي سان وڃي مليو آهي، سائين لائق سنڌي جيڪو هڪ پرائمري استاد هئڻ ۽ اخباري دنيا سان لاڳاپيل هجڻ ڪري سندس سنڌ جي مختلف شهرن توڙي اخباري ادارن ۾ سوين شاگرد اڄ به موجود آهن. سائين لائق سنڌي لاءِ مشهور آهي ته کيس سنڌ جي انسائيڪلوپيڊيا به چيو ويندو هو. سائين لائق جي اها ڏاهپ هئي جو سنڌ جي سموري تاريخ سندس سيني ۾ سمايل هئي، اخباري اداري ۾ ڪن واقعن يا شخصيتن بابت ڪي دوست مونجهاري جو شڪار ٿيندا هئا ته سائين لائق کان رهنمائي حاصل ڪري وٺندا هئا. سائين لائق جي ٻڌايل هر هڪ ڳالهه صحيح ثابت ٿيندي هئي، جنهن تي هر اهو اخباري اداري سان واسطو رکندڙ شخص مثبت هوندو هو. سائين لائق سنڌي منهنجي لاءِ نه پر ڪيترن ئي اهڙن نوجوانن جي زندگي کي بهتر بڻائڻ ۽ کين مختلف ادارن ۾ نوڪريون ڏيارڻ ۾ به تمام گهڻي مدد ڪئي. جيڪي هن وقت مختلف پوسٽن تي ڪم ڪري رهيا آهن. هن وقت صرف ايترو ئي افسوس ڪري سگهجي ٿو ته اڄ سنڌ جو اهو سچو انسان اسان ۾ موجود ناهي پر سندس يادون هميشه لاءِ مون جهڙن سندس شاگردن جي دلين ۾ قائم رهنديون.

’روزاني شام، حيدرآباد‘، 17 جنوري 2014ع

❁

# سائين لائق ٿيٻي جو وڇوڙو: هڪ استاد، هڪ صحافي ۽ مهربان انسان ...!

اسلم انجم سومرو

سنڌي صحافت ۾ خاموشي سان سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪندڙ استاد صحافي ۽ اديب محمد لائق ٿيٻو پيدائش (19 ڊسمبر 1943ع) جنهن ڪي سنڌي ادب صحافت ۽ تعليم سان واسطو رکندڙ ماڻهو پيار مان سائين لائق ڪري ڪوٺيندا هئا. سندس شخصيت ۾ ٻوليءَ سان پيار ۽ نوجوانن جي همت وڌائڻ اهڙيون ٻه اهم خاصيتون هيون جنهن ڪري حيدرآباد جي ادبي ۽ صحافتي حلقن ۾ هن جي لاءِ بي پناهه پيار ۽ احترام هو. ديمي لهجي ۽ مانيٺي مزاج وارو هي انسان سادگي پسند به هو ساڳئي وقت هر قسم جي ادبي ۽ سماجي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو نموني ونندو هو. جيتوڻيڪ هو پيشي جي لحاظ کان استاد هو پر هن ڪڏهن به ان کي پيشو نه سمجهيو چاڪاڻ ته بقول سائين لائق جي تعليم ڏيڻ سان نه رڳو هو پنهنجي نوڪري سان انصاف ڪري ٿو پر تعليم ڏيڻ هن کي دلي طور پسند آهي. جڏهن ته صحافت ۾ هو پنهنجي زماني جي مشهور اخبار 'آفتاب' ۾ ان ڪري ڪم ڪندو هو ته جيئن سنڌي ٻوليءَ کي ڪنهن به قسم جي بگاڙ ۽ خطري کان بچائي سگهجي.

اهڙي ريت هو علم جي لاٽ به ٻاري رهيو هو ۽ ٻوليءَ جي مشعل به پنهنجي هٿن ۾ کڻي رهيو هو. هن سڄي زندگي پنهنجي ڳوٺ موري منگر مان حيدرآباد جو سفر ڪري چڻ ته علم کان ادب ۽ صحافت ڏانهن اهڙو نه ڪٺندڙ سفر ڪيو. جنهن سفر جي پڄاڻي هن جي جسماني وڇوڙي سان خميس 16 جنوري 2014ع تي ٿي آهي. سائين لائق سنڌ جو اهو صوفي منش انسان هو. جيڪو سنڌ جي هنن سمورن

انسانن ۾ هميشه زنده رهندو. جيڪي سنڌي ٻوليءَ سان پيار ڪن ٿا ۽ جن کي سنڌ سان پنهنجي منڙي امڙ جيترو انس آهي.

سائين لائق جو وڇوڙو هڪ فرد جو نه پر هڪ اداري جو وڇوڙو آهي، ڇاڪاڻ ته هن جي نگراني ۽ تربيت هيٺ سنڌ جا اهڙا ڪئين نوجوان ٻوليءَ ۽ صحافت جي سکيا وٺي، ڪاميابين جي منزل تائين پهتا. جن مان ڪافي هينئر به صحافت جي ميدان ۾ پنهنجو ڪردار نڀائي رهيا آهن ته ٻئي پاسي تعليم جي شعبي ۾ هن جي خدمتن جي نتيجي ۾ هن ايماندار انسان جي ٻوليءَ سان لڳاءُ ۽ علم جي اهميت جي آگهي هجڻ جي ڪري ٻهراڙيءَ جا اهي معصوم ذهن جيڪي شايد هونئن راهن ۾ رلي وڃن ها، انهن کي به سائين لائق جي شڪل ۾ هڪ مهربان استاد مليو. هر ماڻهوءَ کي پنهنجي حصي جو ڪم ۽ زميواري مڪمل ايمانداريءَ سان پوري ڪرڻ گهرجي، ان حوالي سان سائين لائق انهن ٿورن انسانن منجهان ڳڻي سگهجي ٿو. جنهن پنهنجي زندگيءَ کي ڪارائتو بڻايو نه رڳو پنهنجي اهڙن سوين هزارين ماڻهن لاءِ جيڪي حيدرآباد ۾ گهلندڙ ٿڌين هوائن ۾ گول بلڊنگ جي ان ڪنڊ ۾ هن جا چيل گفتا ٻڌي اڳتي جي لاءِ سفر جي تياري ڪندا رهيا آهن.

’روزاني جيجل، حيدرآباد‘ 17 جنوري 2014ع.

## سائين لائق بڙجيان هو ....

### ڪوثر پرڙو

مان جڏهن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي 1987ع جي آخري مهينن ۾ بدلي ٿي آيس ته ٿورن ڏينهن ۾ ئي ڪافي دوست پيدا ڪري ورتم تن ۾ ڪجھ قريب، ڪجھ قريب تر ۽ ڪجھ قريب ترين رهيا. ابتدا ۾ الاهي بخش ٻانيڻ صاحب جي معرفت جن دوستن سان منهنجي قربت پيدا ٿي نه رڳي پيدا ٿي پر جلد ئي وڏي وڻ به ٿي وئي تن ۾ ناز سهتو به شامل آهي جيڪو ان وقت آفتاب اخبار ۾ صحافتي مزدوري ڪندو هو. ناز جي ڪري منهنجو آفتاب اخبار ۾ اڪثر وڃڻ ٿيندو هو جتي سائين لائق سنڌي، احمد خان شيخ، مشتاق مسرور ٻاريجو ۽ ٻين سان ملاقاتون ٿيون ۽ اهي ملاقاتون هڪ مضبوط نياز منديءَ ۾ تبديل ٿي ويون. سائين لائق سنڌي جو وجود مونکي هڪ گهاٽي ٻڙ جيان محسوس ٿيندو هو. هو هڪ کرو ۽ سچو انسان هوندو هو. نه منافقي ڪندو هو ۽ نه ڪيس منافق ماڻهو پسند هوندا هئا. سائين لائق جنهن کي هر ڪو دوست ”سائين لائق“ ئي ڪوٺيندو هو. سائين لائق بيشمار خوبين جو مالڪ هوندو هو. هو پنهنجي نالي وانگر لائق انسان هو. هو پاڻ به حق حلال ۽ محنت سان روزي ڪمائڻ جو قائل هوندو هو ته ٻين کي به اهڙي ئي هدايت ڪندو هو. سدائين خلوص، ٻاجھ، پاٻوهه ۽ پنهنجائپ سان مرڪي ملندو هو. هو هڪ بيباڪ استاد ۽ صحافي هوندو هو جنهن ڪيترن ئي سيڪڙاٽ صحافين جي نه رڳو همت افزائي ڪئي پر انهن کي صحافت جي ميدان ۾ خود ڪفيل بنائي ڇڏيو.

سائين سان منهنجو تعلق تيستائين جڙيل رهيو جيستائين منهنجي حيدرآباد بدلي ٿي وئي ۽ اهو عرصو لڳ ڀڳ ائن سالن تي مشتمل آهي. ان ڊگهي عرصي دوران بيشمار ڪچهريون ٿيون. هو هڪ

سچو قوم پرست ۽ سنڌ دوست انسان هو ۽ هو فڪر ۽ آدرشن جو ڏاڍو قدر ڪندو هو. هو هڪ تاريخ هو ۽ تاريخ ڪي گڏ ڪندڙ بہ هو. اخبار ۾ ڪم تہ ڪندو ئي هو اهو سندس روزگار هو پر اخبارون خريد ڪرڻ ۽ وري اهي جمع ڪري رکڻ سائين لائق جو پسنديده مشغلو هوندو هو. اسان ڪي ڪڏهن بہ ڪا اخبار جيتري بہ پراڻي هوندي هئي گهربي هئي تہ اها سائين لائق وٽان ئي ملندي هئي. هو پيار جو پوڄاري هو. هڪ وڙائتو ۽ اصول پسند ماڻهو هو. هو قلمڪار، دانشور ۽ صحافي هو ان ڪري يقيناً ڪيس ٻين اخبارن ۾ ڪم ڪرڻ جي آڇ بہ ٿيندي رهندي هئي، جتان شايد ڪيس معاوضو بہ وڌيڪ ۽ بروقت ملڻ جو آسرو اميد هجي، پر اهڙو ذڪر نڪرندو هو تہ سائين لائق اهو ئي چوندو هو تہ: ”سائين پيسو ئي سڀ ڪجهہ ڪونهي شيخ صاحب (علي محمد شيخ صاحب) پائنين ٿو عزت ڏئي ٿو ان ڪري آفتاب اخبار مان هروڀرو ٻجي وڃڻ مناسب ڪونہ ٿو لڳي.“ پريس ۾ جڏهن بہ ويجبو سائين لائق ٻن ڪمن ۾ ئي مصروف نظر ايندو هو هڪ پيسٽنگ ڪرائڻ ۾ ۽ ٻيو ٻيڙي پيئڻ ۾ توڙي جو سائين اسان کان عمر ۾ گهڻو وڏو هو، رتبي ۽ شان شوڪت ۾ بہ وڏو هو ۽ سماجي ۽ علم ودانش جي ميدان ۾ بہ اسان کان وڏو هو پر سائين ڪچهري ڪرڻ وقت ڀوڳ مذاق بہ ڏاڍو ڪندو هو. هو زنده دل ۽ ملنگ طبيعت رکندڙ انسان هو. ڀوڳ مذاق ڪندو بہ هو ۽ برداشت بہ ڪندو هو. سچ پچ تہ سائين لائق سنڌي هڪ با ڪمال ۽ عملي جدوجهد ۽ محنت جو اهڃاڻ هو. جنهن سدائين هڪ نرسريءَ جو ڪردار ادا ڪيو.

الله سائين کان دعا آهي تہ ڪيس جنت ۾ جڳهہ عطا ڪري، اهڙا سٺا سچا ۽ سادا انسان ۽ پنهنجي پيشي سان عشق ۽ رومانس ڪرڻ وارا ماڻهو تمام ٿورا هوندا آهن.

❁

## سائين لائق منهنجي لاءِ ڇپر ڇانوَ هو ...

صوفي ڊاڪٽر ڪرشن سوٺهڙ

سائين لائق سنڌي نہ رڳو اسماعيل لاءِ پر منهنجي لاءِ بہ ڇپر ڇانوَ هو، سائين وارن جو ۽ اسان جو هڪ گهر آهي، سائين اسان جو ياتي ٿي رهيو. ننڍي هوندي سائين لائق منهنجي والد صوفي نيپراج جو تمام گهڻو پيارو ۽ دادلو رهيو.

پڙهڻ سان گڏ گهمڻ ڦرڻ، مشاعرن وغيره ۾ بہ بابا سان گڏ سائين لائق ضرور هوندو هو. بابا سائين سان پيار جو هڪ واقعو ٻڌايو تہ هڪ دفعي سائين مخدوم طالب المولي ٽنڊو حيدر مريد وٽ آيو ۽ بابا کي سائين ملاقات لاءِ گهرايو تہ بابا حسبي معمول سائين لائق کي وٺي ويو. اتي خليفي چيو تہ سائين صرف توهان سان ملندو جنهن تي بابا اسرار ڪيو تہ لائق منهنجو ٻچو اولاد آهي، ان کي بہ ملاقات جو شرف ملي جنهن تي سائين طالب المولي اجازت ڏني ۽ سائين لائق بابا سان گڏ مخدوم صاحب سان ملاقات ڪئي.

سائين لائق تمام گهڻو پيار ڪندڙ سچو ۽ کرو انسان هو ۽ ڪڏهن بہ وڏائي نہ ڪندو هو. ڪڏهن بہ ڪنهن محفل ۾ سائين لائق سان گڏ وڃڻ ٿيندو هو تہ سائين اڳين سيٽن تي ويهڻ بدران پويان ويهڻ کي ترجيح ڏيندو هو.

ڪنهن بلڪل صحيح لکيو آهي تہ سائين لائق، سنڌي جو گوگل هو. سائين لائق کي وڏيون يادگيريون ۽ حافظو هوندو هو. ڪٿي جي بہ ڳالھ ڪبي هئي تہ سائين ان علائقي جي مڪمل ڄاڻ ۽ تاريخ مهيا ڪندو هو.

سائين لائق بلڪل لازوال صلاحيتن جو مالڪ ۽ سنڌي تي عُبور حاصل هئس. ملڻ جهلڻ ۾ اهڙو تہ ماٺهو کي موهي وجهندو جو هر ماڻهو سائين جو معتقد ٿي ويندو هو.

سائين لائق تمام سخي دل جو مالڪ هو. ٻارن سان گھڻي محنت هوندي هئس، سائين گولڊ ليف جو چين سموڪر هو ان مهانگي سگريٽ کي محفل ۾ ويٺلن کي خوشي سان پياريندو هو سندس کي ٻارن سان ايتري محبت هوندي هئس جو جڏهن بہ ڳوٺ ايندو هو تہ سيني ٻارن کي خرچي ضرور ڏيندو هو. منهنجي ننڍي پٽ ورون نيپراج سان تمام گھڻي دل هئس، اهو سائين کي ڏاڏا چئي پيرين پوندو هو ۽ سائين جڏهن بستري تي ڳالهائڻ کان لاچار هو تڏهن بہ ان لاءِ خرچي ضرور ڏيندو هو. سائين هميشہ اخبارون پنهنجي پيسن سان وٺندو هو ۽ هڪ ٿيلهي ۾ اخبارن کان علاوه گھڻا پنا بہ رکندو هو.

ڳوٺ ۾ ادا احمدخان شيخ کان علاوه منهنجي ڪلينڪ بہ سندس ويهڻ جو نڪاٽو هوندي هئي، جيستائين مونکي نہ ڏسي سک نہ هوندو هئس، مون سان اسماعيل کان بہ وڌيڪ پيار هوندو هئس. سائين کي ياد ڪندي هميشہ اکيون آليون ٿيو وڃن. سچي سنڌ کي لطيف وانگر گھمي مشاهدو ڪندڙ شخص هو. منهنجي نوڪري دروان سائين جون بي تهاشا مددون رهيون آهن.

بيماري دوران سائين کي ڪلائڻ بہ منهنجي فرض ۾ شامل هو. سائين ان عرصي ۾ صرف اسماعيل ۽ منهنجي ڳالهہ مڃيندو هو. سائين لائق ڇا لکان هوتہ اسان لاءِ آسمان مثل هو. ان جي ڇپر ڇانو ۽ شفقت ۾ پاڻ کي ياڳن وارو محسوس ڪندو هئس. بابا کان پوءِ هي بہ بابا هو جيڪو هن فاني دنيا ۾ هڪ دفعو ٻيهر يتيم ڪري ويو.

لڙڪ نہ لکڻ ڏين، ڪريو پون قلم تي....

## امن پسند شخص

### پروفيسر عبد العزيز عمراڻي

سائين لائق سنڌي کي مون سنڌي فائنل امتحان جي تياري وقت ڏٺو. موري منگر ڳوٺ ۾ سائين مرحوم عبدالرحمن ٽيٻو جي رهنمائي ۾ ڪجهه شاگردن سنڌي فائنل جي تياري پئي ڪئي. رات جو گولا ٻاري پڙهائي ڪئي ويندي هئي، ان وقت سنڌي فائينل پاس ڪرڻ ڪو آسان امتحان ڪونه هو. انوقت سائين لائق سنڌي سان گڏ استاد ڏاتر ڏنو شيخ حاجن ٽيٻو موريءَ وارو ۽ ڪجهه ٻيا امتحان جي تياري ڪري رهيا هئا. منهنجو ايترو قريبي تعلق ڪونه هو. البت هڪ ٻئي کي سڃاڻندا هئاسون، ان وقت آءٌ ڳوٺ پنيل ڳاهي ۾ رهندو هئس. سائين سان ملاقات جو سلسلو آفتاب اخبار جي نئين سر شايع ٿيڻ ڪانپوءِ شروع ٿيو. جڏهن به ملاقات ٿيندي هئي ته سنڌي صاحب فراخدلي سان وقت ڪڍي زماني بابت ڳالهه ٻولهه سان گڏ چانهه جي پيالي پياريندو هو. پنهنجي وس آهر دوستن جي ڪم ڪار ۾ مدد به ڪندو هو.

جڏهن آءٌ اسلام آباد ۾ نوڪري سانگي هئس ته ڪو دوست اسلام آباد ايندو هو ته ان کي خط لکي ڏيندو هو ته جيئن ان جي ڪنهن طريقي سان مدد ڪجي يا رهنمائي ڪجي. سنڌي صاحب جي گفتگو ۾ مون ڪڏهن ڪو غير مهذب لفظ نه ٻڌو. گفتگو ۾ آهستگي ۽ شائستگي هوندي هئي. عام طرح خاموشي پسند پر ويجهن دوستن سان کُلي ڪچهري ڪندو هو. جهڳڙن ۽ فساد کان تمام پري رهندو هو. پاڻ امن پسند ۽ حليم طبيعت جا هئا. سائين خود به اديب هو ۽ علم دوستن سان اڪثر صحبت هئس، عام ماڻهوءَ سان گفتگو نه برابر هئس ڇو ته علمي ۽ ادبي گفتگو کان خالي ڳالهه ٻولهه ڪيس متاثر نه ڪندي هئي. سنڌي صاحب ادبي سنگت ۽ اخباري صحافت ۾ اچڻ

سان شهرت حاصل ڪئي، سنڌ جي ڪافي علائقن ۾ سندس سڃاڻپ ٿي سائين جي پروف ريڊنگ ۾ مهارت هئي، جنهن ڪري جڏهن سنڌيءَ ۾ ووٽر لسٽون ڇپيون ۽ ان جي ڇپائي جو ڪم لاهور ۾ هڪ پبلشر کي ڏنو ويو ته ان جي پروف ريڊنگ لاءِ سنڌي صاحب کي لاهور گهرايو ويو، جتي ڪجهه مهينن تائين ڪم ڪيائون سندس گفتگو ۽ ڪردار جي ڪري پريس مالڪ ايترو متاثر ٿيو جو هُن ڪجهه روا پرائڻ لاءِ ڪيس ڏنا جڏهن ته هو واپس اچي رهيو هو ۽ وري لاهور وڃڻ جو ارادو ڪونه هئس، اُهي روا پرت پرائڻ ڪانپوءِ مون ان شخص کي اسلام آباد ويندي لاهور ريلوي اسٽيشن تي ڏنا.

اصل قصو ائين آهي ته سائين کيس چيو ته آءُ ته ڪونه ايندس مون تي توهان ڪيئن ٿا اعتبار ڪريو ان پريس جي مالڪ چيس ته نه مليا ته به خير آهي، مقصد آهي ته سائين تي ان شخص جو اعتبار ۽ اعتماد هو جيڪا سندس سُٺي ڪردار جي خوبي هئي، جڏهن ڳاهن جي ڳوٺ مان لڏي منگرن ۾ اچي آباد ٿيس ته سائين پهريون شخص هو جنهن سڄي گهر جي دعوت ڪئي هئي، طبعيتاً دل جا سخي ۽ همدرد انسان هئا، مون کي نٿو ياد پوي ته ڪو ڪنهن کي ڏکويو هوندائين، ڏٽي در دعا آهي ته سائين لائق سنڌي صاحب کي سچي سعادت ۽ دائمي سڪون ملي ۽ سندس درجا بُلند ٿيندا رهن.

❀

# صحافتي ٻوليءَ جو سينگاريندڙ سائين لائق سنڌي

**خطائي ٽيٻو**

سنڌ جي دانشگاهہ واري شهر حيدرآباد جنهن جي ڀرواريءَ واري تعلقي جي ڳوٺ موري منگر جي سنڌ ۾ هڪ پنهنجي الڳ سڃاڻپ رهي آهي، شيخ علي محمد جهڙو برک صحافي، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو ڊپوٽي آفيسر محمد اشرف ٽيٻو سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو اڳوڻو مرڪزي آڊيٽر شاعر ۽ ڊائريڪٽر ايگريڪلچر سنڌ امين ٽيٻو ۽ پروفيسر محمد اسماعيل ٽيٻو جو تعلق بہ موري منگر سان رهيو آهي، منهنجو ساڻن محبت ۽ نيازمندي جو رشتو رهيو آهي، منهنجي لاءِ هر وقت مهربان رهندڙ سائين لائق سنڌي تہ هن ڳوٺ جي جان هو لطيف چواڻي:

جيءَ منهنجو جن، انگڙيارو وڍيو،
پڄاڻان پرينَ، سُبان سڄو نہ ٿئي.

16 جنوري 2014ع جو ڏينهن سنڌ جي استاد ۽ صحافي سائين لائق سنڌي جي وڇوڙي جي خبر ڪٽي آيو. ساڻس پيار ڪندڙ شاگرد ۽ دوست سندس جنازي نماز ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سندس اباڻي ڳوٺ موري منگر پهچن ٿا، هن خطائي تي مُٺ ڪُنائپ، هميشہ مهربان رهي آهي، اِئين آئون شرڪت کان رهجي ويس.

سندس وفات کان اڳ ساڻس ملاقات لاءِ موري منگر پهتو هوس، سندس برادر چاچا قاسم، امين ٽيٻي، چاچا موسيٰ ٽيٻو ۽ احمد خان شيخ جي موجودگيءَ ۾ ملاقات ٿي هئي، اجگر بلا جهڙيءَ بيماري سان جهيڙيندڙ هن شخص جي چهري تي پر اعتمادي ڏنم، اُهائي آڌر ڀاءُ اُها ئي مهربان نگاهہ، اُها ئي سادگي ۽ اُهائي پنهنجائپ مجال آهي جو سندس مزاج ۾ فرق اچي، فرق بہ ڪيئن ايندو جن ماڻهن سدائين سچ جو وکر ورهايو هجي، ڪوڙ کان ڪنارا ڪشي ڪئي هجي اهي ماڻهو ڪڏهن مايوس ٿي نہ مرندا آهن. پر مسڪرائيندي موت سان هٿ ملائيندا آهن. سائين لائق سنڌيءَ سان منهنجي پهرين ملاقات

1998ع جي زماني ۾ منٺار فقير راڄڙ جي صوفياڻي ميلي ۾ هڪ صوفياڻي راڳ جي محفل ۾ ٿي هئي، علي بابا، وفا ناٿن شاهي، لالا رحمن سمون، پروفيسر قلندر شاهہ لڪياري، تاج جويو ۽ ٻيا ڪيترائي اديب شاعر هن محفل ۾ هئا، محمد بخش ضامن ۽ سرفراز راڄڙ صاحب محفل جا ميزبان هئا. سائين لائق سنڌي کي اعزازي مهمان ڪيو ويو هو، اُتي سائين لائق سان منهنجو محبتن جو رشتو جڙيو، جيڪو سندس زنده رهڻ تائين قائم رهيو، حيدرآباد ۾ جڏهن بہ ڪو ادبي پروگرام ٿيندو هو تہ عمر ڪوٽ کان حيدرآباد پهچي، سڀ کان پهرين تہ سائين لائق جي حاضري ڀربي هئي، پوءِ ادبي پروگرام ۾ شرڪت کبي هئي، جڏهن مون حيدرآباد سنڌ لا ڪاليج ۾ وڪالت ۾ داخلا ورتي تہ سائين لائق سنڌي، مون کي ڏاڍو همٿايو ۽ چيائين سنو ڪم ڪيو اٿئي پنهنجي ڀيل علائقي جي ماڻهن کي هن چٽا ڀيٽي جي دؤر ۾ تعليمي ميدان ۾ سندرو ٻڌي لهڻ کپي، تنهنجو ادبي ڪم پنهنجي جاءِ تي ٺيڪ پر هيءَ ڪم تمام سنو آهي،سائين لائق سنڌي صحافتي ٻوليءَ جو سينگاريندڙ هو سندس ٻوليءَ جي حوالي سان ڪيل خدمتون سنڌ جي صحافت جي تاريخ ڪڏهن بہ وساري نٿي سگهي، اخباري ٻوليءَ جي سينگارڻ ۽ سنوارڻ ۾ لائق سنڌي جو اهم ڪردار رهيو آهي.

سائين لائق سنڌي، سائين جي. ايم سيد جو پڪو پوئلڳ هو، سندس مزاج صوفي ۽ غريب پررور رهيو. آفتاب اخبار کان ويندي ڪاوش گروپ تائين لائق سنڌي پنهنجي ذميواري نڀائي. پيشي جي اعتبار کان بہ هميشہ پابندي سان علائقي جي ٻارن کي تعليم ڏنائين. سندس تعليمي ۽ صحافتي ٻوليءَ جي ميدان ۾ ڪيل خدمتن کي سنڌ هميشہ ياد رکندي، اُميد تہ سندس حق ۽ سچ جي ٻاريل روشني جي لاٽ کي سندس شاگرد ۽ فرزند ڪڏهن بہ اُجهائڻ نہ ڏيندا.

# سائين لائق جي ياد ۾

ظهيرالدين ٽالپر (بابر ٽالپر)

اڄ 16 جنوري 2014ع تي تقريباً 01 لڳي 45 منٽن تي محمد اسماعيل ٽيٻي جو فون آيو تہ بابا سائين لائق سنڌي، هن جهانِ فاني مان لاڏاڻو ڪري ويو.

انهيءَ خبر ڪي ٻڌندي ئي، مون کي اٽڪل 24 سال پوئتي جي، ان ڏينهن جي ياد آئي، جڏهن آءٌ پهريون ڀيرو سائين لائق سان مليو هئس.

آءٌ ۽ اسماعيل مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد ۾ پڙهندا هئاسين هڪ ڏينهن اسان ڪاليج مان ٽي آفتاب اخبارجي آفيس وياسين تہ پهريون ڀيرو سائين لائق سان ملاقات ٿي. سائين هڪ نهايت ئي شفيق سادو ۽ مٺن لفظن ڳالهائڻ وارو انسان هو. ان پهرين ملاقات مون تي سائين جي شخصيت جو تمام گهڻو اثر وڌو. ان کان پوءِ جڏهن بہ سائين سان مليس هر دفعي سندس شخصيت جو هڪ نئون پهلو ڏٺم ۽ ان مان متاثر ٿيس.

سائين کي هر موضوع تي عبور ۽ تمام گهڻي ڄاڻ هوندي هئي جڏهن بہ ڪنهن موضوع تي بحث مباحثو ٿيندو هو تہ سائين وٽ معلومات جا انبار هوندا هئا، ڄڻ انسائيڪلوپيڊيا هجي. سندس ان گهڻ رخي شخصيت جو هڪ پهلو اهو بہ هو تہ (منهنجي سوچ مطابق) سائين جي سنڌ جي تقريباً هر اهم ماڻهوءَ ۽ سندس خاندان سان واقفيت هوندي هئي. ڪنهن شخصيت جو اگر ذڪرنڪرندو هوتہ سائين سندس پوري تاريخ ۽ جاگرافي پيو ٻڌائيندو هو ۽ آءٌ حيراني سان پيو ٻڌندو هئس.

سائينءَ جي شخصيت جو اثر نہ رڳو اسان نوجوان شاگردن، صحافين ۽ عام ماڻهن تي هو پر وڏا وڏا ڪامورا ۽ بيوروڪريٽس بہ سندس تمام گهڻي عزت ۽ احترام ڪندا هئا. 1992ع ۾ جڏهن سنڌ ۾ گهڻين برساتن ۾ ٻوڏن جي صورتحال هئي، تڏهن سانگهڙ ضلعو گهڻو متاثر ٿيو. ان وقت جي ڊي. سي جناب عبدالسبحان ميمڻ، سائين لائق جي چوڻ تي اسان جي اوطاق تي آيا ۽ بابا (مير ضيغم الدين ٽالپر) سان ملاقات ڪيائون. ان ڪچهري ۾ آفتاب اخبار ۽ ٻوڏ ستايلن جي امداد وارا موضوع زير بحث رهيا، ڇاڪاڻ تہ ان وقت سانگهڙ جي ٻوڏ ستايل عوام سان آفتاب اخبار پلي پٽ نڀايو.

ڪجهہ عرصو اڳ جڏهن سائينءَ جي طبيعت ناساز هئي. تڏهن آءٌ موري منگرم سندس گهر ويس تہ سائين پاڻ هلي ٻاهرئين ڪمري ۾ آيا، گلي ۾ تڪليف جي ڪري سندن آواز تہ هلڪو پئي آيو پر ان باوجود بہ اسان سان ڪافي دير ويٺو ڪچهري ڪندو رهيو.

اڄ ان فون ڪان پوءِ سائينءَ سان 24 سال پراڻو ظاهري ملاقاتن جو سلسلو تہ شايد ختم ٿيو پر سائينءَ سان جيڪو محبت وارو رشتو هو، سو ڪڏهن بہ ختم نہ ٿي سگهندو.

آخر ۾ آءٌ دعاڳو آهيان تہ الله تعاليٰ سندن پونئيرن محمد اسماعيل ٿيٻي ۽ محمد بخش ٿيٻي کي صبر جميل عطا فرمائي ۽ کين سگهہ ڏئي تہ سائينءَ جي محبت ۽ محنت جي لاٽ کي روشن رکن.

❁

# عُمر سڀ عشق سين!

مسڪين سمون

دنيا ۾ ماڻهوءَ جي جيئڻ جا ٻه رستا هوندا آهن، هڪڙو پنهنجيءَ ذات جي لاءِ جيئڻ وارو، خسيس، بي بقا ۽ فاني رستو جنهن تي هلڻ سان، ماڻهو حياتيءَ ۾ ئي مري ويندو آهي، ٻيو رستو اهو هوندو آهي، ته ماڻهو زندگيءَ کي معنيٰ ڏيڻ لاءِ، ڪنهن عظيم مقصد لاءِ پنهنجيءَ ذات کان مٿانهون ٿي، هزارين، لکين ۽ ڪروڙين ماڻهن جي لاءِ پاڻ کي وقف ڪري، حياتيءَ جو پل پل با مقصد گذاري ڇڏي.

"جهانَ ۾ زندگي ائين گذار،
جو جڏهن مري وڃين،
ته ماڻهو ايئن نه چون ته ڪو فلاڻو
"مري ويو!" (حافظ شيرازي)

گوئٽي چيو هو:

"ڇا تون سچ پچ،
ڪجهه ڪرڻ گهرين ٿو؟
ته مهل هيءَ اٿئي،
جيڪي ڪجهه ڪري سگهين ٿو،
يا جيڪي سمجهين ٿو ته،
آئون ڪري ويندس،
تنهن کي اُتي شروع ڪري ڇڏ،
هينئر جو هينئر
اِجهو ہِنهہ هِن مهل! (گوئٽي)"

جيڪي ماڻهو، گوئٽي جي ان اصول تي عمل ڪندا آهن، تن جي زندگيءَ کي معنيٰ، ۽ مرڻ کان پوءِ سندن مِٽيءَ کي به مانُ مِلي ويندو آهي.

سنڌي صحافت، جيڪا گهڻي ڀاڱي زرد ۽ ڪرپٽ ٿي چڪي آهي، وڏيرڪي ۽ جاگيرداڻي سماج ۾ اڪثر صحافي ذاتي مفادن لاءِ سونَ تي سيڻ مٽائي، ضميرن جو سودو ڪري ڏاڍا سستا ۽ جمعي بازار جي مال وانگر وڪامي رهيا آهن، اتي ڪي اهڙا به معتبر نالا، سنڌي صحافت جي ميدان ۾ نظر اچن ٿا، جن جو ڪردار، عمل ۽ سوچ، ايترا ته صاف، پاڪ ۽ سندن دامن ايترا ته بي داغ ۽ مقدس آهن، جو سندن عظمت جي اڳيان احترام مان ڪنڌ جُهڪائڻا پون ٿا. اهڙن محترم ۽ باڪردار صحافين ۾ سائين لائق سنڌيءَ جو نالو به سِر فهرست آهي. جنهن سچي زندگي، بااصول، بامقصد ۽ بي داغ صحافت ڪي ارپي ڇڏي، ڪنهن به دٻاءُ ۽ لالچ، هن شخص کي ڪمزور ڪري نه جُهڪايو!

ايماندار ۽ اصول پرست صحافيءَ لاءِ هن سماج ۾ قلم جو ڀرم رکڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي، ڪئين لالچون، دٻاءُ ۽ ٻيا انيڪ طوفان، لوڏڻ لاءِ کُلي پوندا آهن. وڏا وڏا تناوَر وڻ پاڙئون پٽجي ويندا آهن، پر جيڪي پنهنجو وجود قائم رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن، سي تاريخ ۾ ڪڏهن به مرندا ناهن.

”جيڪو رڳو پڙهيل آهي، ڪڙهيل ناهي،
تنهن کي جڏهن به ڪو خريدار ملندو،
تڏهن پنهنجي علم کي، بازاري شيءِ وانگر وڪڻي ڇڏيندو!
(مولانا رومي)“

سائين لائق سنڌيءَ کان سينيئر ۽ سندس همعصر صحافي، ڪک پتيءَ مان لک پتي ٿي ويا، گاڏين ۽ بنگلن جا ڌڻي ٿي ويا، پر سائين لائق سنڌيءَ ”ڀلي ٻُڪَ ڀَرَمَ جي، شالَ مَ وڃي شانُ“ جي اصول تي هلندي، سنڌي صحافي ۾ جيڪو مقام، مانُ ۽ مرتبو حاصل ڪيو، تنهن جي آڏو دنيا جون دولتون ۽ ظاهري ٺَٺَ ڪا به اهميت ۽ حيثيت نٿا رکن.

مستقبل جو مؤرخ، جڏهن سنڌي صحافت جي تاريخ لکڻ ويهندو، تڏهن سائين لائق سنڌيءَ جو ذڪر، انتهائي احترام سان، انهن باضمير، پاڪدامن ۽ نـه وڪامندڙ صحافين سان گڏ ڪندو، جن جي عظمتن آڏو هماليہ جبل بہ ڏاڍو ننڍڙو لڳبو آهي.

اڄ بہ سائين لائق سنڌيءَ جي ذڪر ٿيڻ تي پڪ ڄاڻو ڪرپٽ ۽ داغدار دامن رکندڙ صحافين جا ڪنڌ شرم کان جُهڪي ويندا هوندا. سندن ساهَہ مُنجهي پوندا هوندا ۽ سندن ضميرَ، کين ڇُهنڊڙيون وجهندا هوندا ۽ ٻئي پاسي دنيا جون سموريون عظمتون، رُتبا، مرتبا، عزتون ۽ شُهرتون، سائين لائق سنڌيءَ جهڙن اعليٰ شانَ ۽ ڪردار وارين آڏو جُهڪي، سلام پيش ڪندا آهن ۽ تاريخ گواهي ڏئي ڇڏيندي تہ، پنهنجو ايمان سلامت رکندڙ ماڻهو ڪڏهن بہ فنا ناهن ٿيندا.

عُمر سڀ عشق سين، پُنهون جي پُڇن،  
رِيسَ ريزاليون تن سين، ڪُجاڙي لئہ ڪَنِ؟  
مارڳ جي مَرَن، وڏا طالع تن جا. (شاهہ)

❁

# سائين کي جئين مون ڏٺو.....!

شهروز اشرف ٽيٻو

جيڪڏهن دنيا جي اندر الله تعاليٰ جا عظيم شيءِ خلقي آهي ته اُهو آهي ”انسان“ ڇاڪاڻ ته انسان کي ”اشرف المخلوقات“ بنايو ويو آهي. ۽ ان کان به وڏيڪ عظيم آهي ”انسان جو فڪر“ جيڪو هن کي پنهنجي وجود ۾ اچا به اُتم بڻائي ٿو. تاريخ ۾ ”فرد جي ڪردار“ تي گهڻو لکيو ۽ بحث ڪيو ويو آهي. ان ڪري ڪنهن ڏاهي جو قول آهي ته ”فرد“ تاريخ جا پيير هوندا آهن. ان ڪانسواءِ تاريخ اڌوري هوندي آهي. لطيف، سچل، سامي ۽ اياز جي سنڌ ۾ ڏاهن، شاعرن اديبن، صحافين ۽ بهادر انسانن جي هڪ اڻ کٽ قطار آهي. جيڪا هوش محمد شيدي، ڊاڪٽر علامه آءِ آءِ قاضي، سائين جي ايم سيد، ذوالفقار علي ڀٽي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، استاد بخاري کان ويندي سائين حيدر علي لغاري تائين جهڙن ماڻهن جي هڪ لازوال قطار آهي. جن سنڌ جي حقيقي تعمير ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو اها ڳالهه چوڻ ۾ آئون ڪابه هٻڪ ۽ هرج محسوس نه ڪندس ته انهيءَ سفر جي هلندڙ هڪ قافلي جو ”گمنام سپاهي“ ۽ آدرشي انسان جو به پورهيو شامل آهي. اُهو آهي سائين لائق سنڌي جنهن پنهنجي سموري زندگي سچائي ۽ ايمانداري سان گذاري ۽ حياتي جا 25 سال تعليم جي شعبي کي ارپيا. ان کانپوءِ جڏهن هن کي صحافت سان جنونيت جي حد تائين عشق ٿيو ته بجاءِ صحافت ۽ ماستري کي گڏ هلائڻ جي(جئين هينئر عام جام آهي) سائين رٽائرمينٽ کي ترجيع ڏني. ۽ باقي رهيل سمورو زندگي جو حصو صحافت کي ارپيائين.

سائين کي جئين مون ڏٺو ته سائين تمام گهٽ ڳالهائيندڙ پنهنجي جملي ۾ مقصد جي ڳالهه ڪرڻ جو قائل هوندو هو. سائين سنڌي

ٻوليءَ جو پارکو هو. سائين هڪ کرو انسان هو. سنڌ سان پيار ڪرڻ وارو سچو سپوت هو. سنڌ سان سندس عشق جو اندازو سندس نالي مان ئي لڳائي سگهجي ٿو.

سائين واقعي هڪ محب وطن، وطن پرست ۽ انسان دوست ماڻهو هو. منهنجي والد مرحوم اشرف ٽيٻي پنهنجي وفات کان ڪجهه ڏينهن اڳ ذڪر ڪندي ٻڌايو ته جڏهن آئون آگسٽ 1989ع نوڪري ۾ پرتي ٿيس ته منهنجي جوائنگ لاءِ سائين لائق مون سان گڏ دادو هليو هو جتي تڏهوڪي DC عبدا لسبحان ميمڻ سان پڻ ملاقات ڪئي ۽ هن اسان جي تمام گهڻي عزت ڪئي.

ان چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته سائين لائق سنڌي جهڙا ماڻهو صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن. ڀلي اهي انسان اسان کان جسماني طور جدا ٿي ويا هجن، پر فڪري طور تي هو اسان سان هر وقت گڏ هوندا آهن.

ان لاءِ ڪنهن اردو جي شاعر چيو آهي ته:

”کون کهتا هي کي موت آئي تو مين مرجاؤن گا“

”مين تو درياه هون سمندر مين اتر جاؤن گا“

( اسسٽيٽيوٽ آف انگلش لنيگويج ۽ لٽريچر يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو.)

# تاثرات

## صحافتي پيٽا

## سنڌي صحافت جو قلندر سائين لائق...!

لالا رحمان سمون

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين.
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين.
جيءَ کي جيارين سي لاهوتي لڏي ويا. (شاهہ)

سائين لائق سنڌي اسان جو اهو محترم استاد هيو جنهن اسان جو ڪو باقاعده ڪلاس يا پيريڊ تہ نہ ورتو پر هلندي گهمندي، اٿندي، ويهندي، واندڪائيءَ جي گهڙي هجي يا اخبار ۾ ڪم دوران اهڙا گفتا، لفظ، چوٽيون، ڳجهارتون ۽ صحافتي صنفون ائين سمجهائي ويندو هو جو گهڙي پل لاءِ سوچ ۾ پئجي ويندا هئاسين. سائين پنهنجي سڀاءُ ۾ صوفي هو ۽ علم ۾ قلندري واٽ هيس. ڪيس سدائين هٿ ۾ ٿيلهي هوندي هئي، سائينءَ جو سڄو علم، پروڙ ۽ پورهيو ان ٿيلهيءَ ۾ اوتيل هو. سندس ونڊ ان ٿيلهيءَ مان هر خاص ۽ عام لاءِ هو. سائين لائق لطيف وارو نسورو سنڌي هو جنهن وٽ مزاحمت، هوڏ، نماڻائي، ٻاجهارائپ، رواداري ۽ حياءَ جا گُڻ هئا. سندس وڇوڙو جهوريندڙ آهي. هر شيءِ فنا جي مصداق ئي آهي. سندس پيار ۽ اُڪير اسان کي سدائين ياد رهندي، هو اسان کي پنهنجي ابي وانگر ئي لڳو. رب تعاليٰ ڪيس پنهنجي ٻاجهہ ۾ پناهہ ڏئي.

دلبر هن دنيا ۾ وڃي رهندو واس
(شاهہ)

✍

## سائين لائق سنڌي

مدد علي سنڌي

محترم محمد لائق سان منهنجي دوستي صحافت دوران ٿي. سنڌ نيوز، عبرت، مهراڻ ۽ آفتاب اخبارون، اڄ کان 40 ورهيه اڳ حيدرآباد شهر جون اهم اخبارون هيون. 1980ع ۾ سنڌ نيوز جي آفيس گاڏي کاتي حيدرآباد ۾ هوندي هئي، سائين لائق مون وٽ ايندوهو. اهو اخبارن جو مشڪلات وارو دور هو. اخبارن تي سينسر شپ جاري هو. اخبارون روزانو سينسر ڪرڻ ڪانسواءِ نه نڪري سگهنديون هيون. اهڙي وقت ۾ هو، مون وٽ ايندو هو. ڪيترا پيرا ڏاڍا ڪارائتا مشورا به ڏيندو هو. ڪجهه وقت لاءِ سنڌنيوز ۾ به ڪم ڪيائين. پوءِ ته آفتاب اخبار جو، هن سان آخري دم تائين لاڳاپو رهيو. مان بعد ۾ عبرت آفيس ۾ هليو ويس. پر آئون سنبران ته ڪو اهڙو ڏينهن نه هجي ته هن مون وٽان پيرو نه پڇيو هجي. شاهه سائينءَ تي ۽ سنڌي ٻوليءَ تي ڪيس دسترس حاصل هوندي هئي، هاڻ اهڙا ماڻهو ڪٿي؟ ڏيئو کڻي ڳوليون ته به ماڻهو نه لڀندا سائين لائق جهڙا. شل جنت ۾ جايون ولاري، اسان کي سدائين ياد ايندي رهندي باقي ته:دلبر هن دنيا ۾ وڃي رهندو واس.
18.01.2014

## اندر ۾ گور صوفي طبيعت رکندڙ

سهيل سانگي

هڪ اهڙو ماڻهو جيڪو منهنجو به دوست هو، منهنجي چاچا سچل جو به ته وري منهنجي پٽ رياض جو به دوست هو. سچو نهنو،

مانيٽو ماڻهو پر اندر ۾ گور صوفي طبيعت رکندڙ پڙهيل لکيل عالمن وانگر. پر ڪڏهن اهڙو ڏيکاءُ نہ ڏنائين. سنڌ ۾ هر چرندڙ ڦرندڙ ماڻهو پوءِ ڪٿي اُن جو ڪهڙي بہ شعبي سان تعلق هجي. ان سان ذاتي ڄاڻ سڃاڻ. ساڳي وقت سنڌ ۾ هر سطح تي اٿندڙ هر تحريڪ. چرپر تي گهري نظر سنڌ اج 50 سالن جي تاريخ جي ڊيٽا پارکو ۽ اينٽرا پالاجسٽ کان محروم ٿي ويئي.

## لِکا پڙهن لوڪ ۾....!

ناز سهتو

پيو ڪير مجي يا نہ مجي، پر آئون وڏي واڪ چوان ٿو تہ 1980ع ۾ آئون جڏهن حيدرآباد آيس تہ جن ماڻهن پئي پانهون کولي منهنجي مدد ڪئي، انهن ۾ سائين لائق سنڌي سيني کان اڳيان هو. روزاني آفتاب ۾ لڳاتار 8 سال ۽ پوءِ ڪاوش گروپ ۾ ڪيترائي سال سائينءَ سان اسان گڏ رهياسين. هو سدائين اسان جو رهبر رهيو جتي منجهياسين، سائين لائق اسان جي رهبري ڪئي. هو پيٽائيءَ جي سر رامڪليءَ وارو جوڳي هيو......

16 جنوري 2014ع

## هڪ بهترين استاد ۽ بهترين صحافي

خالد ڪوکر

سائين لائق سنڌي هڪ بهترين استاد ۽ بهترين صحافيءَ سان گڏ هڪ بهترين انسان پڻ هو. يگاني طبيعت وارو هي انسان انتهائي

شفيق ۽ پيار ڪندڙ ماڻهو هو. 1980ع واري شروعاتي دؤر ۾ جڏهن مون روزاني آفتاب ۾ ڪم شروع ڪيو تڏهن سائين لائق سان ملاقات ٿي ۽ جنهن شفقت پاڻ ۽ پيار سان هو پهرين ڏينهن مليو زندگيءَ جي آخر تائين هو ائين ئي شفيق رهيو. هو سنڌي ٻوليءَ جو نهايت پارکو هو ۽ اسان جي هُن ٻوليءَ جي باري ۾ تمام گهڻي رهنمائي ڪئي. فقيري طبيعت واري هن محنتي انسان کي اسان ڪڏهن به ڪاوڙ ۾ نه ڏٺو ۽ نه وري سنڌس چهري تي چڙ وارو گهنج ڏٺو. سنڌس وڇوڙو سنڌس خاندان جي ڀاتين سان گڏو گڏ سنڌس دوستن ۽ اخباري حلقن ۾ به سوڳ وارو ماحول ڇڏي ويو آهي، ڇاڪاڻ ته سائين لائق جي دوستيءَ جو هڪ تمام وڏو حلقو آهي. سائينءَ جي وڇوڙي تي اهي سڀ سوڳوار آهن. ڏٺي در دعا آهي ته شل الله تعاليٰ سائين کي پنهنجي رحمت ۾ رکي.

ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر، ’روزاني جيجل‘ 19.01.2014

✍

## يار زنده ته صحبت باقي...!

### شبير نظاماڻي

سائين لائق کان جڏهن به موڪلائبو هو ته چوندو هو ”يار زنده ته صحبت باقي!“ پر اڄ اهو شفيق انسان اهي لفظ چوڻ لاءِ موجود ناهي. سوچيان پيو ته هاڻ اهي لفظ ٻڌڻ لاءِ اسان وري الائي ڪڏهن ملنداسين.

روزاني ’سنڌ ايڪسپريس‘ حيدرآباد

✍

## استاد لائق سنڌيءَ جو وڇوڙو

صالح بلو

استاد لائق سنڌيءَ جو وڇوڙو سنڌي ٻولي سنڌي صحافت ۾ وڏو خال پيدا ڪري ويو. جيڪو تاريخ جو انمول هيرو هو جنهن سنڌي ٻولي علم، ادب ۾ وڏي خدمت ڪئي، خاص طرح صحافتي دنيا ۾ سندس وڏو نالو رهيو. جيڪو پروف ريڊر ڪان وٺي پيسٽنگ ڪندو هو ته ساڳئي وقت سنڌي ٻوليءَ جي اصليت ۽ ان جي اهميت کي اجاگر ڪندو رهيو.

سائين لائق سنڌي آفتاب اخبار، عبرت بعد جڏهن سنڌ اخبار جيڪا 1995ع ۾ شروع ڪئي سين ته اسان وٽ ٻه آيو يار ويس. ڪلٺو ملٺو، سگريٽن جا سوٽا جنهن انداز سان هڻندو هو. هو هر ڪنهن سان ياڪر پائي قرب سان ملندو هو. سندس زندگي سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪرڻ ۽ اخباري ٻوليءَ کي سڌارڻ ۾ گذري. اخبار ۾ ٽيندڙ غلطين کي سڌارڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪندو هو جنهن ڪيترائي بهتر شاگرد پيدا ڪيا. سنڌ اخبار بعد ڪوشش ۾ رشيد راڄڙ سان گڏ ڪم ڪندو هو. ليڪن سنڌ اخبار پرسان سندس رهائش هوندي هئي، جنهنڪري روز صبح جو ضرور اچي ڪچهري ڪندو هو. لائق سنڌي جنهن جي ڪچ توڙي هٽ ۾ ڪيتريون اخبارون هونديون هيون، سندس رهائش اخباري لئبرري بڻيل هئي. سائين لائق سنڌي جيڪو جسماني طور اسان وٽ موجود ناهي پرسندس ڪيل خدمتون، يادون تاحيات زنده رهنديون ۽ تاريخ جو حصو رهنديون.

ايڊيٽر سنڌ گرين نواب شاهه 22.01.2014

## مرڪون وکيريندڙ انسان

**خالد چانڊيو،** سنڌ ٽي وي

سائين لائق سنڌي سنڌ ۾ علم، ادب ۽ صحافت جي حوالي سان تمام شفيق ۽ محنتي ماڻهن ۾ شمار ٿئي ٿو. منهنجي خوشقسمتي آهي، جو مون سائين لائق سنڌيءَ سان گڏ ڪم ڪيو ۽ ان دوران ان کان گهڻو ڪجهه سکيو. سائين لائق سنڌي پنهنجي طبيعت ۾ انتهائي پيار ڪندڙ ۽ هميشه مرڪون وکيريندڙ انسان رهيو. سائين پنهنجي سوچ ۽ فڪر ۾ سنڌ دوست، تعليم دوست ۽ انسان دوست شخص هو. هو سنڌ جي حالتن تي سدائين ڏکارو رهندو هو ۽ ڪجهه ڪرڻ جي لاءِ هميشه تلقين ڪندو رهندو هو. چوندو هو ته پوتارن کي ڇا ڪجي جن سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن کي نقصان ڏنو آهي. بهرحال سائين لائق سنڌي هڪ استاد هئڻ سان گڏ علم، ادب ۽ صحافت جو تمام سهڻو ۽ ناميارن نالن جيان مشهور ۽ عظيم شخص هو. جنهن کي سنڌ هميشه ياد رکندي.

✍

## سائين لائق اسان جو استاد

**فيض کوسو،** ڪي ٽي اين

آئون ٻارهوس ته مون کي منهنجي پيئرن حضور بخش ۽ فيض محمد ٻڌايو ته سائين لائق اسانجو استاد آهي. انهن ڏينهن ۾ سائين لائق آفتاب اخبار ۾ ڪتابت ڪندو هو. پهريون ڀيرو منهنجو فوٽو ۽ ڪجهه لکڻيون آفتاب اخبار ۾ شايع ٿيون هيون. ان اتساهه ڪانپوءِ آئون اخبارن ۽ پوءِ اليڪٽرانڪ ميڊيا سان واڳجي ويس، آئون اڪثر

پنهنجي والد صاحب سان گڏ آفتاب اخبار ۾ ويندو هوس، سائين لائق هميشہ اسان سان ٻاجهہ ۽ محبت سان پيش ايند هئا. اهڙا اتساهيندڙ ماڻهو دنيا ۾ بنهہ گهٽ پئدا ٿيندا آهن. اسان تہ بهرحال هڪ راج جا آهيون، انڪري هن اخباري دنيا ۾ مون کي سونهون ڪرڻ لاءِ بنهہ گهڻو اتساهيو. يقين نٿو اچي تہ سائين لائق سنڌي هاڻي اسان ۾ نہ رهيو آهي، هو بهرحال پنهنجي سنڌ امڙ جي هنج ۾ ستو آهي ۽ مون کي يقين آهي تہ هو بنهہ آسودو ۽ خوش هوندو. ڇاڪاڻ تہ ڌرتي ماءُ پنهنجي ٻچڙن کي ڪڏهن بہ ڏک ۽ تڪليف نہ ڏيندي آهي. هو ڌرتي ماءُ جو سچو پچو عاشق هو.

18.01.2014

✍

سائين لائق سنڌي جديد سنڌي صحافت جو اڪين ڏٺو شاهد هو. هُن پنهنجي خوبصورت سوچ ۽ صوفي مزاج سبب پيار ورهايو. هن وٽ ڪنهن لاءِ بہ ننڍي وڏي جو ڪو فرق نہ هوندو هو. هن سدائين محبتون ورهايون، نوان ماڻهو اپاريا ۽ انهن ۾ جذبو اپاريو ۽ ڪيترائي ليکڪ سندس ان عمل سبب ناليوارا ٿيا، انهن سنڌي شاعري ادب ۽ سياست ۾ ڪردار ادا ڪيو ۽ ادا ڪري رهيا آهن.

اسين سمجهون ٿا تہ سنڌ ۾ ٻن ماڻهن/ شخصيتن تي هر مڪتبہ فڪر چاهي سياسي، ادبي هجي ان جي Atraction ۾ ڪو فرق نہ آيو ۽ سندن ڳالهہ ۽ سڀاءُ جو هر ماڻهو پيو هام هڻندو هو. هڪڙو هو حفيظ قريشي ۽ ٻيو هي اسان جو سائين لائق سنڌي. سائين هميشہ ملندي رستي تي پنڌ ويندي ڳوٺ نہ اچڻ جي ۽ نہ ملڻ جي ميار ڏيندا هئو ۽ اڄ توهان ڏي آيا آهيون تہ توهان هليا ويا آهيو؟ اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا آهن. سائين! سدائين گڏ.

**جاويد سوز هالائي، پنهل ساريو، تاريخ** 16.01.2014

✍

سائين لائق سنڌيءَ جي وڇوڙي هر اُن عمر واري شخص کي جهنجهوڙي ڇڏيو آهي، جنهن ساڻس هڪ دفعو ملاقات ڪئي هئي، جهڙو سندن نالو هيو اهڙوئي لائق شخص. هر ماڻهوءَ سان پيار ڪندڙ سائين لائق مون سميت سمورن انهن دوستن جو دوست هيو. جيڪي انسانيت سان محبت ڪندڙ آهن. سائين پنهنجي سموري عمر ۾ سواءِ محبت جي ٻي ڪا بہ پرچار نہ ڪئي. آئون سائينءَ جي انهن شاگردن مان آهيان، جيڪي ساڻس تمام گهڻو ويجهو رهيا، سائين سان گڏ گهاريل 2 سال زندگيءَ جا يادگار سال آهن، انهن سالن دوران سائين لائق کان جيڪو ڪجهہ سکيو اهو منهنجي سموري زندگيءَ جو سرمايو آهي، آئون هن وقت صحافتي دنيا ۾ جيڪو ڪجهہ بہ آهيان، سائين لائق جي ڪري آهيان، ساڻس سموريون ڪچهريون، يادگار ۽ دل تي نقش ڪندڙ آهن، سائين لائق هن وقت اسان ۾ ناهي پر سندس يادون ۽ نصيحتون اسان سان سموري حياتي گڏ هونديون.

**گل حسن لغاري** سب ايڊيٽر روزاني شام ’حيدرآباد

✍

## پريم تنهنجا پار، کهڙا چئي کهڙا چوان.

انهيءَ ڪري نہ ٿو چوان، جو هن مون کي (ڪابل ۽ قابل)، (نظر ۽ نذر)، (قتل ۽ ڪتل) ۾ بيا نہ ڄاڻ ڪيترائي لفظ، اچار جي صورت ۾ ريڊيو ۾ ڏي سيکاريا، پر هن عبرت ۾ ڪم ڪندي ڪيترن ئي اصل ۽ نقل لفظن ۾ فرق ڪرڻ بہ سيکاريو. هن جو خلوص، پيار ۽ شفقت وارو

هٿ سچ پچ تہ وسري نہ سگهندو. دعا آهي تہ شال سائين لائق سنڌيءَ کي رب پاڪ جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا ڪري. آمين

**امين ارباب**

(ريڊيو حيدرآباد)

✍

لائق سنڌي هڪ مخلص ماڻهو ۽ مخلص صحافي هو. لائق سنڌي سنڌي ميڊيا جي علامت طور سڃاڻپ رکندو. مون هڪڙي پيرو هن کي اخبار جا پروف چيڪ ڪندي ڏٺو ۽ مون کي ريس ٿي تہ ڊيسڪ تي ڪم چڙهي جيڪر پروف وارو ڪم ڪجي. لائق سنڌي، سنڌي صحافت جو ڪلاسيڪل ڪردار هو اسان جي سنڌي اخبارن توڙي صحافي ليڊرن کي لائق سنڌيءَ جي ياد ۾ ڪو وڏو ميڙاڪو ڪوٺائڻ گهرجي، جيڪڏهن ائين نہ ٿو ڪيو وڃي تہ پوءِ هن جي حياتي ۽ هن جي ڪم بابت ڪو يادگار ڪتاب ڇپائڻ گهرجي، تہ جيئن اسان جو ايندڙ نسل سنڌي صحافت جي ڪم ڪان واقف ٿئي.

**واحد ڪانڌڙو،** صحافي/ قومي ڪارڪن

✍

ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج

ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ اچي بوءِ بهار جي.

ماڻهو ماڻهوءَ منجهہ مٺيا شامل هوندي آهي، سائين لائق ذاتي زندگي ۽ عملي زندگيءَ ۾ هڪ لائق ۽ آدرشي انسان هو. شفيق ۽ محبتي استاد سان گڏ محبت ڪندڙ ۽ هميشہ شاباس ڏيندڙ هڪ زندهہ دل انسان هو. اخباري دنيا ۾ اچڻ بعد مون سان سندس هڪ خاص تعلق جڙيو هو. ڪڏهن ڪڏهن دڙڪا بہ ڏيندو پر انهن دڙڪن ۾ بہ پنهنجائپ ۽ پيار شامل هوندو هو. جڏهن سائين جي هدايت سخت لهجي ۾ هوندي هئي تہ وري جهٽ ۾ منهن تي مرڪ آڻي چوندو هو تہ جمالي تون مون کي اسماعيل وانگر پيارو آهين. هڪ

پيرو 1995ع ۾ جڏهن ڪاوش اخبار تڏهوڪي ڊپٽي ڪمشنر بدين جناب سبحان ميمڻ خلاف لکيو هو ته سائين لائق پنهنجائپ واري انداز ۾ صحبت ۾ چيو هو ته جمالي آئون ڳوٺ اچي توکي مار ڏيندس، ائين جيئن اسماعيل (سندس پٽ) کي سختيءَ سان سمجهائيندو آهيان. مون مرڪي جواب ڏنو هو ته توهان استاد، وڏا ۽ والدين جهڙا آهيو.

اج اهي يادون سائين جي محبت ۽ شفقت ڀيهر ياد ڏيارين ٿيون. الله تعاليٰ کيس جنت ۾ جاءِ عطا ڪري ۽ سائين لائق ٽيپو جون نصيحتون اسان کي به ياد رهن، جنهن لاءِ پڻ آئون دعاگو آهيان. اميد ته مون سميت سائين لائق جا ادب ۽ صحافت جا ساٿي توڙي ڪانئس سبق حاصل ڪندڙ سيئي شاگرد کيس اهڙي ئي محبت ۽ اکير سان ياد ڪندا رهن.

**مصطفيٰ جمالي،** 8 آڪٽوبر 2014ع، ڪاوش بدين

هڪ انتهائي لائق استاد سائين لائق سنڌي صاحب جي وڇوڙي تي سچ پچ ڏک جي ڪيفيت ان ڪري به وڌي وئي، جو ڪيترا سال اڳ سائين جنهن ڪاليج ۾ جنهن تعليمي رسالي جا ايڊيٽر هئا اڄ ان ساڳئي ڪاليج ۾ ان ساڳي رسالي ۾ ساڳي جاءِ تي آئون به آهيان ۽ سندن ان دؤر جا ڇپايل ڪتاب پڙهي ساڻن روحاني عقيدت هئي، دعا آهي ته شال رب پاڪ کين پنهنجي جوار رحمت ۾ جاءِ ڏئي. آمين.

**علي عمران سمون**، حيدرآباد، 17.01.2014

✍

سائين لائق سنڌي صحافت جو هڪ اسڪول هو جنهن مان هر ان ماڻهو فيض حاصل ڪيو هو جنهن جي دل ۾ سنڌ لاءِ درد موجود هو. سائين اڄ اسان کان جسماني طو وڇڙي ويو آهي پر سندس صحافت جي سکيا وارا سبق تاريخ ۾ ياد رکيا ويندا.

**جاويد پيٽي**، روزاني ’سنڌ ايڪسپريس‘ حيدرآباد.

✍

## ڪو ڪو ماڻهو موتيءَ داڻو

محترم سائين لائق سنڌيءَ جو وڇوڙو سنڌي ادب ۽ صحافت جو وڏو نقصان آهي، سائين لائق هر نئين صحافيءَ لاءِ رهنما ۽ رهبر جو ڪردار ادا ڪيو. پريس ڪلب حيدرآباد جو سائين واحد صحافي هو جيڪو اخبار پنهنجي پئسن جي پڙهندو هو. هو هڪ باڪردار، با اخلاق، با شعور استاد هو. سنڌ هڪ سٺي سنڌي ڄاڻوءَ کان محروم ٿي وئي آهي، الله سائين استاد محترم کي جنت ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري.

**عبداللطيف ملاح**، سينيئر صحافي پريس ڪلب حيدرآباد.

✍

الله رب العزت ان عظيم انسان کي جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي، جيڪو سنڌ جي هلندي ڦرندي انسائيڪلوپيڊيا، اسان جو سينئر ۽ پيارو هو. رب پاڪ سائين لائق جا درجا اجا بلند فرمائي.
’آمين‘ **سيد سعيد افضال**، ڪاوش حيدرآباد

سائين لائق لاءِ آئون ڇا لکان؟ هڪ دوست هڪ ساٿي ۽ هڪ سڄڻ هو. هن منهنجا اخباري دنيا ۾ ڪرڪيٽ جا مضمون پيسٽ ڪيا ته آفتاب ۾ راندين جو صفحو به ڪڍايو هو.

منهنجي لاءِ اهوئي ڪوڙ اعزاز آهي ته هڪ صفحي جو انچارج سائين لائق ڪرايو.

میر اعظم تالپر، 19.01.2014

## سائين لائق سنڌي

چاچو لائق سنڌي صحافت جو هڪ نرالو نانءُ هو. هن سنڌي صحافت ۾ ڪيترائي نوان ٽرينڊ ۽ نوان لاڙا آندا، هو هميشه فقير منش هوندي به ڪڏهن لڪير جو فقير ٿي ڪم نه ڪيو. هن جو صحافتي دنيا ۾ ڪيل ڪم سمنڊ مان سپون ڳولهڻ برابر هو. هن پنهنجي سموري عمر صحافت ۾ گذاري ڇڏي، پر صحافت جو ساٿ هرگز نه ڇڏيائين. هن پيرسنيءَ ۾ پنهنجي ڏڪندڙ هٿن سان اخبارن ۾ رهجي ويل غلطين کي ٺيڪ ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. هن جو سنڌ سان به عجيب عشق هو! عشق به اهڙو جو هن جي رڳ رڳ ۾ شامل ٿي، هن جي ذات ۾ شامل ٿي ويو پر آخري گهڙين تائين هن سنڌ سان عشق واري جنون کي جهڪو ٿيڻ نه ڏنو. توڙي جو هو ڄائو ته ٽيبا قبيلي جي خاندان ۾ هو. سندس پالنا ۽ پرورش به ان ذات ۾ ٿي هئي، پر جڏهن سمجهه ڀريو ٿيو ته هن پنهنجي ذات واري انسيت کي سنڌ سان اهڙو ته ضم ڪري ڇڏيو جو هميشه لاءِ پنهنجي نالي پٺيان ’سنڌي‘ لکي پاڻ ’لائق ٽيبي‘ مان ’لائق سنڌي‘ بڻجي ويو. ان کان وڌيڪ هن جو سنڌ سان عشق جو ٻيو ڪهڙو ثبوت هوندو! عام طور تي ڪيترن کي اها

خبر بہ نہ هئي تہ چاچو لائق سنڌي ذات جو ڪو ’ٽيبو‘ آهي! چاچي لائق سنڌيءَ جون سنڌي صحافت لاءِ انيڪ قربانيون آهن، جيڪي هن جي دفن ٿيڻ سان ڪڏهن بہ دفن ٿي نہ ٿيون سگهن. اڄ چاچو لائق سنڌي اسان جي وچ ۾ موجود تہ ڪونهي، پر سندس غير موجودگيءَ جو اهو خال گهر ڀاتين جيئن دوستن جي دلين ۾ بہ ڇيت جيئن ڇيندو رهندو!

اٿين ڇڏائي هٿ مان هٿ ويا ڇڻ نہ هئا منهنجا،
آلا ڪپڙا وقت سڪايا ڳل نہ سڪيا منهنجا،

**ساجد چانديو**

✍

اٿين ئي سرد موسم هئي، جنوري هُئي يا نہ پر ايترو ياد آهي تہ هڪ سرد ڏينهن جي اُداس شام تي منهنجي سائين لائق سان ملاقات ٿي هئي. هو پهريون دفعو ملڻ سان ئي ائين لڳو ڄڻ منهنجي مٿي تي ڪنهن ملندي ئي پنهنجي شفقت جو هٿ رکي ڇڏيو هُجي. ان ڪانپوءِ آفتاب اخبار جي آفيس ڄڻ اسان جو مسڪن بنجي وئي. حيدرآباد ايندي ڪم ڪار لاهي ٿڪبو هُئس تہ ٿڪ پيچڻ جي جاءِ اهو آڪيري جهڙو ڪمرو هوندو هئو. ايندي ئي پڇڻ ماني ڪاڌي اٿئي!! ۽ منهنجي ”نہ“ تي اقبال هوٽل تي هلڻ، مون کي لڳندو هئو شايد هو مون کي سيني ڪان وڏيڪ ٿو ڀائئي. اهو منهنجو يقيناً وهم بہ نہ هئو. هن سان ملڻ سان سدائين پاڻ کي اهم ئي سمجهندو هُئس، پر هن جي محبتن جو حلقو ايترو تہ وسيع هئو جو مون جهڙا الائي ڪيترا هئا، جن کي سائينءَ جي قرب جي ڪمند اٿين ئي جڪڙي رکيو آهي. ڪافي وقت ڪانپوءِ مون اسماعيل جي وال تي هن جي تصوير ڏٺي، هن جي اکين ۾ اهائي جوت هئي، ساڳي ئي محبت، ساڳي ئي شفقت!!

وچڙو سڀ ڪنهن کي آهي، رهندو رب جو نالو. پر سائين لائق پنهنجي زندگي جو هڪ هڪ پل سجايو گذاريو. وڏي ڳالهه ته نفرتن جي هن جهان ۾ هن فقط محبتون ونڊڻ ئي چاتو هئو ۽ محبتون ونڊيندي ئي وڇڙي ويو.

**شبير ملاح**، حيدرآباد

✍

چاچا لائق سنڌي سنڌ جي صحافت جو هڪ اهڙو خاموش خدمتگار هو، جنهن جو خال وڏي عرصي تائين محسوس ڪيو ويندو.

هو محبت جو پندار هو. منهنجي ساڻس ڏيٺ ويٺ ننڍڙي لاڪون ٿي، جڏهن هو آفتاب اخبار ۾ ڪم ڪندو هو. اهو زمانو ضيائي مارشلا وارو هو ۽ صحافتي لڏي ۾ ڪو ڪو اهڙو ڪردار هوندو هو. جيڪو سرعام سنڌ سان محبت جي دعوي ڪندو هجي.

هن هميشه اسان سان محبتون ونڊيون. اسان هن کي ڪڏهن به هيٺو پوليندي نه ڏٺو. سندس محبتون اسان جي دلين ۾ سدا آباد رهنديون.

رب تعاليٰ کان دعا آهي ته هن کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي.

**سارنگ سهتو**، 22.01.2014

✍

سائين لائق سنڌيءَ جو وڇوڙو سنڌ جي صحافت لاءِ وڏو نقصان آهي. اسان سڀ گهمندڙ ڦرندڙ لائبرري ۽ سيني ۾ تاريخ سانڍي هلندڙ بزرگ کان محروم ٿي ويا آهيون. سائين لائق انتهائي سباجهو، گهٽ ڳالهائيندڙ، ڪم سان ڪم رکڻ وارو بي لوث انسان هو. هُن اسان جهڙن صحافين، جن کي هن ميدان ۾ 20، 20 سال گذري ويا آهن، تن کي چيچ کان وٺي صحافت سيکاري ۽ پنهنجي تجربي کان فيضياب ڪيو. صحافتي ڪٽنب پنهنجي وڏي کان محروم ٿيو آهي.

**پروفيسر عبدالعزيز سومرو**، روزاني ’سنڌ ايڪسپريس‘، حيدرآباد.

✍

## سائين لائق سنڌي هڪ شفيق استاد

سنڌي صحافت ۾ جڏهن پير پاتم تہ سنڌي ٻوليءَ جي جوڙجڪ کان اڻ واقف هئس. سنڌيءَ جي الف — ب جي ڄاڻ ڪوشش اخبار ۾ اچي تڏهن ٿيم. جڏهن سائين لائق جي رهنمائي ملي. خبرون ٺاهڻ وقت جڏهن ٻولي ٿوري بہ بگڙيل هوندي هئي، تہ سائين تمام گهڻو ڪاوڙبو هو. ان مهل اسان کي سائينءَ جو غصو نيڪ نہ لڳندو هو پر اڄ جنهن منزل تي پهتا آهيون. جيڪڏهن سائينءَ جي رهنمائي حاصل نہ هجي ها تہ شايد اهو مقام نہ ملي سگهي ها.

**طارق بلوچ** ’سنڌ ايڪسپريس‘ حيدرآباد

مٺا مَنجهہ مقام، سڪن ٿا سلامن کي،
نہ آچين ڪپڙو، نہ طلبين طعام،
الله اهو ڏينهن آڻ، جو ڏسان مُنهن محبوب جو.

سائين لائق سنڌي، سنڌ جي گهڻ طرفي شخصيت هئي، هڪئي وقت استاد، اديب، صحافي ۽ ٻين کي پنهنجو ڪرڻ واري شخصيت جو مالڪ هيو. آئون ننڍڙو هيس تہ پاڻ ٽنڊو ڄام ۾ وڪيل چاچي مشتاق ميمڻ عاقلاڻي جي اوطاق تي ايندو هيو. ڪچهريءَ ۾ پير سليم زرعي يونيورسٽي سپاف اڳواڻ سميت ڪيترين اهم شخصيتون اينديون هيون. پاڻ بابي دادن عمراڻيءَ سان بہ ويجهي صحبت رکندو هيو.

گولڊ ليف سگريٽ ۽ سائين لائق سنڌي ٻئي لازم ملزوم هوندا هيا. سنڌي ٽوپي ۽ اخبارن جي ٿيلهي سائينءَ سان سدائين گڏ هونديون هيون.

مون ڪيس سدائين ڪل مڪ ڏٺو پر ياءَ محمد اسماعيل جي شاديءَ ۾ بيحد خوش نظر آيو ڇاڪاڻ وهاڻءَ ۾ سياسي، ادبي ۽ صحافتي ۽ اهم شخصيتون شريڪ هيون. مون پارن جون اکيون کلي ويون، تہ سائينءَ جو ڪيڏو نہ اٿڻ ويهڻ آهي.

صحافتي تربيت گاهه ۾ جناب سبحان ميمڻ سابق چيف سيڪريٽري سنڌ، نامور صحافي ناز سهتو ۽ مون (رياض عمراڻي) سميت ڪيترائي نامور قلمڪار سندس تربيت هيٺ رهيا.

اتفاق اهو به هيو ته جڏهن روزانه آفتاب ۾ آئون ايڊيٽوريل صفحي جو انچارج هيس ته پاڻ مون کي مُرڪي وڏو ماڻهو سڏيندا هيا. سندس وڇوڙي تي جيترو به ڏک ڪجي اوترو گهٽ آهي، رب پاڪ سندس پونئيرن کي صبر جي توفيق ڏي ۽ مرحوم کي جنت الفردوس عطا فرمائي. آمين.

جان جان هئي جيئري ورچي مَ ويٺي،
وڃين پورنءِ پيٺي، سارينديَ کي سڄڻين. (شاهه)

**رياض عمراڻي**، ٽنڊوالهيار، تاريخ 17.01.2014

✍

سائين لائق سنڌيءَ جي وڇوڙي تي ڏاڍو ڏک پهتو. سائين لائق سنڌي انهن سيني نوجوانن جي مدد ڪندو هو همٿائيندو هو جيڪي نوجوان روزگار سانگي حيدرآباد ايندا هئا.

منهنجي ملاقات 1997ع ۾ پهريون ڀيرو ٿي، سياري جا ڏينهن هئا، سائينءَ جي هٿ ۾ سگريٽ هو مسڪرائيندي پڇيائين نوجوان ڏي خبر ڪٿان آيو آهين؟ سائين دادوءَ مان هتي روزگار لاءِ آيو آهين يا موٽي ويندين؟ مون چيو سائين روزگار مليو ته ڪندس جي نه ته موٽي ويندس، سائين وڏيڪ ڪجهه ڪون ڳالهايو سائينءَ کي ڪيڏانهن وڃڻو هيو ويو پوءِ ڪجهه وقت کان بعد مليو چيائين ابا ڪم مليو؟ نه سائين. پوءِ سائين چيو فڪر نه ڪر ڪم ملي ويندو.

هڪ دفعي سائينءَ ٻڌايو ته مون کي فقط سنڌي ٻوليءَ سان پيار آهي، ان ڪري آئون فقط پروف ريڊنگ ڪندو رهيو آهيان، اخبار ۾ اهم ۽ ضروري ڪم پروف هوندو هو ان ڪري مون سڄي حياتي پروف ڪندو آهيان، اخبارن وارا سائين لائق کان فون تي پڇندا هئا ته سائين هيڊنگ سمجهه ۾ نه ٿي اچي، توهان سمجهايو پوءِ سائين لائق هنن کي فون تي هيڊنگ پروف به ٻڌائيندو هو.

خدا تعاليٰ سائين لائق کي جنت ۾ جاءِ ڏئي ۽ پونئيرن کي صبر عطا فرمائي. 'آمين'

**ظفر برهماڻي**، ڄامشورو

سائين لائق سنڌي اسان جي نظر ۾ هڪ تمام ڏاهو خوش مزاج، بهترين ۽ انتهائي لائق انسان هو، ساڻس ڪوشش اخبار ۾ ملاقاتون ۽ ڪل پوڳ ڪڏهن نه وسرندي، سندس نالو تاريخ ۾ سنهري لفظن ۾ ياد رکيو ويندو، سنڌ لاءِ نظم آهي ته "سنڌ منهنجي امان سونهن تنهنجي مٿان ڇا لکي ڇا لکان" اسان ان کي ائين لکنداسين ته سائين لائق تنهنجي لاءِ ڇا لکي ڇا لکان؟

**مرتضيٰ منگواڻو/شاهنواز ٽيبو**، ڪاوش گروپ

✍

سائين لائق واقعي هڪ لائق، هڏ ڏوکي ۽ همدرد انسان هو ساڻس گڏ گهاريل گهڙيون ڪڏهن بہ وسري نہ سگهنديون، سائين کي سنڌ سان بي انتها محبت هئي، هو ملڪ ۽ خاص طور سنڌ جي هلندڙ گهمندڙ تاريخ هو، هو وڏڙن سان گڏ وڏڙو، جوانن سان گڏ جوان ۽ ٻارن سان گڏ ٻار هوندو هو، سندس وڇوڙو نہ رڳو عزيزن، دوستن پر سنڌ سڄيءَ لاءِ ڏکوئيندڙ آهي.

**تاج ميمڻ**، ’روزاني ڪاوش‘ حيدرآباد

✍

## حق موجود

تهڙا چاليها نہ چاليهہ، جهڙو پَسڻ پرينءَ جو
کهڙي ڪاتب! ٿو ڪرين مٿي پنن پيهہ،
جي ورڪ ورائين ويهہ، تان پڙ اکر مڙوئي هيڪڙو.
(شاهہ)

حياتيءَ جي هڪ گهڙي چاليهہ پيرا چاليها ملهائڻ کان وڏيڪ آهي، هي دار الفنا آهي، جتي انساني دم پاڻ سڃاڻڻ لاءِ ڪن پل لاءِ لنگر انداز آهي. مُون کي سائين لائق سنڌيءَ جو معراج جناب شيخ علي محمد صاحب جي اخبار روزانہ ”آفتاب“ حيدرآباد ۾ ٿيو. مانيٽي طبيعت، سُلڇڻو ورتاءُ، بُردبار ۽ لطيف سائينءَ جي ٻوليءَ جو اڻموٽ پارکو، خدمتگار، سنڌيت جو لاثاني ڪردار، سادو سباجهو ۽ پنهنجائپ سان ٽمٽار مُرڪن جو مالڪ. سائين لائق صاحب جيئن سندس نالو تهڙو ئي عملي نموني جو مظهر هو. صحافت ۾ مختلف موقعن تي خاص طور ٻوليءَ جي اصليت ۽ پرک جي ماهرن ۾ حقيقتن جي تهن کان

سونهو ٿي مدد ڪندڙ بلاشڪ هڪ لائق شخصيت جو مالڪ هو. چوندو هو تہ ” ڪاب سنڌي اخبار پڪوڙن ۾ ويڙهڻ يا باھ ٻارڻ لاءِ نہ پر سانڍي تاريخ جو دستاويز بچائڻ برابر آهي“. صحافت ۽ براڊ ڪاسٽنگ ۾ مون کي همٿائيندڙ سائين لائق سنڌي بابت ڪانئس ئي معلوم ٿيو تہ سيد صالح محمد شاھ (منهنجو ثقافتي استاد) فتح خان سان بہ سندس واسطو هو. مولا کيس پنهنجي جوار رحمت ۾ جاءِ عطا ڪري. ’آمين.‘

صوفي فقير جاڻ چڻ
آدم الله آهي، آدم نٿو مري،
موٽيو وڃي پنهنجي ملڪ تي
پوءِ هيءَ جاءِ ٿي ڪِري.

**فقير نذير لغاري،** 19.01.2014

✍

محترم سائين محمد لائق سنڌي صاحب اسان جو مهربان ۽ شفيق استاد رهيو. جنهن اسان جي تدريس علم سان گڏ بهتر تدريسي علم ۾ رهنمائي ڪئي، سائين استاد سان گڏ صحافت سان لاڳاپيل رهيو جنهن ۾ آفتاب اخبار ۽ ڪاوش سان لاڳاپيل رهيو. اسان سماجي سياسي ۽ پورهيت جدوجهد ڪئي، ان ۾ سائين جن جي رهنمائي اسان لاءِ مشعل راھ هئي، هُن اسان جي ذهني تربيت ڪئي، جنهن ۾ اسان کي عزت، آجپي ۽ خوشحاليءَ جي دڳ جي معلومات ملي، اهڙي طرح شعور، امن، تنظيم، ترقيءَ جي هر لفظ جي معنيٰ ۽ منزل جي آگاهي ڏني. هي هڪ فرد جي روپ ۾ هڪ ادارو هو هن جي جدوجهد کي سرخ سلام پيش ڪريان ٿو ۽ رب العزت جي در دعا آهي تہ سائين کي جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ پونئيرن کي صبر وتحمل عطا فرمائي.

**محمد الياس ڪوڪر،** ٽنڊوڄام 17.01.2014

✍

## آديسي اٿي ويا مڙهيون مون مارين

سائين لائق جي وڇوڙي تي مون وٽ ڪي لفظ نہ آهن جن سان سائينءَ کي ڀيٽا ڏيئي سگهجي، بيشڪ هو وڏو ماڻهو هو. سائين لائق پنهنجي سڄي زندگي سنڌ امڙ جي خدمت ڪندي گذاري ڇڏي، اهڙا سڀاڳا سدورا ماڻهو صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن، جن جي وڃڻ سان جيڪي خال پيدا ٿيندا آهن، اُهي صدين تائين پرجي نہ سگهندا. آئون دعاگو آهيان ڏٽي در تہ شال الله پاڪ سائين لائق کي پنهنجي جوار رحمت ۾ جاءِ عطا فرمائي. سائين لائق تنهنجي ياد اسان جي دل ۾ هميشہ زنده رهندي، انهيءَ لاءِ تہ توهان وسارڻ جهڙا نہ آهيو.

**مير عبدالجبار ناريجو،** ايڊيٽر روزانہ قومي آواز گروپ آف پبليڪيشن حيدرآباد.

✍

ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا،
گهايل ڌرتيءَ جي سيني تي،
اهڙي گهري چيخ ٿين ٿا،
جا هر ڪنهن کي جاڳائي ٿي،
جا دنيا کي بدلائي ٿي.

سائين لائق سان ڪا نئين شناسائي نہ هئي، اهو 1980ع جو ڏهاڪو هو، جڏهن اسان قومي تحريڪ جا بانبڙا پائيندڙ ڪارڪن هئاسين، جساف ۾ رهندي هڪ ڀيري جڏهن آفتاب اخبار ۾ پريس رليز ڏيڻ ويس تہ سائين خبر پڙهي ۽ نالي مان سڃاڻي هڪدم ڀاڪر پاتائين ۽ وڏڙن جا واسطا ڪيڻ لڳو ۽ پراڻا واسطيدار نڪري پياسين لائق سائين ايڏو مهربان ۽ سڀاجهو شخص هو جو ڪانئس ڪو ورلي وڃائجي سگهندو ڇو تہ هو سڄي سنڌ کي سڃاڻندو هو ۽ ڌرتيءَ جي انچ انچ کان واقف ۽ واسطيداري جي ڪري مشهور هو 80 واري ڏهاڪي ۾ جڏهن ڀيارولنڊ ۾ جيئي سنڌ ڀاران جشن لطيف ملهايوسين تہ پاڻ پنهنجي ننڍڙي فرزند اسماعيل آزاد

ڪي تقرير لاءِ تيار ڪري آيو هو ۽ ان وقت منهنجي ڄمار اسماعيل جي لڳ ڀڳ هوندي ۽ اسماعيل جي ڀيٽون ڏنل تقرير مون کي اڄان به ياد آهي.

حيدرآباد توڙي سنڌ ۾ ڪٿي به ڪنهن قومي ڪاج يا تقريب ۾ ويجهو هو ته سائين لائق سان ملاقات ضرور ٿيندي هئي. رب پاڪ شل سائين لائق کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي. آمين.

**خير انديش ناگور سنڌو**، تنڊو الهيار17.01.2014

✍

سائين لائق جي شخصيت تي چالڪجي. جيڪو به وقت پاڻ مون سان گڏ رهيا آهن، ان ۾ چڱايون ئي چڱايون. 1981ع کان وٺي منهنجي يادگيرين ۾ سندس ڪاوڙ وارو چهرو مون کي نٿو نظر اچي. 1981ع ۾ ئي پهريون پيرو ڪنهن دوست سان آفتاب اخبار ۾ ساڻس ملاقات ٿي. اهو ڏهاڙو 5 سيپٽمبر جي تاريخ هئي ۽ 6 سيپٽمبر جي حوالي سان سپليمينٽ جي تياري هئي ۽ اشتهار ڪتابت پئي ٿيا. منهنجا اکر سٺا هئا ۽ مون ڪوشش ڪري ڪجهه اشتهار شوقيه لکيا. ٻئي ڏينهن سائين لائق مالڪن کان اجوري جا پئسا وٺي منهنجي گهر وحدت ڪالوني حيدرآباد پهتو. مون چيو سائين اهو ڪم ته مون شوقيه ڪيو هو. پاڻ چيائون ته نه تو محنت ڪئي آهي ۽ تنهنجو حق آهي. ان مان سندس انسان پروري جي پروڙ پئي ٿي. آفتاب اخبار ۾ منهنجي انٽري به سائينءَ جي ڪري ٿي. ان ڪانپوءِ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ۽ ڊگري وٺڻ ۽ هن منزل تائين رسڻ ۾ سائينءَ جو وڏو ڪردار آهي. اهي سائينءَ جون محبتون هيون. جو اڄ سندس لاڏاڻي تائين رابطي واري تند نه ٽٽي هئي. جيڪا اڄ سندس وڇوڙي سبب...............!

اڙي موت ميار ايڏو ساڙ سُڳنڌ سان.

**مشتاق اڇڻ**، 18.01.2014

✍

## تاثرات

## ادبي پيٽا

جت نہ پکيءَ پير، تِتي ٺمڪي باھڙي

ٻيو ٻارينڊو ڪير، ڪاھوڙڪيءَ ڪير ريءَ!

سائين لائق سنڌي، جهڙو نالو تهڙو لائق انسان هو. هو سنڌي صحافت جي نرسري هو. استاد جي حيثيت ۾ اخبار تعليم جو ايڊيٽر هو. وقت ڪان اڳ 25 سالن جي عمر ۾ رٽائرمينٽ وٺي، ’آفتاب‘ اخبار ۾ اچي شامل ٿيو. شيخ علي محمد جي اخبار کي سائين لائق جي اچڻ ڪانپوءِ چار چنڊ لڳي ويا. سائين لائق ۽ احمد خان شيخ جو جوڙ هو. ادبي صفحا ۽ ٻارن جا صفحا آفتاب اخبار جا هڪ اهڙي درسگاهہ هئا، جتان الائي ڪيترا اديب ۽ صحافي تيار ٿي نڪتا. صحافت جا نمايان نالا ناز سهتو، حسن مجتبيٰ ۽ ٻيا ڪيترائي سائين لائق جي شاگرديءَ ۾ رچي ريٽا ٿيا. هو سڄاڻ صحافي نہ پر صحافت جو رهبر هو. ساڳئي وقت هڪ استاد هئڻ ڪري ’لسانيات‘ ۽ ٻوليءَ تي وڏي دسترس رکندو هو. هي اهو واحد شخص هو جنهن سڀني ڇمار اخبارن جي ٻوليءَ تي ڪڙي نظر رکي. هو جنهن بہ اخبار سان وابستہ رهيو ان جي ٻوليءَ جي مانيٽرنگ تہ ڪندو هو پر ٻين اخبارن تي بہ نظر رکندو هو. پاڻ نہ تہ اولاد، يارن دوستن کان فونون ڪرائي، خط لکرائي اخبارن ۾ ڪتب ايندڙ غلط ٻوليءَ جي نشاندهي ڪرائيندو هو. سائين لائق صحافت جي دنيا ۾ رڳو دوست ناهيا، نہ تہ صحافت جي دنيا م رڳو دشمنيون پرائيبون آهن. سائين لائق زندگيءَ ۾ رڳو دوست ناهيا. وڏا توڙي ننڍا سڀ دوست. ڪيترا بيروزگار نوجوان سائين لائق ذريعي اخبارن ۾ ملازمت ۾ آيا، پر جيسين ڪين پگهار ملي، ماني ٽڪي سائين لائق جي ڪنڌي. آفتاب اخبار جي پرواري ڪينٽين يا بعد ۾ پريس ڪلب جي ڪينٽين تي الائي ڪيترا نوجوان ماني کائيندا هئا.

هن جي دوستيءَ جو حلقو تمام وڏو هو. سمورا سياسي ڪارڪن، اديب ۽ صحافي سائين لائق جي هڪ جهڙي عزت ڪندا هئا. علڻ خان ٽيبو ڄام ساقي، عبدالواحد آريسر، مؤمن مليرائي، نياز همايوني، خاڪي جويو، شوڪت سنڌي اسان سڀ هن جا هڪ جهڙا صحبتي هوندا هئاسين.

سائين لائق ئي 1983ع ۾ موري منگر ۾ سنڌي ادبي سنگت جي شاخ قائم ڪرائي، صوفي نيپراج ۽ امين ٽيبو هن جا ساٿي هوندا هئا. سائين لائق سنگت جي بسنت هال واري 1985ع واري ڪانفرنس توڙي ٽنڊي نوڙهي واري ڪانفرنس ۾ پس پرده جيڪا اسان جي مدد ڪئي، سا ڪنهن ٻئي نہ ڪئي.

سائين لائق جهڙن ماڻهن لاءِ لطيف سائينءَ چيو آهي تہ:

هيءَ جا ٻري هير، ڪاڇي ڏونگر ڪنڌئين،
ٻيو ٻاريندو ڪير، ڪاهوڙڪيءَ ڪير ريءَ!

**تاج جويو** 16 جنوري 2014ع

✍

اسان جو ساٿي ۽ مهربان دوست سائين محمد لائق ٽيبو صاحب اسم با مسمي هئا. يعني جيئن سندن نالو لائق پاڻ بہ ائين ئي هئا. مون کي فخر آهي تہ منهنجي ساڻن والهانہ دوستي، حُجت ۽ پنهنجائپ هئي.

هلڻو هر ڪنهن کي آهي، پر لائق صاحب جن جي لاڏاڻي جو دلي صدمو تہ پهتو پر اطمينان بہ آهي تہ قدرت سندن ذمي جيڪي ڪم رکيا، اهي پاڻ هر حالت ۾ پورا ڪري ويا.

نهايت، محبوب، ملن سار ۽ محبتي انسان هئا، مؤلا کين جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏيندا. آمين.

**نصير مرزا،** 17.01.2014

✍

لائق سنڌي صاحب، پنهنجي وجود ۾ سنڌ جي صحافتي تاريخ جو درجو رکي ٿو. هڪ بي لوث ۽ مخلص انسان، جنهن جي ڇوڙ ۾ رهندي ڪيترائي نوجوان اڄ جا ناليوارا صحافي ٿي ويا آهن. لائق صاحب جو وڇوڙو سچ پچ تہ صحافت، ادب ۽ ادبي سنگت جو وڏو نقصان آهي، مون کي پنهنجي ڏک ۾ شريڪ سمجهندا.

**اياز گل**

✍

اخبار ”آفتاب“ جي دؤر کان سائين لائق سنڌيءَ سان جيڪو محبت سان گڏ ادبي سفر شروع ٿيو، ان ۾ ڪڏهن بہ وقفو نہ آيو پر افسوس اڄ سدائين لاءِ جدائيءَ جو ڏينهن ڏسڻو پيو. پر ساٿن گهاريل گهڙين جون سارون سدائين ساڻ رهنديون.

نہ تنهنجي نہ منهنجي متا زندگي،
ازل کان اها آ اجل جي سکي!

**آسي زميني**

✍

سائين لائق سنڌ جو هڪ غير روايتي ۽ غير معمولي ڪردار هو. اُن وقت ٽيڪنالاجي نہ هوندي بہ هُو ڄاڻ جو وڏو خزانو ۽ انسائيڪلوپيڊيا هو نہ رڳو صحافي طور سياسي، معاشي، سماجي لاهن

چاڙهن کان واقف رهندو هو پر راڄوٽي طور هر رنگ کان واقف هو. تاريخ تي دسترس هيس، سماجي لاڳاپن جو وڏو ڄاڻو ۽ پاسدار.

تفصيلي سندس لاءِ ڪنهن مضمون ۾ لکندس هت چوندس ته سائين ڪيترين پيڙهين جو ڳانڍاپو هو.

**ذوالفقار هاليپوٽو**، حيدرآباد 16.01.2014

✍

سائين لائق جي تعزيت ڪئي ويئي، هن پنهنجي نالي سان واهه جو نباهيو. استادي پيشي ۾ پرتي ٿي علم جون جهوليون ڀارڻ ۾ ورهايون.

تعليم کاتي مان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ به هن صحافي جي حيثيت سان پنهنجي امڙ جي ٻولي جي خدمت ڪئي.

استادي ۽ صحافت جي پيشي ۾ سندس پيدا ڪيل حلالي شاگرد هن کي ڏاڍو ياد ڪندا.

حيدرآباد شهر جي اخباري بوڪ اسٽالن جا فرد به هن کي ياد ڪندا، ڇو ته هي روزانو پنهنجي کيسي مان خرچ ڪري پري اخبارن جي خريد ڪري سڀ اخبارون پڙهندو هو.

سائين لائق ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ مون سان گڏ پڙهندو هو. سائين حيدر علي لغاريءَ جي مڪتب فڪر جا اسين شاگرد هئاسون. سندس لائق فرزند محمد اسماعيل ۽ محمد بخش اميد ته پنهنجي پيءُ جي نقش قدم تي هلي پيءُ جو نالو روشن ڪندا.

**قادر بخش طالباڻي**، ڪوٽڙي، تاريخ 17.01.2014

✍

ڀاءُ محمد لائق سنڌيءَ جي جدائيءَ تي مون کي نهايت ئي ڏک پهتو آهي، جو عزيز دوست ۽ سراپا محبتي ۽ منڙي سڄڻ سان لاڳيتو ياد جو

سلسلو تقريباً 45_40 سالن کان لاڳاپيل آهي. روشن ضمير عالم سائين محترم حيدر علي خان لغاري جي توسط سان پياءُ لائق سان گهرو گهاٽو دوستيءَ جو واهپو 1970ع کان بہ اڳ جو آهي. سندس بي لوث تعليمي خدمتون، مخلصانہ صحافتي لياقتون ۽ ان کان بہ منفرد سندس مثالي ۽ قابل فخر ذاتي وضعداريون ۽ محبتون وسرڻ جون ئي ناهن! پياءُ لائق الحمد الله هر وجهہ بجا طور تي هڪ لائق ۽ فائق شخص هو جنهن کي سندس گوناگون ۽ اڪيچار صلاحيتن ۽ محبتن جي حوالي سان ادب علم، صحافت توڙي سماج سُڏار حلقن ۾ وڏيءَ سڪ ۽ احترام سان ياد رکيو ويندو ذاتي ارمان کي قلم سان لفظن جي روپ ۾ جيئن جو تيئن بيان ڪرڻ ممڪن ڪونهي! رب ڪريم کيس مغفرت سان نوازي!

**غمزده نفيس احمد شيخ**، 17.01.2014

✍

ماڻهوءَ جي خوشبوءِ ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندي آهي، ائين ئي اتهاس ڪجهہ ماڻهن کي ڪڏهن بہ ميساري ناهي سگهندو، مِٿي انهن ماڻهن جو مان رکندي آهي، جيڪي مٿيءَ جو قدر ڄاڻندا آهن، ڌرتيءَ جو قرض چُڪائيندا آهن.

سائين لائق سنڌي هڪ فرض شناس، اصول پرست ۽ بنهہ سچو کرو شخص هو، جنهن پنهنجي زندگيءَ  جو ڪم وڏي سليقي سَچائي ۽ خودداريءَ سان گذاريو/ هلايو.

زندگيءَ ۾ بس هڪ ئي حسرت رهجي وئي تہ آئون سائينءَ سان آخري ڏيهاڙن ۾ ملي ڪونہ سگهيس، جيتوڻيڪ ڪيئي ڀيرا سندس فرزند محمد بخش سان پروگرام بہ رٿيم پر دنيا جي نفسا نفسي ڪارڻ، بس اُها حسرت ئي رهجي وئي، جنهن جو ارمان سموري عمر رهندو.

ڪي ماڻهو تاريخ ٺين ٿا ۽ ڪي ماڻهو ادارا ٺيندا آهن سائين لائق سنڌي بہ هڪ اِتهاس، هڪ ادارو هو جنهن کي سمجهڻ ۽ ڄاڻڻ لاءِ

ايندڙ زمانا فيصلو ڪندا. بس دعاڳو آهيان تہ مالڪ سائين سنڌس مغفرت فرمائي ۽ پونئيرن کي صبر ڏي. ’آمين‘

**ضراب حيدر**

✍

جان جان هئي جيئري، ورچي نہ ويٺي،
وڃين پونءِ پيٺي، ساريندي کي سڄڻ. (شاهہ)

اسان جو محترم سائين محمد لائق سنڌي! اڄ اسان وٽ موجود ناهي رهيو پر، سنڌس قلم ۽ پريت جو پورهيو سدائين ياد رهندو، هر دلعزيز انسان اسان کان وڇڙي وڏو خال وجهي ويو.

اسان جي رب پاڪ جي بارگاه ۾ اهائي التجا آهي ۽ ڪندا رهنداسين تہ سائين محترم لائق سنڌيءَ کي جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ سنڌس پونئيرن کي صبر و تحمل عطا فرمائي. آمين.

دعاڳو:

**وڪيو پيرزادو**، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد 17.01.2014

✍

سائين لائق سنڌيءَ جو وڇوڙو نہ صرف سنڌي ڪلاسڪ صحافيءَ جو وڇوڙو آهي پر هو هڪ سنو استاد ٿي پنهنجن شاگردن لاءِ وڇوڙو بڻجي ويو آهي.

سائين لائق سنڌي ٽريننگ ڪاليج ڪان وٺي ۽ منهنجي پياءُ جي دوڪان تي مختلف وقتن تي سندس مخصوص انداز سان مذاق ڏاڍي پنهنجائپ ۽ شفقت ڀري رهي. ڪيس حيدرآباد شهر ۾ گهٽي عرصي کان نہ ڏٺم تہ وفا مولابخش کان سندس طبيعت ۽ حال چال جي خبر وٺندو رهندو هيس، پر اچانڪ ڪالهہ ٿي سائين مدد علي سنڌيءَ سائين لائق جي تڏي تان ٿي آيو تہ خبر پئي تہ اهڙو ڪلاسڪ صحافي ۽ مانوارو استاد اسان ڪان وڇڙي ويو. هن جو سڀني سنڌي اخبارن کي پڙهڻ ۽ انهن کي ايڊٽ ڪرڻ جي عادت روز جو معمول هئي. سندس مخصوص انداز سان سگريٽ ڇڪڻ بہ ڪافي وڻندڙ هو هاڻ اهڙو انداز ۽ هلڻ چلڻ ٻئي ڪنهن ۾ نظر ڪون ٿو اچي. سندس يادون ۽ سندس هر اسڪول جي ٻار کي ڏنل چميءَ واري مذاق ڪير بہ وساري نہ سگهندو. اهڙي سڀاجهي سڀاءُ واري محترم شخصيت جو وڇوڙو جهوريندڙ آهي. في الحال تہ ڪير بہ ان جو خال پري نہ سگهندو. الله سائين سندن پونئيرن کي صبر جي توفيق ڏئي. ’آمين.‘

**موهن مدهوش**، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد 19.01.2014

سائين محترم لائق سنڌي صاحب جي تعزيت تي سچ پڇو تہ سائينءَ جي ئي پيار جي ڪوٽ پئي محسوس ٿي، سائين سان منهنجي ويجهي دوستيءَ واري ويجهڙائپ نہ رهي آهي، پر جڏهن بہ جتي بہ ملاقات ٿيندي هئي تہ اهڙو تہ پيار سان ياڪر پائيندو هيو جو دل

چاهيندي هئي، ان جي پڄاڻي نہ ٿئي، سائين لائق صاحب جي لائق فرزند محمد اسماعيل ٽيٻو صاحب سان اسان جي گڏيل پياري ۽ محبوب دوست پروفيسر منظور احمد ڏيٿو صاحب جي ذريعي جيڪا ويجهڙائي ٿي اها اڻلهہ آهي. شال اسماعيل صاحب سان اها سڪ ۽ محبت قائم رهي، سائين لائق صاحب لاءِ دعا تہ رب سائين کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ سنڌس پونيرن کي صبر جميل عطا فرمائي. 'آمين.' **گل ڪونڊر**، 17.01.2014

✍

سائين لائق سنڌي، سنڌ جي صحافت جي انهن اڏيندڙن مان هڪ هو جن انتهائي ڏکئي وقت ۾ سنڌي صحافت جا بنياد مضبوط ڪيا. هو پنهنجي پوري حياتي صحافت جي پيشي سان محبت ۽ عقيدت جي حد تائين واڳيل رهيو. ادب ۽ صحافت سان وابستہ سنڌ جو هر ساڃاهہ وند کيس سدائين عزت جي نگاهہ سان ڏسندو هو. سنڌس وڇوڙو سنڌي ادب ۽ صحافت لاءِ يقيناً وڏو نقصان آهي، پر سنڌس ڪمٽمينٽ، وابستگي ۽ پنهنجي پيشي سان ايمانداري اسان سڀني لاءِ مشعل راهہ آهي. کيس سدائين سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو ياد رکندا ۽ کيس خراج پيش ڪندا رهندا.

**خالد آزاد، امين لغاري، ابراهيم ڪنير**، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

✍

سائين لائق سنڌيءَ سان دوستن معرفت ملاقاتن جو سلسلو سن 2000ع کان شروع ٿيو. سائين جي محبتي مزاج ۾ ايتري تہ پنهنجائپ محسوس ٿي، جو عمر ۾ سالن جي فرق باوجود بہ سائين اسان کي پنهنجو دوست محسوس ٿيندو هو. ايتريقدر جو گڏجي

سگريٽ بہ پيئندا هئاسين. پاڻ ڊپلوميٽ پيئندو هو. پر اسان يارن دوستن لاءِ هميشہ پسند جو فليور يعني گولڊ ليف ساڻ رکندو هو. پريس ڪلب جي ڪينٽين اسان پارن دوستن لاءِ سندس اوطاق ۽ لنگر خانو هئي، جتي ويهي نہ صرف سائينءَ جي ڪچهري ٻڌندا هئاسين، پر دل سان مانيءَ کي ٻرو بہ ڏيندا هئاسين. سنڌ جي خاندانن جو تفصيل سائينءَ کي بر زبان ياد هو. پاڻ سنڌ جي روايتي سماجي جوڙجڪ جو حمايتي، ايمبيسيڊر ۽ حقيقي امين لڳندو هو. استاد جي حيثيت ۾ سفيد لباس هميشہ زيب تن رهيس. پاڻ بہ ان سفيد لباس جيان هميشہ بي داغ رهيو.

سائين لائق جي سائين حيدر علي خان لغاريءَ سان عقيدت ڏسڻ وٽان هئي، اها خبر نہ پوندي هئي تہ منجهائن ڪير عاشق آهي؟ ۽ ڪير معشوق؟ پر جيڪڏهن آئون پنهنجي راءِ ڏيان تہ اج سائينءَ جي مرتئي تي جيڪي دوست گڏ ٿيا آهن، اهي سڀ جا سڀ سندس عاشق هئا ۽ پاڻ انهن سڀني جو اڪيلو معشوق هو...!!!

**خان محمد جروار**، حيدرآباد

✍

اج نہ اوطاقن ۾، سندي جوڳين ذات (شاهہ)

سائين لائق سنڌي صاحب هڪ بهترين استاد ۽ سٺو صحافي هو. سندس سنڌي ٻولي، ادب ۽ صحافت لاءِ ڪيل خدمتن کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهجي.

**زاهد اوٺو**، مُهراڻو ٿرپارڪر سنڌ

✍

سائين لائق سنڌي، سٻاجهڙو، محنتي، سچو ۽ سادو شخص، پر هن کي هڪ 'ادارو' سڏجي تہ بہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو.

ساڻن پهرين ملاقات 2004ع ڌاري ٿي هئي. آءُ تڏهن پڙهندو هوس ۽ قاسم آباد ۾ رهائش دوران شام جي وقت ڪڏهن ڪڏهن سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي بُڪ اسٽال تي چڪر لڳندو هو جتي اسان جي دوست خان محمد جروار سان ڪچهريون ٿينديون هيون، هڪ شام جو اسان گڏجي علي پئلس شادي هال ۾ هڪ دعوت تي ويا هئاسين، جتي خان محمد، وفا مولابخش ۽ ڪي ٻيا دوست به هئا، ڪل پوڳ به ٿي، اُتي هڪ شخص سادي سنڌي ٽوپي ۽ عينڪ پهريل، هٿ ۾ اخبارون، اجرڪ ويڙهيل گيٽ اپ سان هال ۾ داخل ٿيو ۽ پوءِ اسان جي ڪرسين جي ڀرسان آيو. خان محمد ۽ وفا سندس آڌر ڀاءُ ڪيو ته مون به احترام مان ڪيس مرڪي هٿ ملايو. دوستن ٻڌايو ته هي سائين لائق سنڌي آهي! ٽيبي صاحب جو اهو گيٽ اپ ڏسي مون کي سنڌ جو عوامي شاعر استاد بخاري ياد اچي ويو! جنهن کي مون رڳو تصويرن ۾ ئي ڏٺو آهي، سائين لائق دوستن سان گهڻو کُجائتو ۽ بي تڪلف رهندو هو. لائق صاحب سان ٻي ملاقات ڪاوش اخبار جي آفيس ۾ ٿي هئي، اخبار بيني ڪندي هن عمر جو ڪجھ حصو لفظن جي رهنمائي ڪندي ڪين درست جاءِ تي بيهاريو ۽ اخبار جي ٻوليءَ کي سنواريندي نُور نچويو. دُعاگو آهيان ته مالڪ کيس اُتي به پنهنجي ٻاجھه ۾ رکي.

نانءُ ئي ڪافي آ جنهن جو
لياقتون ڪهڙيون لِکُون!

**شوڪت چاچڙ،** سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد

✍

سائين لائق جو نالو مون پنهنجي آفيس سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ سندس ئي ننڍي پٽ محمد بخش جي واتان ٻڌو. محمد بخش سان دوستي هجڻ جي ڪري اڪثر سائين لائق جو ذڪر هلندو هو.

محمد بخش جي ڳالهين مان مون کي اندازو ٿيندو هو ته سائين لائق واقعي سنڌ جي ڪا وڏي شخصيت آهي، ان کان اڳ مان سائين لائق جي باري ۾ ڪجهه به نه ڄاڻندو هئس. سائين لائق ڇا هو ان جي خبر مون کي تڏهن پئي جڏهن آئون سندن وفات تي سندن ڳوٺ موري منگر تعزيت لاءِ ويس پهرين ڏينهن دير سان خبر پوڻ ڪري مان تڏي تي وڃي نه سگهيس ۽ ٻئي ڏينهن آئون آفيس مان ڪجهه پهرين موڪل وٺي تعزيت لاءِ سندن ڳوٺ موري منگر ويس. اُتي پهچي منهنجي حيرانگي جي حد ئي نه رهي، مون کي محسوس ئي نه ٿيو ته ڪو سائين لائق ڪالهه گذاري ويو هو. ماڻهن جي ايتري رش مان ائين محسوس ٿي رهيو هو ته ڄڻ سائين لائق ڪالهه نه اڄ وفات ڪري ويو آهي، سندن اوطاق ۾ ويهي مان هر ماڻهوءَ کي غور سان ڏسڻ لڳس ته هر ماڻهوءَ جي اک آلي هئي، هر دل ۾ تڏو وڇايل هو. اي ڪاش جي هڪ دفعو به مان سائينءَ سان ملي سگهان ها! پر هاڻ اها خواهش حسرت بڻجي دل ۾ قيد ٿي وئي آهي. مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي جڏهن محمد بخش مون کي چيو ته بابا جو تعزيتي ڪتاب ڇپائڻو آهي ۽ ڪمپوزنگ تون ڪري ڏي، منهنجي لاءِ اهو وڏو اعزاز آهي جو هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ منهنجي هٿان ٿي. دعا آهي رب پاڪ سائين لائق سنڌيءَ کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي. ’آمين‘

**فهد الرحمان لغاري**، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد

✍

سائين لائق سان پهرين ملاقات ٽنڊوڄام اسڪول جي حوالي سان ٿي، بعد ۾ اسان ٻنهي گڏجي روزانه آفتاب ۾ ڪم ڪيو. سائين ۽ منهنجي ڪمپني ڪافي عرصو رهي، سائين هڪ انسان پرور ۽ دلبر ماڻهو هو. هو سدائين کلندو رهندو هو ۽ ڪابه پريشاني ايندي هئي ته ان کي به کلي منهن ڏيندو هو. ريڊيو حيدرآباد تي رهڻ دوران سائينءَ

سان اڪثر ڪچهريون ٿينديون هيون. منهنجي دعا آهي ته الله ڪيس جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي ۽ پونئيرن کي صبر جي توفيق بخشي. 'آمين'

**محمد ايوب نظاماڻي**، رٽائرڊ ڪنٽرولر نيوز ريڊيو پاڪستان حيدرآباد

✍

## تاثرات

# استاد پاران پيٽا

سائين لائق منهنجو تمام ويجهو دوست، ڪئين مستيون، يوڳ، علمي بحث سائينءَ سان هوندا هئا. اسان جي وچ ۾ سائين حيدر علي خان ڳانڊاپو هوندو هو. سائين لائق جي دعوي هوندي هئي تہ آئون توکان سينئر شاگرد آهيان، جيڪا درست هئي. لائق ويو هليو اسان کي ويڇو آهي، دنيا پئي هلندي.

**فيض نظاماڻي**، ٽنڊو قيصر

✍

سائين لائق سنڌي اسان جو ٽريننگ ڪاليج فارمين جو ساٿي ۽ بهترين دوست هو. اسان کيس تدريسي سرگرمين سان گڏ تاريخي ”اخبارِ تعليم“ جي اشاعت سندس حوالي ڪئي. ان ڪانپوءِ لاڳيتو سنگت رهي. حيدر علي لغاري صاحب ۽ اُن جي سنگت ۾ گهڻيون ڪچهريون ۽ نظرياتي بحث ٿيندا هئا. سائين هڪ خاموش ۽ نهٺي طبيعت جو مالڪ، سدائين سڪون سان ملندو ۽ مُرڪندو رهندو هو. اسان جو ساڻس هڪ استاد جي رشتي ۾ ساٿ رهيو ۽ ساڻس صرف استاد سائين لائق سان ئي شناسائي رهي ۽ رهندي آئي.

الله کيس پنهنجي جوار رحمت ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ سندس لواحقين کي صبر جميل ۽ برڪتون عطا ڪري، اسان جو دعائون سندس ٻچن لاءِ رهنديون، شال! کين رب پاڪ هر ڪوسي واءُ کان بچائي.

**سيد شير شاهہ**، رٽائرڊ پرنسپال ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد، سنڌ

✍

سائين لائق ڏنو سنڌي بيشڪ هڪ لائق انسان هو. هن سان جيڪو مليو سو هن جي محبت جي دام ۾ ڦاسي ويو. خوش خلق، خوش مزاج، چلولو ۽ ارڏو انسان پنهنجن دوستن جي دل تي نقش رهيو ۽ رهندو.

اسان 1963ع ۾ ٽريننگ ڪاليج (فارمين) حيدرآباد ۾ هڪ ئي ڪلاس ۾ ٽريننگ حاصل ڪئي، اسان تي سائين حيدر علي خان تاج پور واري جو دست شفقت هو. اسان سائين حيدر علي خان جي صحبت ۽ شاگرديءَ ۾ رهي ڪافي ڪجهه حاصل ڪيو.

اڄ محترم لائق سنڌي اسان ۾ موجود نہ آهي، پر سندس يادون هميشہ ياد رهنديون. الله ڪيس جوار رحمت ۾ جاءِ ڏئي ۽ سندس پونئيرن کي صبر جميل عطا فرمائي. آمين ثم ’آمين‘

جَرَ تي ڦوٽو جيئن لهرن لڳي اڏ ٽئي،
تون پڻ آهين تيئن، دُنيا ۾ ڪو ڏينهڙو. (شاهہ)

**علي مراد مشوري**، هٽڙي.

سائين لائق هميشہ حق جو پاسو ونڻ وارو. سچ جو رکوالو. هميشہ سچ لکيائين. سچ ڳالهايائين. مون سان تہ الستي محبت هيس، اسين گڏ پرائمري ماستر هياسين. 1962ع کان جيڪو رستو رهيو اُن کي آخر تائين نڀايائين. سائين جهڙا ماڻهو صدين ۾ پئدا ٿيندا آهن، دعا آهي شال رب سائين سائين لائق کي جنت الفردوس ۾ جڳهہ ڏي.

**عبدالحنان ميمڻ**

سائين لائق صاحب اسان جي علائقي جي محترم شخصيتن مان هڪ اعليٰ استاد هو. هن جو شعبو نه صرف ايجوڪيشن پر سياست ۾ رهيو. جيڪا نج مثبت انداز جي رهي. اميد آهي ته هن خاندان مان اهڙي قسم جون ٻيون ڪيتريون محترم شخصيتون پيدا ٿينديون. آمين.

**ڊاڪٽر شفيع محمد ڪوري،** ٽنڊو حيدر

✍

سائين استاد محمد لائق تمام انمول هيرو هو هن سان منهنجي پهرين ملاقات اسان جي ڳوٺ اچي مسجد لڳ ٽارو شاهه ۾ ٿي، جڏهن سائين پهريون ڀيرو اسان جي ڳوٺ آيو ۽ مون سان ملاقات ٿي ته چيائين ته مشتاق اچڻ کي سڏ ڪجو. مون چيو سائين هتي مشتاق اچڻ ڪونه رهندو آهي، مون کي خبر نه هئي ته ساجن کي مشتاق چوندا آهن. جڏهن مشتاق کي چيو ته ساجن حيدرآباد کان ماڻهو آيا آهن چون ٿا ته مشتاق کي سڏي اچ سو اسان جي ڳوٺ ۾ مشتاق ته آهي ئي ڪونه چيائين ته منهنجو نالو ئي مشتاق آهي. بعد ۾ سائين اسان جي ڳوٺ ترسيو ۽ تمام گهڻي ڪچهري ٿي. اسان جون بعد ۾ حيدرآباد ۾ آفتاب اخبار ۾ سائينءَ سان ڳوٺ سڌار سنگت جي بهاني ملاقاتون ٿينديون هيون ۽ تمام گهڻيون ڪچهريون به ٿينديون هيون. سائينءَ جي جڏهن گذارڻ جي خبر پئي ته تمام گهڻو ڏک ٿيو ۽ دل کي آٿت ڏني ته هن فاني جهان مان سيني کي هلڻو آهي. الله سائين سائين لائق جي پونئيرن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي ۽ سائين لائق مرحوم کي جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي. آمين.

**عبدالعزيز اچڻ**

ڳوٺ اچي مسجد، تعلقو ڪنڊيارو، ضلعو نوشهروفيروز، حال رهندڙ وحدت ڪالوني حيدرآباد

✍

ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ اچي بوءِ بهار جي.

**نزاڪت نظاماڻي**، 19.01.2014

✍

سائين لائق سنڌيءَ جي وفات سنڌي علم ۽ ادب جي ميدان ۾ هڪ وڏي ڪوٽ ۽ خلا پيدا ڪئي آهي، جيڪا شايد هڪ عرصي تائين پرجي نہ سگهي، سائين جي وفات جي خبر ٻڌي ڪيترن ماڻهن مون سان منهنجي تعزيت ڪئي، بهتر هجي ها اگر عزرائيل سائينءَ جي بجاءِ منهنجي ايڊريس تي اچي وڃي ها، هڪ عالم ماڻهو وڏيڪ جي پوي ها.

دعا آهي تہ الله سائين ڪيس جنت ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري ۽ سندس پونئيرن ڪي ۽ سڄي سنڌ جي علم دوست ماڻهن ڪي سندس علم دوستيءَ ڪي اپنائڻ جي توفيق ڏي، آمين.

**پروفيسر لائق ٽيبو**، ميرپورخاص 17.01.2014

✍

سنڌ ڌرتيءَ اهڙا انمول هيرا پيدا ڪيا آهن، جن هميشہ پنهنجي وطن سان محبت ڪري زندگي گذاري ڇڏي، سائين لائق ٽيبو بہ انهن انسانن مان هو. هن جو وڇوڙي تي نہ صرف سائينءَ جي خاندان کي نقصان پهتو آهي، پر سنڌي قوم کان هڪ سجاڳ پارکو ۽ محبت جومتوالو انسان کسيو.

ڏٽي در دعا آهي تہ سائينءَ کي جنت الفردوس عطا ڪري ۽ پونيئرن کي سائين جي نقش قدم تي هلڻ جي توفيق ڏي. ’آمين‘

**لياقت عزيز**، 20.01.2014

✍

سائين لائق صاحب سان واقفيت ڪوشش اخبار جي اڳڻ ۾ ٿي، جڏهن سپلا جي پريس واري ڪم سان لاڳاپيل رهيس، پوءِ سائينءَ سان ڪچهري ٿيندي هئي، ڪڏهن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي حوالي سان، ڪڏهن استاد تنظيمن جي حوالي سان. هڪ لائق ۽ فائق ماڻهو هو الله پاڪ کين جنت ۾ جايون ڏئي. دعاڳو: **يعقوب چانڊيو**

✍

سائين لائق ٿيبو منهنجو چاچو بہ ۽ وڏو ڀاءُ بہ هو. ننڍڙا هوندا هئاسين تہ بابا تعارف ڪرايو تہ ٻڌايائين تہ هي اهو ماڻهو آهي، جيڪو مال چاري پڙهيو ۽ هاڻي لکيل پڙهيل ماڻهن جي صف ۾ شامل آهي، پر جڏهن زماني جي سمجهہ آئي تہ خبر پئي تہ سائينءَ جو تعلق ادب جي دنيا سان بہ آهي ۽ ادبي صفحو سنڀالي ٿو. سائين سدائين ڀانيو ۽ اسان کي چيچ مان وٺي اچي ادب جي ميدان ۾ لاٿو. جڏهن بہ ملياسين تہ سڄي گهر جي هڪ هڪ ماڻهوءَ جي باري ۾ خبر چار وٺي وري سپني لاءِ چوندو هو تہ سلام ڏجو. بس هاڻي يادون ئي آهن . الله کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏئي. 'آمين' **پروفيسر علي حسن خاصخيلي**، ٽنڊوالهيار

✍

سائين لائق سنڌيءَ سان محبت ڀريو پراڻو تعلق هو. جهڙو نالو لائق هئس اهڙوئي لائق هو. انتهائي بيباڪ، نڊر سهڻو انسان هو. سائين جڏهن بہ ملندو هو تہ چوندو هومانس تہ سائين توهان تہ Ever Green ماڻهو آهيو. سائين لاءِ دعاڳو آهيون تہ رب پاڪ مغفرت ڪري. آمين.

دعاڳو: **پروفيسر احمد نواز جوڻيجو**، راهوڪي

✍

سرور ڪائنات صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو ارشاد گرامي آهي تہ پنهنجي ٻارن جا نالا سٺا رکو ڇاڪاڻ جو انهن جو طبيعت تي

اثر پوي ٿو. سائين لائق تي بہ واقعي انهيءَ حديث مبارڪ جو خوب اثر پيو. موري منگر جا سينگار هئا، خوش طبع، يارن جا يار ۽ قوم جا خدمتگار هئا. مون کان عمر ۾ وڏا هئا، پر ائين سمجهندو هئس تہ هم عمر آهن. جڏهن بہ ملاقات ٿيندي هئي، پاڻ کان اولاد تائين خير خيريت معلوم ڪندا هئا. الله جل شانہ هُو کان دعاگو آهيان تہ سندس اولاد کي صبر جي توفيق ڏي.

ڪالھ پڻ ڪالھ هئي، اڄ پڻ ڏينهن ٻيو،<br>
مڙهيءَ ۾ مدن چڙهي، ويهي ڪنگ ويو،<br>
جنهن ۾ ماڻ پيو سا راھ رهندي ڪيترو.

الله سائين کين جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي ’آمين‘

**پروفيسر علي اصغر ڏيٿو**

✍

سائين لائق ۽ آئون 1966ع ڌاري وڏيري مال خان ٿيٻي جي ڳوٺ ملياسين ۾ پوءِ ملندا رهياسين. سائين حيدر علي لغاري جيسين تاج پور ۾ رهيا، تيسين تہ ساليانہ ملاقات رهندي هئي پر حيدرآباد ۾ اچڻ ڪانپوءِ سائين لائق ۽ سائين لغاري صاحب سان ملڻ تمام ضروري هوندو. مون سڀ انهن ڪان پرايو ۽ انهن سان ونڊيو.

انسان پنهنجي خصلتن جي واديءَ ۾ جڏهن راسخ ٿي ويندو آهي، تڏهن سندس سڀ هاڪاري خوبيون سرهاڻ سموئي چوڏس سڳنڌ جو هڳاءُ وسائينديون آهن. سائين لائق هڪ اهڙو سڌي، چٽي، شخصيت جو مڪمل مصداق هو جيڪو نهوڙيلن کي نماءُ ڏيندو هو. ڏکويلن کي ڏِڪ ويهاريندو هو. مونجهارن کي مقيد ڪري مسروريتون بهم پهچائيندو هو. اُها بہ ويل ويرم، گهڙي، ساعت ڪانہ هئي سندس وجدان ۾ جنهن انسان ذات لاءِ پڇرڻ، پسرڻ ۽ سندن تدارڪ لاءِ هڙان وڙان دامي درمي، صلاح، پيير پيرڻ جهڙن جهروڪن ۾ پاڻ کي تحليل ڪري حاجتمندي نہ ڪندو هو. هي ماٺهوئي حقيقت ۾ انسان ٿيڻ جي اعليٰ منصب تي فائز ٿيڻ جو حقدار ٿيئي ٿو. دعائون، دم دلاسا، لڙڪ، ٿڏا ساهہ هن ارپڻ ڪان هي گهڻو مٿاهون هو.

**پروفيسر خادم حسين ميرجت**، حيدرآباد.

✍

محترم سائين لائق سنڌي صحافتي دنيا ۾ هڪ سچو ۽ کرو صحافي هو جنهن هميشہ حق ۽ سچ جو ساٿ ڏنو. آفتاب اخبار ڪان ويندي ڪوشش اخبار تائين سائين هميشہ صحافتي دنيا ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ان ڪانسواءِ سائين هڪ سٺو استاد ۽ انسان دوست بہ هو. اسان جو دوست محمد اسماعيل ٿيٻو ان جو فرزند آهي. الله تبارڪ وتعاليٰ ان کي صبر جميل عطا ڪري. سائين جيڪا واٽ قائم رکي، اميد تہ اسماعيل بہ ان جي نقش قدم تي هلي ڳوٺ واسين جي ڏک سک ۾ گڏ هوندو.

**محمد علي لغاري**

ليڪچرر سنڌي شعبو قاسم آباد ڪاليج، حيدرآباد 16 جنوري 2014ع

سائين محمد لائق ٿيٻو هميشه مسڪرائيندڙ نوجوان سوچ رکندڙ جهونو نوجوان هو. بنا سبب ۽ بلاوجهه هميشه محبت ونڊيندڙ شخص ۽ قومي سوچ ۽ ساده طبيعت ماڻهو هو.

الله سائين شل سندس لاءِ جنت الفردوس ۾ جاءِ مخصوص ڪري. آمين. **پروفيسر سيد ميرل شاهه،** دريا بيگ مغل حيدرآباد

✍

اڄ نه اوطاقن ۾ طالب تنوارين،
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جيڪي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

سائين لائق سان اسان جي خاندان جا تمام پراڻا ناتا هئا. منهنجي والد صاحب حيدر علي لغاريءَ سان سائينءَ جو تمام قرب، عقيدت ۽ احترام وارو رشتو هو. مون ننڍپڻ کان سائينءَ کي بابا سائينءَ وٽ ڳوٺ تاجپور ۾ ايندي ڏٺو.

مون کي انهن ڏينهن ۾ ائين لڳندو هو ته ڄڻ سائين لائق اسان جي ئي فيمليءَ جو ڪو فرد آهي. پاڻ تمام قرب ۽ محبت ڏيڻ وارا انسان هئا. مون کي هميشه پنهنجو مرشد ڪري سڏيندا هئا ۽ اچڻ ڪانپوءِ چوندا هئا ته مرشد اڄ ڳاڙهو ٻوڙ ضرور کائبو. سائين لائق هڪ قابل استاد ۽ سنڌيءَ ٻولي جو تمام وڏو ڄاڻو هئو. سندن وفات سان سنڌي ادب ۽ صحافت ۾ هڪ وڏو خال پيدا ٿي ويو آهي، جيڪو شايد ئي پرجي سگهي. الله سائين کين جنت ۾ جايون ڏي. ’آمين‘دعاگو

**اسرار لغاري،** 18.01.2014

سائين لائق ٿيٻو اهڙو گنائتو فقير هو جنهن سدائين مرڪون ورهايون، ذات ورهائي ۽ ذات وارن کي سڏاري سنواري اڳتي آندو. الله کيس مرهيندو. اهڙا ماڻهو وري الائي ڪڏهين ملندا.

**عطا الله بخاري،** 20.01.2014

✍

مون ذات انوکي آندي آ، ٿي تند وڄهي تلوارن سان،
ٽڪرايان پنهنجا گيت جڏهن، ٿو آئون سنڌ ۾ ديوارن سان،
ٿا تنهنجا ياري پُرج لُڏن، تون هيٺو آ هٿيارن سان.

**پروفيسر اياز علي هاليپوٽو، حاجي خان ميتلو،**

**منٺار بروهي، ڪاشف ۽ انور** 21.01.2014

✍

سائين لائق سنڌيءَ جي ڇا ڳالهه ڪجي! سچ پچ ته هڪ عظيم انسان هو. منهنجي ساڻس آفتاب اخبار جي زماني کان وٺي محبت ۽ پريت هئي. ڪڏهن به همٿ هارڻ جي ڳالهه نه ڪيائين. سدائين حوصلي ۽ سچائيءَ سان جيئڻ ۽ لکڻ جا ڏس ڏيندو هو. سنڌي صحافت ۾ سندس خدمتون نمايان رهيون آهن. تمام گهڻن صحافين کان منفرد ۽ مختلف هو. سندس نالو صحافت ۽ محبت جي دنيا ۾ هميشه قائم رهندو. بهرحال سندس وڇوڙي سان ساڻس محبت ڪندڙن جي محبت جو خال ڏاڍو ڏکيو پربو. دعا آهي ته الله تعاليٰ کيس جنت الفردوس ۾ جايون ڏي. آمين ثم آمين.

**ممتاز علي لغاري،** ليڪچرر بوائز ڊگري ڪاليج، سانگهڙ 16 جنوري 2014ع

✍

## گهوڙن ۽ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا

سائين لائق سنڌ ڌرتي، سنڌي ٻولي، سنڌي سماج جو هڪ سچو عاشق ۽ مخلص ماڻهو اڄ اسان ۾ نه رهيو آهي. جسماني طور ڀلي هو اسان کان وڇڙي ويو هجي، پر سندس ڪم ۽ يادگيريون هميشه اسان جي وچ ۾ رهنديون. الله سائين سندس درجا بلندي ڪري ۽ پونئيرن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي. ’آمين‘

**پروفيسر عباس لغاري،** سانگهڙ

✍

محترم جناب استاد لائق ڏنو (سائين لائق سنڌي) جنهن پنهنجي سموري زندگي تعليم، سماجي ڀلائي ۽ خلق جي خدمت کي ارپي ڇڏي، پاڻ هڪ مڪمل استاد، رهبر، دوست ۽ فرض شناس انسان هئا، انسانيت سنڌس سچاٽپ ۽ پرچار هئي، ڪڏهن به ڪنهن سان "اڙي" ڪري به نه ڳالهايائون، آءٌ جڏهن به ساڻس ڪنهن مسئلي تي گفتگو يا ڪا راءِ ۽ رهنمائي وٺندو هئس ته پاڻ ان بابت گهري فڪر ۽ مڪمل نموري واضح حل ڪري سمجهائيندا هئا ۽ مونکي هميشه سنڌس لاءِ لطيف جي اها سٽ ياد اچي ٿي.

الله ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن.

الله تعاليٰ شال سائين جا ٻئي جهان موچارا فرمائي. 'آمين'

**انجنيئر آسنداس**، موري منگر

✍

**تحقيق الله جا دوست مَرن نه ٿا.**

**بلڪ اُهي مُنتقل ٿين ٿا هڪ گهر کان ٻئي گهر ۾.**

سائين لائق ٿيبو هڪ لائق انسان، صبر وارو، گهٽ ڳالهائڻ وارو اَمُن پسند، اَمن واريون ڳالهيون ڪندڙ پنهنجي ديس سنڌ سان گهڻي محبت رکندڙ مُحترم سائين جي ايم سيد جو عاشق، ننڍن نوجوانن کي همٿ ڏيارڻ وارو اسان کان جدا ٿيو آهي، جنهن جو اسان جي دل کي ڏاڍو ڌڪو پُهتو آهي، اهڙا انسان تمام گهٽ ملندا آهن.

سائينءَ سان منهنجو اَدبي دُنيا ۾ واسطو ٿورو وقت ٿيو ته بدقسمتيءَ سان سائينءَ جو آواز گلي جي تڪليف سبب گهٽجي ويو، جنهنجي ڪري سائين جون گهڻيون ڳالهيون آئون سمجهي نه سگهيس، بحرحال سائين کي مون لکي ڏنو پني تي ته سائين ڪجهه پنهنجي زندگيءَ جون يادون لکي ڏيو ته آئون اسانجي والد صاحب اُستاد سيد حاجي الهڏنو شاهه بن مهر شاهه جي ڪتاب "يادون منهنجو

ڳوٺ ۽ پسگردائي“ جي ٻئي ايڊيشن ۾ ڇپرايان. پاڻ واعدو ڪيائون ته بلڪل آئون توهان کي لکي ڏيندس، جيئن ته اسانجو والد صاحب سندن به پيارو استاد هو ۽ پاڻ سندن ئي رهبريءَ ۾ رهيا ۽ تمام گهڻي ويجهڙائپ ۾ رهيا.

الله سائينءَ کان دعا آهي ته سائين لائق کي جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا ڪري ۽ دنيا ۾ جيڪي خطائون انسانن کان ٿي وينديون آهن، پنهنجي حبيب جي صدقي معاف فرمائي. دعاگو

**سيد افضل حسين شاهه**، موري منگر

✍

# سياسي پيتا

سائين محمد لائق جي تڏي تي وڃڻ ٿيو سندس آستان ڏسي ماضيءَ جا ڪيترائي داستان ذهن تي تري آيا، سائين شيخ علي محمد جي آفتاب اخبار کان وٺي عبرت ۽ ڪوشش اخبار سان لاڳاپيل رهيو. هن جو مرڪز پريس ڪلب حيدرآباد هوندو هو. منهن تي مرڪ ۽ هٿ ۾ سگريٽ خاص نشاني هو. سنڌي صحافت ۾ هن جهڙو پروف ريڊر ڪو ناهي، ڪيليگرافيءَ ۾ به ماهر هو. سندس وڏي خوبي اها هئي ته رڪارڊ رکندو هو ۽ هر اخبار جا فائيل پاڻ وٽ رکندو هو. سندس پونئير هن جي اخبارن جو رڪارڊ حفاظت ۾ رکن. سڄي عمر سنڌ کي سنڌ وارن سان ملائڻ ۾ سلهاڙيل رهيو. افسوس جو قدرت اهڙن پيارن ماڻهن کي جلدي پنهنجي گرفت ۾ قابو ڪري کڻي وٺندي آهي. دعا آهي ته کيس پيارن جي پاڙي ۾ جاءِ نصيب ٿئي. 'آمين'

**سائين لائق جو قربدار عبدالواحد آريسر،** چيئرمين جيئي سنڌ قومي محاذ

✍

سائين لائق ٿيبو پنهنجي ڪردار ۾ هڪ کرو ۽ سچو انسان هو. صحافت ۽ قلم کي پيٽ جو ذريعو نه بنايو. آخري ايامن تائين خودداريءَ سان زندگيءَ جا پساهه پورا ڪيا، ڪنهن به سرڪاري خيرات لاءِ هٿ ٽنگڻ جو خواهشمند نه رهيو. STP ۽ مون سان دلي محبت ۽ بي لوث خدمت جو رشتو اعتماد جي بنياد تي ڳنڍيندي اسان جو علمي، عملي ۽ قلمي سفير رهيو. سندن ساٿ سان اسان کي سياسي، اخلاقي ٻلهه ملندو رهيو. هر اها خبر جيڪا سنڌ خلاف هوندي هئي ان کي رد ڏيڻ ۽ ان جي مزاحمت لاءِ بي چينيءَ سان سنڌ جا سڄڻ ڳولهي کين همت ڏياريندو هو. لائق سنڌي سچي سنڌ جو عاشق ۽ محافظ هو. خدا تعاليٰ کين جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا ڪري.

**ڊاڪٽر قادر مگسي**

سنڌ ترقي پسند پارٽي چيئرمئن

ڪنهن سچ چيو آهي تہ: ”جنهن سان ڪِليو آهين، ان ڪي وسارڻ سولو آهي، پر جنهن سان رُنو آهين، ان ڪي وسارڻ ڏکيو آهي.“ چاليهن سالن جي رفاقت ۾ اسين گڏ کِليا بہ آهيون تہ اسين گڏ رُنا بہ آهيون. خاص طور تي اسان جي رنج وارين حالتن ڪيس گھڻو رنجيندو ڪيو. هو مون کان ڪي سال وڏي هجڻ سبب مون لاءِ وڏي ڀاءُ جي حيثيت رکندو هو ۽ هو بہ وڏي ڀاءُ وانگر ئي منهنجين غلطين تي تنبيهہ ڪندو هو. سندس سگريٽ جو وڏو سوٽو هٽي مرڪڻ جو انداز ڏاڍو موهيندڙ هو. جنهن ڪي ياد ڪري دل جهري ٿي پوي. هو ڀاءُ هو، هو رفيق هو ۽ دلبر دوست هو. جنهن ڪي مرڻ گهڙيءَ تائين وسارڻ مشڪل آهي. لطيف سائين اهڙن ئي املھ ماڻهن لاءِ چيو آهي.

اج نہ اوطاقــــن ۾، طالــب تــــنواريـــــن،
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مـــــون مـــارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

**حسين بخش ٿيبو،** 16 جنوري 2014ع

سائين لائق سنڌيءَ پنهنجي پوريءَ سچائيءَ سان سچي سنڌيءَ جي حيثيت سان هڪ گمنام سپاهيءَ طور صحافت توڙي استادي پيشي سان نينهن نڀايو. سندس ٻنهي شعبن ۾ ڪيل خدمتون ساراهہ جوڳيون آهن ۽ سندس ڪيل خدمتون سنڌ هميشہ ياد رکندي. دعا آهي تہ شال رب پاڪ کيس پنهنجي جوار رحمت ۾ جاءِ ڏئي ۽ سندس پٽن کي اها ئي راهہ ڏيکاري جيڪا سائين لائق چڱي ويو آهي. اهي سنڌ ۽ سنڌي قوم جا سپوت ٿي سنڌ سان ناتو نڀائين.

**صنعان قريشي/ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي** جيئي سنڌ قومي محاذ

سائين لائق جي وصال تي تمام وڏو ڏک پهتو. هو مانيٽو انسان هو. هو تمام وڏو ماڻهو هو. وڏو ماڻهو ان کي ڪو نہ چئبو جنهن وٽ گھڻو پئسو ۽ وڏيون گاڏيون ۽ بنگلا هجن پر وڏو ماڻهو اهو آهي، جنهن وٽ علم، فهم هجي برداشت هجي. خلوص ۽ پنهنجائپ هجي. مون اهي سڀ خوبيون سائين لائق ۾ ڏٺيون. سندس ادبي ۽ صحافتي پورهيو تمام وڏو آهي، هو سنڌي ٻوليءَ جو خاموش خدمتگار هو. شال رب سائين کيس جوار رحمت ۾ جاءِ ڏي ۽ پوين کي صبر تحمل ڏي.

**پير امجد حسين شاھ جيلاني**، سابق صوبائي وزير

✍

Marhoom LAIQ SINDHI was a humble man. Who made huge contributions to the Sindhi language, literature, education & journalism His absence will be difficult to fill.

Syed Naveed Qamar (MNA) 25-01-2014

✍

سائين محمد لائق منهنجو نہ رڳو دوست هيو پر هي منهنجو مائٽ ۽ هن سان قرب جا سڀ رشتا هيا، مون کي دلي صدمو پهتو آهي. هن کي خدا جنت ۾ جايون ڏي مون وٽ اهي لفظ نہ آهن جو وڌيڪ لکان.

**دعاڳو روشن علي شاھ**، ٽنڊو قيصر

✍

سائين لائق ٽيٻو جو جهڙو نالو هو، اهڙو ئي لائق ماڻهو هو پاڻ استاد هو تمام گهڻا شاگرد پيدا ڪيائون. صحافت جي ميدان ۾ بہ وڏو نالو پيدا ڪيائون، تمام گهڻا ۽ باضمير صحافي سندس شاگرد آهن. سنڌ دوست ۽ سنڌ سان تمام گهڻي محبت ڪندڙ انسان، اسان جي خاندان سان تمام گهڻي محبت ڪندڙ آئون سندس محبت ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس، الله تعاليٰ کيس جنت الفردوس ۾ جڳهہ ڏيندو ۽ سندس وارثن کي صبر جي توفيق ڏيندو. آمين.

**امير علي ٽيٻو**، ڊپٽي سيڪريٽري جنرل سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي تاريخ 17.01.2014

✍

سائين محترم لائق سنڌي، پنهنجي نالي جيان سنڌ جو لائق پٽ هو. سندس زندگي سنڌ سان عشق ۾ گذري، هو پنهنجي ڪردار ۾ ايتروئي طاقتور هو جيترو هڪ غيرتمند محب وطن کي ٿيڻ گهرجي. سندس ڏنل محبت ۽ پيار هميشہ اسان کي ائين ياد رهندا جيئن هڪ اولاد کي والدين جو پيار ياد رهندو آهي. اسان جي تربيت ۽ ڪردار جي تشڪيل ۾ سائين لائق سنڌيءَ جو اهم ڪردار رهيو آهي، اڄ سندس مرتئي تي ائين لڳي ٿو تہ اسان جو سڄو پيارو اسان کان وڇڙي ويو آهي، سائين لائق سنڌي نہ سرڪار جي وظيفي ۽ نہ وري ڪنهن ڪوڙي ايوارڊ کي اهميت ڏني، بس هن جي ساهہ جي سڄي ۾ فقط سنڌ ۽ سنڌ هئي. **حيدر ملاح**، حيدرآباد، سيڪريٽري جنرل ايس ٽي پي، 20.01.2014

✍

سينئر صحافي سائين لائق ٿيٻي جي لاڏاڻي جي خبر مون کي سوشل ميڊيا تي پئي، سائين لائق دوستن جو دوست، پيارو ماڻهو هو. مون کي سائينءَ جي هڪ ڳالهہ تمام حيران ڪن لڳي تہ هن خودداريءَ کان ڪم وٺندي پنهنجي بيماريءَ لاءِ سرڪار توڙي ڪنهن بہ سرنديءَ واري کي اپيل نہ ڪئي، جيڪا شيءِ اسان گهڻ ماڻهن ۾ ڏٺي. صحافت ۾ هوندي ايمان سلامت رکيو جيڪا پڻ تمام وڏي شيءِ آهي.

**ستار زنگيجو**ـ سياسي، سماجي ڪارڪن تاريخ: 16.01.2014

✍

سائين محمد لائق تمام گهڻو نيڪ ۽ قابل احترام شخص هو. سائين جن جي اسان جي والد صاحب وڏيري بويڪ ٿيٻو سان تمام گهڻي ويجهڙائي هئي، اسان سان پڻ گهڻي ويجهڙائپ هئي.

هڪ قلم ۾ پنو ڪافي ناهي سائين لاءِ لکڻ جي لاءِ. ڪجھ ماڻهو تاريخ تي پيدا ٿيندا آهن ۽ ڪجھ ماڻهو تاريخ ٺھجي ويندا آهن. سائين محمد لائق صاحب پڻ هڪ تاريخ آهي، الله پاڪ سائين جن کي جنت الفردوس ۾ جڳھ عطا فرمائي. ’آمين‘ **وڏيرو عباس علي ٽيبو**

✍

پنھنجي نالي جھڙو لائق ۽ پنھنجي مزاج ۽ طبيعت ۾ لائق جنھن سان اسان جي وڏن جو تعلق ۽ دوستي هئي پر جڏهن به ملندا هئا ته اسان کي پنھنجو وڏو لڳندو هو ۽ دوست مطلب هر خصوصيت سان ٺمٽار هئا ۽ صحافت جي دنيا ۾ بغير ڪنھن لالچ ۾ سنڌ جي خدمت ڪيائين سندس وڇوڙو اسان لاءِ گھر جي ڀاتيءَ جي وڇوڙي وانگي آهي، الله شل جنت ۾ جاءِ ڏيس.

**ذوالفقار علي ٽيبو**، منظور آباد

✍

سائين محمد لائق هڪ کلڻو ملڻو ماڻهو هئو. ڪڇھرين جو مور هئو. سندس صحافت جي زندگي وسارڻ جوڳي نه آهي، الله تعاليٰ کيس جنت ۾ جاءِ عطا ڪندو. **مولا بخش مشوري**، هٽڙي
18.01.2014

✍

## ڪنھن ڪنھن ماڻھوءَ منجھ، اچي بوءِ بھار جي.

محترم اسان جو عظيم استاد سائين محمد لائق ٽيبو هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. رب پاڪ کيس جنت نصيب ڪندو.

سائين جون سنڌ ۽ سنڌي ادب لاءِ خدمتون قابل تعريف آهن. رب پاڪ کان دعا آهي، سندس اولاد کي به سائين جي نقش قدم تي هلڻ جي توفيق ڏي. آمين ثم آمين. دعاگو خير انديش

**مير عبدالرشيد ٽالپر** P.A تو منسٽر شرجيل انعام ميمڻ صاحب. 20.01.2014

✍

**مــــاڻهو سڀ نہ سهڻا پـــکي ســــڀ نہ هــــنج.**

**ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ اچي بوءِ بهار جي.**

محترم سائين لائق ٽيٻو صاحب علمي، ادبي ۽ صحافتي حوالي سان محترم شخص. منجهس تمام گهڻي پرک هوندي هئي. هر انسان لاءِ شفقت ڀريو پيار ۽ محبت جو مظاهرو ڪندو هو. سيني سان تمام گهڻو پيار ڪندو هو. اسان نوجوانن سان تہ تمام گهڻو پيار ڪندو هو. مان سمجهان ٿو تہ سنڌ هڪ ادبي، علمي ۽ سياسي شخصيت کان محروم ٿي وئي آهي، اهو خال سالن تائين پرجڻ جو نہ آهي.

**غلام نبي سمون**، مرڪزي پريس سيڪريٽري، سروري جماعت

سائين محمد لائق ٽيٻو جيڪو منهنجي والد علي اصغر زنئور جو دوست هو. جنهن سان ڪيترائي سال هڪ ئي اسڪول ۾ استاد رهيو. منهنجون ڇهين ڪلاس کان وٺي هن سان ڪچهريون رهيون. پاڻ سدائين منهنجو حُجتي دوست ۽ چاچو هو. جنهن سان تمام گهڻيون ڪچهريون رهيون. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو وڏو پارکو هو. جڏهن بہ بابا سائينءَ وٽ ايندو، سدائين چوندو هو تہ ڳاڙهو ٻوڙ کائيندس.

سائين نہ وسارڻ جهڙو املهہ ماڻهو هو. الله تعاليٰ کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي. 'آمين'

**محبوب علي زنئور**، ڳوٺ بهاول زنئور

✍

## دوستن احبابن ۽ ڳوٺ واسين پاران پيتا

سائين لائق منهنجو محسن استاد Mentor ۽ سفر جو ساٿي- لطيف، اياز، سنڌي ادب، صحافت، رک رکاءُ ۽ مزاج مطلب تہ هر صنف ۾ شخصيتن جي ڀرپور ڄاڻ ۽ اُنجو منهنجي شاگردي ۾ نوڪري واري سفر ۾ رهنمائي. اهي سڀ خوبيون ۽ ڳالهيون. پر افسوس جو آئون ڪيس زندگيءَ جي آخري سفر ۾ ساٿ نہ ڏئي سگهيس.

**سُبحان ميمڻ**، 18 جنوري 2014ع

✍

سائين لائق جي اوچتي وفات جو ٻڌي تمام گهڻو افسوس ٿيو. سائين لائق گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ هو. هو بهترين استاد، بهترين صحافي، بهترين اديب، سخن شناس، مانيٽو ۽ سادو انسان هو. جنهن سان بہ تعلق هوندو هئس، ان کي جيءَ ۾ جايون ڏيندو هو. هر ٿڌيءَ جو ماڻهو ائين سمجهندو هو تہ سائين لائق منهنجو دوست آهي، اهو سندس قربائتي شخصيت جو اثر هو. هو نہ فقط واسطو رکندو هو پر نڀائيندو بہ هو. هر حال ۾ سڀني وٽان پيرو ڪندو هو. ائون جڏهن پيٽارو ۾ پڙهندو هوس تہ مون سان ملڻ لاءِ اتي بہ ايندو هو. تعليم جي اهمت ۽ افاديت کان نوجوانن کي آگاهہ ڪندو رهندو هو. سندس صحبت ۾ رهڻ وارا تمام وڏن عهدن تي پهتا. ٻوليءَ جي صحيح استعمال لاءِ هن زندگي وقف ڪري ڇڏي. هن جون ڪيل خدمتون، ڏنل محبتون هميشہ ياد رهنديون. اهڙا انسان ورلي پيدا ٿيندا آهن. سندس وفات نہ فقط سندس خاندان، ڳوٺ ۽ ٽيٻا برادريءَ ۾ خال پيدا ڪيو آهي، پر صحافتي ۽ ادبي لڏي ۾ بہ سندس جاءِ ڀرڻ ۾ وقت لڳندو.

**غلام قادر ٽيٻو**، ايڊيشنل آءِ. جي ڪراچي

✍

سائين لائق مون کان تقريباً 15 کان 20 سال عمر ۾ ننڍو هو. اسان جو ويجهو عزيز هو. سادي طبيعت رکندڙ انسان هو. هو جيترو مون سان ويجهو هو. اوترو ئي منهنجي پٽن ۽ پوٽن سان. سڀ کو سمجهندو آهي ته سائين لائق منهنجو دوست آهي. هميشه ڇوڪرن کي پڙهڻ جي تلقين ڪندو هو. راڄ ڀاڳ جي لهواري اوپاري يا سياسي اٿل پٿل جي وڏي ڄاڻ رکندو هو. سڄي سنڌ ۾ وڏو واسطو هئس. مرڻي پرڻي سيني وٽ ويندو هو. پاڻ غريب ماڻهو هو. پر دل جو سخي هو. سدائين اخبارون ۽ رسالا ٿيلهيءَ ۾ هوندا هئس. اسان کي به اخبارون وٺڻ جي اهڙي هير وڌائين, جو سڀ اخبارون اوطاق تي گهرائيندا آهيون. هو سدائين ياد رهندو. اهڙا ڀلا ماڻهو گهٽ پيدا ٿيندا آهن.

**ڏاڏو مال خان ٿيٻو**

✍

اسان جو خاندان حضرت مخدوم سرور نوح رحه جو مريد آهي ۽ اسان جي خاندان جو وڏو ڏاڏو فقير لائق ڏنو درويش صفت ماڻهو هو. مرشدن سان تمام گهڻي عقيدت هجڻ ڪري مرشدن کيس نو لک گودڙيءَ سان نوازيو جيڪا اڄ به اسان وٽ تبرڪ طور موجود آهي! ۽ سندس نالي سان هالا ۾ مرشدن جي درگاهه تي حجرو به ٺهيل آهي. سندس نالو پيڙهي درپيڙهي ڦرندو منهنجي ڏاڏي تي رکيو ويو جنهن کي ٽي فرزند محمد سليمان, حاجي محمد اسماعيل ۽ پير بخش هئا. انهن مان حاجي محمد اسماعيل اسان جو والد هو جنهن کي پڻ ٽي پٽ هئا, جن ۾ لائق ڏنو (لائق سنڌي), محمد قاسم (يعني آءٌ) ۽ محمد بخش جيڪو جوانيءَ ۾ ئي گذاري ويو ۽ ٽي نياڻيون هيون.

جڏهن آئون ڇهين ڪلاس ۾ پڙهندو هئس ته اسان جو والد 1969ع ۾ وفات ڪري ويو. ان کانپوءِ منهنجي پرورش, پڙهائيءَ جو ذمو منهنجي وڏي ڀاءُ جنهن کي سڄي سنڌ لائق سنڌيءَ جي نالي سان

سڄاڻي ٿي ان پنهنجي ڪلهن تي کنيو. مون جڏهن 1974ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي ته مونکي يونين ڪائونسل ٽنڊو حيدر ۾ ناڪي منشي طور نوڪري وٺي ڏني. انهن ڏينهن ۾ علي پيلس جو مالڪ سيد بشير احمد شاهه تعلقي حيدرآباد جي يونين ڪائونسلن جو ايڊمنسٽيٽر هو ۽ سبحان ميمڻ جو دوست هو جنهن جي معرفت مون کي نوڪري ملي.

جڏهن منهنجي ڀاءُ صحافتي دنيا ۾ پير پاتو ته مرحوم شيخ علي محمد، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي اخبار هلال پاڪستان جو ايڊيٽر هو جيڪا اخبار پڪي قلعي حيدرآباد مان نڪرندي هئي ۽ 1974-73ع ۾ شيخ علي محمد وري پنهنجي اخبار ”آفتاب“ نالي ڪڍي ته ادا به ان اخبار ۾ ڪم شروع ڪيو ۽ ڪجهه وقت مون به آفتاب اخبار ۾ سرڪيوليشن مئنيجر طور ڪم ڪيو.

اسان وٽ ڪجهه ايڪڙ زمين هئي، ٻي ڪا خانداني ملڪيت نه هئي، اها زمين به ڪجهه وقت وڏيري بقادار ٿيٻي وٽ مقاطي ۾ هئي پوءِ والد صاحب پنهنجي زندگي، ۾ ئي ڪپائي ڇڏي. انهن ڏينهن ۾ ڀاءُ ماستري جي نوڪري ڪندو هو ۽ گهر جو سڄو خرچ ۽ اسان جون پڙهايون سڀ ڀاءُ جي پگهار تي ئي هلي رهيون هيون. گهٽ آمدني هجڻ باوجود ادا سائين مون کي پڙهائي پيءُ وارو فرض نڀائيندو رهيو. جيڪا شفقت اسان کي ڀاءُ طرفان ملي شايد ايتري بابا به نه ڏيئي سگهي ها، ڪڏهن به بابا جي ڪمي محسوس ٿيڻ نه ڏنائين، پنهنجون ضرورتون پنهنجي دل ۾ رکي هميشه منهنجون جائز ناجائز خواهشون پوريون ڪندو رهيو. پيءُ وارو پيار اسان کي ڀاءُ طرفان ئي مليو. آءُ به سندس تمام گهڻي عزت احترام ڪندو هئس. ادا سائين هر رشتي کي تمام سٺي نموني سان نڀائيندو رهيو. ادا کي جي پيءُ جي نظر سان ڏسجي ته هُو باوقار باڪردار پيءُ هو. جي ڀاءُ جي نظر سان ڏسجي ته هُن جهڙو ڀاءُ

ڪٿي نہ ملندو ۽ جي دوست جي نظر سان ڏسجي تہ ادا دوستيون بيخوبي نڀائڻ ڄاڻندو هو. سندس طبيعت سادي پر اهڙي تہ نرالي هوندي هئي جو ڪير هڪ دفعو ملي تہ هر هر ملڻ جي خواهش ظاهر ڪري ۽ اهو سندس طبيعت جو ئي ڪمال هو تہ ادا ڪڏهن بہ اڪيلو نظر نہ ايندو هو، هر وقت ڪو نہ ڪو دوست ساڻس گڏ هوندو هو.

هڪ ڀاءُ جي ڪردار تي مان ڪهڙي روشني وجهان ان جو اندازو هن مان لڳايو تہ جڏهن منهنجي شادي ٿي تہ اهڙي شان سان ڀت ڪيائين جنهن جو مثال ڪيترن ئي ڏينهن تائين اسان جي علائقي ۾ هلندو هو. صوفي طبيعت جو مالڪ منهنجو ڀاءُ نہ تہ نفرت ڪرڻ ڄاڻندو هو ۽ نہ وري سندس دل ۾ ڪنهن جي لاءِ ڪو حسد هو، ادا جي وڇوڙي اسان کي جهوري وڌو آهي، سچ پڇو تہ هاڻ نہ صرف اسماعيل ۽ محمد بخش يتيم ٿيا آهن پر انهن سان گڏ آءٌ ۽ منهنجو اولاد بہ يتيم ٿي ويا آهيون، ڇو تہ ادا سائين مون کي ۽ منهنجي اولاد کي بہ پنهنجي اولاد جهڙو سمجهندو هو. بيشڪ ادا جو وڇوڙو ڪنهن قيامت کان گهٽ نہ آهي، اهڙي طرح 58 سالن جو ساٿ 16 جنوري 2014ع تي ختم ٿي ويو ۽ هاڻ پنهنجي اولاد ۽ ادا جي اولاد هوندي بہ پنهنجي پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪري رهيو آهيان. اڄ ادا اسان سان گڏ ناهي پر اسان جون دعائون هميشہ ادا سان گڏ رهنديون. دعا آهي تہ الله پاڪ منهنجي ڀاءُ کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي. ’آمين‘

**محمد قاسم ٿيٻو،** موري منگر

✍

سائين لائق کي آئون ماما چوندو هوس، هو منهنجو سڳو مامو تہ نہ هو پر سڳن مامن کان بہ وڌيڪ پيائيندو هو. سائين جي سهري چاچي نور محمد ٿيٻي جو ڳوٺ اسان جي ڳوٺ کان ٽي ڪلوميٽر پري هو، جڏهن بہ سائين اوڏانهن ويندو هو تہ آئون ڪيس جيپ ۾ چڙهي ايندو

هوس. هڪ پيري رات جو اوطاق تي ويٺا هئاسين تہ اوچتو خيال آيس تہ پائو گل محمد وارن ڏانهن ٿو وڃان. مون جيپ ڪڍي اوڏانهن وياسين پئي تہ رستي تي واٽر ڪليل هو. گاڏيءَ کيئن واٽر ڪراس ڪيو ڪا خبر ئي نہ پئي ۽ اسين معجزاتي طور تي بچي وياسين. شايد اهو سائين جي فقيراڻي طبيعت جو ڪمال هو. واپسيءَ ۾ جڏهن آئون ساڳي جڳهہ تي پهتس ۽ گاڏيءَ مان لهي ڏٺم تہ اچرج ۾ پئجي ويس تہ مارا هتان آئون ڪيئن گاڏي اڪاري ويس. خير واپسيءَ ۾ همت ڪونہ ساري سگهيس ۽ ڪيترائي همراهہ گهرائي واٽر لترائي پوءِ گاڏي ڪڍيم. سائينءَ سان ڪيتريون ئي يادون وابستہ آهن، هو پائيندو هو، چاهيندو هو، سمجهائيندو هو. اخبارن پڙهڻ جو شوق ڏياريائين. سندس وڇوڙي تي وڏو ڏک پهتو آهي، سندس ياد هميشہ رهندي، سلام سائين لائق.

**جان محمد ٽيڀو،** سابق چيئرمين يوسي ڊاسوڙي

✍

مون جڏهن کان شعور جي اک کولي تہ سائين لائق سان ويجهڙائپ جو سلسلو شروع ٿيو. آفتاب اخبار هجي يا پريس ڪلب، حيدرآباد. موري منگر هجي يا اسان جي ڳوٺ واري اوطاق سائين لائق سان طويل ڪچهريون اڄ بہ ياد آهن. هو پڙهيو لکيو، سمجهدار، نظرياتي ۽ فڪري انسان هو. اخبارن، ڪتابن، رسالن، ادبي ڪچهريون ادبي ۽ صحافي دوست سندس ڪُل سرمايو آهن. مون سان گڏ ڪيترائي ڀيرا حيدرآباد کان اسان جي ڳوٺ مسال خان ٽيڀو تائين سفر ڪيائين، سندس ڪچهري ۾ وڏو مزو ۽ لطف هوندو هو چاڻ جي ڪاڻ هوندي هئي، هڪ تعليم دوست انسان هو. منجهس تمام گهڻا گڻ هئا. ٿورو ڳالهائڻ ٿورو کائڻ، ٿورو سمهڻ سندس فطرت هئي. هي نوجوانن سان پيار ڪندڙ انسان هميشہ ياد رهندو.

**روشن ٽيڀو،** ڳوٺ مال خان ٽيڀو

✍

سائين لائق منهنجي پياري دوست محمد اسماعيل ٽيٻو جو والد مون کي بہ پنهنجي والدين جيان هو. هو منهنجي والد مرحوم الهڏنو ڳاهو ۽ مامي احمد خان ڳاهو مامي خير محمد ڳاهو جو دوست هو. ساڻس تعلق جا اڻ ڳڻيا قصا ۽ يادون اڄ ذهن تي تري آيون آهن. هو مون لاءِ ڇپر ڇانوَ وانگر هو. اسان جي ماروي ٽائون واري گهر تي ايندو هو تہ بابا سان خوب ڪچهريون ڪندو هو. صبح جو سوير اٿندو هو ۽ بابا کيس ناشتو ڪرائيندو هو ۽ پوءِ سائين لائق ۽ سندس اخبارن جو ٿيلهو. اخبارون، ڪتاب، چاءِ ۽ سگريٽ سائين جون پسنديده شيون هيون. منهنجي نوڪري اڪثر ٽنڊو آدم ۾ هوندي هئي تہ سائين مون سان گڏ ٽنڊو آدم هلندو هو اتي پريس ڪلب ۾ وفا رضا، شفيع ٻجورو، مرحوم صادق ابڙو، علي ٿهيم، امداد راهي ۽ ٻين دوستن سان ملندو هو. جيڪي سائين جي ڪري مون کي بہ پيائيندا آهن. حيدرآباد جا صحافي، لالا رحمان سمون، مهيش ڪمار، اقبال ملاح ۽ ٻيا بہ ڪيترائي پيرا گڏيل ڪچهريون ڪندا هئاسين. آڌيءَ رات تائين، ڪيتريون ڳالهيون ڪجن سائين جون سندس وفات تي تمام گهڻا ماڻهو تڏي تي آيا، اخبارن ۽ سوشل ميڊيا تي تمام گهڻو لکيو ويو. اِهو ئي سندس سرمايو هو. سائين جون يادون هميشہ ياد رهنديون. سائين کي ڌڻي تعاليٰ جنت ۾ جايون ڏي ۽ پونيئرن کي صبر ڏي. ’آمين‘

**فدا حسين ڳاهو**

✍

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين،  
اديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،  
جيڪي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

منهنجو پيارو ”ماما وڏو“ جيڪو نہ صرف منهنجو رشتي ۾ ”مامو“ هو پر اَبو هو. جنهن کي اسين سڀ پاڙيچا، پائيتيا، پٽ، پوٽا، ڏُهٽا مطلب تہ سڀ هن شخص کي ابو سمجهندا هئاسين. هو اسان سڀني لاءِ ڇپر ڇانو هو. اسين سڀ

ڪيس بابا سائين چئي مخاطب ٿيندا هئاسين ۽ هن شخص به ڪڏهن اسان ۾ فرق نه رکيو سڀني سان هڪ جهڙو پيار محبت ڪندو هو.

’ماما وڏي‘ ڪنهن به انسان کي ڪا به تڪليف نه ڏني ۽ نه ڏيڻ پسند ڪندو هو. ڇو جو هو انسان ذات سان محبت ڪندڙ انسان هو.

سچ پڇو ته منهنجي والد گل محمد ٽيٻي جي وفات تي به مون پاڻ کي يتيم نه سمجهيو هو پر 16 جنوري تي ماما وڏي جي وفات کان پوءِ آئون پاڻ کي يتيم محسوس ڪري رهيو آهيان.

مون کي اڄ به اهو ڏينهن ياد آهي جڏهن منهنجي بابي مون کي اسڪول نه وڃڻ تي لڪڻ به هنئي پر ماما وڏي اسان کي هميشه قرب ۽ محبت ۾ سمجهايو ۽ ڪڏهن هٿ اولاري هڪل به نه ڪئي. قرب ۽ محبت جي هن شخص وٽ انتها هئي. ان ڪري هو سڀني جو سائين هو. اهو وڏو هجي يا ننڍو سڀ ماما وڏي کي سائين لائق چئي مخاطب ٿيندا هئا. اها عزت هن پاڻ ڪمائي هئي ۽ هو سندس نالي جهڙوئي لائق انسان هو.

مون لاءِ وڏو اعزاز آهي ته منهنجي پرورش ان شخص وٽ ٿي. مون کي پڙهائڻ، نپائي وڏو ڪرڻ مون ۾ انسانيت جا گڻ پيدا ڪرڻ، انسانن سان محبت ڪرڻ، زندگي گذارڻ جا طور طريقا هن شخص سيکاريا. پاڻ هميشه صبر تحمل سان زندگي گذاريائون ۽ اهو ئي سبق ٻين کي به ڏنائون. رب تعاليٰ کان دعا آهي ته هن جي ڏنل واٽ تي هلون ۽ منهنجي دعا آهي ته باباجي مصداق ماما وڏي کي آخرت ۾ پيلارن جو پاڙو نصيب ٿئي. آمين.

**خير محمد ٽيٻو**، موري منگر

✍

ناليواري صحافي ۽ استاد سائين لائق سنڌيءَ ڳوٺ موري منگر، تعلقي حيدرآباد ۾ جنم ورتو. ڪيس ننڍپڻ کان ئي تعليم پرائڻ جو شوق هوندو هو. هن پڙهائيءَ ۾ وڏ ۾ وڏ محنت ڪئي، سندس ڪيل محنتن جي نتيجي ۾ ڪيس استاديءَ جهڙو عظيم پيشو پلئه پيو ۽ پاڻ هڪ عظيم

استاد جي حيثيت سان جاتو سڃاتو ويو. سندس زير نگراني ڪيترن ئي شاگردن تعليم پرائي، جنهنجي نتيجي ۾ اهي شاگرد اڄ وڏن وڏن عهدن تي فائز آهن. سائين لائق هڪ جاکوڙي انسان هو ڪيس سنڌ سان تمام گهڻي محبت هوندي هئي، جنهنڪري هن پنهنجي نالي سان گڏ هميشہ لاءِ نسبت ’سنڌي‘ جوڙي ڇڏي. سائين لائق سنڌ جي ثقافت جي بہ پرچار ڪئي، اهو ئي سبب آهي تہ سنڌي ٽوپي توڙي اجرڪ هميشہ سائينءَ جي لباس توڙي شخصيت جي سونهن ۾ اضافو ڪندا رهيا.

سائين لائق سنڌي هڪ سماج سڌارڪ پڻ هو ۽ پنهنجي ڳوٺ جي ترقياتي ڪمن ۾ مرحوم سينيٽر علي محمد شيخ سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ساٿ ڏيندو رهيو. پاڻ پنهنجي حال سارو ڳوٺ توڙي تر جي مسڪين ماڻهن سان مددي هٿ پڻ ونڊائيندو رهندو هو. جنهنڪري سندس ڳوٺ موري منگر توڙي آس پاس جي ڳوٺن ۾ هن جو نالو پڻ مشهور ٿيو. سائين لائق سنڌي مٺن مائٽن، يارن دوستن تہ ڇا، پر هر هڪ شخص سان محبت سان پيش ايندو هو. پاڻ خوش طبيعت ۽ مرڪڻ وارو انسان هو ۽ گڏوگڏ وفا جي وکر سان بہ سرشار هو.

افسوس جو اسان جو اهو پيارو سائين، هڪ عظيم شخصيت جو مالڪ 16 جنوري 2014ع تي اسان کان هميشہ هميشہ لاءِ جدا ٿي ويو الله تعاليٰ کيس جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا فرمائي ۽ سندس اولاد کي صبرِ جميل عطا فرمائي. سائين لائق سنڌي جي وفات کانپوءِ خاص ڪري ٽيبا برادري ۾ وڏو خال پيدا ٿي ويو آهي، جيڪو صدين تائين پرجڻ مشڪل آهي. دعا آهي تہ سائين لائق سنڌي جهڙا پٽ ڌرتيءَ جي ڪک مان جنم وٺندا رهن. آمين

لوڏاٽا لطيف چئي، ڪٺون ڪنياٺون
وڃي ڪاڪ ڪنڌين تي، لڌو لاٽائون
ڇڏي حيلا هليا، وڃي مومل ماڻيائون،
پيرو پڳائون، وڃي آسڻ آرامي ٿيا.

**محمد حسن ٽيبو،** ڳوٺ حاجي پيرو ٽيبو لڳ پيارو لنڊ. ڏاسوڙي

ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.

سائين لائق نالي وانگر تمام گهڻا لائق، شفيق، محبتي، با اخلاق ۽ تمام وڏا انسان هئا.

سندن وچڙ ڪانپوءِ معلوم ٿيو تہ پاڻ سر سيد، مرحوم نور محمد صاحب وانگر ڪيترن شاگردن تعليم جي زيور سان سنگاريو پر پاڻ انهن جي مالي مدد بہ ڪندا رهندا هئا. منهنجي دعا آهي تہ الله تعاليٰ سندن اولاد ۽ خاندان کي بہ انهن اعليٰ اخلاقن سان هميشہ آرستا رکي (آمين).

سائين لائق جي خاندان سان اسانجي سيد خاندان جا مائٽن کان بہ ويجها رشتا آهن. چاچو امين بہ اسانجي سڳن چاچن جهڙو هو ۽ پاڻ هميشہ ڏکي وقت ۾ مائٽن کان بہ وڌيڪ ڪم آيا.

ادا اسماعيل ۽ ادا محمد بخش جيڪي سائين لائق جا هونهار فرزند آهن، اهي بہ اسانکي مائٽن وانگر ويجها ۽ پيارا آهن. منهنجي الله پاڪ کان دعا آهي تہ سندن خاندان هميشہ سائين لائق جي نقش قدم تي هلي ۽ ڪين ڪوسو واءُ بہ نہ لڳي ’آمين‘ دعاڳو.

**ڊاڪٽر منظور احمد شاهہ ولد سيد حاجي عبدالرحمان شاهہ،** موري منگر

***

سائين اهو خوش نصيب انسان هو جيڪو ’سنڌ‘ جي هڪڙي ڳوٺ ۾ رهڻ جي باوجود بہ روشن خيال ۽ ادب سان محبت ڪندڙ مزاج جو مالڪ هو. سائين سنڌ جي جديد ادبي، سماجي، سياسي لاڙن تي نہ صرف نظر رکندو هو پر تمام بهترين اڳ ڪٿيون بہ ڪندو هو.

منهنجي گهڻي ڪچهري سائين سان سياسي ۽ ادبي موضوعن تي ٿيندي هئي، مثلا منهنجي ڏاڏا سائين جي لکيل ڪتاب ’ڪليات نورل‘ تہ ڪافي سمجهاڻي ڏيندا هئا ۽ سندن شاعري جي مختلف خاصيتن کي اجاگر ڪندا هئا.

منهنجو پسنديده موضوع سنڌ جي سياسي خاندانن جو مختلف سياسي ڪردار هوندو هو. مثلا 'ايوب خان' جي دور ۾ ڪهڙا سياسي خاندان ميدان ۾ عمل ۾ هئا يا 'ذوالفقار علي ڀٽو' صاحب جي سياسي سفر ۾ ڪهڙا خاندان ميدان عمل هئا ۽ انهن جو ڪردار ڪهڙو هو مطلب تہ سائين سان ٿوري دير جي ڪچهري ۾ مونکي ۽ دوستن کي سنڌ جي سياسي تاريخ جي هڪ مڪمل تصوير ملي ويندي هئي.

آئون الله کان دعا گهران ٿو تہ الله تعاليٰ اسان جي ڳوٺ (موري منگر) ۾ وري سائين لائق جهڙا بابرڪت شخص پيدا ڪري جيڪو انهي روشن خيالي جي مشعل کي روشن رکي ۽ ڳوٺ جي نوجوانن ۾ ادبي، ثقافتي ۽ مثبت سياسي لاڙن کي پروان چاڙهن.

**سيد نور احمد شاھ**، موري منگر

✍

There were so many times when I got help from SAIN LAIQUE. Indeed, whenever I wrote any article for any sindhi newspaper, it was none else, but SAIN LAIQUE who extended helping hand. It is truly patient to mention here that the interest of mine to write in newspapers, was because of SAIN LAIQUE. Apart from all this, the due to quality of SAIN LAIQUE was to remain relax and smiling.

May God rest his soul in external peace. Ameen.

Zulfiqar Thebo 19-01-2014

✍

سائين لائق جي جيتري تعريف ڪجي اها گهٽ آهي، سائين وڏن سان وڏو هوندو هو ننڍن سان ننڍو هوندو غريب ۽ امير سان برابري رکندو هو.

سائين هر ماڻهو جي مدد ڪندو هو ۽ جيڪو بہ ڪم ڪندو هو تہ محسوس ٿيڻ نہ ڏيندو هو تہ هي مون ڪرايو آهي. آئون اڄ جنهن

ٻـ منزل تي آهيان سائين لائق جي ڪري آهيان.

**حاجي گلزار ٽيپو**(مولان)

✍

ڪڏهن اِئين هُياس جهومڪ جهڙو ڪٿئين،
هاڻ اِئين ٿياس، سانجهيئڙي جيئن سُپرين.

محترم سائين لائق سنڌي منهنجو شفيق استاد، انتهائي احترام جي لائق، سندن جو شمار والدين ۾ ٿئي ٿو. مون کي آگر ڪان وٺي جنهن دُنيا ۾ مون کي هلڻ سيکاريو، سو اج هن دنيا ۾ ناهي رهيو. ائين ٿو لڳي جڻ اج مان هڪ دُعا جي در ڪان محروم ٿي ويو آهيان. هڪ رهبر يا سونهي ڪان الڳ ٿي ويو آهيان، مان پنهنجي محترم استاد لاءِ ڪجهه لکڻ ڪان قاصر آهيان، هڪ گهڻ رُخي شخصيت جي سڀني پهلوَن تي هن ننڍڙي پني تي روشني وجهڻ انتهائي مشڪل آهي.

هڪ هڪ ٿي منهنجا استاد خالق حقيقي ڏانهن وڃي رهيا آهن، الوداع چئي رهيا آهن، تڏهن لطيف جي مٿئين بيت جي تشريح واضح ٿي ويئي آهي ته! اج سانجهيءَ جي تاري جيان خود کي ايترو اڪيلو ٿو لڳان. ڏٺيءَ در دعا آهي شل مالڪ ڪريم سندس سڀ خطائون درگذر فرمائي کيس جنت الفردوس ۾ جڳهه عنايت ڪري. آمين.

**ڊاڪٽر رضا محمد چانڊيو،** تنڊو ڄام تاريخ 17.01.2014

✍

محترم سائين لائق جيترو وڏو قد ايتري وڏي شخصيت، نهايت شفيق انسان ۽ انسانيت سان محبت ڪندڙ ساده ۽ درويش طبيعت، سنڌي ٻوليءَ جا پارکو. الله پاڪ کان دعا آهي ته الله کيس جنت الفروس ۾ جڳهه ڏي. آمين.

**ڊاڪٽر واجد علي ٽيٻو** (ڊاسوڙي)

✍

ڀهرين ڳالهه اها آهي ته الله سائين، سائين لائق کي جنت نصيب ڪري. سائين سان آئون ٻه ٽي دفعه مليو آهيان پر لڳي ائين ٿو ته سائين کي روز ٿو ڏسان. سائين لائق دل جو نرم ماڻهو هو. سائين

جهڙي شخصيت مون اڃا تائين ڪون ڏٺي آهي. سائين جي اها خبر ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو پر چوٽي آهي تہ الله سائين کي جيڪا شيءِ ڏاڍي پياري هوندي آهي الله سائين ان کي جلدي پاڻ ڏانهن گهرائيندو آهي.

**اسام ٿيٻو،** مولان (ڪلاس ستون)

✍

سائين لائق سنڌيءَ جي وفات جو ٻڌي ائين سمجهو منهنجي پيرن هيٺيان زمين نڪري وئي. سائينءَ سان منهنجي پهرين ملاقات 1994ع ۾ گول بلڊنگ حيدرآباد جي پاسي ۾ مرحوم شيخ علي محمد جي آفتاب اخبار جي پريس ۾ ٿي، جڏهن آئون مذڪوره اخبار جو (سلطان آباد) ضلعي ٺنڊوالهيار جو رپورٽر ٿيس، سائينءَ سان پهرين ملاقات ۾ ائين محسوس ٿيو تہ ڪيترن سالن کان هڪٻئي جا واسطي وارا هجون. مطلب تہ ڪابہ نولائي محسوس ڪونہ ڪيم.

سائين اسان صحافين لاءِ هڪ گهاٽي ٻڙ جي وڻ جيان ڇپر ۾ ڇانو هئا، هڪ وڏي صحافيءَ جي حيثيت ۾ هر خبر کي ٺاهڻ ۾ خبر جي ايڊيٽنگ ڪرڻ سندن هڪ معجزو هوندو هو. اسان جي هر موڙ تي رهنمائي ڪيائون. جڏهن بہ حيدرآباد اچڻ ٿيندو هو تہ وس ڪري سائينءَ سان ملڻ لاءِ پريس ڪلب ويندو هوس. جيڪڏهن اتفاق سان نہ ملندو هو تہ ائين محسوس ٿيندو هو جڻ حيدرآباد اچڻ منهنجو فضول هو.

جڏهن بہ ملندو هو تہ ڏاڍي پيار سان ڀاڪر پائي ملندو هو. ماني ۽ چانهہ کانسواءِ نہ ڇڏيندو هو. مطلب تہ سائينءَ جو وڇوڙو سنڌي صحافت ۾ سنڌي، ادب لاءِ هڪ وڏو نقصان آهي. آخر ۾ دعا آهي تہ شال رب سائين هن پياري محسن کي جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏئي ۽ پونئيرن کي صبر ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. ’آمين ثم آمين‘

**قائم خاصخيلي،** پيارو لنڊ ضلعو ٽنڊو الهيار

✍

## اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين

محترم استاد ۽ صحافي سائين لائق ٽيبي جهڙي زنده دل انسان کي مرحوم لکڻ تي دل نٿي مڃي، منفرد ڪردار ۽ مزاحيہ انداز ۾ سائين جن ملندا ۽ پيار ڪندا هئا. آئون ننڍو هوندو هئس تہ سائين جن مون کان انگريزي سوال جواب بہ پڇندا هئا ۽ همت افزائي پڻ ڪندا هئا. صحافت جي دنيا ۾ سندن وڏو نالو رهيو. ان معاملي ۾ منهنجي ڪافي مدد ڪندا هئا. جڏهن اسان جو هڪ دوست SDM مسٽر اشرف سيال حادثي ۾ فوت ٿي ويو هو تہ مون هڪ تعزيتي خط تربت بلوچستان مان سائينءَ کي لکيو جيڪو سائينءَ آفتاب اخبار ۾ شايع ڪيو. ان کان علاوه هڪ سفرنامو جيڪو اسان سنڌي ڊپارٽمينٽ جي استادن ۽ شاگردن جي ڪينجهر جي سير سفر بابت لکيو هو، اهو بہ سائين جن روزنامہ آفتاب ۾ شايع ڪرايو. مطلب تہ عملي طور تي خدمت ۽ همت افزائي ڪرڻ وارا اهڙا انسان اڄڪلهہ تيزيءَ سان گهٽجندا پيا وڃن. الله پاڪ کان دعا آهي تہ کين جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا فرمائي ۽ پونئيرن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي، آمين. سندس لائق فرزند سائين محمد اسماعيل سان اسانجي ملاقات ليڪچرار ٿيڻ جي عمر ڪانپوءِ ٿي پر سنو ٿيو جو اهو رشتو ادا منظور مرحوم ساڻ ساڳئي ڪاليج ۾ گڏ هئڻ ڪري وڌيڪ مضبوط ٿيو.

**محبوب ڏيٿو**

✍

سائين محمد لائق اصل ۾ ٽيبو آهي، پر اسان وٽ درس فقير سڏبا آهن، چاڪاڻ جو سائين جن مخدوم هالن وارن جا مريد آهن، سائين جي سيرت ۽ سبب ڪري مشهور ۽ سٺي هئي هڪ تہ سائينءَ تي سندس وڏي محمد لائق فقير جو نالو هو وڏي محمد لائق روايت آهي تہ هو هر سومر رات کير کڻي پنڌ هالا ويندو هو ۽ هڪ دفعي برسات

وسندڙ ۾ اتي پهتو ته مخدوم صاحب پڇيو ته فقير مينهن ڪان بچيا؟ جواب ڏنائون ته سائين اسان برسات ڪان مٿان آيا آهيون پوءِ مخدوم سائين هن کي تو گودڙي ڏني جيڪا اڄ تائين سائينءَ جن وٽ رکيل آهي، انهيءَ گودڙيءَ جي برڪت سان سائين لائق جي سيرت مٿي آهي، صبر سميت. سائين کي اسان ڄمار ۾ ڪاوڙ ڪندي نه ڏٺو. آئون سائينءَ جي فرزندن کي خاص ڪري محمد اسماعيل کي مشورو ڏيندس ته درس فقير ٿئي ۽ گودڙيءَ جو فائدو حاصل ڪري جيڪو آخرت ۾ ڪم ايندو. سائينءَ کي رب پاڪ جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي ۽ اسان کي ان جي نقش قدم تي هلڻ جي توفيق ڏي. آمين ثم آمين.

**سليم قمبراڻي**، موري منگر تعلقه حيدرآباد

✍

ڪيترن نوجوانن ۽ وڏن جي استاد جي وڇوڙي تي اسين سڀ سوڳوار آهيون. سائين لائق سنڌي صاحب پنهنجي سموري حياتي سيکارڻ ۾ صرف ڪري ڇڏي.

**صوفي شوڪت**، ٽنڊو قيصر

✍

ٽيون ڏينهن انٽرنيٽ تي فيس بڪ کوليم ته پنهنجي فيس بڪ جي صفحي تي محترم ناز سهتي طرفان لکيل چند لفظ پڙهي پنهنجي اندر ۾ جهوري محسوس ٿي. ناز سهتي صاحب سائين لائق ٽيبي جي رضا الاهيءَ جو ڄاڻ لکيو هو. يقين ڄاڻو چند منٽ مٿي تي هٿ رکي ويهي رهيس، سائين لائق سان اسان جو گهرو تعلق هو بابا سائينءَ جو دوست، پاڻ هو سائينءَ جي وڇوڙي سان قلم پڇي پيو آهي، لفظ رت روئن ٿا، هڪ ته سنڌ ۾ اڄ ڪلهه ماڻهن جو اڳئي قحط آهي، هر طرف ويرانو نظر ٿو اچي، ان وقت سائين لائق جهڙي لائق، سچي، ايماندار، سنڌ دوست صحافي، قلمڪار، انسان دوست ماڻهوءَ جو

وڇوڙو اسان لاءِ هڪ وڏو قومي نقصان آهي، پر موت برحق آهي. سائين لائق سان جڏهن به ملياسين، ڪجهه نه ڪجهه پرائي اٿياسين، سائين وٽ جڏهن به پريس ۾ ڊيوٽي دوران وياسين. پوءِ پيلي مارشلا جو دؤر هجي، قلم تي پهرو هجي، اخبارن تي بندش هجي، پر سائين وٽ جڏهن به وڃبو هو ۽ عرض ڪبو هو ته سائين هي اسان جي جماعت جو بيان ڇپرائڻو آهي، ته ڪڏهن به نه جو جواب ڪونه ٻڌوسين. چوندو ته ضرورو لڳندو ۽ پوءِ اهو ضرور لڳندو هو. سائين لائق تي ڇا لکان هو سنڌ جو سچو محبت ڪرڻ وارو پٽ هو. ان جي اندر ۾ سنڌ جي حالت لاءِ جهوري هوندي، تڙپ هوندي هئي، سندس روح بيچين هوندو هو.

اڄ جي صحافي دؤر کي ڏسجي ٿو ۽ منهنجي وڏي، منهنجي چاچي لائق جو دؤر ڏسبو ته وڏو فرق محسوس ٿيندو. ڪهڙا لفظ لکان، سائين لائق جهڙو نالو هوس تهڙو مڙس هو. هو هميشه ياد رهڻو آهي، زنده رهڻو آهي، سنڌ جي باشعور سمجهه پريي ماڻهن جي ذهن، قلم ڪاري، صحافي دنيا ۾ هميشه ياد رهڻو آهي. سنڌ اڄ وري هڪ پنهنجي سچي سپوت ۽ سچي پٽ کان محروم ٿي آهي. الله تعاليٰ سائين جن کي جنت فردوس ۾ جايون ڏيندو ۽ سندس پونئيرن کي هن ڏک جي گهڙيءَ کي برداشت ڪرڻ جو حوصلو ڏيندو. آمين.

**ڊاڪٽر انور لغاري، بخشو لغاري،** 18.01.2014

✍

**سائين لائق جهڙو هو ماڻهو تهڙو هئس نالو. ڇا چئجي هڪ لائق انسان، لائق استاد، لائق چاڻو وري لائق سنڌي، واهه!**

اڄ سائينءَ جي تڏي تي ايندي ڪوڙ ساريون ساروڻيون ۽ مرڪون ياد ڪندي پاڻ به مُرڪندي آياسين. اهوئي ساڳيو سائين لائق اڇن ڪپڙن ۾ اخبارن جي ٿيلهي ساڻ، ننڍو ٽوال ڳچيءَ ۾، هٿ ۾ ٻيڙي ڪلندي منهن تي، ڏيٺ ويٺ ۾ سڌو سادو محبت جا مڻ من ۾ ڪٽي

سنڌي ٻوليءَ جي عشق ۾ هلندو رهيو. اسان ته ساڻس ويھ ٻاويھ سالن کان سائين لائق جي سولي سنڌيءَ ۾ ٽڪ ٻُجي ۾ رهياسين. پنهنجي اولاد جيان هميشه سائين چوندو هو ته ڇورا ڪونه سڌرندا. ڪڏهن ڪم ڪار لاءِ دڙڪا ڪڏهن نه ملڻ جي ڪري جُنون. سائين لائق جو دڙڪو هڪ اهڙي پيار سان ٺمتار هوندو هو جيڪو هميشه ياد رهندو. سائين لائق جي مرڪ زنده باد سائين زنده باد.

جا ٻون پيرين مون سا ٻونءَ مٿي سڄڻين،
ڏنگ لتبا ڏوڙ ۾ اُپي ڏناسون،
ڏينهن مڙيئي ڏون، اُتي لوچ لطيف چئي.

**انور سولنگي**

✍

**Ah SAIN LAIQUE:**

He was the person who is not worthy but so courageous & sincere. I think few peoples are like him. I will remember him as a bold person.

Ghulam Qadir Talbani Tando jam

✍

اي موت مئا شل موت اچئي_!
تو ڪهڙا ماڻهو ماريا_!

سائين لائق سنڌ جو هڪ يگانو ڪردار هو. گولڊ ليف جو سگريٽ ۽ اخبارون ساڻ، نه ڪنهن کي ڏکوئڻ نه وري ڪنهن مان ڪو عيب ڪيڻ ته سائينءَ جي خمير ۾ ئي شامل نه هو. هر وقت اها ڪوشش ڪندو هو ته ڪهڙي طريقي سان اصلاح ڪجي. جڏهن ايم . آر. ڊي جي تحريڪ پئي هلي ته آفتاب اخبار ۾ روز ملاقات ٿيندي هئي، چاچي علي محمد شيخ کي هڪ ڏينهن منهنجو تعارف ڪرايائين ته رئيس احمد خان ٽنڊي قيصر واري جو پٽ اٿو ته شيخ صاحب چيو ته اج مون کي پاڻٿي سان ملاقات

ڪرائي ڇڏي اٿئي. سائين لائق جڏهن به پريس رليز ڪٽي به پهچبو هو ته چانهه پيارڻ کان سواءِ نه ڇڏيندو هو.

**مشتاق نظاماڻي**، ٽنڊو قيصر 18.01.2014

✍

علم، ادب ۽ ساڃاهہ جو گھر، اسان جو پيارو استاد ۽ بهترين محسن جنهن جي آڳر جهلي هن دنيا ۾ هلڻ سکيوسين، مائٽن وانگر شفقت ڏيندڙ پيارو انسان، جنهن کي لفظن سان پيٽا نٿي ڏئي سگھجي.

الله تعاليٰ کيس جنت ۾ اعليٰ مقام عنايت ڪري ۽ محمد اسماعيل ۽ پوين کي سندس نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين. **مقصود احمد زنئور،** 18.01.2014

✍

سائين لائق ٽيبي جي شخصيت هڪ شفيق استاد ۽ رهبر طور ياد رهندي، الله پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا فرمائي ۽ پونئيرن کي صبر ڏي، آمين.

**عبدالوهاب ٽيبو،** 18.01.2014

✍

پڪين پوکي پوک، پڪي هيئڙا فقير،
لڳين اهڙي هير، چو پڪل پوک چڙي ويا.

سائين لائق ٽيبو تہ ايترو لائق انسان هو جو انهيءَ جي لاءِ آئون لکڻ جي لائق تہ ناهيان پر پوءِ بہ پنهنجي بزرگ ۽ هر دل عزيز انسان لاءِ ڪجهہ لکان تہ ٿورو ٿيندو. سنڌ ڌرتيءَ سان محبت ڪندڙ کي الله سائين جنت ۾ اعليٰ مقام ڏي، سندس پوين کي سندس نقش قدم تي هلڻ جي توفيق ڏي. آئون ايترو چوندس تہ محمد اسماعيل صرف سائينءَ جي سنگت کي سنڀاليو تہ لک ڪتئين. فقط دعاڳو

**غلام محمد ولد حاجي نور محمد ٽيبو،** ٽنڊوالهيار 18.01.2014

✍

سائين لائق بهترين استاد هو ۽ سيکارڻ وارو استاد هو. هو تمام مهربان هو هن جو خال صدين ۾ بہ نہ پربو. **فقير علي محمد ڏيرو،** ٽنڊوآدم

✍

سائين سنو استاد سنو تجزيي نگار ۽ سنو صحافي رهيو. جنهن سان سندس بيماريءَ دوران ملاقات جي خواهش هئي، جيڪا اسان جي سستيءَ جي ڪري هميشہ لاءِ رهجي وئي.

**رسول بخش لغاري**، 19.01.2014

سائين لائق سان منهنجو واسطو آفتاب اخبار دوران ٿيو. جڏهن ڪا سجاڳپ نہ هجڻ باوجود آئون سائينءَ وٽ هڪ دوست جي شاعري شايع ڪرائڻ لاءِ ڪٺي ويس ۽ سائين لائق اها شايع ڪئي، ان بعد سائين لائق سان ڪاوش، خادم وطن ۽ عبرت ۾ گهڻو وقت گڏ ڪم ڪيو. سائين لائق اسان کي پنهنجي علم سان فيضياب ڪندو رهندو هو. سائين لائق سڀني سان پيار ۽ شفقت سان ورتاءُ ڪندو هو. جنهنڪري سڀئي سائين لائق کي وڏي مائٽ واري حيثيت ڏيندا هئا، اڄ اهو مائٽ اسان کان وڇڙي ويو آهي، رب ڪيس جنت ۾ جاءِ ڏئي. آمين.

**علي رضا لغاري**، ليڪچرار لا فيڪلٽي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

سائين لائق ڪنهن تعارف جو محتاج نہ آهي، الله تعاليٰ کين جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي ۽ اسان سڀني کي صبر ۽ جميل عطا فرمائي. آمين.

سائين لائق سان منهنجي پهرئين ملاقات روزانہ آفتاب ۾ 1980ع ۾ ٿي، منهنجي نائين ڪلاس جي رزلٽ آئي هئي، پاڻ انهيءَ وقت کان وٺي پيار ۽ محبت سان ۽ پنهنجي رهنمائيءَ سان نوازيو. هر وقت سٺيون سٺيون ڳالهيون ڪندو هو ۽ سمجهائيندو هو. پاڻ بي لوث انسان هئا.

**فضل قادر ميمڻ**، ايڊووڪيٽ

سائين لائق سنڌي هڪ لائق انسان سان گڏ هڪ گلڙن جو گلدستو هو. جنهن جي خوشبوءَ سان اسان بہ واسيل رهياسين. سائين

لائق اسان جو ڪُل وقتي استاد رهيو. جيڪو اسان کي هر پل بُرن ڪمن کان بچڻ ۽ اڳتي وڌڻ جون هدايتون ڪندو هو. اسان سائين لائق کي رڳو استاد نہ پر پنهنجو پيءُ تصور ڪريون ٿا. الله سائين سندس سٺن عملن جي ڪري جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا ڪري.

**وزير لغاري،** اڳوڻو ڪمپيوٽر آپريٽر ۽ هاڻوڪو يوسي سيڪريٽري يوسي 19 سٽي حيدرآباد

✍

سائين لائق سنڌي نيڪ ۽ سادي طبيعت جو مالڪ هو. آئون پوسٽ آفيس کاتي جو ملازم رهيو آهيان ۽ اڪثر شهرن ۾ منهنجي پوسٽنگ هوندي هئي ۽ سائين لائق جو ڪڏهن بہ انهن شهر ۾ اچڻ ٿيندو هو تہ سائين ضرور مون وٽ ايندو هو ۽ انهن شهرن جا صحافي بہ سٺي نظر سان ڏسندا هئا ۽ اڪثر ٻار ڪتاب ڇپرائڻ يا ٻارڙن جو مواد پوسٽ ڪرڻ لاءِ پوسٽ آفيس ايندا هئا ۽ معلومات وٺندا هئا تہ انهيءَ سلسلي ۾ انهن ٻالڪن کي اڪثر سائين لائق سنڌيءَ ڏانهن پريس ۾ موڪلندو هوس ۽ سائين انهن جي رهنمائي ڪندو هو. سائين لائق سنڌيءَ جي وفات تي سندس اولاد سان برابر ڏک ۽ همدرديءَ ۾ شريڪ آهيان. سائينءَ جي ياد دل ۾ آهي ۽ هميشہ رهندي.

**غلام رسول خاصخيلي،** رٽائرڊ پوسٽ ماسٽر، موري منگر

✍

محترم مانواري سائين لائق جي سنڌ جي لاءِ ڪيل خدمت کي وساري نٿو سگهجي. سائين محنت ڪش ماڻهو هو جنهن محنت سان پنهنجي قلم جي مدد سان سنڌ جي خدمت ڪئي ۽ ان سان گڏو گڏ هن ڳوٺ جي خدمت ڪئي، سائين مختلف اخبارن ۾ ڪم ڪندو رهيو ۽ صحافت ۾ هڪ وڏو مقام حاصل ڪيو. سائين جي خدمت ساراهڻ جوڳي آهي. اسان جي دعا آهي، الله تعاليٰ سائين لائق کي جنت ۾ جاءِ ڏي. ’آمين ثم آمين‘

**دين محمد ٽيٻو**

✍

سائين لائق هيوئي لائق، هميشہ منو ۽ سباجهڙو ڳالهائڻ وارو، اسان جو واسطو 1974ع کان وني ٿيو. جڏهن مان ٽنڊي ڄام زرعي ڪاليج ۾ داخلا ورتي ۽ بشير احمد ٽيٻي سان واقفيت ٿي تہ سائينءَ سان بہ رشتو جڙيو جيڪو اڄان تائين قائم آهي، سائين هميشہ مهربان رهيو. پهريون حيدرآباد ۾ هجڻ جي ڪري جلدي جلدي موري منگر اچبو هيو پر هاڻي پري هجڻ جي ڪري ڪافي عرصي کان سائين سان حال احوال ڪونہ ٿيو. جنهن جو گهڻو افسوس آهي الله سائين سندن مغفرت ڪندو ۽ کين جنت نصيب ڪندو.

**بشير احمد ڀٽو**، اڳوڻو ڊائريڪٽر پي. ٽي. سي. ايل 24.01.2014

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين
آديسي اٿي ويا مڙهيون مون مارين
جي جيءَ کي جيارين سي لاهو لڌي ويا.

سائين لائق سنڌي اسان جي علائقي جا برابر لائق انسان هئا، جن جو ادبي ۽ علمي دنيا ۾ خال پرجڻ مشڪل آهي، سندن لائق اولاد بلخصوص سائين محمد اسماعيل ٽيٻو صاحب سائين جن جي رهيل علمي ۽ ادبي مشن کي پائي تڪميل تي پڄائڻ ۾ ڪابہ ڪثر نہ ڇڏيندا. سائين جن تي جيترو بہ لکجي اُهو گهٽ آهي.

**عبدالڪريم ٽالپر**، شيخ پرڪيو 24.01.2014

✍

مرڻا اڳي جي مُئا، سي مري ٿيا نہ مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيئا.

محبوب سائين لائق ٽيٻو بہ هٿ، هٿ مان ڇڏائي هليو ويو، ان منزل جو راهي ٿيو جتي سڀڪو هلندو پر ڪي ڪي وڇوڙا اذيت ڏيندا آهن، ائين جيئن سائين لائق جي وڇوڙي شديد تڪليف ڏني آهي. شل رب ڪيس مرهي.

**غفار عرف جبل ملڪ**، حيدرآباد، 26.01.2014

✍

ڪجي ڪاڇوٽي، نانگن ٻڏي نينهن جي
جهڙا آيا جـــــڳ ۾، تــــــهڙا ويا موٽي
تن جي چوٽي، پورب ٿيندي پڌري. (شاهه)

استاد لائق سنڌي سڄي زندگي فقير ٿي گذاري. جهڙا آيا جڳ ۾ تهڙا ويا موٽي واري ڳالهه هئي. سائينءَ جهڙا ماڻهو اسان وٽ ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن.

**اسماعيل خاصخيلي،** پيپڙ شريف

✍

سائين لائق جون علمي، ادبي ۽ صحافتي خدمتون سنڌ جي عوام ڪي سونهري باب جيان ياد رهنديون. اهڙا ڏاها ماڻهو صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن.

**گل حسن درس** (سروري جماعت)

✍

اسان جي محترم سائين لائق سنڌيءَ سان تمام گهٽي ويجهڙائپ هئي، هو تمام بهترين انسان هو هن جي دل ۾ هر ماڻهوءَ سان محبت جو رستو هو تمام شفيق ۽ مهربان هو. هن سدائين سچ جو ساٿ ڏنو.

**غمزده، عبدالقدير پٽو**

✍

محترم سائين مرحوم سائين لائق سنڌي هن دنيا جو وڏو ماڻهو هو. دنيا جي لحاظ کان نه پر سچائيءَ جي لحاظ کان منهنجو واسطو ٿورن سالن جو رهيو. ان ۾ مون کي سائينءَ مان رت جي رشتي کان وڌيڪ پنهجائپ محسوس ٿيندي هئي، سائين هڪ فرد نه پر هڪ ادارو هو. جنهن جي تعريف منهنجي وس کان ٻاهر آهي، اهڙا ماڻهو صدين ۾ به پيدا ڪون ٿيندا. غريبي ۽ مسڪينيءَ ۾ به رهي پنهنجو نالو روشن ڪيو هن جا شاگرد وڏن عهدن تي فائز آهن. هن جي لاءِ لطيف سرڪار جي هن بيت ۾ ذڪر ڪجي ٿو جنهن تي سائين پورو لهندڙ هو.

سڏائتي سپ ڪا بک نہ باسي ڪا
جيھہ تيھہ ذات جي جنبش ڪانھي جا
مون سان ھلي سا، جا جيءُ منو نہ ڪري.
(شاھہ)

سائين لائق پنھنجو جيءُ جوکي ۾ وجھي ٻين کي فيض ڏنو.

**فقير ارشاد حسين،** نصرپور

✍

الله تعاليٰ سائينءَ کي جنت الفردوس ۾ جڳھہ ڏئي. ’آمين‘

**شھزاد ڪاڪا،** حيدرآباد

✍

محترم استاد لائق سنڌي مرحوم زندگيءَ ۾ لائق تحسين شخصيت اسان کي اکرن جي درستگي چڻ زندگي جي درستگي ڏئي ويو. سائين لائق هميشہ مهربان رهيو ۽ سائينءَ سان منهنجو رشتو مرڻ تائين قائم رهيو. الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ الله تعاليٰ سائين جن کي جنت ۾ جڳھہ عطا فرمائي. ’آمين‘

**عبدالڪريم ٻٽي** (سيڪريٽري جنرل سنتپت)

✍

سائين لائق نہ صرف اسان جو وڏو پر سنڌ جي صحافي برادري ۽ استادن ۾ھڪ شفيق انسان ۽ محبت ڪندڙ انسان هو. الله تعاليٰ کيس جنت ۾ جايون ڏي. ’آمين.‘ **الھڏنو ٽيٻو،** ڳوٺ موري شاخ

✍

سائين لائق سنڌي صاحب انتهائي باڪردار، خوش مزاج، ملنسار ۽ خصوصي شفقت سان ڀرپور ڪردار جو نالو ۽ امتزاج هيا. اسان لاءِ تہ تمام مهربان استاد، شفيق ۽ مُربي رهنما هيا. سائين خاص طور تي هر حال ۾ مُرڪ کي تشبيھہ ڏيندڙ زندگيءَ جا اهڃاڻ هيا. هي فاني دنيا هر ڪنهن کي ڇڏڻي آهي پر ابدي زندگي بہ اهڙي سُٺي رب پاڪ

سائينءَ کي عطا ڪري جهڙي زندگي سائين محترم هي عارضي زندگي گذاري، جو هنن جي وڇڙ ڪانپوءِ هر ذي شعور ماڻهوءَ جي اک آلي هئي ۽ دل رنجيده. **ذوالفقار علي پرهياڙ،** تنبوغلام محمد

✍

اج نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين،
لاهوتي لڏي ويا مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا. (شاهہ)

سائين لائق سان اڪثر ڪري ملاقاتون ٿينديون هيون، جڏهن سائين اچي اسانجي ياءُ بزرگ زوار پير بخش خان مرڙاڻي سان ملندا هئا ۽ ادبي ڪچهري ٿيندي هئي. اج سائين اسان وچ ۾ نہ آهي، الله سائين کيس جوار رحمت ۾ جڳهہ ڏي. **ابد حسين مررڙاڻي،** 18.01.2014

✍

سائين لائق سان منهنجي اٽڪل 40 چاليهہ سالن جي رفاقت هئي. سائينءَ جو ٽنڊو قيصر ۾ 1970ع جي ڏهاڪي کان اچڻ هيو. خاص ڪري سائين فيض وارن سان گڏ. سندس اولاد ادو اسماعيل بہ ايترو ئي سهڻو ۽ خوشبوءَ وارو آهي. الله سائين کيس جنت ۾ جاءِ ڏي. ’آمين‘

**فضل احمد نظاماڻي،** ٽنڊو قيصر

✍

## وڏي وٿ هيام، ٻاروچا ٻنيور ۾

سائين لائق سنڌيءَ جو جهڙو نالو هو تهڙو ئي لائق انسان هو. مون کيس 1984ع کان ڏٺو ۽ واسطو جڙيو. سائين ان وقت آفتاب اخبار ۾ ڪم ڪندا هئا، ۽ آئون سياسي ورڪر جي حيثيت ۾ وٽس پريس بيان ڪٽي ويندو هئس. عمومن تہ سياسي ورڪر ۽ نيوز ڊيسڪ واري جو ناهہ گهٽ هوندو آهي، پر سائين لائق اسان کي ڪڏهن بہ شڪايت جو موقعو نہ ڏنو ۽ پاڻ اسان جو بي حد خيال رکندو هو ۽ پنهنجائپ محسوس ڪرائيندو هو ۽ پوءِ اهو سلسلو ”آفتاب“ اخبار کان آخر ”ڪوشش“ اخبار تائين هلندو آيو. پاڻ هڪ بهترين انسان ۽ قوم پرست سوچ جو مالڪ هو ۽ قومي پروگرامن ۾ پڻ ايندو هو. اڄ هو اسان جي وچ ۾ موجود ناهي، ليڪن سندس يادون هميشہ گڏ رهنديون. الله تعاليٰ کيس جنت ۾ جايون ۽ پونئيرن کي صبر عطا فرمائي.

**غلام حيدر ٻٽو،** چيئرمين جيئي سنڌ محاذ

✍

سائين تہ منهنجي من جو سائين هو. هميشہ سچ ڳالهائڻ جي هدايت ڪندا رهيا. سچ پڇو تہ منهنجو هڪ وڏو استاد نہ پر پيءُ جي (والد جي) جڳهہ تي هو. هڪ شفيق پيءُ، شفيق دوست، شفيق مائٽ ۽ ڇڻ تہ ڪائنات ۾ پيدا ٿيل هڪ املهہ ماڻڪ هيرو هو. الله پاڪ کان دعا آهي تہ اُن جي مغفرت فرمائي، جنت ۾ جايون ڏي ۽ پونئيرن کي صبرو

جميل عطا فرمائي. ’آمين ثم آمين‘ جميل احمد شيخ

✍

محترم جناب سائين لائق سنڌيءَ سان اسان جو مائٽاڻو واسطو هو. منهنجو ملاقاتون سائينءَ سان مختلف جڳهن ۽ دعوتن ۾ ٿينديون رهنديون هيون. سائين هميشه تعليم جي بهتري ۽ نياڻين کي تعليم ڏيڻ جي نصيحت ڪندو هو. سائينءَ کي الله جنت ۾ جايون ڏي.

**اسد سومرو،** پيپنڊو شريف

✍

ٿورا نہ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا،
ٽر ۾ واري ٿورڙي، تهان گهڻيرا،
پلايون ۽ پيرا، ڳڻي ڳڻيندس ڪيترا.

سچ پڇو سائين تہ مون کي بيحد دلي خوشي محسوس ٿي جڏهن ادي اسماعيل مون کي چيو تہ بابا متعلق ڪتاب پيو ڇپايان، ان لاءِ ڪجهہ لفظ لکي ڏيندا تہ ڪتاب ۾ شامل ڪريون. آئون هڪ حقير ۽ فقير ماڻهو، چاچا لائق جي باري ۾ ڇا ٿو لکي سگهان. پر ايترو عرض ڪندس تہ چاچا لائق جي طبيعت تمام مهربان ۽ ملنسار هئي. هو ننڍي کان وٺي وڏي کي قرب سان پاڪر پائي ملندو هو ۽ ڪجهہ گهڙيون ويهي يا ويهي ضرور روح رهاڻ ڪندو هو.

آئون تہ تمام ننڍڙو پرائمري درجي ۾ پڙهندو هوس جڏهن مون سائين کي نوجوان ڏٺو. ايترو ياد اچي ٿو تہ منهنجي سرڳواسي ڪاڪا صوفي نيپراج سان تہ ڪي روح جا رشتا هوس. جيستائين شام جو هڪٻئي سان نہ ملن ۽ ويهي ڪچهري نہ ڪن تہ جڻ اهو ڏينهن ئي نياڳو ڇڏبو. وري سنڌن ڪچهري بہ وڻندڙ ۽ سڪون واري هئي، ويٺي ويٺي پيا شاهہ سائينءَ جا بيت چوندا هئا ۽ اُن جي معنيٰ پيا ٻڌائيندا هئا. اِهو بہ ياد اچي ٿو تہ مرحوم شيخ علي محمد صاحب جي روزانہ اخبار ”آفتاب“ ۾ پڻ ڪجهہ عرصو گڏجي ڪم ڪيائون.

آئون تہ سنڌن پٽ برابر آهيان، پاڻ سرڳواسي ڪاڪا صوفي

نيپراج وٽ پاڙي ۾ گڏ رهيا ۽ گهر ۾ ئي پٽن وانگر نپيا ۽ اسان وري وٽس اولاد وانگر پلجي وڏا ٿياسين. اسان کي جڏهن اسڪول ويندي ڏسندو هو تہ ڏاڍو خوش ٿيندو هو. هڪ ڀ دفعا تہ مون کي پنهنجي کيسي مان انڊ پين ڪڍي پڻ ڏنائين تہ وچي لِک.

پنهنجي متعلق هڪ قصو ياد آيم تہ هڪ ڏينهن گرمين ۾ شام جي وقت آئون پنهنجي دوست محمد حسن لغاري سان گڏ قاسم آباد ۾ واڌو واهہ لڳ ان وقت جي مشهور سومرا هوٽل تي ڪنهن ڪم سانگي وڃي ويٺاسين تہ چاچا لائق اوچتو اُتي اچي ويو. يڪدم مونکان پڇيائين تہ پُٽ ڏي خبر هِتي ڪيئن آيو آهين. ٻڌايومانس تہ سب ڊويزنل ايجوڪيشن آفيسر مسٽر سومري صاحب سان ڪم آهي،اِن لاءِ آياسين تہ پاڻ مون کان يڪدم ڪم جو تفصيل پُڇي چيائين تہ دير گهڻي ٿي وئي آهي، توهان هاڻي جلدي گهر وڃو. آئون سڀاڻي سومري صاحب سان ملندس ۽ توهان جو ڪم ٿي ويندو. ٿيو بہ بلڪل ائين ۽ ٻئي ڏينهن منهنجو ڪم گهر ويٺي ٿي ويو.اِن معاملي ۾ سنڌس ڪو ثاني نہ هو.

سنڌس پيريءَ جا ڏينهن پڻ آئون وساري نٿو سگهان، گهٽي ۾ ڏسندو بيهاري چڏيندو ۽ سيني مائٽن، دوستن، احبابن جون خبرون پڇندو ۽ سلام پڻ ڏيندو هو. بہ تي شاهہ جا بيت ٻڌائيندو هو. اخبار اڪثر هٿ ۾ هوندي هوس ان مان ڪا سٺي خبر پڻ پڙهي ٻڌائيندو هو.

اسان جي پريوار، پاڙي ۽ ڳوٺ ۾ تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ سنڌس ڪيل خدمتون وسارڻ جهڙيون نہ آهن. شال الله سائين اهڙن ماڻهن تي سدائين پنهنجي رحمت ۽ بخشش ڪري. ’آمين‘

ڪٺا منجهہ قرار، هئا هيڪا ندا سنگ ۾،
ڳاهي ڳاهہ فراق جي، ڪيا ڏارو ڏار،
نہ چاڻ ٻيهار، ڪير ملندو ڪنهن سين.

**گنگواڻي لڇمڻ داس سوٽهڙ**، موري منگر، حيدرآباد.

✍

هڪ پياري انسان ۽ سٻاجهڙي شخصيت جي مالڪ کان هميشہ لاءِ محروم ٿي وياسين. سائينءَ جي شفقت، همدردي ۽ اصلاح وارين نصيحتن لاءِ شايد هميشہ واجهائيندا رهنداسين. سائينءَ جي وڇوڙي جو خال شايد صدين تائين پُرجي نہ سگهي. ڏٽي در هميشہ دعاگو آهيان تہ مرحوم عظيم انسان کي پنهنجي جوار رحمت ۾ بلند درجا عطا فرمائي. ’آمين.‘

**انجنيئر مير امجد ٽالپر،** چنچر 18.01.2014

✍

هڪ عظيم استاد، صحافي، نہ وسرڻ جهڙو سادو انسان جنهن جي جيڪا تعريف ڪجي تمام ٿوري آهي. اهو انسان جنهن جو هر وقت پنهنجن دوستن ۽ ساٿين سان برابري محبت ۽ پيار وارو رشتو رهيو. سائين جن ڪڏهن بہ پنهنجو پاڻ کي نہ استاد سمجهو نہ ئي هڪ وڏو صحافي سمجهو. اسان سادن ماڻهن سان ڪين ايتري محبت ۽ پيار هوندو هو جو ائين محسوس ٿيندو هو تہ جهڙو ڪر مان سائين جن سان هر وقت گڏ هجان. هڪ نہ وسرندڙ عظيم انسان جيڪو سدائين دلين ۾ ياد رهندو. الله تعاليٰ سائين محمد لائق کي جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ پوئين کي صبر عطا فرمائي. ’آمين.‘

**شمس الدين نظاماڻي** (ٽنڊو قيصر)

✍

اي موت مئا شل موت اچئي
تو ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو ماريا.

ڪالهہ 17 جنوري سنڌ جي وچولي سن جي سائين ۽ لاڙ جي فاضل راهوءَ جي سالگرهہ ۽ ورسي خبر پڙهڻ لاءِ جيئن نظر پئي تہ سنڌ ۽ حيدرآباد جي سدابهار ۽ درويش صفت انسان سائين لائق سنڌي جي مرتئي جي خبر ۽ تصوير تي نظر پوڻ سان ئي جڻ تہ اڻ ڳڻيون ساڻس وابستہ يادگيريون اکين ۾ لڙڪن سان گڏ تري آيون ۽ آئون سائين جي لاءِ سندس عظمت ۽ شفقت لاءِ

وڏيڪ لکڻ ۽ اظهار ڪان قاصر آهيان. بس اهو تہ سندس چيل لفظ ڀهاڪا ۽ ڳالهيون منهنجي دل ۽ ذهن تي هميشہ اڪريل رهنديون.

**عبدالغفار گل کوکر، جليل اللّٰه کوکر**

مرڻا اڳي جي مئا سي مري ٿيا نہ مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيا.
(شاهہ)

اڄ سنڌ جي هڪ ڀئي باب جي پڄاڻي ٿي آهي. مون وٽ اهي لفظ ئي نہ آهن جو آئون ڪجهہ بيان ڪري سگهان.

مُون شخص جي کهڙي مجال جو آئون اهڙن اديبن، محققن ڄاڻن عالمن ۽ وڏي سوچ رکندڙن جي باري ۾ ڪجهہ چوان يا ڪجهہ لکان.

جي ها بلڪل آئون اڄ ان ئي شخص جي باري ۾ لکي رهيو آهيان جيڪو دوستن جو دوست، يارن جو يار، وڏن سان خوش اخلاقي، ننڍن سان محبت ڪندڙهو. جي ها بلڪل "سائين لائق سنڌي" جي باري ۾ئي پيو چوان.

سنڌي ادب ۽ صحافت سان واسطو رکندڙ سائين لائق سنڌي جنهن سان اسان جو ڪو خون جو رشتو تہ نہ هو پر الائي ڇو جڏهن بہ سائين اسان کي سڏ ڪندو هو تہ مان ڊوڙندو ويندو هئس. سائينءَ سان جيترو بہ وقت گذاريندو هئس ڇڻ ائين لڳندو هو تہ سائين مون کي ڪجهہ وقت لاءِ گهرايو آهي. اسان جي بلڪل گهر جي سامهون ئي سائينءَ جو گهر آهي، اسان جي اُهائي خوشقسمتي آهي.

سائين سان مون کي گهٽ وقت گذارڻ لاءِ ملندو هو. پر جڏهن بہ ملندو هو دل کي سڪون ۽ راحت ايندي هئي.

سائين اڪثر گهر اندر ئي رهندو هو پر شام ڌاري سائين اڪثر ٻاهر واڪ لاءِ ضرور نڪرندو هو. عمر جي تقاضا آهي سائين اسان تمام پوڙهو ڏٺو. پر پوءِ بہ سائينءَ سان ڪچهري ڪندي تمام سنو لڳندو هو.

سائينءَ جي سنڌ لاءِ بلڪ سنڌي ٻوليءَ لاءِ بہ تمام گهڻي جاکوڙ هوندي هئي. اهڙا تمام گهڻ ماڻهو سنڌ جي تاريخ ۾ ملندا. سائينءَ جي جاکوڙن مان هڪ جاکوڙ اها بہ هئي تہ ڪجهہ عرصو پهريان ’سنڌ‘ کي انگريزي ۾ (Sind) لکيو ويندو هو. سائين لائق سنڌي جي جاکوڙ سبب (Sind) کي هڪ حرف وڌائي (Sindh) لکڻ درست ڪيو ويو. جنهن وقت سائينءَ جي وفات جو ڄاڻ منهنجي ڪنن تي پهتو ان وقت مون کي ايترو تہ شديد ڏک ٿيو جو ان کي واضح نٿو ڪري سگهجي.

الله تعاليٰ سائين لائق سنڌيءَ کي جنت الفردوس ۾ مديني واري سائينءَ جو پاڙو نصيب عطا فرمائي. آمين. سندس پونئيرن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي. اهي بہ شال سنڌ ۽ سنڌ واسين لاءِ اهائي جاکوڙ ڪن ۽ ڏٽي کين ان جي نقش قدم تي هلڻ جي توفيق ڏي. ’آمين.‘

**سيد فتح علي شاهہ** موري منگر

18.01.2014

## هڪ دؤر جي پڄاڻي

سنڌ هميشہ عظيم هستين کي جنم ڏنو. تن مان سائين لائق سنڌي بہ هڪ هو.

سائين لائق ڏنو نہ صرف هڪ صحافي پر هڪ با اخلاق شخصيت جو مالڪ پڻ هو سائين جن سان جڏهن بہ ملاقات ٿيندي هئي تڏهن هو اسان کي تمام محبتن سان ملندو هو. اسان سائين لائق ڏني لاءِ دعاگو آهيون، الله سائين کين جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏي.

**سيد صداقت شاهہ** 18.01.2014

سائين لائق سنڌي هڪ وڏو اديب، دانشور، استاد، والد ۽ عظيم انسان هو. هو نہ صرف انسان پر هڪ عظيم سنڌي سپوت هيو. هن جي وڇوڙي سان سنڌ ۽ سنڌي صحافت کي وڏو نقصان پهتو آهي. الله پاڪ

ڪري اهو نقصان اسماعيل جي روپ ۾ پورو ٿئي. سائين صحافت ۽ ادب ۾ منهنجو استاد ۽ رهبر ۽ بهترين دوست هيو. جنهن کي ساري عمر ياد رکيو ويندو.

**عابد سيتائي لاکير**

✍

## هڪڙو ماڻهو هو موتيءَ داڻو هو

سائين لائق هڪ نفيس ۽ معتبر انسان ۽ رهنما هو. سائينءَ سان جيڪو وقت گذريو، ڪائنس تمام گهڻو سکيو. جيڪو ڪجهه سکيو ان تي عمل ڪيو ۽ ان ڪانپوءِ زندگي سنوارجي وئي. سائينءَ جا احسان ڪڏهن به وساري ڪونه سگهبا. سکيا جو مڪمل گهر هوندو هو. ڪڏهن به کهڙي تاريخ جي اخبار ڪپندي هئي ته سائينءَ وٽان ضرور ملندي هئي. سائين لائق جهڙا ماڻهو ڪڏهن به ڪونه وسرندا.

الله سائين کيس جنت الفردوس نصيب ڪري. 'آمين'

**قادر بخش سهتو،** ڳوٺ گاجرا شريف، ٿاروشاهه 19.01.2014

✍

سائين محمد لائق لاءِ ڪهڙا لفظ لکجن. حقيقت اها آهي ته سائين محمد لائق جهڙو نالي ۾ لائق، تهڙو شخصيت ۾ لائق هو. مرحوم جڏهن به اسان سان ملندو هو ته ائين محسوس ٿيندو هو. جڻ اسين ٻالڪپڻ جا دوست ۽ ساٿي رهيا آهيون. پر حقيقت ۾ هو اسان جو مهربان ۽ عزت ڏيندڙ استاد هو. الله پاڪ شال سندس مغفرت فرمائي ۽ مرحوم جي قبر کي جنت جي باغن مان هڪ باغ بنائي. دعاڳو

**پير منير شاهه،** فيض آباد

✍

## چند سِٽون سائين لائق جي نانءُ

اها اسانجي خوش قسمتي چئجي، جو زندگيءَ جي ڪن پلن ۾ سائين لائق سنڌيءَ سان ملاقات نصيب ٿي. اُن هڪ ملاقات اسان تي وڏي ڇاپ ڇڏي. ۽ اسان سائينءَ جن جي شخصيت مان تمام گهڻو متاثر ٿياسين ۽ اسان سائين جن لاءِ هميشه دعاڳو رهنداسين.

صبح سانجهي، پيئندي ڪانجهي، منشي مور ۾ وڪيا مانجهي
قول عزم تي قائم رهندي گهوٽ،ءَ قبولي هليا گهاٽو.

You will always remain in our Hearts.

**تلميز الحسنين پيو،** تنڊوالهيار

نہ سي وونئڻ وٽن ۾، نہ سي ڪاتاريون،
پَسئو بازارون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.
(شاھہ)

رب! سندس اصلي ماڳ جون سڀ دنيائون آباد ڪري. آمين.

**حسين بخش ساند** (هٿڙي)

✍

## چند سٽون سائين لائق سنڌيءَ لاءِ

اج محسوس ٿئي ٿو، ڪاش سائين لائق سان ڪجھہ وڌيڪ ملاقاتون ڪري سگهان ها.

سائين لائق هڪ نفيس انسان هيو. سندن ڳالهائڻ جو انداز، ويهي ڪچهري ڪرڻ جو انداز مونکي اج بہ ياد آهي، سندن ڳالهيون ياد ڪندو رهندس. مان سائين اسماعيل جو ٿورائتو آهيان جن مونکي سائين لائق جهڙي شخصيت سان ملايو ۽ ساڻس گڏ وقت گذارڻ جو موقعو نصيب ڪيو. **نويد احمد ملڪ،**
18.01.2014

✍

سائين لائق ٽيبو صاحب تمام بهترين طبيعت جو مالڪ هو. اسان جي ويجهي عزيز حيدر علي لغاري صاحب جن سان تمام ويجهڙائپ هئن، جنهن ڪري اسان سان بہ تمام شفقت سان پيش ايندا هئا. سندس فرزند اسماعيل ٽيبو اسان کي ڀائرن وانگر آهي. الله تعاليٰ لائق صاحب جي پوئيرن کي صبر جي توفيق ڏي.

**ذوالفقار لغاري،** تاجپور 20.01.2014

✍

لائق سائين جيترو اندران اُجرو اوترو ئي ٻاهران، واه واه..... بس گڏ آهيون ۽ گڏ هونداسون انشاالله العزيز.

**مشتاق عاقلاڻي،** ٽنڊوڄام

✍

ماڻھو سپ نہ سھڻا پکي مڙئي نہ ھنج،
ڪنھن ڪنھن ماڻھوءَ منجھہ اچي بوءِ بھار جي.

سائين لائق جي متعلق شاھہ سائينءَ جوھي بيت چڱ منڍي تہ ٺڪ.

**دلدار علي،** 21.01.2014

✍

اسان ننڍي ھوندي کان وٺي جيئن چاچو لائق سنڌي پڙھو ھئوسين، ائين ئي کيس ڏٺوسين. چاچو لائق سنڌي، سنڌي صحافت جو خدائي خدمتگار ھيو جنھن کي ڪڏھن بہ زندگيءَ ۾ ڪنھن سان ارھو ٽيندي نہ ڏٺوسين سندس خدمتن کي ھميشہ ياد رکيو ويندو.

**حسن علي لغاري،** سوشل ويلفيئر آفيسر، ڪوٽڙي

✍

اج اسين ھڪ عظيم استاد، ليکڪ ۽ معروف اديب کان محروم ٿي وياسين. الله پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ جڳھہ ڏي. ’آمين‘

**لعل بخش چلگري**

✍

سائين لائق سنڌيءَ جي وفات جي خبر قلات ۾ مون کي ملي. جيئن تہ سائين مرحوم سان اسان جي والد صاحب جا سٺا لاڳاپا ھئا ۽ گڏو گڏ سندس شفقت جو ھٿ منھنجي والده جي استاد جي ناتي سان پڻ منھنجي مٿان ھئو. تنھنڪري انھيءَ مان اھو ظاھر ٿئي ٿو. سائين مرحوم منھنجي گھر جو ھڪ فرد ھو. جنھن جي وفات تاريخ جو ھڪ وڏو الميو آھي. منھنجي سندس آخري ملاقات ساڻس گھر تي ٿي ۽ سائين مرحوم خدمت جو موقعو ڏنو. الله تعاليٰ کان دعا آھي تہ رب تعاليٰ کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي. ’آمين‘ دعاگو

**امداد حسين ڪوسو،** جھنڊو ڪوسو حيدرآباد، 25 جنوري 2014ع

✍

گهوڙن ۽ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهه ڪوٽن ڪڏهن راهي رڻ جا.

سائين لائق ٽيبي جو وڇوڙو سنڌي صحافت ۽ سنڌي ثقافت لاءِ وڏو سانحو آهي. سائين لائق سنڌي تمام شفيق ۽ پيار ڪرڻ وارو ماٺهو هو. مون وٽ تہ اهي لفظ ڪونہ آهن، جيڪي سائينءَ لاءِ لکجن. وڏو مهربان هو خاص طور تي منهنجي لاءِ گهڻو شفيق هو. سائين جهڙا انسان صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن. الله سائين کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ ۽ سندس پونئيرن کي صبر جي توفيق ادا ڪري. دعاگو

**آصف انور خواجہ**، سلطان آباد ٽنڊو الهيار

✍

سائين لائق هڪ يگانو صحافي هو. سنڌ جي هر ٻرندڙ مسئلن جي جدوجهد ۾ هميشہ اڳيان اڳيان هوندو هو. اسان جهڙن ورڪرن کي همٿائيندو هو. سنڌ لاءِ سدائين فڪر مند رهندو هو. الله سائين جي در دعاڳو آهيان تہ کيس جنت ۾ جاءِ ملي. **ڊاڪٽر سومار مگريو**

محترم سائين لائق صاحب هڪ بهترين استاد هو. هن تعليم جي لاءِ وڏو ڪم ڪيو. اسان جي علائقي ۾ خاص طور حيدرآباد تعلقي ۾ هڪ سٺو صحافي ۽ ادب جي لحاظ کان وڏو نانءُ هو. اسان سندس مغفرت لاءِ دعاڳو آهيون. **عبدالعزيز صبح پونو**، (ٽنڊو ڄام)

✍

## هڪ عهد جي پڄاڻي

سائين لائق سنڌيءَ سان واقفيت روزانہ آفتاب اخبار حيدرآباد ۾ ٿي. ڪائنس سنڌي صحافت ۽ صحافتي دنيا بابت گهڻو ڪجهہ سکڻ لاءِ مليو. سائين هڪ نهايت ئي شفيق استاد وانگر سيکاريندو هو. سڀني والدين وانگر سمجهائيندو هو ۽ زندگيءَ جي انتهائي اوپرن پيچرن ۽ اڙانگن گسن تي هلڻ سيکاريندو هو.

سائين هڪ مخلص ۽ پيار ڪندڙ انسان هو. سندن واتان ڪڏهن بہ ڪنهن جي لاءِ ڪو برو لفظ نہ ٻڌو. سدائين دوستن ۽ ساٿين

جي واڪاڻ ڪندو رهندو هو. سندس واتان اڪثر سائين حيدرعلي لغاري ۽ شيخ علي محمد صاحب جن جو تذڪرو ۽ واکاڻ ٻڌڻ ۾ ايندي هئي. پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو انتهائي ڄاڻو ۽ پارکو هو. جنهن مون کي سنڌي لفظ ”ڪاروائي“ درست ڪري ”ڪارروائي“ لکڻ ۽ پڙهڻ سيکاريو.

اڄ اسين سندس شفقت کان هميشه لاءِ محروم ٿي وياسين. رب پاڪ سندس اولاد کي سندس نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي. ’آمين‘

جت نہ پکيءَ پير، اُتي ٿمڪي باهڙي.
ٻيو ٻاريندو ڪير، ڪاهوڙي ڪير ريءَ.
(شاهہ)

**مير جمالي**، سب انسپيڪٽر، حيدرآباد چيمبر 18.01.2014

✍

اڄ پڻ اکڙين، سڄڻ پنهنجا ساريا.
ڳلن تان ڳوڙهن جون، بوندون بس نہ ڪن.
سندي سڪ پرين، لوڪ ڏٺي نہ لهي.

سائين لائق مرحوم سان 1985ع کان وٺي صحافتي دؤر کان وٺي آخري گهڙيءَ تائين گڏ رهڻ جو وقت مون کي پنهنجي وڇڙي ويل پيءُ جو پيار مليو. سندن منهن تي هر وقت مُرڪ هوندي هئي، سندس وڇوڙي سان هڪ استاد، هڪ رهبر، هڪ انسان دوست کان نہ مرحوم ٿي ويو آهيان، آفتاب اخبار ۾ پروف ريڊنگ جي سکيا، سب ايڊيٽري جي سکيا کان وٺي سرڪيوليشن مئنيجر واري رتبي سان گڏ گذريو اهو ڪڏهن بہ نہ وسرندو. الله پاڪ کيس جنت ۾ جاءِ ڏي ۽ پونئيرن کي صبرِجميل جي توفيق عطا فرمائي.

**عبدالحڪيم ڪوسو**، جهنڊو ڪوسو حيدرآباد.19.01.2014

✍

سائين استاد لائق ٽيبو هڪ بهترين انسان ۽ خوش مزاج شخص هو. جهڙو نالو هئس انهيءَ ڪان وڌيڪ لائق اديب ۽ انسان هو. سندس جيتري ساراهه ڪجي اها گهٽ هوندي، الله سائين کيس جواءِ رحمت ۾ جڳهه عطا ڪندو ۽ پونئيرن کي صبر عطا فرمائي.

**شفقت حسين شاهه**، سابق ناظم موسيٰ ڪٽياڻ تاريخ: 17.01.2014

✍

منهنجي والد مرحوم جي وفات ڪانپوءِ پنهنجاپ جو احساس ڏيارڻ واري سائين لائق جي گذاري وڃڻ ڪانپوءِ آئون پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪري رهيو آهيان، الله تعاليٰ پونئيرن کي صبر ڏي. ’آمين‘

**عمران ٽيبو**، ڪي ٽي اين

✍

سائين لائق سنڌي صحافت ۾ ايماندار، با ڪردار ۽ سچو قوم پرست انسان هو. سائين سان جڏهن به ملاقات ٿيندي هئي ته سائين پنهنجي قرب ۽ محبت سان پيش ايندا هئا، اهو خلوص سائين جي طبيعت ۾ شامل هو.

سائين جي وڇوڙي تي اسان سندس خاندان سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون.

**مسعود عالم پيرزادو**، درگاهه سخي دائود واهي ٺاروشاهه 17.01.2014

✍

سائين لائق سنڌي جهڙا ماڻهو گهٽ ٿيندا آهن، سائين لائق ننڍن سان ننڍو وڏن سان وڏو هوندو هو، اسان جو تمام پيارو هو ۽ اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو هو، اسان جي دعا آهي ته سائين کي الله تعاليٰ جنت ۾ جاءِ ڏئي. ’آمين.‘

**محمد عثمان چانديو**، ٻانڊي، نواب شاهه

✍

# سائين لائق سنڌي

سائين سان اسان جو مائٽاڻو رشتو هو. هو اسان جو رشتي ۾ مامو لڳندو هو ۽ سائين تمام گهڻو لائق ۽ شفيق انسان هو. سائينءَ جي منهنجي بابا سان بہ تمام گهڻي دوستي هوندي هئي. سائين جن ڏي اسان جي اچ وڃ گهڻي هوندي هئي. تمام گهڻي محبت ڏيڻ وارو ۽ جتي ملندو هو تہ چوندو هو، ” تہ بيهو! ڪيڏانهن ٿا وڃو، بيهو تہ ڪچهري ڪريون.“ هو تہ هو ئي محبتن ڏيڻ وارو انسان، الله تعاليٰ سائين جن کي جنت ۾ جاءِ عطا فرمائي. ’آمين‘

**سيد شبير احمد شاهہ ولد سيد صالح محمد شاهہ**

✍

سنڌي سڪ پرين لوڪ ڏٺي نہ لهي! (لطيف)

سائين لائق سان منهنجون ڪچهريون محدود پر گهرائي لامحدود محسوس ٿي. پنهنجائپ ۽ پيار محسوس ڪرائڻ سندس انتهائي وڏو وَڙ هيو. سنڌ سجاڳي ۽ ساٿين سان ساٿ نڀائڻ سندس سچي ريت هئي، جنهن ۾ ڪڏهن بہ ڪُريت نہ ڪيائين. صحافت جي ميدان ۾ سندن نانءُ اٽمٽ رهندو. پاڻ سدائين سچ جو جوڳي ٿي رهيو ۽ واهہ جو جوڳ پچايائين. پاڻ ٿورو پڙهيو پر باعمل رهيو. سَچن ساٿين سان هر سُکَ ۽ ڏک ۾ ساٿ ڏيڻ سندن اَجهَل ڪرت هئي. سائين حيدر علي لغاريءَ جو سچو ساٿي ٿي، هر ڏک ۾ ساٿ نڀائڻ سندس زندگيءَ جو هڪ سونهري مثال آهي. صحافت جي شعبي ۾ سٺا شاگرد پيدا ڪرڻ سندس علمي سخاوت جو اعليٰ نمونو آهي. سندس وڇوڙو سڄي سنڌ لاءِ هڪ وڏو نقصان آهي.

**شوڪت اڄڻ**، حيدرآباد 18.01.2014

✍

## هڪ بيباڪ شخصيت

سائين لائق سنڌي نہ صرف هڪ صحافي ۽ استاد هو پر هو هڪ بهترين انسان هو. اسان سان تہ ويجهڙائپ جي ڪري ۽ ماڻ سان تيج شريڪ هئڻ جي ناتي اسان سائينءَ کي ماما لائق سڏيندا هئاسين. سائين هميشہ سادو رهندو هو ۽ سندن طبيعت بہ سادي هوندي هئي. اسان جي والد صاحب سان تمام گهڻي ويجهڙائپ هئي، ڇو جو اسان جو ڳوٺ بہ هڪ هو، سائين هميشہ ياد رهندو، پاڻ نہ وسرندڙ شخصيت هو. اسان جو والد صاحب ۽ پاڻ تمام ويجها دوست بہ هئا سندن وچ ۾ ڪڏهن بہ نہ تتڻ وارو ناتو رهيو. سندن خال هميشہ رهندو.

اسان جي دعا آهي تہ الله سائين کيس جنت الفردوس ۾ جڳهہ ۽ پونئيرن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي.

**سيد ڪبير احمد ولد سيد صالح محمد شاهہ**، ڳوٺ دريا بيگ مغل موري منگر

✍

## لائق ماڻهوءَ جو وڇوڙو

منهنجي بدقسمتي چئجي جو آئون سائينءَ سان ڪڏهن رُوبرو نہ ملي سگهيس. سائينءَ جي وفات ڪان بہ ڏينهن پهرين سائينءَ سان ملاقات جو پروگرام هيو پر قسمت ساٿ نہ ڏنو. سائين لائق سنڌي ٻوليءَ جو ماهر ۽ هلندڙ ڦرندڙ ادارو هو. سائين لائق منهنجي بابا جو استاد ۽ ٻوليءَ جو سرواڻ آهي، سائين لائق جي شخصيت کي ڪافي غور سان پڙهيو آهي ۽ گهڻن جي واتان ٻڌو آهي. ‘Legends never die’

**انجنيئر اظهار منل جسڪاڻي**، ٽنڊو ڄام

✍

جهان تازه ڪي هي، افڪار تازه سي نمود.
ڪي سنگ و خشت سي هوتين هين يي جهان پيدا.

“Plato said that idea rules the world”

It is regretful that we have lost a jewel of our village. Late Mr. Laique was among few lettered

people on our village. His revives for Sindhi community will always be remembered.

**Junaid Shah S/o Sayed Dost Ali Shah.**

✍

# پريس ڪلب حيدرآباد ۾ ٿيل تعزيتي ميڙاڪي جي رپورٽ

31 جنوري 2014ع تي پريس ڪلب حيدرآباد ۾ صحافين جي تنظيم 'وي جنرلسٽ'(We Journalist) پاران، سنڌ ڪميونٽي فائونڊيشن جي تعاون سان سنڌ جي نامور صحافيءَ، استاد، اديب ۽ ٻوليءَ جي پارکوءَ سائين لائق سنڌيءَ کي پيٽا پيش ڪرڻ جي لاءِ هڪ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو. جنهن ۾ صحافين ۽ سماجي اڳواڻن سائين لائق سنڌيءَ کي عظيم لفظن سان پيٽا پيش ڪئي.

ان تعزيتي ميڙاڪي جي ميزباني سينئر صحافيءَ جعفر ميمڻ ڪئي. ان تقريب ۾ سينيئر صحافي اسحاق مڱريي چيو ته سائين لائق سنڌي هڪ بهترين صحافي، ۽ وڏو شفيق استاد هو. ريڊيو جي معروف براڊڪاسٽر ۽ نامياري ليکڪ نصير مرزا خطاب ڪندي چيو ته سائين لائق سنڌي پيدائشي استاد جيان هو. ان موقعي تي ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته سائين لائق ٻوليءَ جو وڏو ڄاڻو هو ۽ هميشه چڱايون ونڊيندو هو. ليکڪ ذوالفقار هاليپوٽي پنهنجن خيالن جو اظهار هن ريت ڪيو ته سائين لائق سنڌي خبر پنيان خبر رکندڙ صحافي هو. سماجي اڳواڻ پنهل ساريي چيو ته سائين لائق سنڌي صحافت سان گڏ هڪ سياسي سوچ رکندڙ شخص پڻ هو. ان موقعي تي سماجي اڳواڻ عبدالرزاق عمراڻيءَ چيو ته سائين لائق سنڌي هڪ شخصيت جي روپ ۾ هڪ ادارو هو. جڏهن ته سماجي اڳواڻ جاويد سوز هالائيءَ چيو ته سائين لائق سنڌي انهن ماڻهن مان هو جيڪي پنهنجي ايندڙ نسل کي صحيح واٽ ڏيکارڻ وارو ڪردار ادا ڪندا آهن. سينئر صحافي احمد خان شيخ پنهنجي خيالن جو اظهارهن ريت ڪيو ته سائين لائق بهترين استاد، صحافي ۽ سيني جو سنو دوست پڻ هو. سينئر صحافيءَ شبير نظاماڻيءَ چيو ته سائين

لائق سنڌي چوندو هو تہ انسان جو عمل سندس ڳالهايل لفظ هئڻ گهرجي ۽ سائين لائق جي پوري زندگي ان فلسفي تي عمل ڪندي گذاري.

ان موقعي تي سائين لائق جي وڏي فرزند محمد اسماعيل ٽيبي چيو تہ بابا سائين لالچ ۽ لوڀ نہ رکندو هو. هن ڪڏهن بہ اسان کي دڙڪو بہ نہ ڏنو هو ۽ بابا صحافت ۾ ڪنهن سان بہ نا انصافي نہ ڪئي. اهڙي طرح هي تقريب پنهنجي پڄاڻي تي پهتي.

✍

## پريس ڪلب حيدرآباد ۾ ٽيل پهرين ورسيءَ جي رپورٽ

16جنوري 2015ع تي سائين لائق سنڌيءَ جي پهرين ورسي، پريس ڪلب حيدرآباد ۾ ملهائي ويئي. هن تقريب جي صدارت سائين لائق سنڌيءَ جي دل گهري دوست ساٿي سائين فيض محمد نظاماڻي ڪئي جڏهن تہ اعزازي مهمانن ۾ لالا رحمان سمون،ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻو محمداسماعيل ٽيبو سهيل سانگي، اقبال ملاح ، علي حسن ، الطاف ڪوٽي،امداد سومرو،جئہ پرڪاش مورائي،تاج جويو امين ٽيبو،قادر بحش طالباڻي،مولا بخش مشوري ۽ حسين بخش ساند شامل هئا.تقريب جي ڪمپيئرنگ منصور مريءَ ڪئي.هن تقريب ۾ سائين لائق سنڌيءَ کي پيٽا پيش ڪندي مقررن پنهنجا ويچار ونڊيا ۽ کيس سنڌي صحافت جو رکوالو قرار ڏنو.

✍

# سائين لائق سنڌيءَ جي پهرين ورسي تقريب ۾ ڪيل تقريرون

## فيض نظاماڻي

(رٽائرڊ استاد)

سائين لائق جا سڀ دوستو منهنجا سلام قبول ڪريو ڪنهن، ڪنهن جو نالو وٺجي فهرست وڏي ٿي ويندي..

دل چوي ٿي تہ آئون سائين لائق ڪي ڇڏي سائين حيدر علي خان لغاريءَ تي ڳالهايان، هن ڪان اڳ بہ ٿي تقريبون ٿيون، جيڪي سائين حيدر علي خان جي نالي تي ٿيون ۽ آئون انهن ۾ هئس پر ان ۾ هنن مون کي ڳالهائڻ جو موقعو نہ ڏنو ۽ منهنجي الاهي خواهش هئي تہ سائين حيدر علي خان تي ڳالهايان، اتي مون کي ڏک انهيءَ ڳالهہ جو ٿيو جو اُتي اهڙا اهڙا وڏا عالم آيا انهن حيدر علي تي ڳالهايو پر انهن ئي چيو تہ اسين حيدر علي خان سان ڪڏهن مليل ڪو نہ هئاسين ۽ مون کي لڳي ٿو تہ هن ڪان جي سئو سال اڳ حيدر علي خان هجي تہ اسان جو مرشد هجي ها ۽ سائين حيدر علي خان جو مريد خاص سائين لائق هجي ها. سائين لائق ادبي حوالي سان جيڪي ڪجهہ هو اها سائين حيدر علي خان جي ڏنل ميراس آهي ۽ منهنجو حال ڪجهہ گهٽ هو ۽ سائين لائق جو حال چڱو هو جو اهو ٻوليءَ جي حوالي سان ڪجهہ وڌيڪ سکي ويو.

هڪڙي دفعي جي ڳالهہ آهي تہ اسين سائين لائق سڀ گڏجي لاهور گهمڻ وياسين، علام اقبال جي مزار تي هڪڙي تختي رکي هي ۽ ان تختي تي هڪڙوئي شعر لکيل هو علامہ اقبال جو مون کي لڳي ٿو تہ ان شعر کي پني تي لکي ۽ ان جي مٿان پينسل گهمائيندا سين تہ هيٺان نڪري ايندو سائين لائق. هي مسڪين ماڻهو هو الاهي ڪئين هو پنهنجا تعلقات قائم ڪر ي ويو. جو اڄ توهان تمام مصروف ماڻهو

ٽائيم ڪڍي هتي اچي گڏ ٿيا آهيو. سائين لائق وري پاڻ کي سڏائيندو هو سنڌي آئون وري ان تي سائين تي تنقيد ڪندو هئس تہ تون هتي سنڌ ۾ وينو آهين ڪهڙو تون آمريڪا ۾ وينو آهين! جي تون سنڌي آهين هتي تہ پاڻ سڀ سنڌي آهيون، پر اها ڳالهہ مون کي وري هاڻ محسوس ٿئي پئي تہ سائين لائق سچو هو ماستر فيض ڪوڙو هو. هينئر پاڻ ۾ سنو رواج نڪتو آهي ايڪتا جا ڏهاڙا ملهائيندا آهيون.

اسين سڀ سنڌي آهيون ذات جا، اسين جوڻيجا، نظاماڻي، سمان، ملاح، ٿيبا نہ هجون هينئر اسان ۾ اهي پڇون آيون پيون آهن اها ڳالهہ ختم ٿيڻ کپي، بس سنڌي آهيون اها ڳالهہ هجي، ذاتين اسان کي منجهائي اڪيلو ڪري ڇڏيو آهي.

سائين لائق سان منهنجي شناسائي ٿي بہ حيدر علي خان لغاري وٽ هئي، 1970ع ڌاري ٽرينگ ڪاليج ۾ اتي مون سائين حيدر علي خان لاءِ ٻڌو هو تہ هڪڙو استاد آهي جيڪو پڇاڙيءَ ۾ پيرڊ ٿو وٺي حاضري وٺي ئي ڪونہ مون تي چيو تہ الله اهڙو استاد تہ ڏياري. پوءِ مون تي مهينا ڪن سائين کي ڏٺو ئي ڪونہ! ڇا ڪاڻ جو جيڪا اسان جي ڳوٺ جي بس هوندي هئي، سا انهيءَ پيرڊ جي ٽائيم تي نڪرندي هئي پوءِ هڪ ڏينهن بس نڪري ويئي آئون واپس موٽي ڪاليج آيس تہ سائين حيدر علي لغاري وٽ بہ ٽي ڇوڪرا وينا آهن ۽ ٻيا سڀ هليا ويا هئا ۽ آئون بہ وڃي وينس ۽ مون جڏهن سائين کي ٻڌو ۽ ڏٺو تہ منهنجو وات پٽجي ويو اهي اهي بحث ۽ علمي نڪتا سائين ٻڌائيندو هو پوءِ مون سائين جا سڀ پيرڊ اٽينڊ ڪيا ۽ سائين حيدر علي خان لغاري سان ويجهڙائي ٿي ۽ پوءِ منهنجو معمول ٿي ويو تہ جڏهن بہ حيدرآباد اچبو هو تہ سائين لائق سان منهنجا ڪافي حد تائين پوڳ چرچا هوندا هئا. سائين لائق جي خبر ئي ڪانہ پوندي هئي تہ هي

ڪٿي ٿو رهي ۽ آئون سمجهان ٿو ته رات ۾ به ٽي ڪلاڪ ڪنهن دوست وٽ رهي پوءِ صبح جو وري پريس ڪلب تي، شوق سائينءَ جا ڪهڙا، هڪڙا اهي سگريٽ جن پڇاڙيءَ ۾ سائينءَ جو سر وڃايو وڃڻو ته هوئين آهي پر پوءِ بهانو ٿيو سگريٽ ۽ ٻيو اخبارون آئون سائين سان روز وڙهندو هئس ته سائين لائق تون اخبارن ۾ پيو ڪم ڪرين توکي اخبارون وٺڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي ۽ وري چوندو هو ته هي اخبار جنگ ڪراچي ۽ هي لاهور وري چئبو هئس ته بابا تون هڪڙي وٺ به چو. پاڻ چوندو هو ته هي خبر جيڪا آهي ڪراچي واري اخبار ۾ اڳيان آهي ۽ لاهور واري ۾ پويان آهي آئون ڪيس چوندو هئس ته خبر اڳيان هجي يا پٺيان ان ۾ تنهنجو ڇا تون هڪڙي اخبار وٺ. ۽ ٻِيَن اخبارن جو گوڙرو جيڪو سدائين گڏ هوندو هئس سمجهو ته جهڙو سائين جو ان ۾ ساهه هجي هن جا جيڪي وسيلا هوندا، انهن مان رڳو اخبارون ۽ سگريٽ ڪندو هو.

✍

# تقرير

**لالا رحمان سمون**
(سينيئر صحافي)

مون پنهنجي حياتيءَ ۾ سائين لائق کي پنهنجي ٻن همعصر يا پاڻ سان گڏ رهندڙ ٻن ماڻهن کان تمام گهڻو متاثر ٿيندي ڏٺو ۽ ٻڌو. منهنجي بدنصيبي اها آهي ته انهن ٻنهي شخصيتن سان، ڪڏهن به ملاقات مون کي نصيب نه ٿي سگهي. هڪڙو سائين شيخ علي محمد، سائين لائق ان کان تمام گهڻو متاثر هو. ان جا قصا، ڪهاڻيون ۽ انهن جي اصول پسندي انهن جي نوڙت، انڪساري جا قصا سائين کان ٻڌندا هئاسين ٻيو سائين حيدر علي خان لغاري جي باري ۾. جيتوڻيڪ منهنجي انهن ٻنهي شخصيتن سان ملاقات نه ٿي آهي پر مون کي ائين لڳندو آهي ڄڻ منهنجون انهن سان ڪيتريون ئي ملاقاتون ٿيل آهن. سائين لائق جي معرفت.

سائين لائق ظاهر آهي هڪ انسان هو ۽ انسان ۽ فرشتي ۾ هڪ اهو ئي فرق آهي، ته جيڪو انسان آهي اهو وجود رکي ٿو زمين تي ۽ چڱايون ۽ خرابيون سڀ ان ۾ موجود هونديون.

سائين لائق کي مون ٽِن وصفن ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي، هڪ وصف ان جي سنڌي ٻوليءَ جي پارکو واري ان جي باري ۾ توهان سيني دوستن ٻڌايو. سائين لائق سنڌي ٻوليءَ جي پارکو واري حيثيت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اها خدمت ڪئي جنهن لاءِ هڪڙو عالمي انقلاب ۾ لفظ آهي "گم نام سپاهي" جيڪي پنهنجو پورهيو ڪندا ۽ پنهنجي جيڪا قرباني ڏيندا آهن ۽ پنهنجي جدوجهد جاري رکندا آهن. پر ڪو به نالو ڪمائڻ کانسواءِ وڏو پورهيو ڪري ۽ پنهنجي باب جي پڄاڻي ڪري ويندا آهن.

ان کان علاوه ٻئي وصف سائين جي سنڌي صحافت جي پارکو واري آهي، سائين سنڌي اخبارن ۾ هن وقت جيڪي به نيوز ايڊيٽر يا ايڊيٽر ويٺا آهن. اهي سڀ سڌي اڻ سڌي طرح سائين جا شاگرد آهن. حالانڪ پنهنجي پروفيشن ۾ سائين جي جيڪا ڊيزينيشن هوندي

هئي يا سائين جو جيڪو رتبو هوندو هو اهو سائين پنهنجي مرضي سان پروف ريڊر جي طور تي رکيو ۽ سائين جنهن به اخبار ۾ ڪم ڪندو هو سائين چاهي ها ته سائين جو جيڪو صحافتي پورهيو آهي، صحافتي قد ڪاٺ آهي، سائين ان بنياد تي، چاڪاڻ اسين جڏهن آياسين ته مون ذاتي طرح پنهنجي ڪيريئر جي شروعات پروف ريڊر طور ڪئي ۽ پوءِ هڪ هنڌ ايڊيٽر جي جڳهه تي به پهتس ۽ سائين چاهي ها ته اهي سڀ عهد ۽ سڀ منصب ماڻي ها پر سائين هميشه پروف ريڊر رهيو، چاڪاڻ ته ڪڏهن به سماجن ۾، معاشرن، قومن ۾ روايتون ماپا تبديل ٿي ويندا آهن، اڄ جي دور ۾ اسان وٽ عملي زندگي ۾ جيڪو ماڻهو ناڪام ٿئي ٿو ان لاءِ به پروفيشن تمام گهڻا ڪشش جو سبب ٿيندا آهن، هڪڙو پرائمري ماستر ۽ ٻيو صحافي پر آئون چوان ٿو ته جيڪو پرائمري ٽيچر آهي، ان جي ڪواليٽي، ان جو Wisdom يونيورسٽيءَ جي پروفيسر کان به وڌيڪ هجڻ گهرجي، چاڪاڻ جيڪو پرائمري اسڪول جو استاد آهي، اهو ٻار جو بنياد رکي ٿو ۽ اهڙي طرح اخبار ۾ پروف ريڊر اهو هئڻ گهرجي، جنهن جي ڪواليٽي، جنهن جو اپياس، ٻولي، جنهن جو Wisdom, vision ايڊيٽر کان به مٿي هجي، اهو پروف ريڊر هجي ۽ سائين انهيءَ چوائس جي ڪري پروف ريڊر رهيو، آخري وقت تائين جيستائين هن ۾ لکڻ جي سگهه هئي ۽ اسين جيڪي به هن وقت اخبارن ۾ سينيئر يا جونيئير ويٺا آهيون، جڏهن به منجهندا هئاسين، ٻوليءَ جو معاملو هجي، خبر جي بيهڪ جو معاملو هجي، يا خبر جي جوڙجڪ جو معاملو هجي يا ريپليسمنٽ جو معاملو هجي اسين سائين سان رابطو ڪندا هئاسين، سائين ڪڏهن به پاڻ وٽ موبائيل فون ڪونه رکيو ۽ اسين جڏهن به منجهندا هئاسين ته ٻين اخبارن ۾ فون ڪندا هئاسين ته سائين لائق توهان وٽ ويٺو آهي، ڇو جو سائين شام جي وقت ڪنهن نه ڪنهن اخبار جي آفيس ۾ ئي ملندو

هو. سائين فون تي يا روبرو ملندو هو ته جيڪو به خبر جو معاملو هوندو هو سائين اسان کي انهيءَ مهل ئي سمجهائيندو هو.

سائين سنڌي صحافت جي انسائيڪلوپيڊيا هئي، اخبار جي تاريخ جي باري ۾ اخبارن جي مالڪن جي روين جي باري ۾، اخباري مالڪن جي خانداني پس منظر جي باري ۾، سنڌي صحافت کهڙن کهڙن دورن مان گذري آئي آهي، انهيءَ جي باري ۾ مڪمل انسائيڪلوپيڊيا هو. جيڪڏهن سائين لائق سان ڪچهري ڪبي هئي ته صبح جو پهر ٿي ويندو هو پر سائين جي معلومات ۽ ڪچهري ڪڏهن به ختم نه ٿيندي هئي.

ٽئين وصف سائين جي جيڪا گهٽي سامهون نه اچي سگهي اها آهي ته سائين کي اسان لطيف جي پارکو واري حيثيت ۾ به ڏٺو. سائين لطيف سرڪار جا سُرَ انهن جا بيت، وايون ۽ انهن جون سمجهاڻيون سائين آسان ٻوليءَ ۾ جيئن هڪ استاد هوندو آهي، ٻار کي سولو ۽ سڌو ڪري سمجهائيندو آهي، ائين اسان کي به سائين سمجهائيندو هو. سنڌي صحافت ۽ لطيف سرڪار جي باري ۾ سڌو ۽ سولو ڪري سمجهائيندو هو.

چوٿين وصف سائين جي جيڪا مون ڏٺي اها هي هئي ته سائين ماڻهو شناس هو. سائين اظهار نه ڪندو هو پر ماڻهو سان ملاقات ۾ سائين ان جي پوري بايو ڊيٽا اڌ ڪلاڪ جي ڪچهري ۾ ڪڍي وٺندو هو. ته هي ماڻهو ڪيتري وزن بحر واري شخصيت آهي.

اسين سائينءَ کي ائين سمجهندا هئاسين ته هو اسان جو پيءُ آهي ۽ اسين ڪيس پنهنجي والد جي حيثيت سان ڏسندا هئاسين. هو اسان کي دڙڪا به ڏيندو هو. اسان تي نظر به رکندو هو ته اڄ ڪلهه هنن جي سنگت صحبت ڪنهن سان آهي، هو اسان تي اها به نظر رکندو هو ته اڄ ڪلهه هي صحافت ۾ ڪن ڇا پيا ۽ اسان کي چوندو هو ته توهان جي هي صحبت صحيح ناهي هن کان پاسو ڪريو. اخبار ۾ هي ماڻهو سٺا. هنن کان پاسو ڪريو ته سائين هڪ ماڻهو شناس هو جيڪو انگ سڃاڻندو هو.

اسان سائين کي خوش ٿيندي بہ ڏٺو آهي، سائين ٺهڪ ڏيندي بہ ڏٺو آهي ۽ اسان سائين کي اکين ۾ لڙڪ ايندي بہ ڏٺو آهي. خودار ماڻهو هو بہ ڏينهن جي سائين ماني نہ کائي تہ اهو نہ چوندو هو تہ مون ماني نہ کاڌي آهي، مون کي ماني کارايو. سائين بہ بہ ڏينهن بک تي بہ هلڻ وارو ماڻهو هو پر سائين ڪڏهن ڪنهن جي سامهون هٿ ڪونہ ٽنگيو. سائين ڏيڻ وارو هوندو هو ڪڏهن بہ وٺڻ وارو نہ هوندو هو. علم بہ سائين اسان کي ڏنو عقل بہ ڏيندو هو ۽ ساڄاهہ بہ ڏيندو هو پر اسان ڪڏهن بہ اهو نہ سمجهيو تہ اسان ڪو اهڙو ڳتو ڪم ڪيو هوندو. جنهن جي باري ۾ سائين کي ڄاڻ نہ هوندي. هر انسان کي هلڻو آهي ۽ سائين بہ پنهنجو وقت رب جي رضا سان پورو ڪري ويو. اسين دعاگو آهيون تہ الله تعاليٰ سائين لائق کي جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ سائين جو جيڪو پورهيو آهي، هڪڙي اسان جي بدنصيبي اها ضرور آهي تہ سائين جيڪي خيال رکندو هو يا سائين جن جن شين جي باري ۾ ڄاڻ رکندو هو، ان جو لکت ۾ مجموعو موجود نہ آهي. آئون سمجهان ٿو تہ سائين جي حياتي ۾ اهو ڪم ٿي وڃي ها تہ سنڌي صحافت جي نصاب ۾ ڪو ڪتاب شامل ڪرڻ جهڙو هجي ها.

سائين تمام وڏو ماڻهو هو جيئن اسان وٽ چوندا آهن تہ نج پج سنڌي روايتن جو امين ۽ اهي سڀ خوبيون سائين ۾ موجود هيون. سائين خودار هو سائين صوفي هو سائين روايتن جو امين هو ۽ سائين ”سَترُ ڪر ستار آئون اگهاڙي آهيان.“ تہ سائين سيني کي ڍڪيندو هو سائين ڪنهن جو بہ عيب نہ ٻڌائيندو هو. ان لاءِ اسين سڀ سائين جي لاءِ دعاگو آهيون ۽ محمد اسماعيل ۽ محمد بخش کي جَسُ هجي جو سيني دوستن کي پريس ڪلب جي پليٽ فارم تان گڏ ڪيو اٿن. سائين جي حوالي سان جڏهن بہ جيڪو بہ ڪم هوندو حاضر آهيون. سائين جا هڪڙا شاگرد لائق آهن ۽ هڪڙا نالائق آهن. اسان کي توهان لائقن مان سمجهيو يا نالائقن مان سمجهيو اسان لاءِ جڏهن بہ حڪم ڪندا اسين حاضر ٿينداسين.

[سائين لائق جي پهرين ورسي جي موقعي تي پريس ڪلب حيدرآباد ۾ ڪيل تقرير، 16 جنوري 2015ع]

تقرير

**اقبال ملاح**

(سينيئر صحافي)

سائين لائق سنڌ سان پيار ڪندو هو ۽ سڀ سنڌي ۽ اردو اخبارون پڙهندو هو سائين لائق تي، اسان کي فخر به آهي پر مون کي الاهي تڪليف ٿي ٿئي ته اسان جا سڀ دانشور ۽ ڏاها اعزازي ڪاپي تي گهڻو ضرور ڏيندا آهن پر سائين هميشه پنهنجي پيسن سان اخبارون ۽ ڪتاب خريد ڪندو هو. هو جو ڇا بڌايان سنڌ جو vision ڇا هجڻ گهرجي سنڌ جي سياست ڇا هجڻ گهرجي، سنڌ جو ادب ڇا هجڻ گهرجي، سنڌ جي شاعري ڇا هجڻ گهرجي سنڌ جي ڪهاڻي ڇا هجڻ گهرجي. آئون ذميواري سان چوان ٿو ته جيڪڏهن اسان سائين لائق جي زندگي جي آرٽ کي سمجهي سنڌ لاءِ ڪم نه ڪيو ته رهجي ويندا سين. لائق ته ايترو ڏاهو هو.

هڪ ڏينهن لالا سائين ۽ مون کي سائين لائق ٻانهن مان وٺي ويو ۽ چيائين ته هي جيڪو فلاڻو قصو توهين ڪريو پيا ڏاها ٿيو ڏکيا ٿيندا "ياري جا سلسلا" آهن ۽ چيائين ته 1996_1997ع ۾ منهنجي صلاحن تي هلو ها ته اڄ هي تڪليف توهان تي نه اچي ها. وڏا ماڻهو ته هي ٿين ٿا ته ڪاخبر نه ڪنهن جو خفو خاموشي سان خاموش سپاهي وانگر ڪم ڪندي ڪاهوڙي جي سُرن جي ڪردارن جيان هليا وڃن ٿا ۽ اسان کي سنڌ جي اهڙن معتبر ڏاهن ماڻهن جو قدر ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن سندس خاندان طرفان هي ورسي نه هجي ها ته سچ پچو سنڌ ماڻهو کي ياد نٿي ڪري. مهرباني

✍

## تقرير

### جئه پرڪاش موراڻي

(سينيئر صحافي)

سائين جو جڏهن ذڪر ڪريون ٿا تہ سنڌ ۾ ٻہ اهڙيون شخصيتون هيون جيڪي سائين جي نالي سان مشهور هيون جيڪڏهن اسين سياست ۾ نالو ڪڍون ٿا تہ سائين جي ايم سيد جو ذڪر اچي ٿو ۽ جي صحافت ۾ نالو ڪڍون ٿا تہ سائين لائق سنڌي جو ذڪر ايندو آهي. ٻنهي جي نالي وٺڻ جي ضرورت محسوس ڪانہ ٿيندي آهي هڪڙي جي اڄ ورسي آهي ٻئي جي سڀاڻي سالگره آهي.

ٻوليءَ جي باري ۾ ڄاڻ جي باري ۾ ڪجهہ پڇڻو هجي يا ڪا معلومات وٺڻي هجي جيستائين سائين هو اسان کي ٻيو در پيٽڻ جي ضرورت محسوس ڪانہ ٿيندي هئي. صحافت ۾ اچي ڪڏهن ٻہ منجهندا هئاسين تہ سائين کي ياد ڪندا هئاسين ۽ سائين کان پڇندا هئاسين ۽ جيڪو ٺُڪ جواب سائين کان ملندو هو يا جيڪا معلومات سائين کان ملندي هئي اهو در بند ٿي ويو نہ صرف ٻوليءَ جي حساب سان پر سنڌجي شخصيتن، سنڌ جي واهڙن، سنڌ جي وسندين، سنڌ جي ڳوٺن، سنڌ جي ريتن رسمن، جي باري ۾ اخباري دنيا ۾ مختلف خبرون اچن ٿيون، مختلف شخصيتن جي باري ۾ ذڪر ٿين ٿا. ۽ سائين سان جڏهن ويهبو هو تہ ائين لڳندو هو تہ سائين انسائيڪلوپيڊيا آهي ۽ هڪڙي گهراڻي جي باري ۾ مختلف شخصيتن جي باري ۾ انهن جي لڳ لاڳاپن جي باري ۾ جيڪا سائين کان اسان کي ڄاڻ ملندي هئي. ان جو اندازو نٿو لڳائي سگهجي.

مون پاڻ ڪيترائي ڀيرا سائين کي چيو هو تہ مهرباني ڪري يادون لکو يا تہ اسان کي ويهي ٻڌايو تہ اسان لکو پر جيئن تہ سائين چوندو هو تہ هي ڳالهيون لکيون تہ ڪجهہ ٻيو پوندو انهيءَ ڪري

چوندو هو تہ شادي پلي ڍڪي پلي. تہ سائين ڪڏهن بہ لکڻ جي اجازت نہ ڏني ۽ نہ ئي ڪڏهن پاڻ لکيائين. مون ۽ وفا رضا سائين کي چيو تہ توهان اسان سان ڪچهري ڪريو ۽ اسين پنهنجي نالي سان ڇاپيون ٿا پر سائين چيو نہ پر جيڪي ڳالهيون سائين اسان کي ٻڌايو اهي اڄ اسان کي محسوس ٿين ٿيون. تہ اهي اهم هيون

پندرهن سورنهن سال سائين سان نياز مندي رهي عمر جو تہ فرق محسوس نہ ٿيندو هو ۽ تجربي جو بہ فرق محسوس ڪونہ ٿيندو هو ڪا دوري محسوس ڪانہ ٿيندي هئي هو هر وقت پنهنجو لڳندو هو پنهنجي والد وانگر لڳندو هو. پنهنجائپ جو احساس ٿيندو هو. اڄ جڏهن اسان سندس يادون ساريون ٿا تہ لڳي ٿو ماڻهو جو قدر زندگي ۾ ڪرڻ گهرجي وئي ڪان پوءِ صرف يادون رهجي وينديون آهن.

# تقرير

## فاروق سومرو

(سينيئر صحافي)

استيج تي ويٺل اسان جا سينئر دوست ۽ پنڊال ۾ ويٺل سائين جا چاهيندڙ السلام عليڪم.

سائين لائق جھڙي ماڻھو تي ڳالھائڻ منھنجي وس جي ڳالھ نہ آهي سائين ۽ اسان گڏجي پريس ۾ ڪم ڪيو آهي هتي آئون ڪجھ يادگيريون توهان سان شيئر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

چوندا آهن تہ ماڻھو تي نالي جو وڏو اثر ٿيندو آهي، ماڻھو جو جيڪو نالو هوندو آهي اهو ان جي طبيعت ۾ شامل ٿي ويندو آهي.سائين لائق سنڌي جو بہ نالو لائق هو. هو پنھنجي ڌرتي جو لائق فرزند هو. سائين جي جيڪا مون کي وڏي خوبي نظر آئي اها هي تہ هو امين هو پنھنجي روايتن جو امين هو، رازن جو امين هو. وڏو راز دار هو. سائين کي ڪنهن جو ڪو عيب نظر اچي ويو تہ هو پنھنجي سيني ۾ ان کي سمائي ڇڏيندو هو. پر جيڪڏهن سائين کي ڪا خوبي نظر آئي تہ هو سڄي جھان کي ٻڌائڻ ۾ عيب محسوس نہ ڪندو هو.

سائين ۾ جيڪا ڳالھ هئي اخباري ڪم جي حوالي سان سائين جي ڇھري تي سدائين مرڪ هوندي هئي پر سائين کي ڪاوڙ ڪندي مون هڪڙو دفعو ڏٺو هو ۽ ان موقعي تي ڏٺو جڏهن اخبار ۾ ڪو لفظ غلط لکجي ويو ۽ ان تي سمجھائڻ جي باوجود بہ ڪنهن ان کي صحيح نہ ڪيو تڏهن ڀلي اهو ايڊيٽر هجي يا چيف ايڊيٽر هجي سائين ان سان چڙندو هو ان کي اهو محسوس نہ ٿيندو هو تہ هو منھنجو بوس آهي. مطلب تہ هڪڙو لفظن جو امين هو. هو سمجھندو هو تہ لفظ ناهڻ هڪ انسان ناهڻ برابر آهي انهي ڪري هو لفظن جو وڏو احترام ڪندو هو باقي سائين سڀاجھو هو اهاسيني دوستن کي خبر آهي هن جيئن پنھنجي اولاد جي تربيت ڪئي آهي، تيئن هن جي سنگت ۾ ان جي شفقت ۾ جيڪي بہ ماڻھو آيا انهن جي هو ڪيئن تربيت ڪندو هو اها سڀني کي خبر آهي ايترو ئي آئون چوندس. سائين لاءِ مهرباني.

تقریر

# ہمارے ماسٹر صاحب

علی حسن

(سينيئر صحافي)

یہ ایک سال کتنا جلدی بیت گیا، کچھ پتا ہی نہیں چلا، لیکن جیسے لالا نے کہا، جانا تو سب کو ہے، لیکں ہوتا یہ ہے کہ بندا اپنے کردار، اپنے رویے اور اپنے معاملات کی وجہ سے اپنی یادیں چھوڑ جاتا ہے۔ میں عام طور پہ سائیں کو یا تو سائیں کہا کرتا تھا یا پھر ماسٹر صاحب۔ پریس کلب کے معاملات پر مجھے جب بھی مشاورت کی ضرورت پڑی میں نے ہمیشہ ماسٹر صاحب سے رجوع کیا۔ وہ بڑے پیار کے ساتھ میری رہنمائی کرتے۔ کہ اس معاملے میں یوں کروگے تو زیادہ بہتر رہے گا۔ وہ ہمیشہ ایک گمنام سپاہی کے طور پہ اس طرح خاموشی سے کام کرتے گئے اور چرچہ بھی نہیں کیا۔ جس طرح آج کل ہمارے معاشرے میں روان ہے۔ اخبارات کی دنیا میں ڈان وہ واحد ادارہ ہے، جس کے دفتر میں آپ کا جب جانا ہو تو ایک آدمی آپ کو ایسا نظر آئے گا، جو گزشتہ روز کی چھپی ہوئی اخبار پر لال قلم سے نشان لگاتا ہوا نظر آئے گا۔

وہ شخص اخبار کی زبان، اسٹائل اور اس میں پروف کی غلطیوں کی نشاندھی کرتا ہوا دکھائی دے گا۔

جبکہ ہماری باقی اخبارین اس مشق سے بہت دور نظر آتی ہیں۔ ہمارے ماسٹر صاحب ایک واحد کردار تھے جو سارا دن ناصرف ان اخبارات کو پڑھتے رہتے بلکہ ان کی زبان، اسٹائیل اور پروف کی غلطیون کا بھی بڑی باریک بینی سے جائزہ لیا کرتے۔ ناصرف جائزہ لیا کرتے بلکہ ان کی نشاندھی کر کے اخبارات کے صدیران کو بھیجا بھی کرتے تھے۔

آج بھی اردو اخبارات میں عام طور پر مگر سندھی اخبارات میں تو اکثر یہ نظر آتا ہے کہ ڈیسک پر بیٹھے ہوئے ہمارے نوجواں ساتھیوں کو، خبر بنانے کے لئے جب کوئی مناسب لفظ نہیں ملتا تو وہ انگریزی زبان کا سہارا لے کر کوئی لفظ ڈال دیتے ہیں۔ ان کو یہ ذری بھی پرواہ نہیں ہوتی کہ یہ اخبار ہمارے بچے بھی پڑھ رہے ہوتے ہیں۔ جو اس سے اپنی زبان کی وسعت

سے لاعلم رہتے ہوئے انگریزی زبان سے زیادہ مانوس ہونے لگتے ہیں۔اس کی وجہ جو مجھے سمجھ میں آتی ہے وہ یہ ہے کہ ہمارے اخبارات کے دفتر میں آپ کو مشکل سے ہی کہیں کوئی ڈکشنری نظر آتی ہو گی۔ حالانکہ ہونا تو یہ چاہیے کہ وہاں پر ایک سے زیادہ مختلف زبانوں کی ڈکشنریاں موجود ہونی چاہئیں، لیکن ایسا ہوتا نہیں ہے، اخبارات میں کام کرتے ہوئے ہمیں جب بھی کسی قسم کی کوئی مشکل سامنے آتی، تو اس صورتحال میں ہم سب ماسٹر صاحب کی طرف دیکھتے اور ہماری شکل آسان ہو جایا کرتی۔

آپ روزنامہ آفتاب کے ابتدائی ایڈیشن پرچی میں نظر ڈالیں گے، تو اُس کی زبان اور اسٹائل کے پیچھے جو شخص نظر آئے گا وہ شیخ علی محمد صاحب نہیں تھے، وہ ماسٹر صاحب تھے۔ بظاہر تو یہ روزنامہ ایک معمولی سا اخبار تھا، مگر اس کی زبان اور اسٹائل کی جب بات ہو گی تو اس نے بڑے بڑے اخباروں کو بہت پیچھے رکھا تھا۔

سائیں کی اس برسی کے موقعہ پر میں ماسٹر صاحب کے فرزند اسماعیل سے گذارش کروں گا کہ اپنے گاؤں موری منگر میں ماسٹر کتب خانہ قائم کریں، اگر اللہ نے چاہا تو آگے چل کر یہ بہت بڑی لائبریری بھی بن جائے گا، جس میں زیادہ سے زیادہ ڈکشنریاں، کتابیں اور اخبارات رکھے جائیں تاکہ ہم ماسٹر صاحب کے بنیادی کام کی اہمیت کو نا صرف سمجھ سکیں، بلکہ اُس کو بڑھا بھی سکیں۔ اس کتب خانے کی قیام میں ماسٹر صاحب کے ہم لائق اور نالائق دوستوں کے ذمے جو بھی کام رکھا جائے گا، ہم اُسے بخوبی انجام دینے کو تیار ہیں۔

اس کتب خانے سے لوگوں کو ہم یہ بتا سکیں گے کہ ہم نے یہ کتب خانہ ماسٹر صاحب کے اس اہم کام کی یاد میں قائم کیا ہے۔ اس سے نہ صرف زبان کی ترقی ہو گی، بلکہ اخبارات کے مطالعے کے شوق سے ماسٹر صاحب ہمیشہ ہمارے درمیان، ہمارے ساتھ رہیں گے۔ اللہ پاک ہمارے ماسٹر صاحب کی مغفرت فرمائے۔ آج پریس کلب حیدرآباد کے تمام ساتھی ماسٹر صاحب کو ہمیشہ یاد کریں گے۔

[علي حسن جي ڪيل تقرير سائين لائق سنڌي جي پهرين ورسي جي موقعي تي پريس ڪلب حيدرآباد ۾ 16 جنوري 2015ع]

# تقریر

## الطاف کوٹی

(سينيئر صحافي)

سائیں لائق سندھی سے میری مراسم تب سے تھے، جب میں اس صحافت میں آیا تھا، پریس کلب میں سب سے پہلے صبح آنے والے صحافی سائیں لائق تھے، اور ان کے ہاتھ میں موجود بہت ساری اخبارات ہوتی تھیں، ان میں بہت ساری خوبیاں تھیں، جو یہاں سب لوگ نہیں جانتے تھے، میں ان سے اخباروں کے بارے میں یہ پوچھتا رہتا تھا کہ آج کے اخبارات کی کنڈیشن ہے، اور ماضی میں اخبارات کیسے چلتے تھے۔ لیکں ان میں ایک بات کی خوبی زیادہ تھی کہ وہ سندھ کے سارے سیاستدانوں اوران کے خاندانوں کہ بارے میں سب کچھ جانتے تھے، کے کس سیاستدان کے کتنے بھائی، کتنیں بھنیں ہیں اور وہ کیا کیا کرتے ہیں، میں ان سے یہ تمام چیزیں معلوم کر کے کہیں نہ کہیں خبروں میں وہ چیز ایڈ کر لیتا تھا۔

ماسٹر لائق ایک فقیر منش انسان تھے، ان سے میری بہت سارے موضوعات پر بات ہوتی تھیں، مگر وہ ہمیشہ مثبت بات کرتے تھے، منفی بات ان سے کبھی نہیں سُنی۔ میری گذارش ہے کہ ماسٹر لائق کی بہت سارے چیزیں ان کے صاحبزادوں کے پاس موجود ہونگی میری ان سے گذارش ہے کے ان چیزوں کو سنبھال کہ رکھیں، اور اس تقریب میں آنے والے سب دوستوں کا دل کی گہرایوں سے شکر گذار ہوں۔

**الطاف کوٹی**، صدر پریس کلب حیدر آباد

[الطاف ڪوٽي جي ڪيل تقرير سائين لائق سنڌي جي پهرين ورسي جي موقعي تي پريس ڪلب حيدرآباد ۾ 16 جنوري 2015ع]

# تقرير

## تاج جويو

مون سي ڏنا ماءِ جنين ڏنو پرينءَ کي،
تنين سندي ڪاءِ، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي. (شاهہ)

اج اسان جنهن شخص جي ياد ۾ هتي اچي گڏ ٿيا آهيون آئون سمجهان ٿو تہ اسان مان اڪثر هن کي سائين لائق سنڌي چوندا آهن. سائين لفظ هر ماڻهو لاءِ استعمال نہ ٿيندو آهي سائين لفظ ۾ جيڪو احترام جيڪا پنهنجائپ جيڪا محبت آهي ان جو اندازو اسين سنڌي معاشري ۾ لڳائي سگهون ٿا اسان سائين جي. ايم. سيد کي چوندا آهيون، سائين محمد ابراهيم جويو کي چوندا آهيون.

سائين ڊاڪٽر بلوچ صاحب کي ۽ سائين لائق سنڌي چوندا آهيون تہ توهان ان مان اندازو لڳائي سگهوٿا تہ هن شخص کي هميشہ رهبرن جي قطار ۾ سمجهندا رهيا آهيون هو هڪڙو فرض شناس استاد هو، هو هڪڙو فرض شناس صحافي هو. هن معاشري کي ڏنو هو پر ڪڏهن ورتو ڪجهہ بہ نہ آئون سمجهان ٿو تہ ڪجهہ ماڻهو جن سماج کي ڏنو آهي انهن کي ئي ياد رکيو ٿو وڃي ۽ اسان وٽ تہ تمام وڏا وڏا ماڻهو وفات ڪري ويا سنڌي ۾ پهاڪو آهي تہ ان جي قبر تي ڪتو بہ پيشاب نٿو ڪري، پر هن شخص جي جڏهن وفات ٿي هئي جيڪي بہ دوست اتي موجود هوندا سخت سيءَ ۾ بہ هزارن ۽ سوَن جي تعداد ۾ سڄي سنڌ ۾ جنهن بہ جتان بہ ٻڌو اهو مقام تائين ڪلهي ڪانڌي ٿي هليو اِها ڳالهہ ثابت ڪري ٿي تہ هن شخص ماڻهن جي دلين ۾ هڪڙو احترام پيدا ڪيو هتي جيڪي اسان جا صحافي دوست سٽن ڊيسڪن تي موجود آهن انهن جي تربيت ۾ سائين لائق سنڌي جو وڏو هٿ آهي ۽ هي اهو شخص هو ۽ اسان کي حيرت ٿيندي هئي جيڪو

بـ بي روزگار نوجوان باشعور نوجوان حيدرآباد ۾ پهچي ان کي رهڻ جي جڳهه نـ هجي ان کي کاڌي لاءِ ڪجهه نـ هجي اهو سائين وٽ ايندو هو ۽ هتي پريس ڪلب جي ڪينٽين ۾ بابا تنهنجي ماني جاري آهي ۽ ٽئي وقت ماني کائي. هو ڪيئن پورت ڪندو هو اسان کي خبر نـ پوندي هئي تہ اها شيءِ جيڪا هئي يا پنهنجائپ هن پرائي ۽ جئين سائين احمد خان شيخ ٻڌايو تہ هو سنڌي ٻوليءَ جو وڏو پارکو هو اسان چوندا آهيون تہ جيڪي اخبارن نڪرن ٿيون گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو ماڻهو اهڙو رکن جيڪو روزانو اخبارن جو مطالعو ڪري ۽ ٻوليءَ جي حوالي سان جيڪي غلطيون ٿين ٿيون يا گرامر جي حوالي سان جيڪي غلطيون ٿين ٿيون انهن جي پرک ڪري ۽ سنڌي اخبارن ۾ جنهن بہ اخبار سان سائين لائق سنڌي لاڳاپيل رهيو اها آفتاب هجي ڪاوش هجي عبرت يا ڪوشش يا ڪا ٻي جنهن بہ اخبار سان هو لاڳاپيل رهيو ان تي هن جي سخت نظر هوندي هئي ۽ ان وقت اسين محسوس ڪندا هئا سين تہ جنهن بہ اداري ۾ سائين لائق هوندو هو ان اخبار جي زبان، ٻولي بهتر هوندي هئي. توهان اسان سيني ڏٺو هوندو تہ سائين لائق سنڌي روزانو نڪرندڙ سيئي اخبارون خريد ڪندو هو ۽ اسين حيران هوندا هئاسين تہ سائين هي اخبارون ڪٿي رکي ٿو ڪئين پڙهي ٿو ۽ جڏهن بہ اسان کي ڪا معلومات گهربل هوندي. هي تہ اسين سائين لائق سنڌي ڏانهن نهاريندا هئاسين ۽ هو چوندو هو تہ مون اخبارون آهن توهان لاءِ ورتيون، اچو ۽ اچي ڏسي سگهو ٿا ۽ سنڌالاجي سنڌ ميوزيم جتي اخبارن جا ذخيرا آهن اتان اسان کي اها معلومات نـ ملندي هئي جيڪا سائين لائق وٽان ملندي هئي. پهرين تہ پاڻ ڏئي ويندو هو نـ تہ هن جا دروازا سدائين کليل رهندا هئا ۽ ان جي ڳوٺ وڃبو تہ اسان کي اها معلومات ملي ويندي هئي ۽ اها بہ حقيقت آهي تہ شاهہ عبداللطيف سان هن جي گهڻي عقيدت هئي ۽ جڏهن بہ ڪو بيت اسان کي اڌ پورو ياد هوندو هو تہ ان کي مڪمل ڪرڻ لاءِ

سائين لائق ڏانهن نهاريندا هئاسين. آئون جيتوڻيڪ هن جو سنڌي ريت شاگر ناهيان پر آئون سمجهان ٿو ته منهنجو لاڳاپو فڪري حوالي سان سائين جي ايم سيد سان آهي اهڙي نموني ذهني حوالي سان سائين لائق سنڌي سان هو ۽ پاڻ جي لاءِ فخر محسوس ڪندو آهيان ته ڪو دوست سائين لائق ڪان پڇا ڪندو آهي. تئين ڪو ڪڏهن مون ڪان پڇا ڪندو آهي ته سچ سچ ته منهنجون اکيون آليون ٿي ونديون آهن ۽ آئون ذهني طرح روحاني طرح سائين لائق کي سلام پيش ڪندو آهيان جنهن اسان کي اهو در ڏيکاريو.

سائين لائق جهڙو سندس نالو لائق هو اهڙو لائق انسان هو هن پنهنجي پٽن جي جيڪا تربيت ڪئي آهي اها به غربت ۾ خوداري ۽ هي پاڻ به خودار هو ۽ پنهنجي پٽن کي به خوداري سيکاري. هن ننڍي ماڻهو ڪان وڏي ماڻهو جي دلين ۾ جاءِ پيدا ڪئي ۽ سائين لائق سنڌي جهڙا ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن پيدا ٿيندا آهن. شيخ علي محمد جو اخبار نويسي ۾ نانُ آهي پر آئون سمجهان ٿو سائين لائق هن جو ٻانهن ٻيلي يا صلاحڪار نه هجي ها ته علي محمد جيتوڻيڪ هو ان ڪان عمر ۾ وڏو پر سمجهان ٿو ته هو هر وقت سائين لائق ڪان صلاح ۽ مشاورت ڪندو هو سائين لائق سنڌي ٻوليءَ جو سنڌي صحافت جو سنڌي قوم جو اهو پرڪٽو شخص هو جنهن کي ياد ڪرڻ سچ سچ اسان جو فرض آهي ۽ اهو اسان تي قرض آهي ته هن شخص کي ياد ڪريون ههڙا شخص روز روز پيدا نه ٿيندا آهن.

پلي ڪر ٿيو م، هيءَ سگَ ٻاروچن سين،
وڃي ڪيچ ڏنوم پُنيءَ لڳي جن جي.
(شاهه)

[سائين لائق سنڌي جي پهرين ورسي جي موقعي تي پريس ڪلب حيدرآباد ۾ ڪيل تقرير 16 جنوري 2015ع]

# تقرير

## مهيش ڪمار

(سينيئر صحافي)

[اسٽيج تي وينل پيارا دوستو ۽ پنڊال ۾ وينل سائين لائق جا دوست احباب جيئي سنڌ...]

سائين جا جيڪي سڀ دوست ۽ احباب جن گڏجي ڪري سائين جي پهرين ورسي ملهائي آهي، مان سمجهان ٿو تہ اسان وٽ اهو گهٽ ٿيندو آهي تہ ڪنهن کي ياد ڪيو وڃي.

هتي جيترا بہ صحافي آهن، انهن مان 100 سيڪڙو نہ تہ 90 سيڪڙو سڀ سائين لائق جا شاگرد آهن.

هي سائين جي پهرين ورسي اسان کي تمام وڏي پيماني تي ملهائڻ گهرجي ها، پر پوءِ بہ جيڪا سائين جي ورسي ملهائي پئي وڃي، انهيءَ تي سنگت کي مبارڪ باد ڏيان ٿو.

منهنجا ۽ سائين جا بہ ٽي قصا آهن، جڏهن آءٌ ٻارهن يا تيرهن سالن جو هئس تڏهن آفتاب اخبار ۾ ٻارن جو صفحو نڪرندو هو. ان ۾ آئون لطيفا ۽ ڪجھ ٽوٽڪا، ڪي ننڍيون ڪهاڻيون موڪليندو هئس، منهنجو پاءُ پُون سنڌي سائين لائق جو واقف هو ۽ سائين جي ايم سيد جو عاشق هو ادبي ۽ صحافتي لڏي جا حال احوال ڪندو هو. ان مون کي سائين لائق ڏانهن موڪليو پهريون پيرو ٻارهن تيرهن سالن جي عمر ۾ سائين لائق جي سهاري حيدرآباد آيس. پوءِ اهو سلسلو ملاقات جو جاري رهيو ۽ پوءِ اڳتي هلي مون ۽ دوستن گڏجي حيدرآباد مان روزاني سنڌ اخبار ڪڍي. ان سڄي نيٽ ورڪ ۾ سائين لائق هيڊنگ ناهڻ ۽ ٻوليءَ جي چڪاس ڪرڻ جي ذميواري پنهنجي سر تي کنئي پر سائين جهڙوڪر چيف ايڊيٽر جي عهدي کان بہ وڌيڪ هو اداري ۾ سائين جو وڏو احترام هو سڀ دوست سندس وڏو لحاظ ۽ خيال

ڪندا هئا. ڇاڪاڻ ته سائين جي شخصيت ادارن ڪي ٺاهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. اڄ به عبرت اخبار ۾ وفا رضا جو سائين لائق تي هڪ ڪالم ڇپيو آهي، جنهن ۾ هن لکيو آهي ته سائين جتي به هو ان ادارن لاءِ ڪم ڪيو ۽ ادارا ٺاهيا.

سائين جي قول ۽ فيل ۾ ڪو به تضاد نه هو سائين جيڪا به ڳالهه ڪندو هو صاف سٿري ۽ سچي ڳالهه ڪندو هو ۽ سيني جي سامهون ڳالهه ڪندو هو ڪا به هن ۾ منافقت نه هئي. مون ڪي هن وقت سائين ڏاڍو ياد ٿو اچي ته اسان جي دوستن ۽ يارن ۾ جيڪي به رنجشون آهن، سائين انهن رنجشن ڪي ختم ڪرڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندو هو ۽ دوستن يارن ڪي ڪن ۾ هٿ وجهي ويهاريندو هو. اڄ به آئون سائين جي شخصيت جي وڏي کوٽ محسوس ڪريان ٿو ۽ ڪافي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي دوستن ۽ يارن جي رنجشن ۽ ڪاوڙ ختم ڪرڻ ۾ ڪو به ڪردار ڪو نه ٿا ڪن، اتي سائين ڏاڍو ياد ٿو اچي، ڇاڪاڻ ته سائين سڀني ڪي گڏ وٺي هلندو هو. ادارن ڪي سائين جهڙي ماڻهو جي سخت ضرورت آهي. ڪوشش ڪنداسين ته سائين جي ورسي هر سال ملهايون.

[ سائين لائق سنڌي جي پهرين ورسي جي موقعي تي پريس ڪلب حيدر آباد ۾ ڪيل تقرير 16 جنوري 2015ع]

# تقرير

**امين ٽيپو** (موري منگر)

سائين لائق سنڌي سان منهنجو واسطو ننڍپڻ کان ئي هو سائين لائق جو پورو نالو لائق ڏنو ۽ ذات جو ٽيپو هو پر سائين جنهن نالي سان مشهور هو اهو آهي لائق سنڌي سائين لائق مون کان 10 سال وڏو هو. ۽ سنڌ ۾ جتي به وڃڻ ٿيو ته اتي جنهن ماڻهو سان تعارف ٿيندو ۽ آئون ٻڌائيندو هئس ته موري منگر جو آهيان ته اهي ماڻهو مون کي چوندا آهن ته سائين لائق سنڌي کي توهان سڃاڻو! ۽ جڏهن آئون پرائمري ۾ پڙهندو هئس ته سائين ست درجا فائنل جو امتحان ڏنو هو ۽ مون سان گڏ سائين لائق جو ننڍو ڀاءُ محمد بخش پڙهندو هو جيڪو جڏهن اسين ٽيئن ڪلاس ۾ پهتا سين ته اهو گذاري ويو. پوءِ ان جو نالو وري سائين سندس ننڍي پٽ تي رکيو سائين لائق ۽ اسان گڏجي پنهنجي ڳوٺ موري منگر ۾ سنڌي ادبي سنگت جي شاخ کولي جنهن ۾ آئون ۽ سائين صوفي نيپراج، سائين لائق ۽ ٻيا اسان جا دوست شامل هئا سائين جي ٻوليءَ تي مهارت هئي ۽ ان شاخ جي لکپڙهه جو ڪم سائين جي ذمي هوندو هو.

سائين لائق جو ماڻهن سان پنهنجائپ وارو تعلق اهڙو هو جو هر ماڻهو هن کي ياد ڪري ٿو ۽ آئيندا به ڪندو رهندو.

[ سائين لائق جي پهرين ورسي جي موقعي تي
پريس ڪلب حيدرآباد ۾ ڪيل تقرير 16 جنوري 2015ع]

✍

# تقرير

**علي مراد مشوري** (هٽڙي)

جوڳي پنهنجي جُوءِ ويا، جُهڙ جيئن نيڻ ٽمن،
سُخن ساميئڙن جا، ٽا هينئڙي منجهه هُرن،
اُٺي آڌيءَ رات جو، روئان تان نہ رهن.
پَڳهہ چوڙي جن، وڏا پيڙا پار ۾ (شاهہ)

لائق ڏنو لائق سنڌي بلاشبہ هڪ لائق انسان ۽ سنڌ جو سپوت فرزند هو. سنڌ امڙ جي سِڪ ۽ سڳنڌ سندس جان ۽ جسم ۾ سمايل هئي. اُن ڪري پاڻ کي سنڌي سڏايائين، سنڌي هجڻ تي فخر محسوس ڪندو هو. سهڻي ڪردار سان گڏ کِل مک، خوش مزاج ۽ سادگي سندس سچاٽپ ۽ سونهن هوندي هئي.

مرحوم هڪ فرض شناس، مردم شناس ۽ مثالي اُستاد هو. زماني جي نشيب و فراز کان ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيو. کِلندي، مُسڪرائيندي مڙس ٿي مُنهن ڏنائين. لائق بيشڪ اهڙن انسانن مان هڪ هو.

هي ماڻهو وِهہ ڍُڪ ٿيا
جيئن لُڪ لڳي تيئن رڪ ٿيا.

ڪائنات جي سڀ کان مهانگي شيءِ ”احساس“ آهي، جيڪو دُنيا جي هر انسان وٽ نہ هوندو آهي، لائق هميشہ احساس جي علم کي بلند ڪرڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي. سندس احساس جو اُهڃاڻ ان مان بہ ملي ٿو جو اُستادي پيشي کان فارغ ٿيڻ بعد صحافت سان واڳجي ويو.

منهنجي پهرين ملاقات سال 1963ع ۾ ٽريننگ ڪاليج (فار مين) حيدرآباد ۾ ٿي، جتي اسان سال سڄو گڏ گذاريو. سندس قريبي

دوستن ۾ محمد عمر پيپو ٽنڊي الهيار وارو، شهاب الدين قمبراڻي، تاجپور وارو، روشن قمبراڻي ۽ سنڌس ڳوٺائي ڏاتر ڏنو شيخ شامل هئا.

خوش قسمتي سان اسان کي قلندرانه ڪيفيت جو مالڪ، نازڪ ۽ نفيس مزاج اعليٰ پائه جو عظيم اُستاد، لائق صد احترام جناب سائين حيدر علي خان لغاري مليو ويو. اسان کي علمي ۽ ادبي الف بي جي ڄاڻ اُتان حاصل ٿي:

جوڳيءَ جاڳايوس سُتو هوس ننڊ ۾،
تنهان پوءِ ٿيوس سنڌي پيريان پيچري (قاضي قادن)

مرحوم جي لياقت، چلولا، بودلائپ ڪري سائين حيدر علي خان کيس وڏ ۾ وڏ پائيندو هو. جنهن جي بدولت لائق، ادبي دنيا ۽ صحافت ۾ سڃاتو ويو ۽ پنهنجي پوري زندگي درس و تدريس علم و ادب سان جاکوڙيندي گذاري. آخر وقت کيس مهلت نه ڏني.

لائق جي وڇوڙي جو احساس ۽ ڏک سنڌس واسطيدار عزيزن قريبن، مِٽن مائٽن، دوستن احبابن، استادن، صحافي پائرن، پاڙيسرين ۽ ڳوٺاڻن خواه شهرين کي لاحق هوندو. مگر شاهه سائين موجب ته:

ڳاڙين سي ڳوڙها، ويو هوت جنين جي هنج مان.

[ سائين لائق جي پهرين ورسي جي موقعي تي
پريس ڪلب حيدرآباد ۾ 16 جنوري 2015ع]

# تقرير

## سيد روشن علي شاهه (تنبو قيصر)

اڄ جي تقريب جي صدارت ڪندڙ سائين فيض محمد نظاماڻي ۽ صحافي دوست سائين جا چاهيندڙ اسلام عليڪم

آئون ڪو اديب ناهيان ۽ نه وري ڪو مون وٽ سائين تي ڳالهائڻ لاءِ ڪو مواد آهي آئون هتي صرف ٻه ٽي ڳالهيون ڪندس سائين جي باري ۾ ۽ جي آئون هڪڙي ڳالهه چوان ته سائين لائق جو قرب جهڙو مون سان هو اهڙو ڪنهن سان به ڪو نه هئس ۽ اها ڳالهه آئون حلفيان به چئي سگهان ٿو ۽ آئون چوندس ته انهي ڪان مٿي ڪو سچ آهي ئي ڪو نه.ته هن جو جيڪو قرب مون سان هو يا منهنجي ذات سان هو پر جي وري سائين فيض نظاماڻي ڪان پڇندا ته سائين فيض چوندو ته مون جهڙو قرب ڪنهن سان به ڪونه هئس پڇندو سائين حيدر علي لغاري وارن سان ته اتي ته هن جو هر وقت ڳانڍاپو رهيو ته چوڻ جي ڳالهه اها آهي ته هڪڙو ماڻهو پنهنجو وقت گذاري ٿو اڄ اسين سڀ ڳالهايون پيا چند اهڙا ماڻهو هوندا آهن جن تي ويهي ڳالهائبو آهي يا هڙيون تقريبون ٿينديون آهن اڄ جي دور ۾ هتي آئون هڪڙي ڳالهه چوندس ته سائين لائق نه ڪنهن جو دشمن هو ته صحافت جا وڏا رنگ آهن پر هن جو ڪو به دشمن نه هو. اسان وٽ ته هي ڏينهن هوندو هو اسان جي وابستگي آئون چوندو هيس ته هو مون سان ٿو قرب ڪري پر منهنجا جيڪي نندا ڪِڪا آهن اهي چوندا هئا ته هي قرب ڪري اسان سان ٿو يقين ڪندا ته جڏهن سائين جو انتقال ٿيو هو منهنجا پٽ ۽ سڄي اسان جي فيملي کي تمام گهڻو ڏک ٿيو هي ماڻهو ايندو هو ۽ ڪڏهن اِهين نه چوندو هو ته اڄ مون کي دال

ملي آهي يا ماني ناهي ملي. مطلب تہ هن ماڻهو تي ڇا ڳالهايان مون وٽ تہ ان تي ڳالهائڻ لاءِ لفظ ئي ڪونهي.

پاڻ اسان وٽ ايندو هو تہ سائين فيض پاڻ سائين ڪي تنگ ڪندو هو مذاق ۾ پوءِ آئون سائين فيض ڪي چوندو هئس يار سائين ڪي تنگ نہ ڪريو منهنجي سائين سان واقفيت 1963ع ۾ ٿئي جڏهن سائين ٽرينگ ڪاليج ۾ هو ۽ آئون نور محمد هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هئس ۽ ٽينگ ڪاليج ۾ اسان جي ڳوٺ جا ڻهو هوندا هئا انهن ۾ ماستر شفيع، الهہ بچايو ،ماستر روشن شيدي ،ڏاتر ڏنو بہ هوندو هو.۽ عبدالمنان ميمڻ بہ هوندو هو ۽ ان جي ڀاءُ عبداسلام سان منهنجي دوستي هئي انهي ڪري اتي وڃڻ گهڻو ٿيندو هو. تڏهن کان ئي سايئن لائق سان ويجهڙائي ٿي جيڪا سائين سان سندس آخري وقت تائين رهي ۽ آئون چوندس تہ منهنجو هڪڙو سٺو دوست اسان کان موڪلائي ويو. ۽ هر ڪنهن کي ويڻو آهي پر پويان ڪا ڳالهہ ڇڏي وڃجي اها سٺي ڳالهہ آهي.

۽ هي جيڪي ماڻهو ويٺا آهيون انهن کان بہ سائين جو دائرو مٿي هو ۽ الاهي وسيعي هو پر اِها بہ سٺي ڳالهہ آهي جو اسين سڀ هتي گڏٿيا آهيون ۽ اهڙوئي ميڙاڪو هر سال سائين لائق لاءِ ٿيڻ کپي ۽ مون وٽ تہ لفظ ئي ڪونهي جو سائين کي ڀيٽا ڏيا ايترو ضرور چوندس تہ سائين ڀلو مڙس هو سائين هڪ سٺو ماڻهو پيارو ماڻهو هو وڏيڪ آئون ڇاچوان مون وٽ تہ سچ پچو لفظ ڪونہ آهن. الله کيس جنت نصيب ڪري اوهان سڀني جي مهرباني.

[ سائين لائق جي پهرين ورسي جي موقعي تي
پريس ڪلب حيدر آباد ۾ 16 جنوري 2015ع]

# تقرير

**اسرار لغاري** (تاج پور)

ماڻهو سڀ نہ سهڻا پکي سڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ اچي بوءِ بهار جي.
(شاهہ)

[هتي هن حال ۾ ويٺل سڀني معزز مهمانن کي منهنجي طرفان السلام عليڪم:]

سائين منهنجا سائين لائق جهڙو سائين جو نالو هو تهڙي سائين جي شخصيت شايد هتي ويٺل ڪافي دوستن کي اها خبر نہ هوندي تہ سائين وارن سان اسان جا ڪهڙا واسطا هئا يا آهن. مون جيئن ئي هوش سنڀاليو هو تہ سائين لائق کي مون پنهنجي ڳوٺ ۾ ڏٺو. منهنجي والد صاحب سائين حيدر علي خان لغاري سان گڏ. سائين لائق سان منهنجي والد جو هڪڙو اٽوٽ رشتو هو. شاگرد ۽ استاد کان وڌيڪ جيڪو هنن جو قرب محبت ۽ عقيدت وارو رشتو هو. سائين لائق جڏهن ڳوٺ ايندو هو تہ سائين پاڻ چوندو هو تہ پنهنجي مرشد جي در تي آيو آهيان، ان حد تائين سائين جو تعلق هو منهنجي والد صاحب سان، تمام گهڻيون ڳالهيون آهن. سائين جي حوالي سان هتي ويٺل سائين فيض نظاماڻي آهي، اهي توهان کي وڌيڪ ٻڌائيندا ۽ جڏهن آئون ننڍو ڇام هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هئس تہ اتي منهنجو والد سائين حيدر علي لغاري هيڊ ماستر هئا ۽ سائين لائق اتي ٽيچر هو.

سائين تمام پيارو انسان هو. سائين ۾ جيڪا خوبي مون ڏٺي اها هي هئي تہ سائين تمام خرو ماڻهو ۽ طبيعت جو سادو ماڻهو هو. مون کي ياد ناهي تہ سائين ڪڏهن ڪا فرمائش ڪئي هجي، پر هڪڙي فرمائش ضرور ڪندو هو تہ جڏهن بہ اسان وٽ ايندو هو تہ چوندو هو

تہ ”ٻاڙهو ٻوڙ کائبو“ اهو مشهور هوندو هو سائين جو ”ٻاڙهو ٻوڙ“ پوءِ گهر ۾ خبر پئجي ويندي هئي تہ سائين لائق آيو آهي. پوءِ سائين لاءِ ٻاڙهي ٻوڙ جو بندوبست ٿيندو هو.

بهرحال هتي اچي مون پنهنجو فرض پورو ڪيو آهي، آئون سمجهان ٿو تہ منهنجي والد کي جيترو ويجهو سائين لائق هو شايد ڪا شخصيت ايتري ويجهي رهي هجي. انهيءَ ڪري هي جيڪو ڪاج آهي يا جيڪا ورسي آهي، اها منهنجي آهي ۽ اها رڳو ادا اسماعيل وارن جي ناهي ۽ آئون توهان سڀني جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان. مهرباني خوش هجو آباد هجو!

[سائين لائق جي پهرين ورسي جي موقعي تي
پريس ڪلب حيدرآباد ۾ ڪيل تقرير 16 جنوري 2015ع]

## تقرير

**حسين بخش ساند** (هتڙي)

[استيج تي ويٺل معزز ۽ پنڊال ۾ ويٺل دوست اسلام عليڪم!]

سائين آئون سائين لائق جي ڪهڙي تعريف ڪيان ۽ آئون ڇا چوان هميشہ جڏهن بہ ڪٿي ملندو هو تہ مسڪرائي ملندو هو ڪڏهن بہ مون کيس ناراض ٿيندي نہ ڏٺو هو. منهنجو تمام بهترين دوست هو. آئون ان تي ڇا ڳالهايان مون وٽ تہ ان تي ڳالهائڻ لاءِ لفظ ئي ناهن الله کيس جنت ۾ جاءِ ڏي. ’آمين‘

[ سائين لائق جي پهرين ورسي جي موقعي تي
پريس ڪلب حيدرآباد ۾ ڪيل تقرير 16 جنوري 2015ع]

# ورسيءَ جي مناسبت سان مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيل مضمون

# وڇڙيو آ پر وسريو ناهي

**علي ڏنو جروار** (صحافي)

انتهائي پياري ۽ سڀاجهي انسان سائين لائق سنڌيءَ جي پهرين ورسي قريب آهي. سائين لائق 16 جنوري 2014ع تي اسان سنڌ واسين کان وڇڙي ويو. سندس يادون آهن, جيڪي اسان سيني ۾ سانديون ويٺا آهيون. سائين لائق کي ياد ڪرڻ ۽ ڪيس لفظن جي پيتا ڏيڻ وقت قلم ۽ هٿ ساٿ ڇڏيو وڃن. ڪيترائي پيرا ڪوشش ڪرڻ باوجود ذهن جي ڪينواس تي موجود يادگيرين جو ذخيرو نياءُ نه پيو ڪري.

چوندا آهن ته موت انتر آهي, پر الائجي ڇو منهنجو ذهن هڪ سال گذرڻ باوجود اجا تائين اهو قبولڻ لاءِ تيار ئي ناهي ته ڪو سائين لائق سنڌي اسان کان موڪلائي ويو آهي يا وڇڙي ويو آهي!!!

فارسي شعر جي هڪ سٽ جو ترجمو آهي ته: ”هڳاءَ پريو مڌ جو پيالو پڃي, پري پيو ۽ افسوس! ساقي به هليو ويو.“ سو يقين ته ڪرڻو پوري ٿو نيٺ سائين لائق به موڪلائي ويو. جاندار ته ٺهيو پر بيجان شيون به سدائين ساڳئي حالت ۾ نه ٿيون رهن, هر شيءِ کي پنهنجي جاءِ بدلائڻي پوندي آهي, پر يادگيريءَ ۾ تبديل ٿيڻا آهن, اهي خوشبوءِ ۾ تبديل پيا ٿين. سائين لائق سنڌي به اسان جي سيني ۾ ساهه سان خوشبوءِ جيان سانديل آهي.

سائين لائق سڄي زندگي قلم جو پورهيو ڪيو. بهترين استاد هئڻ سان گڏ هڪ سچو ۽ ايماندار صحافي به هو. سرڪاري نوڪريءَ تان رٽائرمينٽ وٺڻ کانپوءِ صحافت کي باقائدگيءَ سان هڪ پيشي طور اختيار ڪيائين. حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ هڪ سنڌي اخبار

’آفتاب‘ ۾ ڪتابت سان گڏوگڏ ڪمپازيٽري به ڪندو هو. انهن ئي ڏينهن ۾ ’بيورو آف ڪريڪيولم‘ طرفان جاري ٿيندڙ ’آخبار تعليم‘ جو اسسٽنٽ ايڊيٽر به ٿيو. وقت جا ڦيرا آهن, ’آفتاب‘ اخبار جي بند ٿيڻ ڪانپوءِ ’سنڌ‘, ’ڪاوش‘, ’ڪوشش‘ ۽ ’عبرت‘ اخبار سان زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين لاڳاپيل رهيو.

سائين لائق جو رويو ننڍن توڙي وڏن سان سدائين شفيت ڀريو رهيو. سندس ملڻ ۽ ڳالهه ٻولهه جو انداز هر ڪنهن سان پنهنجائپ وارو هوندو هو. سائينءَ جي سياءَ ۽ پنهنجائپ ڪي ڏسندي مون کي لطيف سرڪار جون هي سٽون ذهن تي گونجڻ لڳن ٿيون.

لڌيو لطيفن, پلاٽي پنڌ پيا,
هٿان حبيبن, ڪونه ڏکوئيو ڪڏهن.

سائين لائق سنڌيءَ سان منهنجو تعلق 89_1988ع کان ان وقت شروع ٿيو, جڏهن آئون گورنمينٽ اليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن فار (مين) حيدرآباد ۾ پي. ٽي. سي ڪرڻ ويس. اهو تعلق, رشتو آخر تائين رهيو. آئون ڪاليج جي هاسٽل ۾ رهندو هوس, نوان نوان ڪاليج ۾ داخل ٿيا هئاين, ان وقت ڪاليج ۾ پڙهائيءَ جو رجحان به هو ته وري ڪجهه نظم ۽ ضبط به. سو هڪ ڏينهن شام جي وقت آئون پنهنجي ڪمري مان نڪري ڪاليج جي لان ۾ ويس ته اتي ٽريننگ ڪاليج جو هڪ مانائتو استاد سائين حيدر علي خان لغاري ڪجهه دوستن ۽ شاگردن سان گڏ وينو هو. انهن سان گڏ منهنجو هڪ روم ميٽ ڪريم ڏنو ملاح موجود هو (جيڪو ڪجهه ڏينهن اڳ وفات ڪري ويو آهي) ان مون کي سڏ ڪري اتي ويٺلن سان تعارف ڪرايو. منهنجو اهو تعارف ادبي ڪتابن سان ويجهڙائيءَ واري ناتي سان ٿيو. انهيءَ ڪچهريءَ ۾ سائين لائق به موجود هو. جنهن مون کي پنهنجي پر

۾ ويهاري حال احوال ورتا. ان ڪانپوءِ ڪڏهن ٽريننگ ڪاليج ۾ ته ڪڏهن ’آفتاب‘ اخبار ۾ به ڪڏهن وري سائين حيدر علي خان لغاريءَ جي گهر تي ملاقاتن جو سلسلو جاري رهيو.

ٽيچرس ٽريننگ دوران هڪ ڏينهن مون کي دل جي تڪليف ٿي پئي، هاسٽل جي دوستن مون کي ڪٺي وچي سول اسپتال حيدرآباد جي دل واري وارڊ ’ديوان مشتاق‘ ۾ داخل ڪرايو. ان ڳالهه جي خبر جيئن ئي سائين لائق سنڌي ۽ سائين حيدر علي خان لغاريءَ ج کي پئي ته اهي ٻئي اسپتال هليا آيا. اتفاق سان ان وقت ڊاڪٽر بيڪارم مون کي چيڪ ڪري رهيو هو. ان ٻنهي کي پيرين پئي هٿ ڏنو ۽ حال احوال پڇڻ لڳو ته ڪيئن آيا آهيو؟ جنهن تي ٻنهي هڪدم مون ڏانهن اشارو ڪيو ته: ”هن همراهه سان ملڻ آيا آهيون“ ياد رهي ته ڊاڪٽر بيڪارام ٽنڊو ڄام واري اسڪول ۾ پڙهيو هو جتي سائين حيدر علي خان لغاري هيڊ ماستر ۽ سائين لائق سنڌي استاد هئا.

سائين لائق سنڌيءَ جي شاگردن جو وسيع حلقو اهڙو آهي، جنهن ۾ پي. سي. ايس ۽ سي. ايس .ايس جا امتحان پاس ڪيل شاگرد آهن، انهن مان ڪجهه ڊاڪٽر ۽ انجنيئر به آهن. ڳالهه ڪرڻ جو مقصد سائين وارن جي همدردي بيان ڪرڻ آهي. اسپتال وران ڏينهن ۾ مون کي ٻنهي محترمن وڏو سهارو ڏنو. ايتريقدر جو مون کي ڳوٺ اطلاع ڪرڻ به نه ڏنائون، چيائون ته بابا ۽ امان کي هرو ڀرو پريشان ڪندين، هتي اسان ويٺآ آهيون، توکي ڪابه تڪليف نه ٿيندي. سائين وارن جون اهي همدرديون آهن، جن جي ڪري لڙڪن ۽ سڏڪن کي روڪي نه ٿو سگهجي. سندن وڇوڙي تي لڙڪ اڻ منداتئي مينهن جيان اوڙڪون ڪريو اچن.

سائين لائق سنڌي غريبن، مسڪينن، پورهيتن ۽ يتيمن جو هڏ ڏوکي هو. هو سنڌ جي ساڃاهه وند ماڻهن مان هو. جيڪي سماج ۾ اڻ برابريءَ جا حامي نه آهن. جن جو اهجو نظريو ۽ ايمان آهي ته هتي وسيلن جي ورڇ هڪ جيتري هجي، هتي امير ۽ غريب جو ٻار هڪ جهڙي تعليم حاصل ڪري سگهي، هتي ڪو به غريب علاج نه ٿيڻ سبب تڙپي تڙپي دم نه ڏي. سائين لائق به انهن مان هڪ هو. جيڪي ٻاڙ لاءِ گهٽ، پر ٻين لاءِ وڌيڪ جيئندا آهن. سائين لائق سنڌي به اسان سنڌ واسين لاءِ ماياڪو سڪي جي هيٺين سٿن جيان ترڇي مينهن وانگر گذري ويو آهي.

"مان چاهيان ٿو ته منهنجي پومي مون کي سمجهي، پر جيڪڏهن مون کي نه سمجهيو ويو ته ڪا پرواهه ناهي، مان پنهنجي اباڻن ٻوٽن کان ايئن گذري ويندس، جيئن ترڇو مينهن گذري ويندو آهي."

مون کي اها خبر ناهي ته موري منگر جي ڏاڏي يوسف شاهه قبرستان ۾ دفن ٿيل سائين لائق سنڌي جهڙي عظيم انسان جي قبر جو ڪتبو ايندڙ نسلن کي نظر ايندو يا ميسارجي ويندو؟ پر هتي هڪ ڳالهه ضرور لکندس ته سنڌ عظيم انسانن جي وڇوڙي ڪانپوءِ يتيم ٿي پئي وڃي، سنڌ لا وارث ٿيندي پئي وڃي، سنڌ جا مظلوم ۽ محڪوم بي سهارا ٿيا وڃن.

آخر ۾ آئون سائين لائق سنڌيءَ جي پهرين ورسيءَ جي مناسبت سان محترم نصير مرزا جون هي سٽون پيٽا طور پيش ڪندس، جيڪي شايد هن ڪنهن اهڙي ئي موقعي جي مناسبت سان تخليق ڪيو آهن:

اجازت ڏيو ته گلن جي پنکڙين ۾ واپس هليو وڃان،
هوائن ۾ سمائجي، پاڻيءَ ۾ ضم ٿي وڃان،

مٿيءَ تي سمهي مٿي ٿي وِڃان.

روزاني ’عبرت‘ ۾ 11 جنوري 2015ع تي شايع ٿيل

✍

# يار زندهہ صحبت باقي!!

شبير نظاماڻي

هڪ سال ٿي ويو آهي، جو هن جا اهي لفظ منهنجي سماعتن تي نہ پيا آهن، جڏهن بہ محبت وندي، ڪچهري ڪري، هن سراپا پياري ماڻهوءَ جي محفل مان هٿ ٻڌي اٿبو هو، تہ هن جا آخري لفظ اهي هوندا هئا تہ: ”يار زندهہ صحبت باقي!!“

وقت ڇاڪاڻ تہ گذري نہ ٿو ان ڪري وقت جي گذرڻ جي ڪا خبر ئي نہ پوندي آهي. ان جي ڪا رفتار ناهي، انهيءَ ڪري اهو بي انتها تيزيءَ ۾ هوندو آهي. هن انتهائي پياري ماڻهوءَ جي وصال کي سال ٿي ويو آهي، هو جيڪو مٽيءَ هانو ماڻهو هو سو مٽيءَ سان ملي ويو آهي ۽ هيڏانهن اسان اڃا هن جي ٻاجهاري مرڪندڙ چهري کي ياد ڪري اهو سوچي رهيا آهيون تہ ڪڏهن ڪنهن اخبار جي دفترم گاڏي ڪاتي حيدرآباد ۾ ڪنهن ڪتاب گهر تي يا وري پريس ڪلب، حيدرآباد ۾ هن سان موڪا ميل ٿي ويندي يا وري جڏهن ڪنهن محفل ۾ ڪو يار، ڪو صوفي فقير، ڪو درويش ڪنهن منٺڙي ٻوليءَ ۾ ٻولي ٿو تہ اسان جون اکيون ان محفل ۾ وينلن مان هن کي ڳوليندڙيون رهنديون آهن. هو جيڪو حيدرآباد ۾ ٿيندڙ هر پياري محفل ۾ اڳين قطار ۾ وينل هوندو هو ۽ جنهن کي سڀ اچي ڳراٽڙي پائي، ڀاڪر ۾ ڀري ڇڏيندا هئا ۽ جيڪو وري موٽ ۾ انهن کي بي انتها پيار ڪندو هو، سو زندگيءَ جو سفر مڪمل ڪري ان بي انت ۽ بيحد سفر ڏانهن روانو ٿي ويو آهي، جنهن جو چوڻ ٿا تہ ڪوبہ انت نہ پار آهي. هن کي هڪري لافانيت ملي وئي.

زندگيءَ تي ڳالهائيندي ماڻهو هميشہ موت جي باري ۾ سوچڻ لڳندو آهي. مون کي خبر ناهي تہ جيڪو هتان ويو آهي، سو وري ڪنهن ۽ ڪهڙي روپ ۾ جنم وٺندو پر منهنجي خواهش آهي تہ جڏهن سنڌ جو ڪو ماڻهو پيهر

جنم وٺي، اهو سائين لائق جي دل ۾ جنم وٺي، اها دل، جنهن ۾ سنڌ جي هر ماڻهوءَ، سنڌ جي هر ماڳ، سنڌ جي هر شهر، هر ڳوٺ، هر رنگ ۽ روپ سان محبت. اها محبت فقط محبت هئي، ان ۾ ٻيو ڪجهه شامل نه هو. نه ڪا دعوئي ۽ نه ئي ڪنهن ميڄتا جي لالچ هئي. هو ميڄتا جي رڻ ۾ رلڻ وارو ماڻهو نه هو. هن لاءِ ديس جو هر ٻيچرو پنهنجي محبوب ڏانهن ويندڙ واٽ جيان هو. هو سنڌ جو عاشق هو ته ساڳي وقت سڄي سنڌ ۾ هن جا ٻي انت عاشق هوندا هئا.

مون کي محمد بخش پير جي مسڪراهٽ وڻندي آهي، بلڪل ائين ئي سائين لائق جو پيار به وڻندو آهي. جڏهن اسان هن سان گڏجي ڪم ڪندا هئاسون ته نيوز روم ۾ ڪم جي گهٽائيءَ سبب ڪجهه ٽڪجي پوندا هئاسين ته هو اسان کي انتهائي پيار سان سگريٽ دڪائي ڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن وري اسان هن کان سگريٽ وٺندا هئاسين ته هو ڪيسي ۾ هٿ وجهي، انتهائي نفاست سان پاڪيٽ مان گولڊ ليف جو سگريٽ ڪڍي ڏيندو هو ۽ وري جڏهن ماچيس گهرنداهئاسين ته اهي لفظ چئي ڏيندو هو ته: ”واپسيءَ جي بنياد تي“ ان ماچيس جي دٻيءَ ۾ تيلين سان گڏ ڪجهه سڪا به پيل هوندا هئا. چوندو هو ته”انهن جي پارٽ اٿوَ“ وڏو عرصو تي ويو آهي، ته اهو سگريٽ مليو آهي ۽ نه ئي وري اهو ماچيس، جنهن جي واپسيءَ سان گڏ ان ۾ پيل سڪن جي پارٽ ڪيل هئي. مون کي اها خبر ناهي ته اهي پنا، اهي اخبارون، اهي دستاويز، اهي آرڊيننس، اهي قراردادون ۽ ٺهراءَ سڀ هن وقت ڪٿي هوندا، جيڪي سائين لائق اخبارن ۾ اسان سان گڏ هوندي سنڀالي رکندو هو. سائين چوندو هو ته: ”اهي سڀ سنڌ جي تاريخ آهن ۽ اسان کي سنڌ جي تاريخ سنڀالي رکڻ گهرجي.“ سائين چوندو هو ته: ”خبر ناهي ته سڀاڻي ڪنهن کي سنڌ جي جديد تاريخ لکڻي هجي ۽ ان کي ڪن ڪاغذن جي ضرورت پوي ته ان کي متان ڪٿي نه ملن.“شايد آئنده جڏهن به ڪو پنهنجي ديس جي تاريخ تي به اکر لکڻ چاهي ۽ اهو عرصو سائين لائق جو دور هجي ته ان شخص کي هر خبر، هر واقعو سائين لائق جو سنڀاليل ملندو.

’روزاني عبرت حيدرآباد ۾ 11 جنوري 2015ع تي شايع ٿيل

# هڪڙو ماڻهو هو.....

**وفا رضا**

اڄ سنڌ جي ان عظيم انسان جي پهرين ورسي آهي، جيڪو ٻوليءَ جو وڏو پارکو هو. هو جيڪو اسان پاران ماڻهن جي لکڻين کي سنواري سينگاري اخبارن ۾ ڇاپيندو هو.

اهو سائين جنهن وٽ ڄاڻ جي کاڻ هئي، ها اهو اسان سڀني جو وڏڙو سائين لائق سنڌي هو. جيڪو جيتوڻيڪ اسان سان هينئر جسماني طور تي گڏ ته ناهي پر سندس يادون، سمجهاڻيون ۽ قربتون ڪٿي ٿا وساري سگهون؟ ياد آهن اهي ڏينهڙا جڏهن آئون پهريون ڀيرو ساڻس آفتاب اخبار جي آفيس ۾ مليو هئس ته هن کهڙي نه پنهنجائپ سان آجيان ڪندي چيو "ڀلي ڪري آئين سهڻا" ۽ پوءِ هن پهريائين تنبي آدم جا حال احوال ورتا هئا ۽ ڪجهه دير تائين آفيس ۾ ڪچهري ڪرڻ بعد چيو هئائين ته هاڻي هل ته ٻاهر هلي ماني جا ٻه ٻور هٽي اچون." ان کان اڳ هيڏانهن اچ چوندي مون کي سائين شيخ علي محمد صاحب جي آفيس ڏانهن وٺي وڃي ساڻس ملايائين ۽ چيائين بابا ماڻهن سا ميل جول ضروري آهي، بس پوءِ ته جڏهن به حيدرآباد اچبو هو ته سائين لائق جي حاضري ضرور ڏبي هئي اهڙيءَ ريت سائين لائق جي محبتن ۾ آئون به اچي صحافت جي دنيا ۾ داخل ٿيس.

گهڻ رخي شخصيت جي مالڪ سائين لائق سان گڏ مون به روزاني سنڌ ۽ روزاني عبرت اخبار ۾ گڏ ڪم ڪيو. ان کان اڳ آئون جڏهن اخبار جي ڊيسڪ جي دنيا ۾ نوڪري جي شروعات لاءِ جاڳو اخبار ۾ ڪم لاءِ ڪراچي پٺي ويس ته پهريائين سائين لائق وٽ ويس جتي هن مون کي اخباري آفيس ۾ ڪم بابت ڪيترين ئي سمجهاڻيون ڏنيون.

ڪجهه عرصو جاڳو ۾ نوڪري ڪيم ته اوچتو هڪ ڏينهن بمبئي هوٽل وٽ مدد علي سنڌي گڏيم جنهن چيو تنهنجي ڳولا پئي ڪيم، بختاور اخبار جي ذميواري ملي آهي، سو تون به حيدرآباد هل. ائين پوءِ دوستن ڪان موڪلائي اچي حيدرآباد پهتس. پوءِ ته حيدرآباد ۾ رهندي سائين لائق سان رهاڻيون جهڙوڪ روز جو معمول بڻجي ويون. ٻه ٽي ڏينهن نه ملبو هو ته سائين آفيس اچي پهچندو هو. سنڌ اخبار ۾ نوڪري وقت ڪاپي ڏيڻ بعد اسان گهڻو ڪري سائين لائق جي آشياني تي رهاڻ ٿيندي هئي، جتي لالا رحمان سمون، امداد سومرو، اسحاق مڱريو صادق ابڙو ۽ جئه پرڪاش موراڻي سميت ٻئي سنگت به گڏبي هئي، رات جي پوئين پهر تائين اوياريون، لهواريون ٿينديون هيون ۽ سائين لائق وٽ ٿيندڙ اها رهاڻ تڏهن وڏيڪ سهڻي ٿي ويندي هئي. جڏهن پيارو دوست ارشاد گلاباڻي به ڪراچي مان ڪهي ايندو هو.

سدائين اخبارن جو ٿهلو پلاسٽڪ جي ٿيلهي ۾ کڻي هلندڙ سائين لائق پري کان پڌرو هوندو هو. چاڻ سڃاڻ سميت وڏي معلومات رکندڙ سائين لائق گڏ هجي ۽ سگريٽن جي کوٽ ٿئي، اهو ته سوال ئي پيدا نه ٿيندو هو. جڏهن ڪچهري ۾ ويهندو هو ته الائي جي ڪٿان ڪان ڪٿي وڃي پهچندو هو. استادن، صحافين، سياستدانن، اديبن، فنڪارن توڙي سنڌ جي راڄن ڀاڳن بابت سائين لائق وٽ تمام گهڻي معلومات هوندي هئي، ٻوليءَ جو ته هو ماهر هو. اکر، اکر لفظ ۽ جملي، جملي بابت هو سمجهاڻيون ڏيندو هو. سندس اکر به موتيءَ جي داڻن وانگر هوندا هئا.

جڏهن اڃا موبائيل فون نه آيا هئا ته سائين لائق ڪڏهن ڪڏهن پي ٽي سي ايل جي نمبر تان گهر ڳالهائڻ لاءِ سلپ تي نمبر وٺو ته گهر ڳالهايان ۽ پوءِ سائين پنهنجي هٿ اکرن سان لکيل اهو نمبر وارو پني جو ٽڪرو ڪيسي يا وري ماچيس ۾ رکندي چوندو هو ته بابا پنهنجي شين کي

سنڀالڻو آهي، پوءِ اها اخبار هجي، ڪتاب هجي يا وري لکيل ڪو اکر يا انگ توڙي دوست، يار، مٽ مائٽ هر هڪ جي سنڀال ڪرڻي آهي.

هو بيشڪ سنڀال لهڻ وارو هو. جيڪڏهن حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ڪجهه ڏينهن نه ويجبو هو ته هو سارينڊو هو يا وري دوست چوندا هئا ته تي ڏينهن تي ويا آهن. سائين لائق سان ملاقات ناهي ٿي ۽ پوءِ نيٺ وڃي ساڻس ملبو هو.

هڪ قصو ياد ٿو پوي ته اسان سنڌ اخبار ۾ نوڪري ڪندا هئاسين. شام جو جيئن ئي ڊيوٽي تي پهتاسين ته خبر پئي لالا رحمان سمون استعيفيٰ ڏئي ويو آهي. جنهن تي مون سلپ ڪٽي استعيفيٰ لکڻ شروع ڪئي ته پويان ڏٺم ته سائين لائق بيٺل هجي. چيائين لالا رحمان جي نوڪري ڇڏڻ جو ارمان ٿيو آهي پر اخبار ته ڪڍڻي آهي نه بابا. پاڻ هجون يا نه پر ادارا هئڻ گهرجن ۽ پوءِ استعيفيٰ وارو پنو منهنجي کيسي ۾ وجهندي چيو ته في الحال رک اڳتي ڏٺو ويندو.

انهن ڏينهن ۾ اسان جي او آر ڪالوني ۾ رهندا هئاسين. جتي سائين لائق به ايندو هو رات جو دير تائين ڪچهري ٿيندي هئي، جنهن ۾ جئه پرڪاش، آفتاب قاضي، وزير اوڏ ۽ ٻئي سنگت گڏ هوندي هئي. صبح جو ساجهر ننڊ مان اٿي سائين لائق چوندو هو چانهه جو ڪو بندوبست ٿيندو؟ جنهن تي آئون رڌڻي ۾ وڃي چانهه جا ٻه ڪوپ ٺاهي هڪ سائين جي حوالي ڪندو هئس. موٽ ۾ هو مون کي سگريٽ ڏيندو هو. سائين لائق سنڌي کي راڳ بابت به وڏي ڄاڻ هوندي هئي، جڏهن ٿنڊي آدم ايندو هو ته شهيد محمد علي کوسي جي اوطاق تي مانداڻ مچندي هئي. جتي الياس فقير ٻرڙي کان لطيف سائين، سچل سائين، حمل فقير، پير اعجاز ۽ احمد شاهه لکياري جا ڪلام ٻڌي سائين چوندو هو ته هاڻ وري دلدار سيال سان به ملڻو آهي.

**اڄ ان سائين جي ورسي جي موقعي تي ڪيس ڪجھ لفظن جي پيٽا ڏيندي اهو به چئبو ته هڪڙو ماڻهو هو موتيءَ داڻو هو.**

’روزاني عبرت، حيدرآباد اخبار ۾ شايع ٿيل16 جنوري 2015ع‘

✍

# سنڌ جي لائق فرزند جي ورسي

**گل حسن لغاري** (صحافي)

سنڌ ڌرتي ڪيترائي انمول موتي پيدا ڪيا آهن، جن پنهنجي وت ۽ سمجهه آهر پنهنجي ڌرتي جي خدمت ڪندي گذاري آهي، انهن موتين مان ڪن ادب، صحافت، شاعري، ڏاهپ ۽ دانشوري ذريعي پرڳڻي کي نروار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ته ڪن وري پنهنجي اعليٰ صلاحيتن سان عظيم ڪارناما انجام ڏنا آهن، جن جي صدين کان اڄ تائين ڳُٽپ ڪجي ته اها ڪري نه سگهبي، اهڙن ئي انمول شخصيتن مان حيدرآباد پرسان موري منگر ۾ جنم وٺندڙ سائين لائق سنڌي به هڪ هو، جنهن پنهنجي ننڍپڻ کان وڏي ڄمار تائين سنڌ جي لائق فرزندن ۾ پنهنجو نانءُ لکائڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي. سائين لائق سنڌي جون تمام گهڻيون خاصيتون هيون جيڪي لفظن ۾ نه ٿيون ڳڻائي سگهجن پر سندس پوري ڄمار سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي خدمت ڪندي گذري سائين لائق هر ننڍي وڏي، اڇي اجري ۽ ميري شخص سان هڪ جيترو پيار ڪندو هو جيڪو هو لينڊ ڪروزر ۾ چڙهي ايندڙ شخص سان ڪندو هو، سنڌ جي هن محنتي شخص پوري ڄمار استادي پيشي ۽ صحافت ۾ گذري، سائين لائق سنڌي اهو شخص هو جنهن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان پرڳڻي جي ٻئي نمبر وڏي شهر ۾ ايندڙ نوجوانن جو سهارو بڻيل هو، ساڻس هڪ دفعو ملاقات لاءِ ڪيس ڳولي لهڻ جي جستجو ڪندو هو سائين لائق جي انهيءَ پيار، محبت جي ڪري ڪيس ڪيترائي ماڻهو اڄ به غمگين دل سان ياد ڪن ٿا، سائين لائق سنڌي پنهنجي ڪچهرين ۾ يا پنهنجن تمام ويجهن دوستن کي چوندو رهندو هو ته توهان هر ننڍي وڏي جي عزت ڪيو ڇو

جو اها عزت اوهان ان شخص جي نہ پر پنهنجي ڪري رهيا آهيو. ڇو جو مشهور چوڻي آهي تہ توهان ڪنهن کي اهميت ڏيندا تہ اڳيون بہ توهان کي اهميت ڏيندو. اهڙيون ئي سنڌس ڪيتريون ئي هدايتون سنڌس گڏ رهندڙن ۽ ان سان محبت ڪندڙ ماڻهن کي ياد آهن. ٻئي پاسي سائين لائق سنڌي پڙهيل لکيل سنڌي نوجوانن کي مختلف ادارا تمام نوڪريون وٺي ڏيڻ ۽ انهن جي مالي مدد ڪرڻ سان گڏوگڏ ادب سان واسطو رکندڙ شخصيتن سان متعارف ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو هو. ايتري تائين جو سائين لائق سنڌي پڙهيل لکيل نوجوانن کي ڪنهن اداري ۾ نوڪري ڏيارڻ خاطر ان اداري جي سربراهہ تائين مختلف پنهنجي شاگردن ۽ دوستن کان فونون ڪرائي بہ پهچندو هو. جنهن ڪري سنڌس ڪيل ايڏين وڏين ڪوششن سان ڪيترائي سنڌس اهل شاگرد اڄ مختلف سرڪاري ۽ نيم سرڪاري جنهن ۾ خاص طور تي اخباري ادارن ۾ پنهنجون صحافتي خدمتون انجام ڏئي رهيا آهن.

اڄ سنڌ جي ان پيار ڀري شخص جي پهرين ورسي آهي، جيڪو اسان کان گذريل سال 16 جنوري 2014ع ۾ وڇڙي ويو هو سنڌس وڇوڙي کي هڪ سال گذرڻ باوجود سائين لائق سنڌي اڄ بہ ان نواڻ سان اسان سان گڏ آهي، جڏهن منهنجي سنڌس ملاقات 1996ع ۾ هڪ اخباري اداري ۾ ٿي هئي، سنڌس اها پهرين ملاقات اڄ بہ مون کي ياد آهي، جنهن ۾ سائين مون کي هدايت ڪندي چيو هو تہ پُٽَ زندگي مان ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيجان، جنهن ڏينهن تون مايوس ٿين ان ڏينهن تنهنجي زندگي جو مقصد ختم ٿي ويندو. انسان کي هر وقت جستجو ڪرڻ ۾ گذارڻ کپي ڇو جو محنت ڪندڙ شخص هر ان پليٽ فارم تي سوڀ حاصل ڪندو آهي، جيڪو سنڌس مقصد هوندو آهي، سائين

لائق جي ڪوڙ سارين هدايتن تي عمل ڪندي مون اڄ تائين جيڪي ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. انهن ۾ سائين لائق جي هدايتن ۽ همٿائڻ جو وڏو هٿ آهي. سائين لائق جي پرخلوص محبت جي واڪاڻ اڄ هر اهو ماڻهو ڪري رهيو آهي، جيڪو سندس ٿورو به ويجهو رهيو آهي، يا سندس سان هڪ دفعو مليو آهي. سائين لائق سنڌي کي ادبي ڪچهريون، مشاعره ۽ راڳ رنگ جون محفلون تمام گهڻيون پسند هونديون هيون. جيڪو سڄي سڄي رات انهن محفلن ۾ ويٺل هوندو هيو. ان ڪري ڪيس اديب، شاعر ۽ فنڪار ڪيس نالي سان سڃاڻيندا هئا ۽ ڪيس تمام گهڻي عزت ڏيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن سائين لائق سنڌي مون کي مختلف راڳ جي حوالي سان چوندو هو ته راڳ روح جي غذا آهي، راڳ جي محفل ۾ فنڪار جي آواز ۽ شاعر جي شاعريءَ مون کي تمام گهڻي وڻندي آهي. ان ڪري مان چاهيندو آهيان ته جنهن محفل ۾ آئون ويٺو آهيان ان محفل ۾ آخري فنڪار تائين موجود رهان پل صبح ٿي وڃي. اهڙي طرح آئون ساڻس ڪيترين ئي اهڙين محفلن ۾ گڏ هوندو هيس. واقعي به سڄي رات گذري ويندي هئي، سائين لائق اٿڻ جي ڳالهه نه ڪندو هو. سنڌ جي هن ملنگ انسان جون جيتريون به سنايون ڳڻجن اهي گهٽ آهن. جيئن ته سائين لائق اڄ اسان وٽ موجود ناهي پر سندس ڏنل پرخلوص هدايتون ۽ محبتون اسان وٽ موجود آهن. جيڪي سڄي حياتي وسارڻ جهڙيون نه آهن.

’روزاني شام، حيدرآباد 16 جنوري 2015ع‘

# اخبارن جو عاشق سائين لائق سنڌي

**محمد بخش ٻبر** (صحافي)

سائين لائق سنڌي هاڻ طبعي طور اسان جي درميان موجود ناهي، پر هن جون سوين هزارين يادون اڄ به دل ۽ دماغ کي سڳنڌ ڏينديون رهن ٿيون. ”ڪوشش“ جي ٽيم لاءِ هن جو وڇوڙو وڏو سانحو آهي، جنهن کي اسان سڀ دوست اڄ ڏينهن تائين وساري نه سگهيا آهيون. هو اسان سڀني جو وڏڙو ۽ تمام گهڻو مهربان ماڻهو هو جنهن کي ڏسڻ شرط اُتساهه ملندو هو. سائين لائق سنڌي هڪ اهڙو ڪردار آهي، جنهن کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ تمام مشڪل آهي. هن دنيا ۾ چند اهڙا ماڻهو هوندا آهن، جن جي ڪردار تي ڳالهائڻ ۽ جن کي پيتا پيش ڪرڻ به هڪ وڏو مسئلو هوندو آهي. ڇاڪاڻ جو اهي ماڻهو سڀني لفظن کان اُتم هوندا آهن ۽ هو ڪنهن به پيتا جا محتاج نه هوندا آهن. دراصل اهڙن ماڻهن پنهنجي زندگيءَ کي خلق لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هوندو آهي. يا هو اهڙي عشق ۾ مست رهندا آهن. جيڪو انهن کي منفرد بڻائي ڇڏيندو آهي، سائين لائق سنڌي هڪ شفيق ۽ مهربان انسان ته هو پر اهو اخبارن جو عاشق ۽ پروانو پڻ هو. جيڪو اخبارن کي هر وقت سيني سان لائي هلندو هو. هن جو مثال سنڌي صحافت جي موبائيل انسائيڪلوپيڊيا جهڙو آهي. جيڪو نه صرف ٻوليءَ جي نزاڪت کي ڄاڻندو هو پر صحافت جي نفاست کان به بخوبي آگاهه هو. اخبارن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جي زندگي به ڏاڍي عجيب هوندي آهي. ٻاهر جي دنيا جا ماڻهو سمجهندا آهن ته اخبارن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو تمام گهڻا خوش هوندا آهن ۽ انهن جي زندگي ڏاڍي رومانٽڪ ۽ ادبي قسم جي هوندي آهي، پر زميني حقيقتون ان جي برعڪس آهن.

اخبارن جي دنيا بہ شوبز جي مثل آهي، جيڪا ٻاهران تہ تمام گهڻي چمڪندڙ نظر اچي ٿي پر اندر جي حال جي انهن کي خبر آهي. جيڪي اخبارن ۾ ڪم ڪن ٿا. خير! ڪو بہ ڪم خراب نٿو هجي، هر ماڻهوءَ کي حق حلال جو پورهيو ڪرڻ گهرجي. اسان ”ڪوشش“ اخبار ۾ ڪم ڪندي جڏهن بہ ٻوليءَ جي ڪنهن مسئلي ۾ ڦاسندا هئاسين تہ سائين لائق سنڌي ڪمپيوٽرائيز ڊڪشنري وانگر مسئلو ڪن پل ۾ حل ڪري ڇڏيندو هو. ڳالهہ صرف ٻوليءَ جي بہ ناهي. ڪڏهن ڪڏهن سياسي بحث ڪلي ويندو هو يا مختلف شخصيت جي حوالي سان ڳالهہ ٻولهہ شروع ٿي ويندي هئي تہ ڪنهن بہ تڪراري معاملي تي سائين لائق سنڌيءَ جي راءِ حتمي هوندي هئي ۽ ان کي رد ڪرڻ يا ان سان اختلاف رکڻ مشڪل ٿي ويندو هو. ڇو تہ سائين لائق سنڌيءَ جي معلومات تمام گهڻي مستند هوندي هئي. منهنجي نظر ۾ اڄ جي اخباري دنيا ۾ سائين لائق جهڙو ٻيو ڪو بہ ڪردار ناهي. ٻڌندا آهيون تہ پڙهندڙن مان بہ ڪي اخبارن جا عاشق هوندا آهن پر سائين لائق سنڌي اخبارن جو اهو پروانو هو. جنهن جو ڪو بہ نعم البدل ٿي نٿو سگهي. هو اسان لاءِ تمام وڏو سهارو ۽ آسرو هو. هو سنڌ جي هڪ قدآور صحافتي شخصيت هو. جنهن کي اسان هميشہ دعائن ۾ ياد ڪندا رهنداسين. اسان جيڪڏهن سائين لائق جي ڪردار تي عمل ڪندي ان شفقت ۽ ٻاجهہ کي پنهنجو هٿيار بڻائي ڇڏيون تہ هر دل کي فتح ڪري سگهون ٿا، جيئن سائين لائق سنڌيءَ فتح ڪيو. هن جا صرف دوست هئا ۽ دشمن ڪير بہ نہ هو. سچ پچ تہ هو شخص مهان هو. جيڪو اڄ بہ اسان کي اردگرد محسوس ٿي رهيو آهي.

’روزاني ڪوشش، حيدرآباد 16 جنوري 2015ع

# سانگين سان گڏ سالگرهہ مان،
# وڇڙي ويس تہ ورسي آهيان!

احسان راهوجو

لائق سنڌي، سنڌ، سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌين سان بي لوث پيار ڪندڙ سنڌي ٻوليءَ جي خدمتگار ۽سنڌي صحافت جي اهڙي شخصيت جو نالو آهي جنهن وٽان سڪي ڪيترائي نالا اڄ صحافت جي آڪاس تي چمڪي رهيا آهن لائق سنڌي جنهن کي هر سڃاڻو ''سائين لائق'' چئي مخاطب ٿيندوهو سندس اصل نالو لائق ڏنوهو،جيڪو سندس والد حاجي اسماعيل ٽيٻي پنهنجي والد جي نسبت سان مٽس رکيو هو.سائين لائق جو جنم اسڪول رڪارڊ موجب 19ڊسمبر 1943ع تي حيدرآباد(ٻهراڙي تعلقي)جي ڳوٺ موري منگر ۾ ٿيو.سائين لائق تعليم جي حوالي سان سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪرڻ بعدعالم فاضل جو ڪورس بہ ڪيو ۽ پيربڌي شريف جي ان مدرسي ۾ بہ پڙهيو.جتي سنڌ جو مهان اديب،دانشور،قومپرست اڳواڻ عبدالواحد آريسر بہ پڙهيو.پيشي جي لحاظ کان سائين لائق کي نوڪري لاءِ گهربل عمر پوري ٿيڻ کان اڳ پرائمري ماستري ملي ۽ سائين لائق ان نوڪريءَ جي مدت پوري ٿيڻ کان اڳ ئي رٽائرمينٽ ورتي.سائين پنهنجو نالو'' لائق سنڌي''مولانا عبيدالله سنڌي ۽شيخ عبدالمجيدسنڌي کان متاثرٿي سڏرايو ۽ سنڌي صحافت ذريعي خدمت ڪري پاڻ کي هڪ لائق سنڌي ثابت ڪرايو.سائين لائق پنهنجي شخصيت توڙي سياءَ ۾ڪو بہ وڏاءُ نہ رکندڙ،تمام گهٽ ڳالهائو پر منو ۽ سنو ڳالهائيندڙ،تمام سادگيءَ سان زندگي گذاريندڙ''حال پريان نال'' رکندڙ،دل جو ڪشادو ۽ محبتي شخص

هو.سائين لائق پنهنجي ڳوڻائي، سنڌ جي ناليواري صحافي ۽ جوڙيجو دورِ سينيئر رهندڙ شيخ علي محمد جي اخبار ”آفتاب“ کان صحافت جي دنيا ۾ پير پاتو ۽ حقيقي صحافت جي دائري ۾ رهندي ،ڪنهن کان هدايتون ونڻ بغير وڏي بهادريءَ سان سنڌ جي مسئلن کي نروار ڪيو ۽ سنڌي اخبارن ۾ ٻوليءَ جي درست استعمال ۽ گرامر لاءِ پڻ جاکوڙيندڙ رهيو. انهيءَ سلسلي ۾ 1988ع ۾ تڏهوڪي وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو کي سائين لائق هڪ خط لکيو ته سنڌ لفظ جي انگريزي اسپيلنگ ”sind“ غلط لکي پئي وڃي، جنهن ۾ ”D“ کان پوءِ ”H“ ڏئي درست ڪري ”SINDH“ لکيو وڃي. ان تجويز کي پوءِ سرڪاري طور تي منظور پڻ ڪيو ويو.سائين لائق جي شخصيت جا ٻيا به ڪيترائي پهلو آهن ،هو شهيد ذوالفقار ڀٽي جو شيدائي ته سن جي سائين جي ايم سيد جو چاهيندڙ به هو.گڏوگڏ هڪ غير جانبدار صحافي ته سٺو شاعر۽ مضمون نگار به هو.هو لطيف جو پارکو به ته شاهه جي سوين شعرن جو حافظ به هو. سائين لائق جي اها به خوبي هئي ته هو وڏن سان وڏو۽ ننڍن سان ننڍو ٿي هلڻ وارو ماڻهو هو.

اڄ 16 جنوري 2016ع تي سائين لائق جي ٻي ورسي آهي، توڙي جو جسماني طور سائين اسان کان جدا ٿيو آهي،پر روحاني طور اڄ به گڏ آهي.

هونئن ته مٽيءَ جي چپٽي آهيان  
جيئي سنڌ ته سڀ ڪين آهيان،  
سانگين سان گڏ سالگره مان،  
ويڙهي ويس ته ورسي آهيان.

استاد بخاري

(’روزاني ڪاوش، 16 جنوري 2016ع)

## سنڌي صحافت ۾ پوليءَ جو امين سائين لائق ...!

راشد لغاري (صحافي)

حيدرآباد ۾ سينيئر ۽ نوجوان صحافين جو قلمي پورهيو صحافت لاءِ لکي ويندڙ تاريخ جو حصو آهي،اليڪٽرانڪ ميڊيا لاءِ لکيو ويندڙ اسڪرپٽ بہ ٽي وي اسڪرين تي سامهون اچي وري غائب ٿيندو رهندو آهي .اهو اسڪرپٽ جديد ٽيڪنالاجي جي بدولت انٽرنيٽ جي ويب تي ڏسڻ ۾ ايندو آهي جنهن جي ڊيٽا جو دارومدار ميموري جي ڪارڊ تي هوندو آهي. محدود ميموري سبب اسڪرپٽ ويب جي دنيا مان ڊيليٽ ٿي ويندو آهي، اهو اسڪرپٽ اليڪٽرانڪ ميڊيا سان لاڳاپيل صحافي پنهنجي ليپ ٽاپ ۽ سوشل ميڊيا جي اڪائونٽ تي سنڀالي رکندا آهن.جيتوڻيڪ سنڌ جي ٻئي نمبر وڏي شهر حيدرآباد ۾ سموري صحافت جي قلمي پورهئي جو 80 سيڪڙو واقعاتي خبرن جي چوڌاري گهمندو آهي واقعاتي خبرن سان گڏ ورلي تحقيقياتي ۽ ڳجهي خبر سامهون ايندي آهي ،ڪي دوست تحقيقي خبرن جي تلاش ۾ مصروف رهندا آهن .ساڳئي وقت پرنٽ ميڊيا سان لاڳاپيل صحافي بہ پنهنجي لکڻين ڪي نئين انداز ۾ نکارڻ ۽ سچي خبر جي ڳولا ۾ رڌل هوندا آهن پرنٽ ميڊيا جي خبر اخبارن ۾ ڇپجي ويل خبر ڪي تاريخ طور سنڀالي رکيو ويندو آهي ،هڪ ڏينهن جي تاريخ صدين تائين محفوظ رهندي آهي،خبرون بدلجنديون رهنديون آهن پر لکجي ويل خبر هڪ تاريخ جو حصو ٿي پوندي.

پرنٽ ميڊيا ۾ تحقيقي رپوٽنگ ۾ جوهر ڏيکارڻ لاءِ صحافي ننهن چوٽي جو زور لڳائيندا آهن،اهڙي ڪم لاءِ اخبارن ۾ ويٺل ايڊيٽر،نيوز ايڊيٽر ۽ سب ايڊيٽر رپورٽرن کي تحقيقي رپورٽنگ لاءِ

راهون ڏسيندا آهن.حيدرآباد شهر ۾ سنڌي صحافت کي سنوارڻ ۽ سچ تي ٻڌل خبر کي هٿ ڪري عوام جي اکين ۾ اوتڻ لاءِ سينيئر صحافين زندگي ارپي ڇڏي ،ڪجهہ زنداه تہ ٻيا لاڏاڻو ڪري رڳو حيدرآباد پريس ڪلب تي باقي زنداه رهندڙ ياد ڇڏي ويا آهن يادن جي تسلسل ۾ سنڌي صحافت جي ٻولي سڌاريندڙ سينيئر صحافي سائين لائق سنڌي جو خدمتون ۽ ڪردار اسان سمورن صحافين جي ذهن تي تري ايندو آهي.

سائين لائق پنهنجي سڄي ڄمار سنڌي اخبارن کي ارپي ،اخبارن کي ارپيل زندگي دوران هن سنڌي اخبارن جي ٻولي سڌارڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. سائين لائق جنهن بہ اداري ۾ رهيو اتي ڪم ڪندڙ صحافي ساٿين جو پرجهلو ٿي رهيو ،سائين لائق سنڌي صحافت سان گڏ ماهر لغت بہ هو.هو سنڌي اخبارن ۾ غلطيون ڳولڻ لاءِ حيدر آباد پريس ڪلب جي لائبريري ۽ اخبارن جي آفيسن ۾ مفت واري اخبار پڙهڻ ۽ ڪٽڻ بدران گول بلڊنگ ۽ حيدر چوڪ واري اخبارن جي اسٽال ۽ هاڪرن کان اخبارون خريد ڪندو هو.ان ڪري ئي هن صحافي لاڏاڻي وقت ڪا ڏن دولت گڏ ڪري پونيئرن حوالي ڪرڻ بدران پراڻين اخبارن ۽ ڪتابن جا ٿيلها گهر ۾ ڇڏي سيني کان وڇڙي ويو ۽ صحافين جي هجوم کان الڳ ٿي ويو.

16 جنوري 2016ع جي ڏينهن سائين لائق سنڌيءَ جي ٻئي ورسي هئي، جيتوڻيڪ سائين لائق جي خاندان ۽ حيدرآباد پريس ڪلب جي ڪوٺ تي پهرين ورسي ملهائي وئي پر ٻئي ورسي جي ڏينهن سنڌ جو سائين ۽ صحافت جي سڃاڻپ لائق سنڌي صحافين ۽ حيدرآباد پريس ڪلب کان وسري ويو ،ورسي واري ڏينهن سائين لائق جي ساٿين ،دوستن ۽ خاندان پاران ڪيس ياد ڪرڻ ۽ پيٽا ڏيڻ لاءِ موري

منگر واري رهائشگاهہ جي هڪ ڪمري ۾ ميڙاڪو ڪوٺايو ويو.جتي سندس پٽن، دوستن ساٿين ۽ صحافين گڏجي سائين لائق جي مزار تي گلاب جا گل رکي ،اگر بتيون ٻاري دعا گهري.

سائين لائق جي آخري آرام گاهہ وارو هنڌ پنهنجي ڳوٺ موري منگر کان 1 ڪلوميٽر جي مفاصلي تي آهي.سائين لائق جي مزار تي حاضري ڀرڻ لاءِ آئون ۽ سنڌ ايڪسپريس جو نيوز ايڊيٽر، سينيئر صحافي شبير نظاماڻي ورسي واري ڏينهن کان ہہ ڏينهن اڳ گڏجي هلڻ جو پروگرام رٿيو .مزار تي پهچڻ جو وقت 11 بجي جو مقرر هو اسان سائين لائق جي فرزندن ۽ ٻين ساٿين سان گڏجي مزار تي پهتاسين.

حيدرآباد جي سينيئر صحافي،سنڌي ٻوليءَ ۽ صحافت جي ڄاڻو سائين لائق سنڌيءَ جي مزار تي دعا گهرڻ بعد پروفيسر مٺل جسڪاڻي برک صحافي سائين لائق سنڌيءَ جي زندگيءَ تي ڳالهائيندي چيو تہ سائين لائق انهن ماڻهن مان هو ،جن کي اڪثريت استاد چوندي آئي آهي .اهڙا گهٽ ماڻهو آهن جن کي سائين چيو ويندو هجي سائين لائق سيني سان پيار ڪندڙ انسان هو هن سان منهنجي سڃاڻپ اسڪول واري زماني ۾ ٿي،جنهن بعد ساٿ گڏ رهيو.ناليواري شاعر آسي زميني چيو تہ سائين لائق سان منهنجي صحبت 1980ع واري ڏهاڪي کان ٿي،سائين لائق نوجوانن کي همٿائيندڙ شخص هو ،هي هڪ پارس جهڙو انسان هو. سينيئر صحافي شبير نظاماڻي ڳالهائيندي چيو تہ سائين لائق اکر ۽ ٻولي جو وڏو خيال رکندو هو ۽ ٻولي جي درستگي لاءِ هدايت پڻ ڪندو هو.

هن سان منهنجي پهرين ملاقات هڪ سنڌي اخبار ۾ ٿي ، جتي مون استاد بخاري سمجهي ملاقات ڪئي، جڏهن تہ سائين لائق ۽ استاد بخاري جي شڪل ملندڙ جلندڙ هئي،هن چيو تہ سائين لائق

هدايت ڪندو هو تہ اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ ڪريو جنهن سان توهان جي باري ۾ ڪو غلط تاثر پيدا ٿئي، سائين لائق چوندو هو تہ سڀ ڳالهيون ڪرڻ لاءِ نہ هونديون آهن ان ڪري خاص خيال رکيو وڃي تہ ڪهڙي ڳالهہ ڪرڻي آهي ڪهڙي ناهي ڪرڻي. سائين لائق اخبارن ۾ دوستن جو خيال رکندڙ شخص هو . هو پگهار نہ ملڻ جي صورت ۾ صحافي دوستن ڪي ڳوٺ وڃڻ لاءِ ڀاڙو بہ ڏيندو هو.پروفيسر اسماعيل ٽيٻي چيو تہ بابا سائين وٽ تمام وڏا نالي وارا شاعر ايند هئا ۽ ادب ،ٻوليءَ ۽ شاعريءَ تي وڏيون ڪچهريون ٿينديون هيون،سائين لائق وٽ ڪتابن ۽ اخبارن ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ هوندو هو.

هن چيو تہ هڪ سنڌي اخبار جي اداري ۾ سائين لائق ڪي ڪيتري پگهار ڏجي واري بحث جنم ورتو جنهن سبب بابا سائين ڪي 3 مهينا پگهار نہ ملي سگهي هئي،جڏهن تہ بابا سائين اخبار وارن ڪي چيو تہ پلا ڪٽي جيتري پگهار پٽيوالن ڪي ڏيندا آهيو ،اها ئي پگهار مو ن ڪي بہ ڏيو. اعظم ٽالپر چيو تہ سائين لائق سنڌي مون ڪي آفتاب اخبار وٺي ويو ۽ راندين جو صفحو ڪڍڻ لاءِ مقرر ڪيو ،جتان آئون راندين جي صفحي تي ڪم ڪندو هيس.سائين لائق سان زندگيءَ جو هڪ وڏو حصو گڏ گذريو، جيڪو ڪڏهن بہ وسري نہ سگهندو. ڊاڪٽر صوفي ڪرشن چيو تہ سائين لائق سنڌي جي منهنجي والد صوفي نيپراج سان وڏي  دوستي هوندي هئي.ان موقعي تي وفا مولا بخش قمبراڻي ،ڊاڪٽر منظور احمد شاهہ، احسان راهوجو فياض عمراڻي، فدا حسين ڳاهي،حاجي گلزار ٽيٻي ۽ ٻين سائين لائق جي زندگيءَ تي روشني وڌي.

( روزاني سنڌ ايڪسپريس 18 جنوري2016ع)

✍

# ايڊيٽوريل

## سائين لائق سنڌي جو وڇوڙو

سنڌ جي صحافت ۾ اڌ صديءَ کان وڌيڪ عرصو پنهنجي ڪردار ادا ڪندڙ سائين محمد لائق سنڌي پنهنجي خاموش طبيعت موجب خاموشيءَ سان لاڏاڻو ڪري ويو. کيس گلي جي ڪينسر سميت ڪيترين ئي بيمارين لاحق هيون، پر هن علاج لاءِ روايتي اديبن ۽ صحافين وانگر دهل ڪُٽي پڙها نہ ڏنا، نہ وري ڪنهن جي آڏو هٿ ٽنگيو يا ڪيس اپيل ڪئي هو پنهنجي اَپري سپري حال آهر جهيڙيندو رهيو. پنهنجي هڙان وڙان علاج ڪرائيندو رهيو، ڇا ڪاڻ تہ هو هڪ خودار شخصيت جو مالڪ هيو. سائين لائق ٽيهو حيدرآباد پريس ڪلب جو ساهہ جي آخري گهڙي تائين ميمبر رهيو پاڻ پريس ڪلب جي پليٽ فارم تان صحافين جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ ٿيندڙ هر جدوجهد ۾ ٻين ساٿين سان گڏ متحرڪ رهيو. هو پنهنجي طبيعت ۾ انتهائي نماڻو ۽ نرم دل هيو اهوئي سبب هيو جو پريس ڪلب سميت حيدرآباد جا سڀ صحافي کيس عزت، پيار ۽ پنهنجائپ جي اظهار طور چاچو سڏيندا هئا.

هو سڀني لاءِ محترم هيو، ڪڏهن بہ ڪنهن سان ذاتي يا فروعي معاملن تي اختلاف نہ رکيائين، گذر ڪرڻ واري طبيعت کيس دوستن جو هڪ وسيع حلقو ڏاهي ڏنو. اڄ سائين لائق سنڌي ۽ اسان وٽ نہ رهيو آهي، پر سندس صحافت جي حوالي سان ادا ڪيل ڪردار هميشہ ياد رکيو ويندو. سائين لائق سنڌي روزاني سنڌ اخبار سميت مختلف اخبارن ۾ خدمتون سر انجام ڏنيون. سندس قلمي پورهيو جديد سنڌي صحافت ۾ پنهنجي اهم جاءِ والاريندو. پاڻ جن بہ ادارن

**سان لاڳاپيل رهيو. اهي سندس صحافت جي ميدان ۾ ڪيل خدمتن کي عوام اڳيان آڻين. جيئن سنڌ جي عوام هن خاموش خدمتگارن جي قلمي پورهئي کان روشناس ٿي سگهي.**

’روزاني سنڌ اخبار 17 جنوري 2014ع‘

✍

# سائين لائق جو وڇوڙو

ڪجهہ ماڻهو پنهنجي اڻٿڪ جدوجهد ۽ عاشقانہ جاکوڙ سبب اهڙا ڪردار بڻجي ويندا آهن، جو اهي سوين هزارين دلين ۾ جاءِ ٺاهي وٺندا آهن، جن جو هجڻ آٿت جو وڏو احساس ڏيندو آهي ۽ جن جو وڇوڙو جيءَ جهوري وجهندو آهي، پر موت بہ هڪ اٽل حقيقت آهي، جنهن کي ڪنهن بہ طرح ٽاري نہ ٿو سگهجي، هر اهو جيو جيڪو زندگي جو مزو چکي ٿو، تنهن کي موت جو مزو بہ چکڻو آهي، اها حقيقت ڄاڻندي بہ ڪجهہ ماڻهن جي وڇوڙي تي دل درد جو داستان بڻجي ويندي آهي، ۽ انهن کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندي آهي، اسان جو بزرگ سائين لائق سنڌي بہ اهڙن ماڻهن منجهان هڪ هو، جيڪو پنهنجي زندگي ۾ سراپا صحافت ۽ سراپا جدوجهد بڻيل رهيو. سائين لائق سنڌي زندگيءَ جا ڪيترا نہ ڪٺن ۽ اذيتناڪ مرحلا ڏٺا پر هو هميشہ مرڪندو رهندو هو ۽ اسان سڀني کي اهڙي تسڪين ڏيندو هو جو ڪڏهن بہ اڪيلائي جو احساس نہ ٿيندو هو. سائين لائق سنڌي هڪ استاد، ٻوليءَ جو هڪ ڄاڻو صحافت جو سر موڙ ڪردار ۽ هڪ انتهائي شفيق انسان هو، جيڪو ڪافي عرصي کان ڪينسر جي مرض سان جهيڙيندو رهيو. سائين لائق سنڌي آخري دم تائين ”ڪوشش“ سان سلهاڙيل هو پر هو پنهنجي ڳوٺ آرامي هو ۽ ”ڪوشش“ جو سٿ هميشہ سندس موجودگي جو احساس سانڍي هلندو هو.

سائين لائق سنڌي هاڻ طبعي طرح سان اسان وٽ موجود ناهي پر هن جون سوين هزارين يادون ۽ انهن يادن جا سهڻا سلسلا هميشہ قائم رهڻا آهن.

دراصل هن شخص کي جيڪڏهن ٻن لفظن ۾ بيان ڪجي تہ هو ”سراپا صحافت“ ۽ ”اخبارن جو عاشق“ هو. جنهن پنهنجي پوري زندگي تعليم ۽ صحافت کي ارپي ڇڏي. هو هميشہ چوندو هو تہ سنڌ سلامت رهندي ۽ سنڌ تان ڪارا ڪڪر هڪ ڏينهن ٽري ويندا. هو هڪ استاد ۽ صحافي سان گڏ سنڌ جو عاشق ملنگ پڻ هو جيڪو هر فڪر کان بالاتر ٿي پنهنجي ڪم ۾ مگن رهندو هو ۽ هميشہ اهو پيغام ڏيندو هو تہ پورهئي ۾ ئي عظمت آهي، ۽ جيستائين اسان ماڻهو محنت کي پنهنجو شيوو نہ بڻائيندا سين، تيستائين غلامي ۽ غفلت مان نڪري نہ سگهنداسين. اسان سائين لائق سنڌي جي وڇوڙي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪريون ٿا ۽ سندس وارثن کي يقين ڏياريون ٿا تہ هنن سان هر ڏک سک ۾ گڏ هونداسين.

’روزاني ڪوشش حيدرآباد 17 جنوري 2014ع‘

# سائين لائق جي پساهه جي پڄاڻيءَ جو پل

هڪ پڪي پيو پساهه پئي ڪنهن به لمحي اڏامڻ لاءِ ٿي هوندا آهن، پر ڪي ماڻهو اهڙن جيئندا آهن جو جڏهن سندن پساهه جو پکيڙو زندگي جي لام تان عدم ديس ڏانهن اڏام ڪندو آهي ته ڄڻ هڪ دور جي جهولي خالي ٿيو وڃي، سائين لائق به سنڌي صحافت جي هڪ مڪمل دور جي اها شناخت هو جنهن جي پساهه جي پڄاڻي جي ڄاڻ سان سنڌي صحافت جي هڪ سڄي دور جي جهولي خالي ٿي وئي آهي، هو جيڪو هڪ فرد نه پر پنهنجي ذات ۾ مڪمل روايت هو، سندس سڄي حياتي صحافت جي صحتمند لاڙن ۽ قدرن جي امانتداري سان گڏ ذاتي لڳ لاڳاپن جي ان نباهه جي نگهباني ۾ گذري جنهن کي سنڌي ٻوليءَ جي لفظ "وڙ" ۾ ئي سمجهي سگهجي ٿو، سائين لائق سنڌي هڪ وڙائتو انسان هو، سندس سياءُ ۾ سيني لاءِ پيار ۽ پاٻوهه کي سنڌ ڪيئن ٿي وساري سگهي، سنڌي صحافت جو اهو ڪهڙو ادارو هو جنهن ۾ سائين لائق لاءِ اڏرياءُ موجود نه هجي، لاڳاپيل ته هو ڪيترن ئي ادارن سان رهيو پر حصو ڄڻ ته سڀني جو هو.

سنڌي ٻوليءَ جي لهجي ۽ اصلي چَسُ توڙي ذائقي جو هو اهڙو رکوالو هو جو جنهن به اداري ۾ سائين لائق موجود نه رهيو ته ان پاسي کان اداري جي دل مڪمل اطمينان ۾ رهي ته ڪوبه اهڙو لفظ نٿو ڇپجي سگهي جنهن جي لاءِ سياڻي کو آگر کٽي سگهي، سندس ايمانداري ۽ فرض شناسي جو مثال اُهي سڀ ڏيندا جن سان به سائين لائق ڪم ڪيو هوندو.

سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ لاڳاپا نڀائيندڙ ان سائين لائق جون ياد گيريون موجود رهنديون آهن، جيڪو پنهنجي پاڻ ۾ سنڌ جي سياسي، سماجي، ادبي ۽ صحافتي تاريخ هو هلندڙ ڦرندڙ انسائيڪلوپيڊيا سمجهيو ٿي ويو. سنڌي صحافت جي اوائلي دور جي تجربن کان ويندي آمريتي دور جي درپيش چئلينجن تائين، جمهوري دورن جي محدود آزادين کان ويندي جديد سنڌي صحافت ۽ نئين اپار تائين سائين لائق ان سڄي سفر جو عملي ڪردار ۽ اهو غير جانبدار گواهه رهيو جنهن جو ڪوبہ حوالو تصديق جي برابر سمجهيو ٿي ويو. اڄ اهو سائين لائق جڏهن پنهنجي ڳوٺ جي مٽيءَ ۾ سدائين لاءِ آرامي آهي تڏهن اسين اشڪبار اکين سان سندس محبتون ياد ڪندي کيس عقيدت جو سلام پيش ڪريون ٿا ۽ سندس پونئرن، دوستن احبابن سان سائين لائق سنڌي جي وڇوڙي جي ڏک واري گهڙي ۾ برابر جا شريڪ آهيون.

سائين لائق ان مڻيادار مٽيءَ مان هو جنهن مان اهي خاص ڪردار جڙندا آهن جن کي ڪڏهن بہ وساري نہ ٿو سگهجي ۽ سائين لائق بہ سنڌ جي يادگيرين ۾ سدائين حيات رهڻو آهي.

’روزاني سنڌ ايڪسپريس حيدرآباد، 17 جنوري 2014ع‘

# وٽ واري ماڻهو جي موڪلاڻي

ڪردار جي پرک جي حوالي کان سنڌ ۾ هيءُ مها ڪال وارو دؤر آهي، اهڙا ماڻهو جن لاءِ پتائي ”وڏي وٽ هئام“ چيو هو اهي هاڻ بنهہ اڻلڀ ٿي چڪا آهن، لائق سنڌي بہ اهڙن ماڻهن مان هو سنڌي صحافت ۾ هن کي سڀ ”سائين لائق“ ڪري سڏيندا هئا ۽ سائين لائق سنڌي صحافت ۾ اڌ صديءَ جو جيئري جاڳندي تاريخ هو هو نوَن صحافين ۾ ويندي صحافت جي وڏن نالن کي صحافت جي الف ب ئي نہ سمجهائيندو هو پر سنڌ جي ورهاڱي کانپوءِ واري سياسي ۽ خانداني تاريخ بہ ٻڌائيندو هو هو اصل ۾ هڪڙي ڳالهائي ويندڙ تاريخ هو نقصان اهو ٿيو تہ هن وٽ جيڪي يادگيريون ۽ مشاهدا هئا ۽ جن متعلق هن کي تصديق ٿيل پتو هو اهو ”لکيل تاريخ“ ۾ تبديل ٿي نہ سگهيو ۽ هن جي سيني جا راز هن جي اندر ڏکن جيان موري منگر ۾ دفن ٿي ويا.

سائين لائق سنڌي تصوف ۽ تهذيب تمدن واري ڪردار جي ڪسوٽيءَ تي ماڻهو پرکيندڙ هو ان ڪري جيڪي صاحب ڪردار ان ڪسوٽيءَ تي پورا لٿا اهي هن جي Good books ۾ اچي سگهيا ۽ ٻيا نہ اچي سگهيا. پاڻ اربڻ ۽ صحافت جي پيشي کي استاد واري مقدس پيشي جيان هن ڪڏهن بہ پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ استعمال نہ ڪيو. صحافت کي گهڻو ڪجهہ ڏنو هو ٻوليءَ، گرامر توڙي خبر جي فني نوعيت مطلب صحافت جي دنيا ۾ پير پائيندڙن لاءِ هڪ گائيڊ مثل هو. اخباري دنيا ۽ حيدرآباد هن لاءِ نہ ختم ٿيندڙ Passions وانگر هئا پل تہ اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا جي ڏوم ۾ سنجيده ۽ ذميوار

صحافت جا اهي ماڻهو نمائشي اسٽيج تي پورو نہ لهندا هجن پر جي ائين چئجي تہ لائق سنڌيءَ جهڙن ماڻهن جو ان ۾ بنيادي ڪنٽريبيوشن آهي تہ اهو ڪنهن بہ صورت ۾ وڌاءُ نہ ٿيندو. سنڌ جي حقيقي ۽ اڻ لکيل تاريخ ۾ اهڙن ماڻهن جو حصو واقعي بہ اُملهہ ۽ ناياب آهي.

’روزاني عبرت اخبار حيدرآباد‘ 18 جنوري 2014ع‘

✍

# سائين لائق سنڌيءَ بابت
# ڪي ٽي اين پاران نشر ڪيل رپورٽ

اسڪرپٽ: **ناز سهتو**

پٽائيءَ جي سر رامڪليءَ جو جيئرو جاڳندو ڪردار سائين لائق سنڌي، 70 ورهين جي ڄمار ۾ سول اسپتال حيدرآباد ۾ جڏهن لاڏاڻو ڪري ويو ته ان جوڳيڙيءَ جي جهان ڇڏڻ تي جديد دؤر جي سوشل ميڊيا تي به سوڳ واري ڪيفيت طاري ٿيل رهي. سائين لائق ٽيٻو عرف سائين لائق سنڌيءَ جو تعلق حيدرآباد جي ڀرارڙيءَ واري ڳوٺ موري منگر سان هو. پيشي جي لحاظ کان هو استاد هو. ٽريننگ ڪاليج مان نڪندڙ ”اخبار تعليم“ جو ڪم ڪار ڪرڻ کان پوءِ هو صحافت سان واڳيو. ويهن صدي جي آخري اڌ جو وڏو صحافي شيخ علي محمد مرحوم به سندس ڳوٺائي هو. جنهن کيس باقائدي صحافت ۾ آندو.

سائين لائق صحافي ڇا ٿيو هو. سنڌي نوجوان صحافين لاءِ ڇپر ڇانوَ بڻجي ويو. پاڻ مسڪيني حال هوندي به نوجوانن کي تعليم صحافت علم، توڙي هنر لاءِ همٿائڻ لاءِ پنهنجي هڙان وڙان به خرچ ڪندڙ هو.

مولانا غلام محمد گرامي، حيدر بخش جتوئي، مير علي احمد ٽالپر، محمد عثمان ڏيپلائي، مولوي عبداللطيف لغاري، مولانا عبدالحق رباني، محمد خان مجيدي، جمال الدين مومن، صوفي نيپراج، سيد صالح محمد شاهه، مومن مليرائي، ڄام ساقي، ڄام ساقي جي والد سائين سچل، علڻ خان ٽيٻي سميت سنڌ جي انيڪ يگانن ڪردارن سان هنن جي قرب هن کي رچائي ريٽو ڪري ڇڏيو هو. ۽ هو سراپا پٽائي جي رامڪلي جو ڪردار بڻيل هو جنهن لاءِ پٽائي چيو هو ته:

سنڌيون ڪامڻ خبرون آديسين آهن،
ڳجهه نه ڳالهائين لڪا وتن لوڪ ۾.

سائين لائق سنڌي ڪي پنهنجي صحتمندي تائين اسان

سدائين اخبارن جي سٽي سان ڏٺو هو صبح جو سوير لڳ ڀڳ سموريون اخبارون خريد ڪندو هو ۽ هو نہ رڳو اخبارون خريد ڪندو هو پر انهن اخبارن ۾ ڇپيل اخبارن جي گهرائي جو ڇيد بہ ڪندو رهندو هو. هو سنڌ جو علم، ثقافت، صحافت ۽ سياست جو هلندڙ ڦرندڙ انسائيڪلوپيڊيا هو. ڪيترائي صحافي، ليکڪ، اديب، ڪامورا مختلف معاملن تي هن کان رهنمائي وٺندا هئا.

هن جي ڪتابن ۽ اخبارن جو خزانو ماڻهن جي مطالعي لاءِ هر وقت دستياب رهندو هو. هي اها شخصيت آهي، سنڌ جي نوجوان نسل جي رهنمائي ڪري رهي هئي ۽ سنڌ کي خوشحال ۽ آجو ڏسڻ لاءِ خواب پنهنجي اکين ۾ سمائي 16 جنوري 2014ع تي ديس کان جدا ٿي ويئي.

سنڌ وطن سان لامحدود محبتن جو امير ٻٽيل سائين لائق سنڌي زندگي جو هڪ وڏو حصو سنڌ لفظ جي انگريزي اسپيلنگ Sind سبب نہ رڳو پريشان رهندو هو پر ون يونٽ جي خاتمي کان پوءِ حڪمرانن کي لڳاتار خط لکندو رهيو تہ وطن جي لفظ جي انگريزي اسپيلنگ درست ڪريو. 1988ع ۾ محترمہ بينظير ڀٽو جي حڪومت آئي تہ هن جي ئي سانڌ خط لکڻ جي نتيجي ۾ سنڌ لفظ جي اسپيلنگ Sind مان بدلجي درست اسپيلنگ Sindh ٿي جيڪا اڄ بہ رائج آهي.

هو جنهن سان بہ پيار ڪندو هو، ان جي مَنيان ڏسڻ ۾ ويساهہ نہ رکندو هو، سنڌ لفظ جي اسپيلنگ جي درستي بہ ان نتيجي جو اظهار هو.

محبتن جي هن جوڳيڙي جي آخري سفر ۾ چانڊوڪي رات ۾ پري پري کان سندس مداح ۽ مٽ مائيٽ اچي شريڪ ٿيا، اهو منظر ان ڳالهہ جو ساکي هو تہ سائين لائق سنڌي جي زندگي سڦل ٿي. ديس کي وڇوڙو ڏيندڙ هن جهوني جوڳي کي ڀٽائيءَ جي بيت سان ئي ڀيٽا ڏئي سگهجي ٿي.

بک وڏائون بگرئين جوڳي ڪندا جَڄَ.
طلب رکن نہ طعام جي، اوتيو پيين اُڄ.

**لاهوتين لطيف چئي مَن ماري ڪيو مُڃ.**
**سامي جهاڳي سُڃ، ويسئن ڪي ويجها ٿيا.**

(شاهہ/رامڪلي)

[ڪي ٽي اين، حيدرآباد]

✍